Sindhica
سنڌيڪا

# چونڊ
# سنڌي لوڪ ڪهاڻيون

سهيڙيندڙ:
فضل الرحمان ميمڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چونڊ

# سنڌي

# لوڪ ڪهاڻيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چونڊ سنڌي لوڪ ڪھاڻيون

(بادشاھن، وزيرن، بھادرن، ڏاھن، پرين ۽ جانورن بابت
سنڌي ٻوليءَ جون چونڊ لوڪ ڪھاڻيون)

Sindhica
سنڌيڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| پبلشر نوٽ | | 7 |
| گل بادشاھ ۽ شوق شھزادو | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 9 |
| شھزور بادشاھ | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 18 |
| ياڳوند بادشاھ | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 37 |
| چوبول راڻي | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 43 |
| شھزادو ۽ فقير | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 67 |
| عقلمند شھزادو | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 74 |
| ڄام پونئرو | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 83 |
| امير سومرو | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 88 |
| بداماڻي پنرو | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 93 |
| وڪيو ڏاتار | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 100 |
| جسوڏن بادشاھ | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 111 |
| ڳامون سچار | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 118 |
| ماٺھو ۽ ماٺھوءَ جو ياڳ | محمد ابراهيم جويو | 145 |
| بادشاھ ۽ ترڙ ڪانءُ | محمد ابراهيم جويو | 165 |
| ڳدڙ ۽ ڪُڪڙ جي آڪاڻي | محمد ابراهيم جويو | 168 |
| ڪانءُ ۽ جھرڪي | محمد ابراهيم جويو | 173 |
| نيڪيءَ جو بدلو | ليلا رام رو چنداڻي | 178 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| پاڪ امانت | ليلا رام رو چنداڻي | 185 |
| دل جي پرک | ليلا رام رو چنداڻي | 191 |
| بخت جي بازي | ليلا رام رو چنداڻي | 196 |
| سياڻو بادشاھ | ليلا رام رو چنداڻي | 200 |
| ڏاھو ٻڪرار | ليلا رام رو چنداڻي | 204 |
| عقل ۾ اڪابر | فضل الرحمان ميمڻ | 209 |
| سھڻي صوحب | فضل الرحمان ميمڻ | 217 |
| ڳالھ جو ملھ | فضل الرحمان ميمڻ | 222 |
| عقل ۽ بخت | فضل الرحمان ميمڻ | 232 |
| سُٽ مان ڪپھ | فضل الرحمان ميمڻ | 236 |
| مھاڻو ۽ سندس زال | فضل الرحمان ميمڻ | 240 |
| چورن مٿان مور | فضل الرحمان ميمڻ | 252 |
| مڇي چو کِلي | فضل الرحمان ميمڻ | 259 |
| چار ٺول رات ڪيلي | فضل الرحمان ميمڻ | 266 |
| ڪاميابيءَ جو راز | فضل الرحمان ميمڻ | 272 |
| سھڻي ميھار | غلام محمد شاھواڻي | 276 |
| سسئي پنھون | غلام محمد شاھواڻي | 280 |
| ليلا چنيسر | غلام محمد شاھواڻي | 283 |
| مومل راڻو | غلام محمد شاھواڻي | 287 |
| عمر مارئي | غلام محمد شاھواڻي | 293 |
| سورٺ راءِ ڏياچ | شيخ اياز | 295 |
| نوري ڄام تماچي | شيخ اياز | 300 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پبلشر نوٽ

”لوڪ ڪهاڻيون“ ڪنهن به ٻوليءَ جي لوڪ ادب جو اهم حصو هونديون آهن. انهن جي ذريعي ان قوم جي نفسياتي ارتقا ۽ پهلوئن جي پرک ٿيندي آهي. سنڌ جي ناميا ري عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪوششون وٺي سنڌي لوڪ ادب جي هڪ وڏي حصي کي سهيڙي ورتو آهي ۽ هينئر ان وات جا ٻيا پانڌيئڙا لوڪ ادب جي جنهن به صنف تي ٻرانگهون ڪٽندا ته انهيءَ سرچشمي کان سيراب ٿيڻ ڪانسواءِ سندن لاءِ ڪو چارو نه رهندو.

هي ڪتاب سهيڙڻ وقت سهيڙيندڙ ساڳئي ريت نباهي آهي ۽ گهڻي ڪان گهڻا سورس ميٽريل ڪٺا ڪري وڌ ڪان وڌ دلچسپ ڪهاڻيون هن مجموعي ۾ شامل ڪيون اٿس. فضل الرحمان ميمڻ جا هن کان اڳ ۾ ٻارن لاءِ لوڪ ڪهاڻين جا ٽي حصا پڌرا ٿيا هئا. اهي ڪهاڻيون پڻ هن ڪتاب ۾ شامل آهن.

اسان کي اميد آهي ته هي ڪتاب به سنڌيڪا جي ٻين سوکڙين وانگر پڙهندڙن وٽ بهتر سوکڙي طور قبول پوندو.

نور احمد ميمڻ
چيئرمين
سنڌيڪا اڪيڊمي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گل بادشاهه ۽ شوق شهزادو

گل بادشاهه کي ست زالون هيون. ڇهون سڀ زالون ٻنان اولاد هيون، مگر هڪڙي پيرين-ڀاري هئي، تنهن ڪري ڇهن دل ۾ خيال ڪيو ته ”جي هن کي پٽ ڄائو ته بادشاهه هن کي وڌيڪ گهرندو، ۽ اسان بادشاهه کي نه وڻنديون سين.“ سو، هنن ڇا ڪيو جو ڳاهيءَ کي لوڀ لالچ ڏيئي، حڪم ڪيائون ته ”روز بادشاهه جو هڪ گهوڙو ماري، راڻيءَ جي محل ۾ ان جا هڏا پوري ايندو ڪر.“ اهڙي طرح بادشاهه جا گهوڙا، هڪ-هڪ ٿي ڪُتندا ويا. جڏهن بادشاهه کي ان ڳالهه جي خبر پئي، تڏهن بادشاهه ۽ سندس وزير، سڀ منجهي پيا ته گهوڙا ڪيڏانهن ٿا وڃن! هڪڙي ڏينهن ڇهن راڻين بادشاهه کي صلاح ڏني ته گهوڙن جي ڳولا لاءِ ڪو نجومي گهرائڻ گهرجي، پوءِ پاڻهي خبر پئجي ويندي. بادشاهه وزير کي حڪم ڏنو، ۽ نجومي گهرايو ويو.

نجوميءَ کي راڻين اڳيئي سيکاري، ڇڏيو هو، سو جڏهن بادشاهه نجوميءَ سان سچي حقيقت ڪئي، ته نجوميءَ حساب ڪري، بادشاهه کي چيو ته ”سائين، اوهان جي محلات ۾ هڪڙي پيرين ڀاري راڻي آهي، انهيءَ گهوڙا ماري انهن جا هيانءَ ڪاڏا آهن. منهنجو علم ٿو چوي ته گهوڙن جا هڏا راڻيءَ جي محلات ۾ ئي پوريل آهن.“ بادشاهه وزير ۽ ٻيا نوڪر چاڪر سيئي انهيءَ راڻيءَ جي محلات ڏي ويا، ۽ جتي نجوميءَ چيو، اتي کوٽي ڏسن ته واقعي هڏا پيا آهن. اهو ڏسي، بادشاهه ڏاڍو ڪاوڙيو، ۽ حڪم ڪيائين ته ”هن ڏائڻ کي ڪنهن رڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽ ۾ ڦِٽو ڪري اچو!" حڪم ملڻ شرط. وزير راڻيءَ جون اکيون ٻڌي، ڪيس پنهنجي بادشاهيءَ کان ٻاهر، ڪنهن ڏورانهين رڻ پٽ ۾ ڦِٽو ڪري آيو.

راڻيءَ جڏهين اکيون کوليون، ته ڏٺائين ته چؤڌاري رڻ بيابان لڳو پيو آهي. نيٺ ويچاري هڪ پاسي مُنهن ڪري اٿي هلي. هلندي هلندي، هڪ جهنگ ۾ اچي پهتي. اتي هن کي ويم جا سور به ٿيا، لاچار ٻي ڪا واهه نه ڏسي، هڪڙي وڻ هيٺ ويهي رهي. قدرت سان انهيءَ ڏينهن راڻيءَ کي پٽ ڄائو. راڻيءَ پنهنجو رئو ڦاڙي، ٻار جا ٻنڌڻا وغيره ناهيا، ۽ پنهنجو گذران جهنگلي ميون تي ڪرڻ لڳي.

ٿورا گهڻا ڏينهن گذريا، ته ان ملڪ جو بادشاهه شڪار ڪندي، اتان اچي لانگهائو ٿيو. بادشاهه جو پيري ڪتو، سيني جي اڳيان پئي آيو، سو اوچتو هڪ هنڌ بيهي ڀَونڪڻ لڳو. بادشاهه وزير کي حڪم ڪيو ته "وزير، ڏس ته ڪُتو ڇاتي پيو ڀونڪي؟" وزير جو سٽ پائي وڃي، ڏسي ته ڪتو هڪ وڻ جي جهڳٽي جي ٻاهران بيهي ڀونڪي رهيو آهي. وزير لنگهي جهڳٽي جي اندرِ ٿي ويو. ته راڻيءَ اندران هڪل ڪيس ته "هيڏانهن نه اچج، جو آءُ ٻي وَستري آهيان." وزير، جو هڙي جهنگ ۾ عورت جو آواز ٻڌو، سو اچرج ۾ پئجي ويو، ۽ سڌو بادشاهه کي حقيقت ٻڌايائين. بادشاهه هڪدم هڪ چادر ڪنئي، ۽ پاڻ اڪيلو اوڏانهن ويو. ٻاهران بيهي هڪل ڪري چيائين ته "مائي! هيءَ چادر وٺ، ۽ ڍَڪي ٻاهر اچ. آءُ هتي جو بادشاهه آهيان، ۽ تون ڪوبه الڪو نه ڪر، تون منهنجي ڀيڻ آهين." راڻي چادر ڍَڪي، ٻاهر آئي، ۽ ادب سان بادشاهه کي سلام ڪري بيهي رهي. بادشاهه هن کان سموري حقيقت پڇي. ۽ راڻيءَ به سربستي ڳالهه ڪري ٻڌايس...... جنهن جي ٻڌڻ سان بادشاهه کي ڏاڍو رحم اچي ويو، ۽ پوءِ وڏيڪ شڪار ڪرڻ بند ڪري، راڻيءَ کي پاڻ سان گڏ پنهنجي محلات ڏي وٺي ويو.

ٿورا گهڻا ڏينهن گذريا، ته ڇوڪرو وڏو ٿيو، ۽ ٻين بادشاهي ٻارن سان راند روند ڪرڻ ويندو هو. راند ڪندي ڇوڪرن کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوندو هو تہ ”مان اوهان جو بادشاھ آهيان!“ تنهن تي ڇوڪرا چوندا هئس تہ ”تون ڪنهن جو پٽ آهين، تنهنجو پيءُ ڪٿي آهي؟“ ڪيترا ڏينهن تہ ڇوڪرو ماٺ ڪري ويندو هو، پر نيٺ هڪ ڏينهن ڪاوڙجي، وڃي ماءُ کي چيائين تہ ”امان، منهنجو پيءُ ڪير آهي، ۽ ڪٿي آهي؟“ راڻيءَ هن کي سڄي حقيقت ڪري ٻڌائي تہ ”تنهنجو پيءُ پرِ واري ملڪ جو بادشاھ آهي، ۽ هن جي ڇهن راڻين اسان سان ظلم ڪري، اتان اسان کي لوڌائي ڪڍرايو آهي.“ ڇوڪري اها حقيقت ٻڌي تمام گھڻو ارمان ڪيو، نيٺ ڪجھ سوچ ڪري، ماءُ کي چيائين تہ ”امان مون کي هڪڙو گھوڙو ۽ ترار وٺي ڏي تہ آءُ بابا وٽ ٿو وڃان.“ پهريائين تہ ماءُ پٽ کي گھڻو ئي سمجهايو، پر نيٺ هُو جڏهين نہ مڙيو، تڏهين بادشاھ کان هڪڙو گھوڙو ۽ ترار وٺي، پٽ کي ڏنائين. ڇوڪرو گھوڙي تي چڙهي پنهنجي پيءُ جي بادشاهيءَ ڏانهن روانو ٿيو. نيٺ اچي اتي پهتو، پوءِ وڃي دربار ۾ حاضر ٿيو. قدرت سان، بادشاھ کو سخت بيمار هو، ۽ بيماري بہ اهڙي موذي هئي، جنهن لاءِ حڪيمن ڏس ڏنو هو تہ ’ان لاءِ ٻيو تہ ڪوبہ علاج ڪونہ آهي، باقي جيڪڏهن ساموندي گھوڙي جي رت ملي پوي، ۽ بادشاھ اهو رت پيئي، تہ چاق چڱو ڀلو ٿي پوي.‘ بادشاھ انهيءَ جي لاءِ سڄي شهر ۾ پڙهو ڏياريو هو تہ جيڪو ماڻهو ساموندي گھوڙي جو رت آڻي ڏيندو، تنهن کي مالا مال ڪيو ويندو، مگر ڪنهن جي همت ڪانہ ٿي تہ ڪو ايڏي مسافري ڪري ۽ وري ڪنهن کي اها بہ خبر ڪانہ هئي تہ ساموندي گھوڙا ٿين ڪٿي ٿا؟ نيٺ بادشاھ، جنهن کي تنهن وچ ۾، ڇهن راڻين مان ڇھ پٽ ٻيا بہ ڄاوا هئا، تنهن پنهنجن پٽن کي گھرائي، ساموندي گھوڙي جي رت آڻڻ لاءِ چيو، جيڪي سڀ سنبري مسافريءَ تي نڪتا هئا تہ مٿان شهزادو بہ اچي پنهنجي پيءُ وٽ پهتو.

بادشاھ، جو بيمار هو، تنهن ائين ئي شهزادي کان پڇيو تہ ”اي جوان! تون ڪير آهين، ۽ مون ۾ ڪهڙو ڪم اٿيئي؟“ ڇوڪري بادشاھ کي ورندي ڏني تہ ”سائين، منهنجو نالو ’شوق‘ آهي ۽ آءُ ڳل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بادشاهه جو پٽ آهيان.“ بادشاهه بيماريءَ ۾ تمام ڪمزور هو، تنهن ڪري وڌيڪ بحث ڪري نه سگهيو، پر ايترو سو چيائين ته ”جيڪڏهن منهنجو پٽ آهين، ته منهنجا ڇهه پٽ اڳيئي ويا آهن، تيئن تون به وڃ، ۽ منهنجي لاءِ ساموندي گهوڙو ڳولهي اچ!“ اهو ٻڌي، ڇوڪري دل ۾ خيال ڪيو ته ’مرسيءَ ڏيکارڻ جي هيءَ مهل آهي، پنهنجي پيءُ کي به شفاياب ڪندس، ۽ منهنجو منهن به مٿي ٿيندو.‘ اهو خيال ڪري ڀائرن جو ڏس پڇي، اتي اوڏانهن روانو ٿيو. ٿوري پنڌ کان پوءِ. هن کي ڇهه ئي ڀائر گڏيا. جن کانئس پڇيو ته ”تون ڪير آهين؟“ شهزادي وراڻي ڏني ته ”منهنجو نالو ’شوق‘ شهزادو آهي، ۽ جنهن جا اوهين به پٽ آهيو تنهن جو آءٌ به پٽ آهيان. آءٌ به بادشاهه سلامت جي بيماريءَ لاءِ ساموندي، گهوڙي جي رت آڻڻ لاءِ توهان سان گڏجي هلان ٿو.“ شهزادن، جو اهو ٻڌو، سو اچي حسد جا ڳين، ۽ شوق شهزادي کي چيائون ته ”تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين، تنهن ڪري اسان سان نه هل!“ شهزادي گهڻو ئي چيو، پر ڇهه ئي شهزادا پنهنجا گهوڙا تکا دوڙائي هليا ويا، ۽ جهٽ پٽ نظر کان غائب ٿي ويا.

جڏهن ڇهه ئي شهزادا نظر کان غائب ٿي ويا، تڏهن، شوق شهزادو به، الله تي توڪل ڪري، هڪ پاسي منهن ڪري اتي هليو. هلندي هلندي، هڪ باغ ۾ اچي پهتو، باغ جي اندر ڏسي ته هڪڙي ماڙي بيٺي آهي. هن دل ۾ خيال ڪيو ته هتي ڪجهه ڏينهن به نارجي ۽ هتان ڏس پتو پڇي پوءِ اڳتي هلجي، سو اڳتي وڌي وڃي ماڙيءَ جو دروازو کڙڪايائين. دروازي کڙڪائڻ سان هڪ ڇوڪري لهي آئي ۽ هڪ آدمزاد کي ڏسي حيران ٿي ويئي. نيٺ پڇيائينس ته ”تون ڪير آهين ۽ هتي ڪيئن آيو آهين؟“ شهزاديءَ ورندي ڏني ته ”منهنجو نالو شوق شهزادو آهي. ۽ آءٌ ٿڪجي پيو آهيان، سو ڪجهه وقت آرام ڪندس.“ ڇوڪريءَ چيس ته ”هن ماڙي ۾ ست ديو ٿا رهن، جي اجهي آيا ڪي آيا، سو تون هتان ڀڄي وڃ، نه ته توکي ماري کائي ڇڏيندا.“ ڇوڪريءَ کي شهزادي چيو ته ”انهيءَ جي ته مون کي پرواهه ڪانه آهي، پر مون کي بک لڳي آهي. سو ڪجهه هجي، ته آڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاراءِ.“ ڇوڪريءَ هن کي ميوا وغيره آڻي ڏنا. جيڪي هن کائي ڍؤ ڪيا. ۽ پوءِ باغ ۾ وڃي هڪ وڻ هيٺ ويهي رهيو. ڪا مهل ٿي ته سَت ئي ديو به سَٽيندا، اچي باغ ۾ گهڙيا. اوچتو هڪڙي ديو جي شهزادي تي نظر پئجي ويئي، سو هڪل ڪري پنهنجي گرز کڻي شهزادي تي وريو. شهزادو به اڳيئي هوشيار ٿيو بيٺو هو، سو وار بچائي، هڪدم پٺيان کڻي جو پنهنجو ڏنڊو هنيائينس، ته ديو ڏو منهن ڀر وڃي ڪريو. پوءِ يڪدم شهزادي رسو کڻي، جهٽ ۾ هن ديو کي وڻ سان ٻڌي ڇڏيو. ڪا مهل ٿي ته ٻيو ديو پهرئين ديو کي٬ ڳولڻ لاءِ نڪتو. جڏهن ڳوليندي ڳوليندي، اتي اچي پهتو، تڏهن يڪدم شهزادي تي گرز کڻي وار ڪيائين. شهزادي وري به پهرئين وانگر وار بچائي، ديو کي ڏنڊو هڻي ڪيرائي، اُن کي به وڻ سان ٻڌي ڇڏيو. اهڙيءَ طرح ستن ئي ديون کي، سُڪ ڪري، وڻ سان ٻڌي ڇڏيائين. نيٺ ڇوڪري جا اصل ۾ ديون جي پيڻ هئي، تنهن جو اها حالت ڏٺي، سو اچي شهزادي کي منٿ ڪيائين ته ”اسين سڀ تنهنجا غلام آهيون، جيئن چوندين تيئن ڪنداسون. مهرباني ڪري منهنجن ڀائرن کي آزاد ڪر!“ شهزادي اتي ديون کان پڇيو. ديون به اهو قبول ڪيو، ۽ حضرت سليمان جو قسم به کنيائون. شهزادي اتي ستن ئي ڄڻن کي کوليو، جن پوءِ هن کي ڏاڍي آدر ڀاءَ سان مٿي ماڙيءَ تي وڃي ويهاريو، ۽ هن جي خوب خدمت ڪيائون. شهزادو به هڪ ٻه ڏينهن اتي رهي پيو. هڪ ڏينهن، شهزادو دريءَ ڪان بيٺو هو، تيئن پري کان دونهين جي لاٽ ڏٺائين. ديون کان پڇيائين ته ”اهو ڇا آهي؟“ ديون جواب ڏنو ته ”اهو هڪڙو ديو آهي، جو ٻارنهن مهينا سمهندو آهي، ۽ ٻارنهن مهينا جاڳندو آهي. هينئر اهو ستو پيو آهي، ۽ اها هن جي نڪ مان نڪتل هوا جي لاٽ آهي. جڏهن اهو جاڳندو آهي، تڏهين ٻيا ماڻهو ته نهيو، پر اسين ديو به هي ملڪ ڇڏي ڀڄي ويندا آهيون“ شهزادي انهن کي چيو ته ”دلجاءِ ڪريو. هاڻي ان ديو جا ڏينهن اچي پورا ٿيا آهن.“

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير. شهزادي ديون کي چيو ته ”هاڻي اهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديو هلي مونکي ڏيکاريو!“ ديو هن سان گڏجي، اوڏانهن روانا ٿيا. ڪجھ مهل ڪان پوءِ اچي اتي پهتا. ڏسن ته برابر هڪ شاهي ديو اتي ستو پيو آهي، ۽ پرسان جهوپڙي آهي، جنهن ۾ هڪ حسين عورت ويٺل آهي. عورت هنن کي ڏسي چيو ته ”خدا جي واسطي، منهنجي هن آفت مان جند ڇڏايو!“ شهزادي ان کي ٻه چيو ته ”اي عورت، تون گهبراءِ نه.“ ائين چئي هن دل ۾ خيال ڪيو ته ستل مارڻ بهادري نه آهي. هاڻي هن ديو کي ننڊ مان جاڳائي پوءِ حملو ڪجي، سو، يڪدم ديو جي ٽنگ ۾ ترار ٽُنبي ڪڍيائين. ديو ڪجھ مڙيئي پاسو ورايو، ڇڙ ته ڪنهن جيت چڪ هنيو هوس. تنهن تي شهزادي وري ٻي ترار ٽنبي ڪڍيس، جنهن تي ديو هڪدم سجاڳ ٿي ويهي رهيو، ۽ ڏٺائين ته هڪ آدمزاد آهي، جو ترار کنيو بيٺو آهي. اتي ديو کي ٻه جوش آيو، سو هڪدم پٿر جي ڇپ کڻي، شهزادي ڏي ڦٽي ڪيائين. شهزادي گوهي ڏيئي، پٿر کان پاڻ بچائي، ٽپ ڏيئي وٺي جو ترار هنيس، ته ديو جي سِسي وڃي پري پيئي. پوءِ ته ان حسين عورت کي هو پاڻ سان گڏ واپس ماڙيءَ ۾ آيا، جتي هن عورت پنهنجي رضا خوشيءَ سان شهزادي سان شادي ڪئي. نيٺ هڪڙي ڏينهن شهزادي انهن ديون سان پنهنجي مطلب واري ڳالھ ڪئي، ۽ ساموندي گهوڙي جو ڏس پڇيائين. ديون شهزادي کي چيو ته ”تون هن تخت تي ويھ، ته اسين توکي اتي ٺا کڻي هلون، باقي تنهنجي پهچڻ جي جاءِ نه آهي.“ پوءِ شهزادو تخت تي چڙهي وينو، ۽ ديون مان هڪڙو ديو هن کي کڻي وٺي اڏاڻو. ستن ڏينهن ۽ ستن راتين جي اُڏامڻ کان پوءِ ديو هڪ هنڌ تخت اچي لاٿو. ڏسن ته برابر هڪ گهوڙو بيٺو آهي، ۽ ان تي هڪ پري چو ڪيدار آهي، مگر اوڏيءَ مهل پري ستي پيئي هئي. شهزادو ٻه پنهنجو رومال هن جي منهن تي وجهي، وڻندي گهوڙي کي واڳ مان، ٽپ ڏيئي هڪدم تخت تي ويهي رهيو، ۽ تخت کي کڻي ديو وٺي اڏاڻو. گهڙي نه گذري ته پري ٻه سجاڳ ٿي، ڏسي، ته گهوڙو آهي ڪونه. يڪدم هيڏانهن هوڏانهن اڏامي گهوڙي کي ڳولڻ لڳي. نيٺ پري کان ڏٺائين ته ديو گهوڙي کي کنيو پيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃي. بس ٻي ڪا ڀڃڻ جي واهه نه ڏسي، پاڻ به اچي انهن سان گڏي، ۽ پوءِ سيئي خير سان واپس اچي ديون جي ملڪ ۾ پهتا. شهزادي پوءِ اتي هِن پريءَ سان به شادي ڪئي، ۽ پوءِ تئي ڄڻا ديون کان موڪلائي، خير سان پنهنجي ملڪ ڏانهن روانا ٿيا.

منزلون ڪندي ڪندي، ڪجهه ڏينهن کان پوءِ، اهي هڪ شهر ۾ اچي پهتا، جتان گل بادشاهه جو شهر باقي هڪ ڏينهن جي پنڌ تي هو. اتي هنن جو خيال ٿيو ته ڪجهه دير آرام ڪري، پوءِ پنڌ پئجي. شام جو گهمندي گهمندي، هڪڙي هنڌان اچي لنگهيا، ته شهزادي پنهنجي ڇهن ئي ڀائرن کي ڪاٺيون وڪڻندي ڏٺو. هن کي اهو ڏسي ڏاڍو ارمان ٿيو، سو اچي انهن کي پنهنجي سڃاڻپ ڪرايائين. ڀائر هن کي ڏسي ڏاڍا رُنا. شهزادي پڇين ته "اوهان حقيقت ٻڌايو ته ڪيئن هي حال ٿيو؟" هنن چيو ته "اسان جا سڀ پئسا کپي ويا، پوءِ ڪيڏانهن وڃون، جو ڪاڏي لاءِ به پئسو نه هجي، نيٺ پرديس ۾ هي ڌنڌو ڪري پيٽ پيا پاليون." شهزادو پوءِ ڇهن ئي ڀائرن کي پاڻ سان وٺي آيو، ۽ انهن کي تڙ وغيره ڪرائي، نوان ڪپڙا سبائي ڏنائين، ۽ هنن جا پراڻا ڪپڙا لهرائي پاڻ وٽ رکي ڇڏيائين. پوءِ سڀ اُٿي پنهنجي ملڪ ڏانهن روانا ٿيا. رستي تي، جو شهزادي جي ڀائرن ساموندي گهوڙو ۽ خوبصورت راڻيون ڏٺيون، سو نيت خراب ٿي وين، ۽ نيٺ هڪ هنڌ شوق شهزادي جون ٽنگون ڀانهون وڍي، هڪ هنڌ ڦٽو ڪري پنهنجي ملڪ ڏانهن روانا ٿيا. شهزادي جي راڻين کي هن ڳالهه جي خبر ئي پئجي ڪانه سگهي. جڏهن ڇهه ئي ڀائر راڻين سميت پنهنجي ملڪ اچي پهتا، تڏهين بادشاهه کي ساموندي گهوڙو ڏنائون، جنهن جو رَتُ ڪيرائي بادشاهه ڪم آندو، ته چاق چڱو ڀلو ٿي پيو. پوءِ ڇهن ئي ڀائرن کان خبر پڇيائين، جن ڪوڙ سچ ملائي، بادشاهه کي پنهنجي بهادريءَ جي ڳالهه ڪري ٻڌائي. بادشاهه ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ شوق شهزادي جي ٻنهي راڻين کي محلات ۾ رهائي ڇڏيائين. ڏينهن به جڏهن شوق شهزادو پنهنجن راڻين وٽ نه ويو، ته راڻين کي ڏاڍو ويچار ٿيو. تن نيٺ ڀائرن کان شهزادي بابت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڇيو. ڇهن ئي ڀائرن تفصيلوار طور سچي حقيقت ڪري ٻڌاين. ۽ چيائون ته ”هاڻي ماٺ ڪري ويهي رهو. نه ته اوهان جو به اهڙو حال ٿيندو. جهڙو هن جو ٿيو!“ اتي پريءَ ٻيءَ شهزاديءَ کي دلجاءِ ڏني ته ”گهٻراءِ نه، آءٌ پاڻهي ٿي شهزادي کي ڳولهي اچان!“

پري اتان وڃي اڏامي، ۽ ڳوليندي ڳوليندي، نيٺ اچي ڏسي ته شهزادو پنگلو ٿيو. هڪ هنڌ پيو آهي، پري وڃي اچي شهزادي کي ملي، ۽ حقيقت پڇيائينس. شهزادي جواب ڏنو ته ”ڏينهن جو الائجي ڪير ڪاڏو ڏيو وڃيم، ۽ رات جو الائجي ڪٿان چار پريون اچيو وڃن، جي اچيو مون کي ٻانهون ٽنگون چنبڙائين، ۽ پوءِ مون کي سرندو هٿ ۾ ڏين. آءٌ سرندو وڄائيندو آهيان، ۽ هو پريون موج ۾ اچيو ڳائينديون ۽ نچنديون آهن، جڏهين صبح ٿئي، تڏهين وري منهنجيون ٽنگون ۽ ٻانهيون جدا ڪري هليو وڃن، ۽ آءٌ اهڙي جو اهڙو هتي پيو آهيان.“ پري اهو ٻڌي، چيس ته ”ڇڱو هاڻي تون ماٺ ڪري جيئن دستور موجب ڪندو آهين. تيئن ڪج، باقي آءٌ پاڻهي ٿي بندوبست ڪريان.“ پوءِ پري واپس محلات ۾ آئي، ۽ شهزاديءَ کي ٻڌائي آئي ته ”شهزادو لڌو آهي ۽ تون دلجاءِ ڪري ويهه، اسين صبح جو ايندا سون.“ شهزاديءَ ويچاريءَ خدا جو شڪر ڪيو، ۽ صبح جي انتظار ۾ ويهي رهي. سانجهيءَ جو، پري اڏامي، وري ساڳئي هنڌ لڪي، اتي ويهي رهي. دستور موجب چارئي پريون آيون، ۽ شهزادي کي ٽنگون ٻانهون چنبڙائي، کيس سرندو هٿ ۾ ڏنائون. شهزادي سرندو وڄائڻ شروع ڪيو، هوڏانهن پريون موج ۾ اچي ويون. تيڏيءَ مهل، اوچتو پري ظاهر ٿي، وٺي جو گوڙ ڪيو. ته هو چارئي پريون خوف ۾ ڇرڪي ڀڄي ويون ۽ هو شهزادي کي وٺي سڌو محلات ۾ آئي، ۽ پوءِ ٽيئي پاڻ ۾ ملي ڏاڍا خوش ٿيا.

صبح جو شهزادي وڃي بادشاهه کي سلام ڪيو. بادشاهه هن کي ڏسي تعجب ۾ پئجي ويو، ۽ چيائينس ته ”منهنجي لاءِ ساموندي گهوڙي جو رت آندئي؟“ شهزادي بادشاهه کي چيو ته ”سائين، اهو ڪونه مليو! اهو ته منهنجا ڇهه ڀائر کڻي آيا هئا.“ بادشاهه چيو ”هائو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُهو تہ برابر انهن آندو هو.“ تنهن تي شهزادي بادشاهہ کي سچي حقيقت ڪري ٻڌائي، پڇاڙيءَ جو ڀائرن جا پراڻا ڪپڙا بہ ڏيکاريائينس، پوءِ پنهنجي ماءُ ۽ ڀين ڇهن راڻين جي دغا جي بہ سچي حقيقت بادشاهہ کي ڪري ٻڌايائين. بادشاهہ اهو ٻڌي، اهڙو اچي سخت ڪاوڙيو، جو پنهنجن ڇهن ئي راڻين ۽ ڇهن ئي پٽن کي ملڪ نيڪالي ڏيئي ڇڏيائين.... ۽ پوءِ پنهنجي هن راڻيءَ کي وٺي اچي ڏاڍي مزي سان باقي حياتيءَ جا ڏينهن گذارڻ لڳو.

(ماهوار اديون ڪراچيءَ جي ٿورن سان)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شھزور بادشاھ

اڳاتي زماني جي ڳالھ ڪندا آھن تہ ھڪڙو ڪو بادشاھ ھوندو ھو، جو بھادريءَ ۾ پنھنجو مٽ پاڻ ھوندو ھو. جھڙس ٻيو ڪو ورلي ٿيو ھوندو. نالو سندس شھزور ھو، ۽ ھو روزانو چڱا ڪندو ھو، جو صبح جو سوير اٿي، گز ڪمان کڻي، پنھنجي زال وٽ ويندو ھو، ۽ کيس چوندو ھو تہ ”تون وينڊي کي ھٿ سان نڪ تي سنئون ڪري جھل، تہ آءُ ان جي وچان تير لنگھايان!“ پوءِ ڪمان ڪشي، تير ان وينڊي مان لنگھائيندو ھو، ۽ راڻيءَ جي نڪ کي ڪوبہ نقصان ڪونہ ٿيندو ھو. پوءِ زال کان پڇندو ھو تہ ”ڪيئن؟ دنيا ۾ مون جھڙو ڪو پھلوان ھوندو؟“ زال چوندي ھيس تہ ”نہ!“ راڻي ويچاري انھيءَ ڳڻتيءَ ۾ پئي ڳرندي ھئي تہ ’ڪنھن ڏينھن انھيءَ تير وڳھي نہ مري وڃان!‘ ھڪڙي ڏينھن سندس ماءُ وٽس آئي، ۽ پڇيائينس ”چو ڌيءُ! روزانو ڳرندي پئي وڃين؟“ راڻيءَ چيس تہ ”امان! منھنجو مڙس روزانو منھنجي نڪ تي وينڊو رکي ان مان تير لنگھائيندو آھي، ۽ مون کي دپ آھي تہ ڪنھن ڏينھن، جي تير لڳي ويم، تہ مري وينديس. انھن ئي ڳڻتين ۾ ڳرندي ٿي وڃان. “ تڏھن ماڻس چيس تہ ”ھاڻي تير ھڻي، جڏھن تنھنجو مڙس توکان پڇي تہ ’مون جھڙو ڪو ٻيو شھزور آھي؟‘-- تہ تون چئجانس تہ ’ڀلان ڀليءَ جو ڪو چيھ ئي ڪونھي.‘ پوءِ ھو پاڻھي چوندو تہ آءَ وڃان ٿو ڀلان ڀلي جو چيھ ڏسڻ..... ! اھڙيءَ ريت تون ھن روز روز جي موت کان بچي پوندينءَ.“

ٻئي ڏينھن دستور موجب تير ھڻڻ بعد، جڏھن شھزور راڻيءَ کان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڇيو تہ ”مون جھڙو ڪو ٻيو پھلوان آهي؟“ تڏهن راڻي چيس تہ ”ڀلان ڀليءَ جو چيھ ئي ڪونھي!“ تڏهن شهزور ڪاوڙجي پيو، ۽ چيائين تہ ”جيڪڏهن ائين آهي، تہ پوءِ آءُ وڃان ٿو ڀلان ڀليءَ جو چيھ ڏسڻ.“ زال توڙي متن مائٽن ڪيس گھڻو ئي روڪيو. پر هن ڪنھن جي ٻہ نہ ٻڌي، ۽ تيار ٿي اٿي روانو ٿيو.

شهزور بادشاهہ ڪي هلندي هلندي، رات اچي هڪڙي بيابان ۾ پيئي. اها رات، هو اتي ترسيو، ۽ ٻئي ڏينھن صبح جو اٿي وري هلڻ لڳو. سڌ ڪن پنڌ جو اچا مس هليو، تہ ڏسي تہ هڪ نوجوان شخص آسمان ڏي نھاري، پيو هيڏانھن هوڏي ڊوڙي، ايتري ۾ مٿان هڪ ڪونج اچي ڪِري، جا هُن ڊوڙي وڃي ڪنئي! شهزور بادشاهہ نوجوان جي اها بهادري ڏسي عجب ۾ پئجي ويو، ۽ وٽس اچي چيائين، ”دوست، تو جھڙو پھلوان دنيا ۾ ڪو مشڪل هوندو!“ تڏهن ان ڪونج مار شخص چيس تہ ”يار، بهادر تہ آهي شهزور بادشاهہ، جنھن جي پريٺ مون ياري مڃي آهي!“ اِتي شهزور بادشاهہ چيس تہ ”اهو تہ مان آهيان.“ تڏهن ڪونج مار يڪدم پاڪر پائي، چيس تہ ”جيڪڏهن اهو تون آهين، پوءِ هاڻي جيڏانھن تون تيڏانھن مان.“ تڏهن شهزور چيس تہ ”جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ هل، جيڏانھن تنھنجي مرضي!“ پوءِ ٻيئي دوست گڏجي اڳتي هلڻ لڳا.

اچا ٿورو پنڌ ڪري اڳتي پھتا، تہ ڏسن تہ هڪ ٻڪرار آهي جنھن جي ڪلهي تي ٻبر جو وڻ آهي، پٽن تي ڪانبي ۾ ٻڪرين جا ڦر اٿس، ۽ هٿن ۾ سٽيءَ جو ڊيرو اٿس، جنھن ڪي ڪتيندو ڏاڍو مزي سان پيو اچي! جڏهن هي هن جي ويجھو پھتا، تڏهن شهزور بادشاهہ چيس تہ ”ميان، تو جھڙو تہ ڪو پھلوان دنيا ۾ ورلي ملندو!“ تڏهن ٻڪرار وراڻيو تہ ”ادا پھلوان تہ شهزور بادشاهہ آهي، جنھن جي هاڪ ٻڌي اوڏانھن پيو وڃان!“ تڏهن شهزور ٻڌايس تہ ”اهو تہ مان آهيان!“ اهو ٻڌي ٻڪرار چيو تہ ”ادا جيڪڏهن اهو تون آهين، تہ پوءِ آءُ بہ توسان، جيڏانھن تون هلين تيڏانھن آءُ.“ اهڙيءَ طرح ٽيئي يار گڏجي وري اڳتي هلڻ لڳا.

ڪجھ پنڌ ڪرڻ ڪان پوءِ وري هڪ عجيب واقعو ڏٺائون. ڏسن ته هڪ نوجوان آهي، جو سؤ پُرھ اونهي کوھ جي تري مان ڪوڏر جو لپو امالڪ ٻاهر پيو اڇلائي! تڏهن شهزور کي ڏاڍو عجب لڳو، ۽ چيائينس ”دوست، تون ته وڏو بهادر ٿو ڏسجين!“ تڏهن ان نوجوان جواب ڏنس ته ”ادا، بهادر ته آهي شهزور بادشاھ، جنهن جي مون پرپٺ ياراڻي قبولي آهي!“ اتي ان کي ٻڌايائين ته ”اهو شهزور بادشاھ آءُ آهيان.“ تڏهن انهيءَ نوجوان به وراڻيو ته ”جي اهو بادشاھ تون آهين، ته پوءِ آءُ به اوهان سان گڏ هلندس.“ پوءِ ته چارئي ڄڻا گڏجي اڳتي هلڻ لڳا.

اڳتي هلي، هنن کي هڪ ٽڪر ۾ اجهو ونڌو پيو. ان ٽڪر ۾ هڪ لوهار به رهندو هو، جنهن جو نالو هو ’ٽڪر ٽاڪُو لوهار.‘ اُن لوهار، ٻن ٽڪرن جي وچ ۾ ويهي، هڪڙي ترار پئي ٺاهي، پر مٿس ٽڪرن به حملو پئي ڪيو. لوهار انهن ٽڪرن کي ٺونٺين سان ڌڪي پري جهليو بيٺو هو، ۽ ترار به پئي ٺاهيائين! اهو واقعو ڏسي شهزور بادشاھ ۽ سندس يارن کي ڏاڍو عجب لڳو. ٿوريءَ دير ڪان پوءِ هن جي ويجهو اچي سلام ورايائون، ۽ شهزور بادشاھ چيس ته ”ٻيلي، تو جهڙو پهلوان ته ڪو ورلي ليندو!“ اتي ٽڪر ٽاڪو لوهار چيو ته ”ياءُ، پهلوان ته آهي شهزور بادشاھ، جيڪو روزانو پنهنجي راڻيءَ جي وينڍي مان تير لنگهائيندو آهي، ۽ ان جي لاءِ ئي ته هي تلوار ٺاهي اٿم!“ شهزور اها ڳالھ ٻڌي ڏاڍو سرهو ٿيو، ۽ چيائينس ته ”تون بيشڪ پهلوان آهين، توکي ٻلي ماڻٿن ڄاڻو. اهو شهزور بادشاھ جنهن جي تون تعريف پيو ڪرين، اهو آءُ آهيان. هاڻي اها امانت جا تو مون لاءِ تيار ڪئي آهي، سا مون کي ڏي!“ لوهار يڪدم تلوار کڻي شهزور جي حوالي ڪئي، ۽ پاڻ به سنيري انهن سان گڏ سفر تي تيار ٿيو.

پوءِ پنج ئي دوست گڏجي پنڌ پيا. هلندي هلندي، ٿوري پنڌ ڪان پوءِ، هنن کي هڪ ٻيو عجيب لقاءُ ڏسڻ ۾ آيو. ڏسن ته هڪ جوان مڙس پنهنجي سٿڻ جا وَرَ پيو کڻي. هن کان پڇيائون ته ”ڇا ٿو ڪرين؟“ چيائين ته ”آءُ هٿن سان هرڻ جهليندو آهيان، ۽ هينئر به



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي هرڻ تاڙيا اٿم." ائين چئي اوچتو وڻ ڏانهن ڊوڙ پاتائين، ۽ ٿوريءَ دير کان پوءِ ڏسن ته هو ٻه هرڻ جهليو پاڪر ۾ ڪنيو پيو اچي! هرڻ ڏسي، شهزور ڏاڍو خوش ٿيو، پوءِ هن کي به ساڳي حقيقت ٻڌائي، پاڻ سان ڪنيائون.

هلندي هلندي، کهندي کهندي، ڪين هڪ هنڌ رات پئجي ويئي. سيني کي بک به ڏاڍي اچي لڳي. شهزور بادشاهه چين ته "هاڻ توهان مان هڪ ڄڻو وڃي ڪنهن ويجهي وسنديءَ مان تانڊو ڪٽي اچي، ته ڪو کاڌي جو بندوبست ڪريون." هونئن ته هرڪو پنهن جي فن ۾ قابل ۽ پهلوان هو، پر پهريائين ڪونج مار همراهه کي تانڊي ڪٽڻ لاءِ موڪليائون. جڏهن اهو جوان اُن وسنديءَ ۾ پهتو، تڏهن ڏنائين ته تانڊي جو مچ پيو ٻري، ۽ هڪ پوڙهو فقير اتي وينو آهي. ڪونج مار همراهه ايندي ئي هٿن سان تانڊو ڪٽڻ لڳو. تڏهن ان پير مرد چيس ته "ابا هي چمٽو پيو آهي، ان سان تانڊو ڪڻ!" ڪونج مار همراهه سوچيو ته پوڙهو چوي نيڪ ٿو، سو نوڙي چمٽو ڪٽڻ لڳو. فقير يڪدم سسيءَ ۾ هٿ وجهي گوڏن هيٺ هنيس.

جڏهن ڪونج مار جوان واپس نه موٽيو، تڏهن هنن سمجهيو ته 'هن ياري ڪانه نڀائي، ۽ سنگت ڇڏي ڀڄي ويو' آخر وري ٻئي ڀيرا ڪي تانڊي ڪٽڻ لاءِ موڪليائون، پر اُهو به نه موٽيو. ان کان پوءِ وري ڪوهه واري همراهه کي موڪليائون، ته ان سان فقير ساڳي حالت ڪئي. ٿوريءَ دير کان پوءِ لوهار ويو، پر اهو به واپس نه موٽيو. جڏهن لوهار به واپس نه موٽيو، تڏهن شهزور بادشاهه سمجهيو ته ضرور ڳالهه ۾ ڪجهه رولو آهي. سو، هرڻ واري همراهه کي اتي ويهاري، پاڻ تانڊي ڪٽڻ لاءِ روانو ٿيو. شهزور بادشاهه جڏهن اتي پهتو، ته فقير کي وينل ڏٺائين. شهزور سمجهي ويو ته اها ڪيڏ مڙيئي هن فقير جي آهي، سو ويندي شرط بنا ڪنهن ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي پاسو وٺي تانڊو ڪٽڻ لڳو. فقير ٻين وانگر هن کي به چيو "ابا، ائين هٿ سڙندئي هي چمٽو ڪٽي، ان سان تانڊو ڪڻ!" شهزور هڪ ته بادشاهه، ٻيو پهلوان، تيون وري ڪيس خدا عقل به ڪافي ڏنو هو، سو تيڏيءَ اک سان فقير کي

۽ جاچڻ لڳو ۽ ٻئي طرف هٿ وڌائي چمٽو ٻه ڪٽڻ لڳو. فقير جو ٻه هٿ هريو ٻيٺو هو، سو جيئن هٿ وڌائي شهزور کي ٿي جهليائين، تيئن شهزور بادشاهه ڦرڻائيءَ سان اٿندي نڪاءَ جو ڪٽي ٽڪر ڪرايس، ته فقير سڄا سٺ قدم پري وڃي ڪريو. ۽ شهزور جا سڀ ساٿي هڪ هڪ ٿي فقير جي گوڏن هيٺان نڪري اچي شهزور پيرا ٿيا. فقير جڏهن هوش ۾ آيو، تڏهن سڌو اچي شهزور جي گوڏن تي ڪريو، ۽ چيائينس ته "تون مون کي پهريون چوڻ ٻڌايو ته تون شهزور آهين، مان ته پر پٽ تنهنجو يار آهيان. جي هِي مون کي ٻڌائين ها ته 'اسين شهزور جا ساٿي آهيون'، ته اءُ هنن جي وار جو ٻه نالو نه ونان ها. پر هاڻي مون کي معاف ڪر، ۽ مون کي پنهنجو دوست سمجهه. هاڻ مان اجهو تو سِيڌو ڪٽي اچان، پوءِ رڌي توهان ٻه کائو، ۽ مون کي ٻه کارايو!"

اهو فقير ديون جو سردار هو، جو شهزور جي ڳولا ۾ ماڻهوءَ جي صورت ۾ فقير ٿي، اچي اتي وينو هو، ٿوريءَ دير کان پوءِ، وٽس ڪا مشڪ جي دٻلي هئي، تنهن کي کوليائين، ته ديوَ ديوَ جي ذات اچي گڏ ٿي، ۽ اک ڇنڀ ۾ الائي ڪٿان ڪٿان چانورن جون ڳوٽيون، گيهه، مرچ، مسالا، ۽ ٻيا ٻانت ٻانت جا کاڌي جا سامان آڻي ڪَنا ڪيائون. شهزور ٻه وري اهڙي ته لذيذ ماني تيار ڪئي، جو هو ديون جو سردار، جو ڪن ڏينهن جو ڪو بکايل هو، تنهن ٻنهه دل تي ڪائي ڪيو ديؤ. اها رات اتي رهيا، ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو، ان "فقير کي ساڻ ونيءِ، شهزور بادشاهه پنهنجي ساٿين سميت اتي پنڌ پيو.

هلندي هلندي، هڪ نئين شهر ۾ اچي نڪتا. مڃاڻ تن ڏينهن اُن شهر جي بادشاهه جو پٽ مري ويو هو. پر لاش کي جيڪي ٻه ڪانڌي مقام ڏي ڪٽي ٿي ويا، اهي واپس نه ٿي موٽيا، باقي لاش هر هر واپس موٽي ٿي آيو! ان ڪري بادشاهه جو حڪم هو ته جيڪو ٻه ٻاهريون ماڻهو اچي، ته لاش ان کي کڻائي قبرستان ڏانهن موڪليو وڃي، سو هي ست ئي يار، فقير سميت، سچ لڻي ساڻ جيئن ان شهر ۾ پهتا، تيئن بادشاهه جي ماڻهن کين پڪڙي. وڃي بادشاهه وٽ پيش ڪيو، جنهن يڪدم کين لاش کڻائي ڪانڌي ڪري مقام ڏانهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روانو ڪيو. جڏهن شهزور بادشاهه ۽ سندن ساٿي اتي پهتا، تڏهن ڪين اتي رات پئجي ويئي. شهزور ۽ سندس ٻيا ساٿي سمهي پيا، باقي پهرئين پهر لوهار پهرو ڏيڻ لڳو.

ٿوريءَ دير ڪان پوءِ، هڪ پوڙهو ڪن پٽ جوڳي آيو، جنهن اچي مرليون وڄائڻ شروع ڪيون. مرلين جي آواز تي لاش جي وات مان اچي گگ پيئي، ۽ آهستي آهستي سندس بدن مان هڪ ڪارو نانگ نڪتو، جو مرلين جي وڄت تي ناچ ڪرڻ لڳو، ۽ شهزادو ڪلمو پڙهي، نوبنو تي اٿي ويهي رهيو. لوهار به سڀ لقاءُ پئي ڏٺو، تنهن وجهه وٺي تلوار هٽي نانگ کي ماري وڌو، ۽ ڪڏ ڪٽي ان ۾ نانگ کي پوري چڏيائين. پوءِ پنهنجو پهريون پهر پورو ڪري، هرڻ واري همراهه کي اٿاري، شهزادو ۽ پاڻ چپڙي ڪري سمهي رهيا.

هرڻ واري همراهه کي پهرو ڏيندي، اڃا ٿوري دير گذري هئي، ته ڏسي ته تي پريون لهي آيون ۽ هڪ چؤيڙ سنئين ڪري، ان تي ويهي راند کيڏڻ لڳيون. هرڻ واري همراهه به وجهه وٺي هڪ ئي ڌڪ سان تنهي کي پورو ڪري، چوپڙ ڪٽي ور ۾ هٽي چڏي ۽ پوءِ پنهنجو پهر پورو ڪري، وري فقير يعني ديون جي سردار کي اٿاري، پاڻ سمهي پيو.

فقير کي پهرو ڏيندي، اڃا ٿورو ئي وقت ٿيو هو، ڏسي ته ڪا شيءِ آهي، جا مقام ۾ هُل ڪريو بيٺي آهي. ويجهو وڃي ڏسي ته هڪ ڏائڻ آهي، جا ڪنهن تازي مئل ماڻهو جو هانءُ ڪڍيو پيئي کائي، ۽ دانهون به پيئي ڪري، فقير به لڪي لڪي وڃي تکا جو ڌڪ ڪرايس ته ڏائڻ جو ساهه نه تو ڏٺو نه مون ڏٺو، جهڙي هئي ئي ڪانه! آخر فقير به پنهنجي پهري جو وقت پورو ڪري، شهزور کي اٿاري، پاڻ اچي سمهي رهيو.

شهزور بادشاهه کي اڃا گهڙي ڪن مس ٿي هئي، ته سڄي مقام مان رڙين جا آواز اچڻ لڳس. شهزور بادشاهه به يڪدم ترار هٿ ۾ ڪٽي، انهن رڙين جي آواز ڏانهن هلڻ لڳو. جڏهن ويجهو پهتو، ڏسي ته ننڍين ٻارن جو گوڙ لڳو پيو آهي، سڀ پيا رڙيون ڪن. شهزور

چوڪرن ڪان پڇيو تہ "توھان سان ڪھڙي ويڌن ٿي آھي، جو رڙيون پيا ڪريو؟" تڏھن چوڪرن چيس تہ "ھانءُ ٿوريءَ دير ۾ ست سِسيو راڪاس ايندو، پوءِ جيڪو بہ اسان مان ٿلھو ڏسندو، ان کي کائي ويندو. خدا جي واسطي اسان جي جان بچاءِ!" ايتري ۾ ست سِسيو راڪاس بہ اچي ڪڙڪيو. شھزور بادشاھ ھڪ طرف ٿي بيٺو، ۽ راڪاس جون پھرئين ئي ڌڪ سان ست ئي سسيون لاھي ان کي ماري رکيائين، ۽ اُن جو ڪَن- پُڇ وڍي، ور ۾ ھٽي، اچي سمھي رھيو.

آخر صبح ٿيو تہ شھزور بادشاھ ۽ سندس ساٿي، بادشاھ جي پٽ کي صحيح سلامت وٺي واپس موٽيا. جڏھن بادشاھ وٽ پھتا، تڏھن بادشاھ کي چيائون تہ "جيڪڏھن اسين توکي تنھنجو پٽ بلڪل چڱو ڀلو ڪري ڏيون، تہ پوءِ اسان کي ڪھڙو انعام ڏيندين؟" بادشاھ چيو تہ "جي توھان مون کي پنھنجو پٽ چڱو ڀلو ڪري ڏنو، تہ آءُ توھان کي اڌ راڄ ۽ اڌ ڀاڱ ڏيندس، ۽ پنھنجي وڏي ڌيءُ بہ توھان کي پرڻائيندس." سڀني اھا ڳالھ منظور ڪئي ۽ شھزور بادشاھ جي صلاح سان، شھزادي جي ڀانھن ان بادشاھ جي ھٿ ۾ ڏيئي، سندس (ڌيءَ) شھزادي ڪونج واري ھمراھ کي پرڻايائون، ۽ شھزور جو خنجر ھن کي نشانيءَ طور ڏيئي، ٻيو ٻڪرار بہ ان جي خدمت لاءِ ڇڏي، پاڻ وري اڳتي ھلڻ لڳا.

ھلندي ھلندي، ھنن کي رات پئجي ويئي، پر ھي ھڪليندا ھڪليندا، نيٺ ھڪ ٻي بادشاھيءَ ۾ اچي پھتا، ۽ ھڪ ھنڌ رھي پيا. فقير کي حڪم ڪيائون تہ تون ڪتان سيڌو آڻ، تہ ماني تيار ڪريون. ٿوريءَ دير ۾ فقير سيڌو آٽي حاضر ڪيو، ۽ ھرڻ واري ھمراھ ماني تيار ڪري ورتي.

مجانءُ اتي ڪو ٻيو بہ راڪاس رھندو ھو. اُن ملڪ جو بادشاھ اُن راڪاس کي روزانو چانور، ھڪ سانھ پاڏو، ھڪ ماٺھو ۽ اواڏو پاٽيءَ جو ڏيندو ھو، تنھن ڪري ان مصيبت کان بچڻ لاءِ بادشاھ چوڌاري پڙھو گھمائي ڇڏيو تہ "جيڪو بہ انھيءَ راڪاس کي ماريندو، ان کي اڌ راڄ، اڌ ڀاڱ، ۽ وڏي ڌيءُ پرڻائيندس!" سو جڏھن ھرڻ واري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

همراھ اُها ماني تيار ڪري رکي، تڏهن اهو راڪاس ”ٻلي“ تي چڙهي آيو، ۽ هرڻ واري کي ٻڌي، سڀ ماني کائي ويو. جڏهن هن کان پڇيائون تہ ”ماني ڪٿي؟“ تہ هرڻ واري چيو تہ ”ماني مون کائي ڇڏي!“ تڏهن سيني چيس تہ ”ادا، چڱو ڪيئي.“ ٻيءَ رات وري ٻئي کي ويهاريائون، اُن سان بہ اِها حالت ٿي. ساڳيءَ طرح پوڙهي فقير تائين سينيءَ سان اِها حالت ٿيندي رهي، پر سچي ڪنهن بہ ڪانہ ڪئي. آخري رات جڏهن شهزور جو وارو آيو، تڏهن هو بہ طعام تيار ڪري ويهي رهيو، تہ ڪنهن مهل سڄيءَ جاءِ ۾ گهنگهرن جي آواز جو شور مچي ويو. شهزور وائڙو ٿي، هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو، تہ ايتري ۾ اهو ساڳيو راڪاس، جو روزانو شهزور جي ساٿين کان ماني کائي ويندو هو، سو آيو، ۽ روزاني عادت وانگر بنان ڪنهن پڇا ڳاڇا جي، اچي ٿانون جا ڍڪ لاهڻ لڳو. شهزور يڪدم ٽپ ڏيئي اُٿيو، ۽ هڪل ڪري پڇيائينس تہ ”ڪير آهين؟“ تنهن تي اُن ”ٻلي“ تي سوار چيس تہ ”آءُ راڪاس آهيان، مون سان گوڙ نہ ڪر! جي پنهنجو خير گهرين، تہ ماٺ ڪري ويهي رھ، آءُ نہ تہ گهران تہ ڪو تو جهڙو جوان منهنجي هٿان مري!“ شهزور بادشاھ ڪڙڪي چيس: ”پر آءُ تہ چاهيان ٿو تہ تو جهڙو منحوس منهنجي هٿان مري!“ اها ڳالھ ٻڌي راڪاس ٽپي باھ ٿي ويو، ۽ اُٿندي ئي شهزور تي وار ڪيائين، پر شهزور تہ اڳ ۾ ئي مجيل پهلوان هو، تنهن وجهندي ئي ٻَڪُ، بہ چار اندريان ٻاهريان جاڻنا جو هنيس تہ ڦان ڪري اچي هيٺ ڪِريو. شهزور بہ ٽپ ڏيئي چڙهي وينس سيني تي، ۽ ترار ڪڍي ٿي ڪنائينس، تہ راڪاس چوڻ لڳس: ”يار، تون مون کي دغا ڪري جاڻنا هٽي ڪيرايو آهي، اها ڳالھ نيڪ نہ آهي!“ پر شهزور بادشاھ هٽندي ئي ترار اتي ئي پورو ڪري رکيس. پوءِ سندس ڪن پڇ وڍي، سڌو اچي اتي جي بادشاھ کي ثبوت طور ڏنائين، ۽ پوءِ اُن کان اڌ راڄ اڌ ڀاڳ ورتي، هرڻ واري کي ڏنائين، ۽ بادشاھ جي ڌيءُ بہ هن کي پرڻايائين. پوءِ ان کي اتي ڇڏي ۽ ڪوھ واري همراھ کي هن جي خدمت لاءِ اتي مقرر ڪري، وري اڳتي هلڻ لڳا. هلڻ وقت هرڻ واري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهلوان کي هڪ ڪپ نشانيءَ طور ڏنائين، ۽ چيائينس ته ”جيڪڏهن هي ڪپ ڪٽجي، ته سمجهج ته منهنجو خير ڪونهي!“

هلندي هلندي، هنن کي هڪ ٻيلي ۾ رات پئجي ويئي، ۽ رات گذارڻ لاءِ لاچار هنن کي اتي ئي رهڻو پيو. انهيءَ ٻيلي ۾ ٻه هڪ آفت رهندي هئي، جنهن جي خوف کان شينهن شير خدا جا ٻيلو ڇڏي ڀڄي ويا هئا. اُن ٻيلي ۾ هڪ شهمير نالي ڏاڙيل به رهندو هو، جنهن شهر مان هڪ شهزادي کٽي اچي اُن ٻيلي ۾ ويهاري هئي. اُن رهزن وٽ ڪجھ مينهون ۽ هڪ قداور ڪتو به هو، جن جي وسيلي هو اُنهيءَ خوفناڪ آفت کان پاڻ بچايو وينو هو. جڏهن شهزور بادشاهه ۽ سندس ساٿي، لوهار ۽ فقير ٻيلي ۾ هلڻ لڳا، تڏهن ڪين اُها جاءِ ڏسڻ ۾ آئي، جنهن ۾ اُها شهزادي رهندي هئي. اُن وقت اهو ڏاڙيل مينهون چارڻ لاءِ جهنگ ويل هو، ۽ شهزادي اڪيلي ان جاءِ ۾ وينـي هئي. هي سڌو ان جاءِ ۾ گهڙي ويا، ۽ ان عورت کي چيائون ته ”اسين مسافر آهيون، ۽ ڏاڍي بک لڳي اٿئون، جيڪڏهن اسان کي ماني کارائيندينءَ ته تو کي ثواب ملندو!“ شهزاديءَ هنن کي ماني انهيءَ شرط تي کارائي ته ’ماني جهوليءَ ۾ وجهي کائيندا به وڃو ۽ ڀڄندا به وڃو، ڇوته اُن شهمير بدمعاش وٽ جيڪو ڪتو آهي، سو ٻارنهن ميلن اندر ڪنهن به مسافر کي جيئرو نه ڇڏيندو آهي.‘

شهزادو ته ڪافي عقلمند هو، سو يڪدم هي راز سمجهي ويو ته ضرور بدمعاش هن شهزاديءَ کي ڪٿان زوري کٽي آيو آهي ۽ هي معصوم زبردستي پنهنجي جواني سورن ۾ پيئي ساڙي. ٿوري دير کان پوءِ شهزاديءَ هنن کي ماني تيار ڪري، آٽي ڏني ۽ ڪين ڀڄڻ لاءِ هوشيار ڪيائين. شهزور بادشاهه ماني کٽي ميل ڏيڍ پنڌ تي وڃي، پنهنجي ساٿين کي سڌي صلاح ڪئي ته ”هن شهزاديءَ کي انهيءَ آزار مان آزاد ڪري، پوءِ اڳتي هلندا سون.“ اها صلاح ڪري، سيئي گڏجي هڪ وڻ تي چڙهي ويهي رهيا.

سج لٿي کان پوءِ، شهمير بدمعاش به مال ڪاهي گهر موٽيو. ڪتي ايندي شرط جو اتي ڌارين ماڻهن جا پير ڏٺا، سو پير سونگهيندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوڏانهن رخ رکيائين، جيڏانهن شهزور بادشاهه ويو هو. شهمير ڏاڙيل به اهو رنگ ڏسي، گرز کڻي، ڪتي جي پويان وجهڻ لڳو. هلڻ وقت شهزاديءَ تي به ڪجهه ڪاوڙيو ته ڌارين ماڻهن کي ڇو تي گهر ۾ اچڻ ڏنائين.

خير، قصو ڪوتاهه، ڪتو پير سونگهيندو اچي اتي پهتو، جتي شهزور ۽ سندس ساٿي وڻ تي چڙهيا وينا هئا. ڪُتي اچڻ سان وڻ تي ٽپ ڏيڻ شروع ڪيا، پر وڻ تي چڙهي نه سگهيو، ۽ اتي ئي هيٺ ويهي سهڪڻ لڳو. شهزور جي ساٿين جو ته ساهه ئي سڪي ويو هو، باقي شهزور هوشيار ٿي سڀ رنگ جانچي رهيو هو. هن ڏٺو ته هينئر ڪتو سهڪي پيو، پر ٿڪ ڀڃي وري ٽپ ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو، اجا ان خيال ۾ هو، ته سندس نظر اوچتو شهمير تي پيئي، جيڪو پريان گرز کڻيو پئي آيو. هن سوچيو ته اهو ضرور اسان کي مارڻ پيو اچي، سو ڇا ڪيائين، جو اجا شهمير ان وڻ هيٺ پهتو ئي مس، ته مٿانئس کٽي پنهنجي سامان واري هڙ اُڇليائين. هڙ جي ڪرڻ سان ڪتي سمجهيو ته مٿان ڪو ماڻهو ڪريو آهي، سو ڏيندي ٽپ هڙ تي چڙهي ويو، ۽ هٽندي چڪ شهمير جا آنڊا اوجهريون ڪڍي رکيائين. شهمير ويچارو اُتي ئي ڦٿڪي مري ويو، ۽ ڪتو وري وڃي پريان ڊِپ تي ويهي رهيو. شهزور جي ته مرضي اِها هئي ته هي بدمعاش مري، سو وجهه وٺي ٽپ ڏيئي هيٺ لٿو، ۽ شهمير وارو گرز کڻي، نڪاءُ جو ڪرائي ڪُتي کي، ته ڪُتو اُتي ئي ڍير ٿي پئجي رهيو.

اُن وقت رات ٿي ويئي هئي، تنهن ڪري هي وري به وڻ تي چڙهي ويهي رهيا. اجا رات ٿوري گذري هئي، ته هڪ ٻلي جهڙي آفت اچي اُن وڻ هيٺ نڪتي، ۽ هنن کي وڻ تي ويٺل ڏسي، اُها آفت وڻ تي چڙهڻ لڳي. شهزور جڏهن آفت کي مٿي چڙهندو ڏٺو، تڏهن لڪي گرز هنيائينس، پر گرز جو هن تي ڪوبه اثر نه ٿيو، رڳو هيٺرو ٿيو جو مٿي چڙهڻ کان بان ڪري ويهي رهي. آفت جڏهن وڏيڪ مٿي چڙهي نه سگهي، تڏهن ويهي ان وڻ جون پاڙون کوٽڻ شروع ڪيائين. قدرت سان، جڏهن پاڙون ٻيون پٽي دنگ ڪيائين ۽ باقي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ پاڙ رهي، سا جيئن زور ڏيئي تي پٽيائين تيئن وڻ بہ تڙڪات ڪري اچي ان آفت جي مٿان ڪِريو، ۽ اُها آفت اُتي ئي ان وڻ هيٺان دٻجي مري ويئي. اها رات تہ اُتي ئي ويچارا ٽيئي ڄڻا وڻ جي اوٽ ۾ لڪا ويٺا رهيا، پر صبح جو جڏهن ڏٺائون تہ آفت اُن وڻ هيٺ مئي پيئي آهي، تڏهن ڏاڍا سرها ٿيا. پوءِ شهزور بادشاه ان جو ڪَن پيچ وڍي پاڻ سان کنيو، ۽ ٽيئي دوست گڏجي شهزاديءَ ڏي وڃڻ لڳا.

ٿوري دير ۾ هي ٽيئي ڄڻا اچي ان شهمير واريءَ شهزاديءَ وٽ پهتا، ۽ شهزور ڪيس ڪُتي، شهمير ۽ آفت جي مرڻ وارو سمورو قصو ٻڌايو، ۽ اهو بہ ٻڌايائينس تہ "منهنجو نالو شهزور بادشاه آهي."

شهزاديءَ هنن کي ٻڌايو تہ "آءٌ بہ هڪڙيءَ ولايت جي بادشاه جي ڌيءَ آهيان، پر بدقسمتيءَ سان هن شهمير بدمعاش مون کي آڻي هن جهنگ ۾ قيد ڪيو آهي، پر وري بہ خدا جو شڪر آهي، جو توهان جي مدد مون کي هن ڏاڍيل جي مصيبت مان ڇڏايو آهي.

شهزور بادشاه اُن وقت ئي پنهنجي ساٿين کي سنيرائي، تيار ٿي، شهزاديءَ کي وٺي اچي اُن ولايت ۾ پهتو، ۽ اُتي جي بادشاه وٽ وڃي سندس ڌيءُ حوالي ڪيائين، ۽ ٻي بہ سموري حقيقت ٻڌايائينس، ۽ پنهنجي بهادريءَ جي ثبوت لاءِ وري آفت جا وڍيل ڪَن ۽ پيچ ڪڍي ڏيکاريائينس. بادشاه ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ سڄي محلات ۾ عاليشان جشن ڪيائين ۽ ان خوشيءَ جي موقعي تي اها شهزادي پڻ شهزور کي عطا ڪيائين، جنهن وري اها شهزادي پنهنجي دوست لوهار کي پرڻائي. لوهار کي اتي ڇڏي، باقي فقير کي پاڻ سان وٺي وري اڳتي روانو ٿيو.

هي ٻيئي دوست پوءِ هلندي هلندي، جر جبل لتاڙيندي، هڪڙي اهڙي بيابان ۾ اچي نڪتا، جتي ماڻهوءَ جي تہ ڪا بوءِ ئي ڪانہ هئي. اُن بيابان جي پاسي ۾ هڪ شهر هو، جنهن کي چوڌاري قلعو ٻڌل هو. اُن ڪوٽ جو سؤ مڻ جو لوهي هڪ دروازو هو، جو سج لهڻ کان پوءِ بند ٿي ويندو هو، ۽ وري صبح جو کلندو هو. شهزور بادشاه، فقير کي ٻاهر ويهاري، جڏهن ان شهر ۾ اندر گهڙيو، تہ ڇا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسي تہ حلوائين جا دوڪان تازي مٺائيءَ سان ڀريا پيا آهن، ڪپڙي جا دوڪان ڪپڙي سان تمتار ٿيا پيا آهن، ميوات جا دوڪان تازيءَ ميوات سان ڍَڪيا پيا آهن، پر سڄي شهر ۾ ڪو ماڻهو ئي ڪونهي! هن کي ڏاڍو عجب لڳو، پر هي اڳتي هلندو ويو. ٿورو پنڌ ڪيائين، تہ هڪ عاليشان محلات نظر آيس، ۽ بسم الله ڪري گهڙي پيو اُن محلات ۾. ڇا ڏسي تہ هڪ خوبصورت عورت تمام گَهريءَ ننڊ ۾ سُتي پيئي آهي. هي ماٺ ڪري هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو، تہ اوچتو هن جي نظر دريءَ تي اُڪريل هڪ منتر تي وڃي پيئي. اصل ڳالهہ هيءَ هئي تہ اُهو منتر پڙهي، هڪڙو ديو اُن راڻيءَ کي ننڊ ۾ سمهاري ويندو هو. سو شهزور بادشاهہ بہ اهو منتر پڙهي، جڏهن راڻيءَ تي شوڪاريو، تہ راڻي يڪدم اُٿي ويهي رهي. راڻي پهرين تہ ڪاوڙجي پئي تہ 'ڪير آهين ۽ هتي ڇو آيو آهين؟' پر پوءِ پاڻ جهڙو انسان پنهنجي سامهون بيٺل ڏسي، هڪدم نرم ٿي وئي، ۽ ٻيو تہ شهزور بادشاهہ جي سونهن هن جي دل تي اثر ڪيو، سو ٿوري ئي وقت ۾ پاڻ ۾ رلي ملي ويا، ۽ هڪ ٻئي سان پنهنجا پنهنجا احوال اورڻ لڳا. ڪجھہ وقت ڪان پوءِ، راڻيءَ شهزور کي چيو تہ "هاڻي ديو جي اچڻ جي مهل ٿي آهي، تنهن ڪري تون ڪٿي لڪي وڃ!" پر شهزور کيس دلاسو ڏنئي، چيو تہ "تون ڊپ نہ ڪر، الله مڙيئي چڱي ڪندو، تون رڳو ديو کي اچڻ ڏي!" پوءِ تہ وري بہ ويهي پاڻ ۾ پيار محبت جون ڳالهيون ونڊڻ لڳا. آخر جڏهن ديو جي اچڻ جو گوڙ ٿيڻ لڳو، تڏهن راڻيءَ شهزور کي هڪ پيٽيءَ ۾ لڪائي ڇڏيو.

جڏهن ديو آيو، تڏهن راڻيءَ کي اٿاري، هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو: "آدم بوءِ، آدم بوءِ!" راڻي ويچاري پهرين تہ ڏڪي وئي، پر پوءِ چيائينس: "هتي آءٌ ئي هڪ آدمزاد آهيان، مون کي ئي کٽي کاءُ، باقي ٻيو تہ هتي ڪير ئي ڪونهي." تنهن تي ديو ڏند ڪڍي کلڻ لڳو، ۽ پوءِ اچي راڻيءَ سان پيار جون ڳالهيون ڪرڻ لڳو. راڻي بہ، شهزور جي چوڻ موجب، ديو سان بي دليا ناز نخرا ڪرڻ لڳي، ۽ چيائينس تہ "سڄي عمر مون ۾ اعتبار ڪيئي، پر اڄ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون تي شڪ آڻي بي عزت ڪيو اٿئي!" ديو ان تي شرمسار ٿي، راڻي کان معافي گهرڻ لڳو. پر راڻي مڪر ڪري، تيئن اچي روئڻ ۾ پيئي. نيٺ ديو پرچائڻ لاءِ اچي، جڏهن ڳراٽڙي پاتيس، تڏهن چيائينس ته "هن سڄ ۾ تو کان سواءِ منهنجو ٻيلا ٻيو ڪير آهي؟ مِٽ به ويا، مائٽ ويا. باقي آءٌ هت اڪيلي، خدا ٻيو خير ڪري تون به وري وڃين هليو ٻاهر! مون کي ته ڊپ آهي ته جيڪڏهن توکي ڪٿي ڪو ماري وجهي، ته پوءِ مان ته هتي در بدر ٿي ويندس!"

چوندا آهن ته مرد، جي جبل جي چوٽيءَ تي چڙهي وڃي، ته به زال کيس چيٽيءَ جي اشاري سان لاهي سگهي ٿي، پر جي زال کنهن خسيس پٿر تي چڙهي ويهي رهي، ته مرد ڪيڏي به ڪوشش ڪري، پر زال کي نه لاهي سگهندو. سو بيوقوف ديو به راڻيءَ جي مٺئين ڳالهه تي ٽڙڻ لڳو ۽ سمجهيائين ته هاڻ راڻي مون سان سچ پچ پيار ٿي ڪري، سو کيس چوڻ لڳو: "جاني، تون دلجاءِ ڪر، منهنجو مارڻ ڪو اهڙو سولو نه آهي! چو ته منهنجو ساهه، هتان کان سؤ ميل پري، الهندي طرف هڪ ڪوهه آهي، جنهن جي مٿان سؤ مڻن جي ڳري ڇپ رکيل آهي ۽ ان ڪوهه ۾ هڪ پڃرو آهي، جنهن ۾ هڪ چتون وينل آهي. اُن چتونءَ ۾ منهنجو ساهه آهي، جيسين اهو چتون نه مرندو، تيسين مان به نه مرندس. پر جيڪڏهن ڪو مون کي ماري به ڪٽي، ته به منهنجو ٻول آهي ته ان کي پنهنجي رت ۾ ئي ٻوڙي ماريندس. مون کي فقط شهزور بادشاهه ئي ماري سگهندو، باقي ٻئي کنهن جي جاءِ نه آهي." راڻي اهي ڳالهيون ٻڌي ڏاڍي خوش ٿي ۽ شهزور جو نالو ٻڌي هيڪاري خوش ٿي، پر ظاهريءَ طرح وري به ديو کي ٻاڪر پائڻ ۽ چمڻ- چٽڻ لڳي ۽ چيائينس: "مٺا، هاڻي مون کي پڪ ٿي ته تون مون کي دل سان گهرين ٿو!"

خير، قصو ڪوتاهه، صبح ٿيڻ تي ديو ته روز وانگر هليو ويو. پوءِ شهزاديءَ شهزور بادشاهه کي پيتيءَ مان ڪڍيو، ۽ رات واري سڄي حقيقت کيس ٻڌايائين. شهزور بادشاهه ڳالهه ٻڌي، يڪدم ڪوهه ڏانهن وڃڻ لاءِ تيار ٿيو، ۽ وڃڻ وقت راڻيءَ کي هڪ منڊي نشاني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنائين ۽ چيائينس ته "جيڪڏهن هيءَ منڊي ڪاري ٿي وڃي، ته سمجهجانءَ ته شهزور مري ويو."

راڻيءَ کي الوداع چئي، شهزور بادشاهه ڪوهه جو رخ رکيو، ۽ کهندي ڪهندي، منزلون ڪندي، آخر اچي اُن ڪوهه وٽ پهتو. پهلوان ته اڳ ۾ ئي هو، سو خدا کي ياد ڪري، تڪا جو سؤ مڻيءَ چپ کي ٺڏو ڪرايائين. ته چپ سؤ قدم وڃي پري ڪِري! پوءِ اندر هٿ وجهي، يڪدم پڃري کي ڇڪي ٻاهر ڪڍيائين ۽ پڃرو کڻي وري واپس راڻيءَ ڏانهن رخ رکيائين.

هيڏانهن ديو کي جا خبر پيئي ته هن جو ساهه ڪنهن جي مٺ ۾ اچي ويو آهي، سو به ڊوڪندو آيو. شهزور به ڪاهيندو اچي راڻيءَ وٽ پهتو ۽ اُتي پهچڻ سان چتون ڪڍي ان جي هڪ ٽنگ پٽيائين، ته ديو جي هڪ ٽنگ ڀڄي پيئي، پر ته به ديو هڪ ٽنگ تي هن کي مارڻ لاءِ سامهون ڪاهيندو آيو. شهزور وري چتونءَ جي ٻي ٽنگ پٽي، ته وري ديو ڀِيرِ تي ڊوڪندو هن جي ويجهو پوڻ لڳو. اتي شهزور چتونءَ جي پرين هڪڙي ڪنيڙاٽي، پوءِ ٻي ۽ پوءِ آخر ڳچي پٽي ڪڍي پٽ تي هڻئي، ته ديو به دير ٿي اُتي ئي ڪري پيو... پر سندس رت چوڏاري، ڦوهارا ڪري وهڻ لڳو! اتي شهزور ۽ راڻي دروازا بند ڪري ويهي رهيا ۽ ٽن ڏينهن کان پوءِ جڏهن ديو جو رت سُڪو، تڏهن هي دروازو کولي ٻاهر نڪتا.

شهزور يڪدم فقير کي پاڻ وٽ گهرايو. جڏهن فقير شهزور وٽ پهتو، تڏهن هن کيس محلات تي پهري ڏيڻ لاءِ چڏيو، پر فقير، جيڪو اصل ۾ ديو هو، تنهن جو ڇهن مهينن جي ننڊ جو مدو پرجي آيو هو. سو شهزور کان اجازت وٺي سمئون نئون ٿي سمهي رهيو. سمهڻ وقت شهزور کي چيائين ته "جيڪڏهن ڪا به مشڪل اچي وڃي ۽ منهنجي مدد جي ضرورت پوي، ته پوءِ هي لوهه جا ٻه گولا منهنجي نڪ ۾ وجهي نوڪجو ته آءٌ سجاڳ ٿي پوندس، ڇو ته پوءِ منهنجو ساهه اچي مُنجهندو، پر جنهن وقت آءٌ اٿان، ان وقت منهنجي منهن کان ڀڄي پري ٿجو، ڇو ته اُٿڻ سان آءٌ ڇڪ ڏيندس، جنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري اُهي گولا زور سان نڪ مان نڪرندا، متان اهي توهان مان ڪنهن کي لڳن ۽ ڪو مري پوي!“

قصو ڪوتاهه، فقير ته سمهي پيو، باقي راڻي ۽ شهزور بادشاهه پنهنجي محلات ۾ مزي جا ڏينهن گذارڻ لڳا. قدرت سان اُن شهر جي پر ۾ ٻيو به هڪ شهر هو، ۽ اُتي جو بادشاهه به اُن راڻيءَ تي اڳ ۾ ئي ڪو عاشق هو، پر جڏهن اُن راڻيءَ کي ديو کڻي ويو، تڏهن هي لاچار ماٺ ڪري ويهي رهيو هو. پر جڏهن ڪيس اها خبر پيئي ته هاڻي اُن ديو کي ڪنهن راهگير شخص ماري، راڻيءَ کي پنهنجي قبضي ۾ ڪيو آهي، ته هن کي وري راڻيءَ جي هٿ ڪرڻ جو خيال ٿيو. آخر گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ، هن هڪ ڏوتي راڻيءَ ڏي موڪلي، ته جيئن اُها وڃي راڻيءَ کي هٿ ڪري اچي.

ڏوتي به بنهه ڪا استاد هئي! سو ايندي شرط، هن ڳالهين ۾ ئي راڻيءَ کي ريبي، کڻي پنهنجو ڪيو ۽ اُتي ئي راڻيءَ وٽ پورهيت ٿي ڪمائڻ لڳي. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ڏوتيءَ راڻيءَ کي چيو ته، ”تون پنهنجي مڙس، شهزور کان پڇ ته سندس ساهه ڇا ۾ آهي؟“ تڏهن راڻيءَ کِلي چيس ”ساهه هوندس پيٽ ۾، ٻيو وري ڇا ۾ هوندس؟“ اتي ڏوتيءَ چيو ”چري! توکي ناهي خبر، پهلوانن جو ساهه هميشه ڪنهن ٻيءَ شيءِ ۾ هوندو آهي. جيڪڏهن تنهنجو مڙس توکي دل سان گهرندو هوندو، ته اها ڳالهه توکان ڪڏهن ڪين لڪائيندو.“ چوندا آهن ته زالون زالن جو وياءُ، سو يڪدم هوءَ ڏوتيءَ تي وسهي ويئي.

جڏهن رات ٿي، ته راڻي ڪارا ڪپڙا ڍڪي، اونڌي کٽ ڪري، سمهي رهي. شهزور جڏهن راڻيءَ کي هن حالت ۾ ڏٺو، تڏهن پڇيائينس ته ”آخر ڳالهه ڇا آهي، جو يڪدم پنهنجا هي حال ڪري ڪيا اٿئي؟“ تڏهن راڻيءَ روئندي چيس ”جيڪڏهن تون مون کي گهڻو گهرين ٿو، ته مون کي ٻڌاءِ ته تنهنجو ساهه ڇا ۾ آهي؟“ شهزور سمجهي ويو ته هِي عقل هن کي ضرور ڪنهن دشمن ڏنو آهي، سو راڻيءَ کان پڇيائين ته ”اها مَت توکي ڪنهن ڏني آهي؟“ راڻيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌايس ته ”پوڙهي نوڪرياڻيءَ.“ اتي شهزور ڏوتيءَ جي سچي چالاڪي سمجهي ويو، پر شهزاديءَ کي دلاسو ڏيندي، چيائين ”منهنجي پياري راڻي! جيڪڏهن منهنجي محبت سچي آهي، ته ڪو به پنهنجو وار ونگو ڪري نه ٿو سگهي پر اها منهنجي نصيحت ياد رک ته هن پوڙهيءَ کان پاسو ڪج، باقي منهنجو ساهه هن ترار ۾ آهي.“

راڻيءَ اِها ڳالهه ڪنهن طرح ڏوتيءَ سان ڪري وڌي، جنهن اُن ڏينهن کان چيٽا چوندڻ شروع ڪيا، ۽ ٻن- ٽئن ڏينهن ۾ هڪ ڪوني چيٽن سان ڀري ڇڏيائين. آخر هڪ رات، شهزور کي سُتل ڏسي، سندس ترار کسڪائي ورتائين، ۽ ان چيٽن واريءَ ڪونيءَ کي باهه ڏيئي، ترار اُن ۾ اڇلايائين..... ته شهزور جيئن سُتو پيو هو، تيئن وري نه اٿيو. فقير اگ ۾ ئي ڇهن مهينن ۾ سَتل هو سو، ڏوتيءَ زبردستي راڻيءَ کي گهلي وڃي غوراب ۾ هنيو..... ۽ اهڙيءَ ريت هن کي ڪنيي، اچي ٻئي بادشاهه جي حوالي ڪيائين.

بادشاهه راڻيءَ کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ ڏوتيءَ کي ڏاڍا انعام اڪرام ڏيئي، خوش ڪري روانو ڪيائين. پوءِ اچي راڻيءَ کي چيائين ته ”شاديءَ لاءِ يڪدم تيار ٿيءُ!“ اِتي راڻيءَ هن کي چيو ته ”اسان ۾ پَر آهي ته جنهن جو مڙس مري ويندو آهي، اُها ٻارهن مهينا عدت ۾ ويهندي آهي، توهان ڀيو نه، ته به ڇهه مهينا مون کي ڇڏيو، پوءِ آءُ اوهان سان شادي ڪنديس!“ بادشاهه به سوچيو ته ’هاڻ هن جو ڪهڙو واهرو آهي، جو اچي هن کي ڇڏائيندو! سو هن کي خوشيءَ سان ڇهن مهينن جي موڪل ڏنائين.

ٻئي طرف ڪونج واري همراهه کي به پنهنجي ساٿين ڪان ٿي اچي ٻارهن مهينا ڪن ٿيا هئا ۽ ڀيو وري جو ڏٺائين ته سندس يار جي ڏنل نشاني به ڪاري ٿي ويئي آهي، سو ڊپ ۾ ڀرجي، اُٿي هن جي ڳولها ۾ نڪتو. ڪهندي ڪهندي، نيٺ اچي هرڻ واري همراهه کي هٿ ڪيائين. پنهنجي ساٿيءَ کي ڪمهلو اَيل ڏسي، پهرين ته هو اُٽنڊ ۾ پئجي ويو، پر پوءِ آدرياءُ ڪري، ڪيس ويهاري، خبرون چارون پڇڻ لڳس. ڪونج واري ٻڌايس ته ”شهزور جو هيءَ نشانيءَ طور ڏنل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خنجر ڪارو ڏسي، سمجھيم تہ ھو ڪنھن مصيبت ۾ آھي، سو ان جي مدد لاءِ نڪتو آھيان، ٻيو مڙيئي خير.“ اِتي ھرڻ واري ھمراھ بہ ٻوڙي وجي شھزور بادشاھ واري ڏنل ڪپ کي پيتيءَ مان ڪڍي ڏنو، تہ اھو بہ ڪارو ٿيو پيو آھي. پوءِ تہ ٻيئي دوست راتو واھ اُتان اُٿي ڀڄا ۽ ھلندي ھلندي، اچي لوھار وٽ پھتا. لوھار ھنن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو، پر جڏھن ھنن ڪيس حقيقت ٻڌائي، تہ ويچارو ھي بہ ڳڻتين ۾ پئجي ويو. وري اندر وڃي ڏسي تہ منڊي، جا ڪيس شھزور ڏني ھئي، سا بہ ڪاري ٿي پئي آھي، پوءِ تہ وار ئي ڪاندارجي ويس ۽ انھيءَ وقت ئي ٽيئي دوست سنيري نڪتا سفر تي.

ھلندي ھلندي اتي اچي پھتا جتي شھزور ۽ فقير ستل ھئا. ھنن شھزور کي اٿارڻ جي ڪوشش ڪئي، پر جڏھن ھو نہ اٿيو، تڏھن لوھار کي ڪجھ شڪ پيو ۽ ھو يڪدم پيتيون کولي شھزور جي ترار ڳولڻ لڳو. جڏھن اھا نہ لڌيس، تڏھن پنھنجي ساٿين کي چيائين تہ ”ڀرين ڪيئن بہ ڪري ترار ڳوليو!“ پوءِ تہ يڪدم سيئي ترار جي ڳولھا ۾ لڳي ويا. لوھار ڳوليندي ڳوليندي، ڏسي تہ ھڪڙي ڪوٺي سڄي چيٽن جي رک سان ڀري پيئي آھي، ھن يڪدم اُن ۾ گھڙي ھٿوراڙيون ڏنيون، تہ ترار ھٿ اچي ويس! پوءِ تہ يڪدم اچي ان کي صاف ڪرڻ وينو. ترار جو ھڪ پاسو صاف ٿيو، تہ شھزور ھڪ پاسو ورايو ۽ جڏھن ٻيو پاسو بہ صاف ٿي ويس، تہ شھزور يڪدم ڪلمو پڙھي اٿي ويھي رھيو ۽ پنھنجا ساٿي اتي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ٽپ ڏيئي اٿي، انھن سان ڀاڪر پائي ملڻ لڳو. پوءِ پنھنجي سڄي حقيقت ساٿين کي ٻڌايائين، جنھن تي لوھار چيس: ”تو تہ بيوقوفن جھڙو ڪم ڪيو، جو اھو راز راڻيءَ کي ٻڌايئہ، پر خير! ھاڻي ھن فقير کي اٿار، تہ راڻيءَ جي ڳولھا ڪريون.“ شھزور ڪين چيو تہ ”ھي بہ لوھي گولا ڪٺي نڪ ۾ نوڪي وجھوس!“ پوءِ ھنن اھي بہ گولا نوڪي فقير جي نڪ ۾ وڌا تہ يڪدم ھو ٽپ ڏيئي اٿي وينو ۽ وني جو چڪ ڏنائين تہ گولا سندس نڪ مان نڪاءُ ڪري ٻاھر نڪتا ۽ سامھون پٽ کي بہ چيري وڃي ٻاھر ڪريا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فقير هنن ڪان ڪڇيءَ نند مان اتارڻ جو سبب پڇيو. شهزور بادشاهه ڪيس سموري حقيقت ڪري ٻڌائي ۽ چيائينس ته "هاڻي راڻيءَ کي ڳولڻ جو بندوبست ڪر." پوءِ ته فقير اوڏي مهل اٿي راڻي جي تلاش ۾ روانو ٿيو.

هلندي هلندي، فقير اچي نيٺ انهيءَ ملڪ ۾ پهتو، جتي راڻي بند هئي. پوءِ هٽ ۾ هڪ ڪشتو کڻي، در در پنندو اچي راڻيءَ جي محلات جي در تي بيٺو. جڏهن اُتان خيرات وٺڻ لاءِ صدا هنيائين، ته راڻيءَ هن کي سڃاڻي ورتو ۽ اچي پڇيائينس ته "تون هتي ڪيئن آئين؟" فقير چيس ته آءُ توکي وٺڻ آيو آهيان، پر هاڻ تون هيءَ اٽڪل ڪر، جو بادشاهه کي چؤ ته توسان شادي ڪري، پوءِ شادي جي ڏينهن جڏهن بادشاهه جون سڀ عزيزياڻيون وغيره اچي محلات ۾ گڏ ٿينديون، تڏهن محلات کي ڏيندس مٿو، پوءِ سڌو هلي شهزور وٽ نڪرنداسون." راڻيءَ کي اها ڳالهه ڏاڍي وڻي، سو فقير سان ڳالهه پڪي ڪري، سڌو ويئي بادشاهه ڏانهن.

راڻيءَ بادشاهه کي اچي چيو ته "هاڻي آءُ توهان سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهيان!" بادشاهه جي الله ٻڌي، سو يڪدم اُتي تياريءَ ۾ لڳو ۽ سڄي شهر ۾ جشن ڪرڻ جو حڪم ڏنائين. آخر شاديءَ جي رات بادشاهه جون عزيزياڻيون ۽ اها ڏوتيءَ وغيره سڀ اچي بادشاهه جي سينگاريل محلات ۾ گڏ ٿيون. فقير به نڪا ڪئي هم نه ڪا ڪئي تم، يڪدم ڏيندي مٿو محل کڻي گهڙيءَ ۾ اچي شهزور وٽ ڪڙڪايائين. جڏهن بادشاهه ٻڌو ته سندس محل ۽ عزيزياڻيون سڀ غائب آهن، ته مٿان ٿي اهڙو ته پٽ تي ڪريو، جو وري ڪونه اٿيو.

شهزور بادشاهه پنهنجي راڻيءَ کي صحيح سلامت پاڻ وٽ ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ٻوڙي اچي هڪ ٻئي کي ڀاڪر پاتائون. ڏوتيءَ کي ان وقت ئي ان ديو سان پرڻائي روانو ڪيائون ۽ باقي ڏوتيءَ سان آيل لشڪر کي به فقير جي حوالي ڪري، پاڻ واپس موٽڻ لڳا.

شهزور بادشاهه، رستي ۾ پنهنجي راڻيءَ کي پاڻ سان وٺي، باقي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀين دوستن کي پنهنجي بادشاهيءَ ۾ ڇڏيندو، اچي واپس پنهنجي وطن پهتو. سندس پهرين راڻي ته سندس جدائيءَ ۾ گهڻو وقت ٿيو مري ويئي هئي. باقي سندن ماءُ پيءُ پنهنجي پٽ کي ڏسي، ڏاڍو خوش ٿيا. پوءِ ته ملڪ ۾ هر هنڌ جشن ۽ خوشيون، خير خيرات ٿيڻ لڳا. شهزور بادشاهه ۽ راڻي به باقي عمر سک سانت ۽ مزي خوشي ۾ بي اونا ٿي گذارڻ لڳا.

**(ماهوار اديون ڪراچيءَ جي ٿورن سان)**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڀاڳوند بادشاهه

هڪڙو هو بادشاهه، اُن پنهنجي لشڪر کي حڪم ڪيو ته "سڀاڻي شڪار تي هلنداسين، جنهن جي سامهون شڪار اچي اهو ئي ان جي پٺيان پئي!" ٻئي ڏينهن صبح جو، بادشاهه پنهنجي اتالي سميت جهنگ ڏي روانو ٿيو. اوچتو ئي اوچتو، هڪ هرڻ وڻن جي جهڳٽي مان نڪتو ۽ بادشاهه جي سامهون ٿي اڳتي وڌي ويو. بادشاهه به ڪٽي هرڻ جي پٺيان لغام ٿيڪيو. اڳيان هرڻ پٺيان بادشاهه، وڃي اهڙي هنڌ نڪتا، جتي وَسنهن نه واڙي، جهنگ به اُتي گهاٽو هو، هرڻ ڇال ڏيئي ان جهنگ ۾ گم ٿي ويو، ۽ بادشاهه حيران ٿي بيهي رهيو بادشاهه آخر وري گهوڙي کي وٺي ڊوڙايو، پر گهڻي پنڌ کان پوءِ به هن کي ڪا وسنديءَ نظر نه آئي. گهوڙو به سڄو ڏينهن اُڃ بک ۾ ڊوڙيو هو، سو به اچي ماندو ٿيو، ۽ ٿوري پنڌ ڪرڻ کان پوءِ اڳتي هلڻ کان جواب ڏيئي بيهي رهيو. خار ۾ بادشاهه گهوڙي کي ٻه ٽي چهبڪ وهائي ڪڍيا، گهوڙي کي اهڙو ڪو ڌڪ ٻلائتو لڳو، جو يڪدم ڪِري پيو ۽ مري ويو. بادشاهه هاڻ ته هيڪاري اچي پريشان ٿيو. آخر توڪل جو ترهو ٻڌي، پيرين پنڌ اتي اڳتي هليو. سڄ به اچي لٿو هو، بک ۽ اڃ ۾ بادشاهه ٻنهه بي حال ٿي پيو. ايتري ۾ اوچتو هڪ هنڌ چلڪو ڏسڻ ۾ آيس، ۽ منهن ۾ ڪجهه رونق آيس، ۽ همت ٻڌي وٺي ان طرف روانو ٿيو. مڃاڻ اهو چلڪو هڪ تلاءَ جو هو! جيئن تيئن ڪري بادشاهه اتي پهتو، پاڻي پيتائين ۽ ليٽيو، جهٽ کان پوءِ اگهور ننڊ ۾ پئجي ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي ڏينهن صبح جو بادشاهه ننڊ مان اٿيو، هيڏانهن هوڏانهن ڏٺائين ته بنهه بيابان آهي، نه ڏگ نه چارو. خيال ڪيائين ته هن بر ۾ ڪٿي تلاءُ آهي، ضرور ڪو جانور هتي ايندو هوندو. سو گهاٽي گاهه ۾ لڪي ويهي رهيو. جهٽ نه گذري ته هرڻن جو ٽولو پاڻي پيئڻ لاءِ آيو، ۽ پاڻي پي پر سان بيهي چرڻ لڳا. جڏهن بادشاهه جي پر سان هرڻ آيو، تڏهن بادشاهه اچانڪ ڏيئي ڪٽي تنگ مان ورتس، ۽ هڪ دم ليٽائي تڪبير وڏائينس، ۽ پوءِ سڄيءَ ڪوڙي ڪاٺيءَ کي گسائي، باهه ٻاري گوشت پچائي، پيٽ پري کاڌائين. اهڙي طرح روز پيو گذارو ڪندو هو. انهيءَ وچ ۾ بادشاهه جي حالت جهنگلين جهڙي ٿي ويئي هئي. ڪپڙا به اچي ڪُتس، جهنگ گهمي گهمي هڪ گاڏر چارو هٿ ڪيائين. پوءِ اڳي وانگر هڪڙو هرڻ جهلي، ان کي ڪٽي، اتي هڪ طرف روانو ٿيو، ٻن ٽن ڪوهن جي پنڌ کان پوءِ هڪ شهر نظر ۾ آيس. شهر ۾ گهريو ته ڦيريائين ڏٺائين ته هڪ ڊڪڻ وينو ڪاٺ ڪمائي. بادشاهه ڊڪڻ وٽ پهچي سلام ورايو، ڊڪڻ سلام جو جواب ڏيئي، پڇيس ته "يار، هرڻ ويڪو آهي ڇا؟" بادشاهه چيس ته "يا ته يار نه سڏين ها، جي يار سڏيو اٿيئي ته پوءِ ملهه وري ڪهڙا ٿو پڇين! جي گهرج هجيئي ته هرڻ حاضر آهي." ڊڪڻ گهڻو ئي زور ڀريس، ته پئسا وٺ، پر بادشاهه صفا جواب ڏنس. بادشاهه جڏهن وڃڻ لڳو، تڏهن ڊڪڻ چيو ته ادا، "الله اڙي اوچتي نه وجهندءِ، پر جي ڪنهن وقت ڪا ڏکيائيءَ پيش اچيئي، ته مان فلاڻي پاڙي ۾ وينو آهيان، هڪل ڪندين ته اچي حاضر ٿيندس!"

بادشاهه وري ساڳئي تلاءَ تي موٽي آيو. ٻئي ڏينهن به هرڻ کي جهليائين ۽ خيال ڪيائين ته شهر جي ٻئي پاسي ڏانهن وڃي هرڻ وڪڻي، ڪپڙو لٽو وٺان. اهو پور پچائي، شهر جي ٻيءَ ڪنڊ کان اچي نڪتو. ڇا ڏسي ته هڪ ملنگ وينو آهي. بادشاهه ملنگ کي سلام ڪيو، جنهن سلام جو جواب ڏيئي پڇيس ته "يار، هرڻ وڪڻين، ته ملهه ٻڌاءِ!" بادشاهه جواب ڏنس ته "فقير سائين، يا ته يار نه سڏين ها، پر جي يار سڏيو اٿيئي ته پوءِ ملهه ڪهڙو ٿو ڪٽائين! لوڙهه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجئي، ته هرڻ حاضر آهي." ائين چئي، بادشاهه هرڻ فقير کي ڏنو، ۽ پاڻ هلڻ لڳو. فقير چيس ته "بابا، الله ڪنهن ۾ ڪم ته ڪونه وجهندءِ پر جي ڪم پوئي ته اِنهيءَ دونهين تي پيو اچجانءِ!"

وري ٽئين ڏينهن به ساڳي طرح بادشاهه هرڻ کي پڪڙيو، ۽ شهر جون اڳيون ٻه ڪندون ڇڏي ٽينءَ ڪند جي راهه ورتائين. اڳيان هڪ سوداگر مليس. بادشاهه ان کي سلام ڪيو، ۽ هن وراڻي ڏيندي چيو ته "يار، ڪر خبر، هرڻ ويڪو آهي ڇا؟" بادشاهه چيو ته "يارن سان ڪهڙا مُلهه، اچي هرڻ تون ڪڻ!" جڏهن موٽڻ لڳو، تڏهن سوداگر چيو ته "خدا ڪو ڪم ته ڪونه وجهندءِ، پر جي ڪا گهڙي ڏکئي وقت جي پوئي، ته اسين حاضر آهيون! منهنجو نالو فلاڻو اٿيئي."

چوٿين ڏينهن به وري ساڳي ڪرت. هن ڀيري بادشاهه کي اتي جي بادشاهه جو پٽ مليو، جنهن کانئس، يار چئي، هرڻ ورتو، ۽ پاڻ کي هن جو دوست ڪري هليو ويو. بادشاهه موٽي اچي تلاءِ تي ليٽي پيو. اجا سج ئي نه اُڀريو هو ته هڪ وراڙي پير ڪٽي اچي تلاءَ جي ڀرسان وڃايا، ۽ بادشاهه کي ڪٽي ٻڌائون، چي: "تون خون ڪري هتي اچي لڪو آهين!" بادشاهه ويچاري اِهو اَمر الله طرفان سمجهيو، ۽ چپ چاپ هنن سان گڏجي هلڻ لڳو. جڏهن بادشاهه کي انهيءَ بادشاهي ۾ آندائون، جتي هي هرڻ ڏيئي ويندو هو، تڏهن هن کي ياد آيو ته واهِ اُهي ئي پيرا ڪنيا آهن، جن سان آءَ هرڻ ڏيئي موٽندو هوس. آخر بادشاهه کي اچي شهر جي بنديخاني ۾ بند ڪيائون، ۽ کيس ٻڌايائون ته "توکي سڀاڻي ڦاهيءَ تي چاڙهيو ويندو!" بادشاهه ڏادو پريشان ٿيو، آزيون نيزاريون ڪرڻ لڳو، وڏي واڪي دعائون پڙهڻ لڳو. مجاڻ قيد خاني ڀرسان اتان جو بادشاهه به اچي لنگهيو. انهيءَ جو، هن بادشاهه جون آهون دانهون ٻڌيون، تنهن ڇا ڪيو جو گهڙي ويو جيل ۾، ۽ داروغي کي چيائين ته "مون کي دانهن واري قيدي ڏي وٺي هل!" داروغي يڪدم هن کي قيدي بادشاهه وٽ پهچايو، جنهن وٽ بادشاهه پاڻ کي جيل جو داروغو ظاهر ڪيو، ۽ چيائينس ته

"جيڪڏهن توکي پنهنجي ڪنهن دوست يار سان ملڻو ڪرڻو هجي ته ٻڌاءِ، ته ان کي گهرائجي." قيدي بادشاهه چيو ته "مون پرديسيءَ کي هتي ڪير ڪونه ٿو سڃاڻي ها، باقي شهر جي فلاڻي پاسي هڪ ملنگ ويٺو آهي، اهو مون کي سڏي ڏيو." بادشاهه يڪدم فقير کي گهرايو، ۽ اهو قيدي بادشاهه جي آڏو پيش ڪيو ويو. فقير کي ڏسي هن چيو: "يار، پنهنجا حال اجهي هي اٿيئي!" ملنگ پنهنجي يار جي اها حالت ڏسي، سڀ ڪجهه سمجهي ويو، ۽ چيائينس: "يار، خدا ڪندو ته بادشاهه سياڻي توکي ڇڏي ڏيندو، پر جي نه ڇڏيائين ته شهر اسان ٻه غرق ڪنداسونس. هاڻي وڏي مزي سان رات گذار."

پوءِ قيدي بادشاهه کان پڇيائون ته "جيڪڏهن ڪو ٻيو يار هجيئي ته ان کي ٻه آندو وڃي؟" پڇڻ تي هن ڊکڻ جو نالو ڪنيو. تنهن تي ڊکڻ کي هڪدم وٽس حاضر ڪيو ويو. ڊکڻ کي ڏسي هن چيو ته "يار، اسان جي هاڻي الله توهار آهي، سياڻي بادشاهه ڦاسيءَ تي چاڙهي ڇڏيندو، مون چيو ته يار کان موڪلايو وڃان!" ڊکڻ چيس ته "يار خدا ڪندو، بادشاهه توکي سياڻي ڇڏي ڏيندو، جي نه، ته محلات جا ٿنيا مون ناهيا آهن، ۽ انهن ۾ هڪ اهڙي ڇير آهي، جي اُها ڪڍي وٺان، ته بادشاهه جي سڄي محلات ڇٽ تي وڃي. هاڻي الله کي ياد ڪر، سياڻي اسان توکان اڳي اُتي هوندا سين!" ائين چئي ڊکڻ رمندو رهيو.

پوءِ وري قيدي بادشاهه کان پڇيائون ته "ٻيو ڪو يار هجيئي ته ٻڌاءِ؟ هن پوءِ سوداگر جو نالو ٻڌايو، جنهن کي اتي جو اتي آڻي وٽس پيش ڪيائون. سوداگر، يار جي اها حالت ڏسي، حيران ٿي ويو، خبر چار ورتائينس. آخر قيديءَ بادشاهه سوداگر کي چيو ته "يار، چيم ته مَرون هونئين ٿا، سو يار سان موڪلاڻي ڪجي!" سوداگر جواب ڏنس ته "اسين تنهنجا يار باقي ڇا لاءِ آهيون، هاڻي، تون ڪو خيال نه ڪر، سياڻي آءُ دنيا جو واڪ ڏيندس، جي بادشاهه ان تي راضي نه ٿيو، ته آءُ انهن ٻن گهوڙن جو ٻه واڪ ڏيندس، جن تي بادشاهه عاشق آهي، پر جي انهن تي ٻه راضي نه ٿيو، ته پوءِ آءُ پنهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زال تان هٿ کڻندس. ان تي بادشاهه به عاشق آهي! پر انهيءَ تي به راضي نه ٿيو، ته پوءِ ڀائو، الله واهي!“ ائين چئي سوداگر هليو ويو.

قيديءَ بادشاهه کان وري به پڇيا ٿي ته ”اتئي ڪو ٻيو به يار دوست، ته ان کي به گهرائي وٺجي؟“ تنهن تي هن شهزادي جو نالو ٻڌايو. يڪدم شهزادي کي گهرايو ويو. شهزادي پنهنجي دوست جي اها حالت ڏسي، ڏک جو اظهار ڪيو، ۽ چيو ته ”يار، خدا ڪندو ته بادشاهه سياڻي توکي ڇڏي ڏيندو، جي نه ڇڏيائين ته پنهنجا به هٿ بادشاهه ۾ آهن پوءِ ڪٽڻ ڀاڳ!“ ائين چئي شهزادو به هليو ويو.

جڏهن صبح ٿيو، تڏهن بادشاهه ڪچهري گڏ ڪئي، ۽ قيديءَ بادشاهه کي به گهرايائين. جهٽ ڪانه گذري، ته سوداگر ٻه گهوڙا وٺي اچي ڪچهريءَ جي ٻر سان بيٺو. هڪ گهوڙي تي سون جون خرزينون هيون، ۽ ٻئي تي سندس سدا ملوڪ گهر واري ويٺي هئي. ٻئي پاسي ڊکڻ به محلات جي هڪ ڪنڌ وٺيو وينو هو. هوڏانهن شهزادو به پنهنجو لشڪر وٺي تيار ٿيو بيٺو هو. هڪڙي پاسي وري ملنگ پنهنجو سڄو هٿ رنبيءَ وانگر زمين ۾ پُرڙي وينو هو.

شهر جي بادشاهه کي ته اڳي ئي سيني ڳالهين جي خبر هئي باقي رڳو پئي ڀاڳوند بادشاهه جا ڀاڳ آزمايائين. سوداگر بادشاهه کي عرض ڪيو ته ”هيءُ خوني، سون جي بدلي مون کي توري ڏيو!“ بادشاهه انڪار ڪيو، تڏهن سوداگر پنهنجا گهوڙا آڇيا، پر بادشاهه وري به ”نه“ ڪئي. تنهن تي هن پنهنجي زال پيش ڪئي، پر بادشاهه اها ڳالهه به نه مڃي. وري ڊکڻ کي سڏ ڪيائين، پر ڊکڻ اتان ئي رڙ ڪئي ته ”جيئندا قبلا، ڀهريائين منهنجي يار کي آزاد ڪر، ته پوءِ اتان، نه ته محلات اچئي ٿي پَٽ تي!“

انهن ڳالهين مقالن کان پوءِ بادشاهه، ڀاڳوند بادشاهه کي آزاد ڪري، سوداگر کي ڀاڪر پاتو، ۽ سوداگر جي زال کي ڀيڻ ڪري گندي مٿي تي ڍڪائي، چيائين ته ”واقعي منهنجي نيت بد هئي، پر اڄ کان پوءِ تون منهنجي ڀيڻ آهين!“ ان بعد فقير کان معافي ورتائين، ڊکڻ کي انعام ڏنائين، اُن کان پوءِ پنهنجي پٽ کي ڀاڪر پائي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين ته ”بيشڪ تون حلالي ٻار آهين.“

انهيءَ کان پوءِ ڀاڳوند بادشاهه کي پنهنجي نياڻيءَ جو سڱ ڏنائين. جڏهن گهوٽ ڪنوار سيج تي ويٺا، تڏهن ڀاڳوند بادشاهه پنهنجي ڪنوار کي ٻڌايو ته ”شهزادي، آءٌ هتي رڳو اڄوڪي رات آهيان، سڀاڻي پنهنجي وطن ويندس. جيڪڏهين تون اوڏانهن گڏ هلين ته ڀلي، نه ته اسان جي الله توهار اٿيئي!“ شهزادي پهرين ته حيران ٿي ويئي، پر پوءِ چيائين ته ”نيڪ آهي، تنهنجي آءٌ ٻانهي آهيان. جيڏانهن تون، تيڏانهن آءٌ به تنهنجي پنيان!“ تنهن تي ڀاڳوند بادشاهه ٻڌايس ته ”شهزادي، مان پاڻ بادشاهه آهيان. تنهنجو پيءُ به منهنجو ڏنَ ڀرو آهي! تون فڪر نه ڪر، قسمت جي لکئي مون کي هتي آندو آهي، نه ته ڪير پاڻهي ايندو آهي!“

صبح جو ڀاڳوند بادشاهه پنهنجي سهري کي سڄي ڳالهه ٻڌائي، جو پڻ ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ بادشاهه ۽ شهزاديءَ کي خوشيءَ سان پنهنجي ملڪ موٽي وڃڻ جي موڪل ڏنائين.

**(سنڌي لوڪ ڪهاڻيون جي ٿورن سان)**

# چوبول راڻي

هڪڙو هو بادشاهه. بادشاهه ته پاڻ خدا آهي، پر هي زمين جي ٽڪري جو بادشاهه هوندو هو. هن جي هڪڙي اصيل نانگ سان ياري هوندي هئي. هڪڙي ڀيري اهو اصيل نانگ بادشاهه وٽ آيو، ۽ چيائينس ته "آءُ ڪنهن ڪم سانگي ڪجهه ڏينهن لاءِ ٻاهر وڃان ٿو، تنهن ڪري منهنجي گهَر جي پارت اٿئي." ائين چئي، نانگ موڪلائي ويندو رهيو.

ڪجهه عرصو گذري ويو. هڪڙي ڏينهن، اوچتو بادشاهه کي اها ڳالهه ياد آئي ته نانگ مون کي گهَر جي پارت ڪري ويو هو، پر اُءُ اڄ ڏينهن تائين اوڏانهن نه ويو آهيان. اهو خيال ڪري اٿيو، ۽ نانگ جي گهر ڏانهن رخ رکيائين. جنهن وقت نانگ جي گهر ۾ گهڙيو، ته ڇا ڏسي ته هڪ ڪپر نانگ سندس يار جي نانگڻ سان ستو پيو آهي. بادشاهه کي غيرت اچي ويئي سو يڪدم تلوار مياڻ مان ڪڍي، ڪپر تي وار ڪيائين. ايتري ۾ نانگڻ، جو بادشاهه کي وار ڪندو ڏٺو، تنهن ڇا ڪيو، جو پڇڙيءَ جي اُڇَل سان ڪپر نانگ کي ڇت تي اڇلي ڇڏيائين پر بادشاهه جي وار سان مرڳو سندس پڇڙي وڍجي پيئي. اتي بادشاهه کي ڏاڍو ويچار ٿيو ته هي ڇا ٿيو؟ ڪپر جي مرڻ بدران ماڳهين منهنجي يار جي نانگڻ جي پڇڙي وڍجي پيئي. هاڻي يار کي ڇا چوندس؟ انهيءَ ويچار ۾، بادشاهه موٽي پنهنجي محلات ۾ آيو.

ڪن ڏينهن کان پوءِ نانگ مسافري تان موٽي آيو. گهر ۾ گهڙڻ

شرط، هن جي نظر پنهنجي پچ وڍيل نانگڻ تي پيئي. نانگ حيران ٿي ويو، ۽ پنهنجي نانگڻ کان ان جو سبب پڇيائين. نانگڻ مڪر ڪري، روئي ٻڌايس ته "تون پنهنجي يار بادشاهه کي گهر جي پارت ڪري وئين. بادشاهه ٻئي چوٿين ڏينهن اچي خبر چار وٺندو هو. نيٺ هن جي نيت ۾ خرابي ٿي، پر منهنجي انڪار تي ڪاوڙجي، تلوار سان منهنجي پڇڙي وڍي ويندو رهيو" تنهن تي نانگ پڇيس: "ڀلا انهيءَ ڳالھ جو ڪو شاهد؟" نانگڻ چيو: "شاهد اهو ڪپر آهي، جنهن چٽ مان سڀ ڪجھ ويٺي ڏٺو."

نانگ، ڪپر کان پڇيو ته "اڙي ڪپر، ڪر خبر، ڳالھ ڪيئن آهي؟" ڪپر جواب ڏنو: سائين، توهان جي نانگڻ جيڪي چيو، سو سڀ سچ آهي." اصيل نانگ ويچارو ڏاڍو ويچار ۾ اچي ويو. آخر ڪپر کان پڇيائين: "هاڻي ڀلا ڇا ڪرڻ گهرجي؟" اُن کي ڪپر ورندي ڏني ته "سائين، ڪرڻ وري ڇا گهرجي؟ ائين ڪجي جيئن بادشاهه ڪيو آهي. هُن تلوار سان توهان جي نانگڻ جي پڇڙي وڍي آهي، ۽ توهين وري هڪ ئي ڦوڪ سان سڄو شهر ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيو!" اصيل ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڪپر کي چيائين: "چڱو لهي اچ، ته ٻئي ڳڏجي هلي اهو ڪم ڪري اچون"

پوءِ ٻيئي ڄڻا ڳڏجي اچي شهر ۾ هليا. جڏهن شهر جي ويجهو آيا، تڏهن ڪپر نانگ، اصيل نانگ کي چيو ته هتان ئي ڦوڪ ڏيئي، شهر کي ساڙ، ته موٽي هلون!" پر اصيل چيس ته ڪپر خبر ٻڌ! پنهنجو ڪنهن گناهه ڪيو آهي، بادشاهه ئي ڪيو آهي، ۽ نه سڄي شهر، تنهن ڪري بدلو بادشاهه کان ئي وٺڻ گهرجي. هاڻي سڌا ٿا هلون بادشاهه جي محل ۾. تون هلڻ شرط، هلي سندس جُتيءَ ۾ ويهي رهج، آءُ وري بادشاهه جي کير ۾ زهر هاري، پاسو وٺي ويهي رهندس. پوءِ جي کير پيتئين، ته به مري ويندو، ۽ جي جتيءَ ۾ پير وڌائين، ته وري تون ڏنگ هڻجئينس." اها صلاح ڪري، سڌو محل ۾ آيا. اصيل نانگ کير ۾ زهر هاري، پاسو وٺي وڃي ويهي رهيو، ۽ ڪپر بادشاهه جي جتيءَ ۾ وڃي ويٺو.

جنهن ڏينهن بادشاھ نانگ جي گهر ۾ ويو هو، ۽ نانگڻ جي پچڙي وڍجي پيئي هئي، ان ڏينهن کان وٺي هو ڏاڍو مايوس رهندو هو. نہ ڪنهن سان ڳالهائيندو هو، نہ ٻولهائيندو هو. امير وزير ويچارا حيران هئا تہ آخر بادشاھ کي ٿيو ڇا آهي! سي بہ ان ڏينهن گڏجي بادشاھ وٽ محلات ۾ آيا ۽ هٿ ٻڌي عرض ڪيائون تہ "بادشاھ سلامت! اوهان سان ڪهڙي ويڌن آهي، جو ڪيترا ڏينهن ٿيا آهن تہ ماڻهن سان ڳالهايو ڪونہ ٿا؟ رعيت سڀ ويچاري انهيءَ ڪري حيران ۽ پريشان آهي. آخر اسين بہ تہ اوهان جا نمڪ حلال نوڪر آهيون، اسان کي ٻڌايو تہ ڇا آهي- من اوهان جي ڪنهن ڪم اچي سگهون؟" ان تي بادشاھ، پنهنجي اميرن ۽ وزيرن کي اصيل نانگ جي ياراڻي ۽ نانگڻ جو ڪپر سان خراب ٿيڻ ۽ نانگڻ جي پچڙي وڍجڻ جي سموري ڳالھ ڪري ٻڌائي ۽ چيو تہ "هاڻي جڏهن اصيل نانگ ايندو ۽ پنهنجي نانگڻ جي پچڙيءَ وڍيل ڏسندو، تڏهن ضرور پڇندو، ان تي نانگڻ ۽ ڪپر منهنجي خلاف ڪونہ ڪو ڪوڙ نانگ کي ٻڌائيندا، ۽ نانگ ڪاوڙجي منهنجي بادشاهيءَ کي ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيندو. بس، اهو ئي ارمان اٿم تہ هيتري ساري خلق خدا جي بي گناھ مارجي ويندي!" اها سموري ڳالھ اصيل نانگ بہ ٻڌي، سو يڪدم اچي بادشاھ جي جهولي ۾ وينو ۽ چيائينس تہ "پهريائين اهو نامراد ڪپر تنهنجي جتيءَ ۾ وينو آهي، تنهن کي ماراءِ، پوءِ جون ڳالهيون پوءِ سان." بادشاھ يڪدم ڪپر کي مارائي ڇڏيو، ان کان پوءِ نانگ جي ٻڌائڻ تي ڪير بہ هارائي ڇڏيائين. انهيءَ ڪم کان پوءِ ٻيئي دوست پاڻ ۾ ملي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ دل کولي رهاڻ ڪيائون. موڪلائڻ وقت نانگ پنهنجي مڻ ڪڍي، بادشاھ جي بدن سان لڳائي، چيو: "بادشاھ سلامت! هن مڻ ۾ اها خاصيت آهي، جو تون سڪرات ۾ پيل ماڻهوءَ جي حالت ڏسي سگهندين ۽ پکين ۽ جانورن جون ڳالهيون بہ سمجهي سگهندين. پر ياد رک جي اها ڳالھ ڪنهن سان بہ ڪندين، تہ اقت مري پوندين." ائين چئي، نانگ ويندو رهيو.

هڪڙي ڀيري، بادشاھ شهر جو گشت ڪندي ڪندي، اهڙي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هنڌان اچي لانگهائو ٿيو. جتي رڳو غريب مينگهواڙن جا گهر ۽ دڪان هئا. ۽ ڏسي ته هڪڙي هنڌ ماڻهن جا ميڙ لڳا پيا آهن. بادشاه به اُن ميڙ ۾ آيو. ۽ ڏٺائين ته هڪڙو مينگهواڙ بيمار پيو آهي. ۽ سڪرات واري حالت اٿس. ڪيترائي مينگهواڙ بيمار جي خدمت چاڪريءَ ۾ لڳا پيا هئا.

ايتري ۾ ڇا ڏسي ته موت جو فرشتو آهي. جنهن جي هٿ ۾ هڪ سائو ريشمي رومال آهي. تنهن اچي ان بيمار جو روح قبض ڪيو آهي. ۽ اهو روح اُن رومال ۾ ويڙهي رکي ويندو رهيو. اها حالت ڏسي بادشاه جي اکين مان ڳوڙها ڪِري پيا. ۽ موٽي محلات ۾ آيو. بادشاه راڻيءَ سان به مينگهواڙ جي مرڻ جي ڳالهه ڪري روئي ڏنو. جنهن تي راڻيءَ چيس ته "بادشاه سلامت! افسوس جي ڪهڙي ڳالهه آهي تنهنجي شهر ۾ ڪئين پيا ماڻهو مرن ۽ ڪئين پيا ڄمن." پر راڻيءَ کي عجب لڳو ته هڪ خسيس مينگهواڙ لاءِ بادشاه ڇو رنو؟ راڻيءَ جو پيءُ سخت بيمار ٿي پيو. جنهن ڪري بادشاه راڻيءَ سميت اچي پنهنجي ساهراڻي گهر ۾ نڪتو. گهر ۾ گهڙڻ سان پنهنجي سهري تي نظر پيس. جو سڪرات جي حالت ۾ هو. بادشاه پنهنجي سهري جي سيراندي کان اچي ويٺو. اجا ٿورو وقت گذريو ئي ڪونه. ته ڏسي ته موت جو فرشتو پيو اچي. جنهن جي هٿ ۾ ڄاڳري ٻير جي ڄانبَ آهي. اها ڪٽي اچي بيمار جي بدن ۾ هنيائين. ۽ ان ۾ هن جو ساهه قبض ڪري ڪٽي ويندو رهيو. بادشاه جڏهين اها حالت ڏٺي. تڏهن هن کي ٺهڪ نڪري ويو. راڻيءَ کي ننهن کان چوٽيءَ تائين باهه وٺي ويئي. مگر اُن وقت هوءَ ڪُجهي نه سگهي. جڏهن لاش کي دفنائي واپس آيا. تڏهن راڻيءَ يڪدم بادشاه کي چيو ته "بادشاه سلامت! مون کي اهو ته ٻڌايو. جو پنهنجي شهر ۾ هڪڙو خسيس مينگهواڙ مئو. ته اوهان جي اک مان ڳوڙهو ڪين ٿي بيٺو. پر اڄ. جڏهين منهنجي پيءُ وفات ڪئي. تڏهن اوهان کان يڪدم ٺهڪ نڪري ويو. انهيءَ تي بادشاه چيس ته "راڻي! انهيءَ ڳالهه کي هن وقت ڇڏي ڏي توکي اها حقيقت پوءِ ٻڌائيندس" مگر راڻي ضد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري بيٺي چيائين ته ”مون کي ڪيئن به ڪري هينئر ٻڌاءِ!“ بادشاهه ويچارو ڏاڍو لاچار ٿي پيو، نيٺ چيائين ته ”ڇڱو! تو کي انهيءَ جو سبب ٽن ڏينهن کان پوءِ ٻڌائيندس.“

راڻي انهيءَ ڳالهه تي راضي ٿي. آخر ٽي ڏينهن به گذريا. راڻيءَ وري به بادشاهه جا ڪن ڪڙا ڪيا. بادشاهه ويچار ڪيو ته ’نانگ‘ جو چوڻ آهي ته جي اها ڳالهه ڪنهن کي ٻڌائيندين ته مري ويندين، هاڻي ڪيئن ڪريان! نانگ به ته ڪوڙ ڪونه ڳالهايو هوندو. سو، راڻيءَ کي چيائين ته ”ڳالهه وچي ڪانه ٿي، پٽهين اجا تازو مئو آهي، پلي ته چاليهو گذري، ۽ مهمان به وڃن، ته پوءِ هڪ مَنو ٿي، توکي ٻڌائيندس.“ راڻيءَ اها ڳالهه قبول ڪري، ڪٽي ماٺ ڪئي، نيٺ چاليهه ڏينهن به گذري ويا. چاليهي جو ختمو آيو، مهمان به جيڏانهن جا هئا، سي اوڏانهن روانا ٿي ويا. تڏهن راڻي وري به بادشاهه کي ساڳيءَ ڳالهه ياد ڏياري. بادشاهه کي ته اڳيئي سڌ هئي، تنهن راڻيءَ کي چيو ته ”راڻي! توکي انهيءَ ڳالهه جو ڏاڍو فڪر آهي، هيءَ ڪا خاص ڳالهه ته آهي ئي ڪانه، جنهن جي لاءِ ايتري تڪڙ ٿي ڪرين. هاڻي توسان وعدو ٿو ڪريان ته پنهنجي ملڪ هلي، سربستي ڳالهه ٻڌائيندو سانءِ.“

نيٺ هفتي کن گذرڻ بعد، بادشاهه پنهنجي ملڪ موٽ ڪاڏي. هلندي هلندي، هڪڙي هنڌ ڏسي ته هڪڙو ٻڪرين جو ڌڻ جهنگ ۾ پيو چري، جنهن ۾ هڪڙو ٻڪر آهي، جو ٻڪريءَ کي ٻوڪڻ لاءِ پيو ڦري.... ۽ ٻڪري آهي جا هن کان پاسو ڪندي رهي ٿي. نيٺ جڏهين ٻڪر اچي سوڙهو گهٽيس، تڏهن ٻڪريءَ چيس ته ”تنهنجي ڳالهه مون کي منظور آهي، پر هڪڙو شرط آهي، ڀهرين هن پَر واري کوهه جي تَري مان گاهه جو ٻوڙو پٽي آڻي ڏي.“ ان تي ٻڪر چيس: ”اهو بيوقوف بادشاهه آهي، جو راڻيءَ جي چوڻ تي پنهنجو سر ٿو ڏئي. مون کي جي تون ٻوڪڻ نه ڏيندينءَ، ته مون لاءِ ٻيون به هزار آهن“ ائين چئي ٻڪر هليو ويو. بادشاهه نانگ جي مڻ جي زور تي ٻڪر جي اها ڳالهه ٻڌي، دل ۾ چوڻ لڳو ته ”مار! اُءُ ته هن ٻڪر کان به



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهٽ ٿيس، مون کي ته هن جيترو به عقل ڪونهي. ڇا ٿيو، جي هيءَ زال ويئي ته ٻي پرڻجي پوندس، هرڪو پنهنجو سر ڇو ٿو وڃايان! بادشاهه يڪدم ٻڪرار کي گهرائي، اُن کان اهو ٻڪر خريد ڪري، اچي پنهنجي ملڪ ۾ رسيو.

بادشاهه جو محلات ۾ پهچڻ، ۽ راڻيءَ جو ڳالهه پڇڻ. اچا راڻيءَ ڳالهه چوري ئي مس، ته بادشاهه بيد جو لڪڻ کڻي، اچي راڻيءَ کي ورتو. راڻيءَ جي دانهن مٿان دانهن، چي: "مون انهيءَ ڳالهه پڇڻ جي پچر ئي ڦٽي ڪئي!" پر بادشاهه چوي ته "نه..... بيهه، ته آءُ توکي پيرائتي ڳالهه ٿو ڪري ٻڌايان." نيٺ ڏڪن هڻي راڻيءَ کي ساڻو ڪري وڌو، ۽ مٿان ٿي ڪِري پيئي. تنهن کان پوءِ بادشاهه پڇيس ته "اڃا به ڳالهه ٻڌڻ جو شوق اٿئي؟" ته راڻي چيو ته "مون توبهه ڪئي، مون کي ڪانه ٿي ڳالهه کپي." ٻئي ڏينهن، بادشاهه شهر ۾ پڙهو گهمارايو ته "هي ٻڪر منهنجو دوست آهي، جنهن مون کي موت جي منهن کان بچايو آهي، تنهن ڪري ڪوبه هن جو نالو نه وٺي. جيڪو به هن جو نالو وٺندو، تنهن کي ڦاسيءَ تي لٽڪايو ويندو. ٻڪر جيترو به ڪنهن جو زيان ڪندو. ان کي ٽيل زيان کان ٻيڻو حصو منهنجي خزاني مان ملندو." ان کان بعد، ٻڪر کي شهر ۾ ڇيڪ ڇڏيائون. ٻڪر به سڄي شهر ۾ مزي سان گهمندو وتيو. مجال آهي جو ڪير اُن جو نالو وٺي. ڪنهن جو به زيان ٿيندو هو، ته اهو شاهي خزاني مان ٻيڻو ڪري وٺي ويندو هو. ٿورن ئي ڏينهن ۾، ٻڪر ڪائي متارو ٿي پيو. بادشاهه کي به ٻڪر جي اون ڪانه هوندي هئي، اچي ته ڇا، نه اچي ته ڇا. بعضي بعضي ته ٻه ٻه، ٽي ٽي ڏينهن به شهر ۾ ڪونه ايندو هو.

هڪڙو ڏينهن خدا جو ٿيو، نما شام جي مهل، مينهن به ڏاڍو پيو، ۽ ٻڪر به شهر کان ٻاهر نڪري، شهر جي ڀر واري جبل تي ٽڏڪار جي سانگي وڃي ويهي رهيو. سج لهي ويو پر ٻڪر شهر ڏانهن نه موٽيو. اتفاق سان ڪي چار ماڻهو انهيءَ جبل تان اچي لنگهيا، جن کي ٻڪ ڏاڍو هلاڪ ڪيو هو، سو هيڏانهن هوڏانهن نظر


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قاسيءَ تي لٽڪائبو!“ اِتي ھنن يارن ڏٺو ته بادشاھ ڇڏيندو بنھ ڪونه، سو پاڻ ۾ صلاح مصلحت ڪري، بادشاھ کي چيائون ته ”جھان پناھ! اسين چارئي يار، ڪنھن ٻي دنيا جا رھواسي آھيون، شيل شڪار سانگي ھن سر زمين تي آيا آھيون. اسان اڄ ڏينھن تائين ڪنھن کي ٻه ڏکوئيو ڪونھي. ڪالھ ٻه اوھان جو ٻڪر بي خبريءَ ۾ ڪاڏو سون. ھاڻي جيڪڏھن اوھين اھو ٻڪر اسان کي بخش ڪندا، يا ان جي قيمت اسان کان نه وٺندا، ته ٻين پنھنجن ديس ٻائرن ۾ اسان جي عزت نه رھندي، تنھن ڪري اسان صلاح ڪئي آھي ته اوھان کي ’ڇؤٻول راڻي‘ پرڻايون، جنھن جھڙي سھڻي روءِ زمين تي ڪانھي، ان جي عيوض اسان کي ٻڪر جو خون معاف ڪريو؟“

بادشاھ اھا ڳالھ ٻڌي، حيرت ۾ پئجي ويو. ويتر ڇؤٻول راڻيءَ جو نالو ٻڌي، بنھ دل ڀڄي پيس. آخر ھنن کان پڇيائين ”اھا راڻي ڪير آھي، ۽ ڪيئن ھٿ اچي سگھي ٿي؟“ تنھن تي منجھائن ھڪڙي ٻڌايو ته ”اسين گھمندي ڦرندي، ھڪڙي شھر ۾ پھتاسين، شھر جي ٻاھران ھڪڙو نار نظر آيو، جنھن کي سؤ مڙس گڏجي زور لائين، تڏھن مس ڇُري سگھي. پڇا مان خبر پيئي ته ھتي جي بادشاھ کي ڇؤٻول راڻي نالي سھڻي ڌيءُ آھي، جنھن جھڙي خوبصورت روءِ زمين تي نه ملندي. ان شھزاديءَ جا شرط آھن ته جيڪو اڪيلي سر اھو نار ڦيرائي ويو، ٻيو ته راڻيءَ سان اڪيلو ويھي رھاڻ ڪندي ڪن ڳالھين جي جواب وٺڻ لاءِ جيڪڏھن راڻيءَ کي چار دفعا ڳالھارائي ويو، ته پوءِ ھوءَ ان سان شادي ڪندي، پر جنھن ٻه انھن شرطن ۾ ھارايو، سو قاسي چڙھندو. سو، اي بادشاھ! اسان کي ته ڇؤٻول راڻيءَ جي ڪابه ضرورت ڪانه ھئي، تنھن ڪري ھليا آياسين: ھاڻي تنھنجو اسان تي احسان ٿيندو، ان ڪري اسان جي مرضي آھي ته اھا راڻي توکي پرڻايون.“

بادشاھ چيو: ”اھو ته ڏاڍو چڱو، پر ٻڌايو ته اوھين مون سان مدد ڪيئن ڪندؤ؟“

چئن ئي شخصن ٻڌايو ته ”عاليجاھ، تون رڳو نار کي ھٿ وجھي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلندين، زور اسين لائيندا سون. ماڻهو اسان کي ڏسي ڪونہ سگهندا، تنهن جي خاطري رک! تنهن ڪري سمجهندا تہ نار بادشاهہ پيو ڦيرائي. راڻيءَ سان ملاقات مهل، اسين چار ئي يار راڻيءَ جي ويهاڻي، هار، ڏِئي ۽ ٽنبي ۾ لڪي ويهي رهنداسين، تون اول راڻيءَ سان خبر چار ڪج، جيڪڏهن راڻيءَ جواب ۾ ڳالهايو، تہ واهہ واهہ، نہ تہ بہ اسان مان هڪڙي هڪڙي سان خبر چار ڪندو اچج، پوءِ من ڪنهن طرح ڳالهائي."

بادشاهہ اها ڳالهہ ٻڌي، راضي ٿيو. انهن چئن ئي همراهن سان گڏجي ۽ لاءُ لشڪر ساڻ ڪري، اُتي هليو چوٻول راڻيءَ جي ملڪ ڏانهن.

تورن گهڻن ڏينهن جي مسافريءَ بعد، اچي چوٻول راڻيءَ جي شهر ۾ پهتا. بادشاهہ لشڪر کي پاسي تي لهڻ جو حڪم ڏيئي، پاڻ سڌ سماءَ رکڻ لاءِ نار تي آيو. آزمودي لاءِ نار کي پہ تي زور بہ ڏنائين، پر نار چري نہ سگهيو. اتي بادشاهہ کي پڪ ٿي تہ ٻيلي، هنن جيڪو چيو ٿي، سو سچ آهي. ٻئي ڏينهن مقرر وقت تي، بادشاهہ اچي پير تي ڌونڪو هنيو. سڄي شهر ۾ هُل ٿي ويو تہ 'اڄ وري راڻيءَ جو ڪو نئون عاشق آيو آهي....! سو سڀ ماڻهو نار وٽ اچي گڏ ٿيا. بادشاهہ بہ سڌو نار تي آيو، ۽ يارن جي چوڻ موجب اچي نار جي ڳاڌيءَ تي هٿ رکيائين، تہ نار وهڻ لڳو..... ۽ پاڻي باغ کي ٻوڙي، ريل ڇيل شهر ڏانهن وهي هلڻ لڳو. اهو حال ڏسي، سڀ ماڻهو بادشاهہ وٽ ڊوڙي آيا، ۽ اچي چيائونس تہ بادشاهہ سلامت! شهر ٿو ٻڏي، مهرباني ڪري راڻي جي عاشق کي چوائي موڪليو تہ نار ڪاهڻ بند ڪري، نيٺ بادشاهہ جا ماڻهو هن وٽ آيا ۽ اچي چيائونس تہ "توهان کي شهر جي بادشاهہ گهرايو آهي." اجا هنن ائين چيو ئي مس تہ نار ازخود بيهي رهيو. اتي بادشاهہ انهن ماڻهن کي چيو: "اوهين هلو، آءُ پاڻيهي اوهان جي بادشاهہ وٽ ايندس." جڏهن اهي ماڻهو هليا ويا، تڏهن هو چارئي شخص ظاهر ٿي، بادشاهہ سان مليا. ساڻس صلاح مصلحت ڪري، راڻي جي محل ڏانهن هليا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بادشاهه به سڌو چؤبول راڻيءَ جي پيءُ وٽ آيو، ۽ هن کي پنهنجي اچڻ جو مقصد ٻڌايائين. چؤبول راڻيءَ جي پيءُ چيس ته ”تون پهري چؤبول راڻيءَ سان اڄ رات ڳالهاءِ! پر جي هن کي نه ڳالهارائي سگهئين ته ڦاسي ملندئي! ۽ جي ڳالهارائي وئينس، ته هن سان تنهنجي شادي ٿيندي! بادشاهه اهو شرط منظور ڪري موٽي پنهنجي جاءِ تي آيو.

بادشاهه شام جو سويل ئي ماني ٽڪي کائي، اچي پير تي ڏونڪو هنيو. چؤبول راڻيءَ جون ٻانهيون آئيون، جي هن کي راڻيءَ جي ڪمري ۾ ڇڏي هليون ويون. ڪجهه وقت ته بادشاهه ڏسندو رهيو، ته من ڳالهائي، من ڳالهائي، پر راڻي ڪٿي ٿي ڳالهائي! بادشاهه هتان هُتان جون خبرون چارون ڪرڻ لڳو، پر راڻي اهڙو ڪچي جهڙي پٿر، نيٺ بادشاهه ڪک تي چيو: ”اندير ته ڏسو، جو آءُ راڻي وٽ مهمان ٿي آيو آهيان، ۽ راڻي ڳالهائي به نٿي! هاڻي قيامت جهڙي رات ڪيئن گذرندي؟ اهڙو ڪو دوست به ڪونهي، جنهن سان ويهي دل جو حال ونڊجي!“ ائين چئي، ويهاڻي کي سڏ ڪري چيائين: ”اي يار ويهاڻا!“ ته ويهاڻي مان آواز آيو ”جيءَ راڻيءَ جا دلبند يار سياڻا!“ راڻيءَ جو ويهاڻي مان آواز ايندو ٻڌو، تنهن خار وچان يڪدم ويهاڻي کي سيراندي کان ڪڍي، مروٽي سروٽي، وني جا اڇل ڏني، ته وڃي پري پيو. اتي ويهاڻي وري چيو: ”بادشاهه سلامت! ڏنيو راڻيءَ جي ڪاوڙ!.... مون ڪهڙو گناهه ڪيو؟ ساري سڀ جمار راڻيءَ جي سيراندي کان گذاريو اٿم، اڄ فقط توسان ڳالهايو اٿم، ته منهنجي هيءَ حالت ٿي آهي....! سو تون به ماٺ ڪري هليو وڃ. نه ته تو سان به اهڙي ڪار ٿيندي، جهڙي اڄ مون سان ٿي آهي.“ تنهن تي بادشاهه چيس: ”يار ويهاڻا، اهي سڀ ڳالهيون سهسائي، سِر تان آسرو ڪٽي آيو آهيان، هاڻي پُني ڏيڻ مڙس جو ڪم ڪونهي. چڱو ڳالهائڻ لاءِ ساٿي ته ٿي پئين. رات جا پهر به آهن چار، ته ڳالهيون به هجن چار! ويهه ته ويهي ڪچهري ڪريون. هاڻي ڪا اهڙي ڳالهه ٻڌاءِ، جنهن ۾ رات جو هڪڙو پهر ته گذري وڃي“ ويهاڻي وراڻيو: ”بادشاهه سلامت!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو ھرويرو اچي ھن راڻيءَ جي پويان سر ڏنو آھي. تون بہ آزار ۾ پئين، ۽ اسان کي بہ اچي تڪليف ۾ وڌءِ. چڱو، ھاڻي جي چوين ٿو، تہ ٻڌ.“ ائين چئي ڳالھ شروع ڪيائين:

”بادشاھ سلامت! ھڪڙا ھئا چار دوست، ھڪڙو ھو واڍو، ٻيو درزي، ٽيون سونارو، ۽ چوٿون فقير. چئن ئي ڄڻن پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ پنھنجي شھر ۾ پورھيو ذات ڪونھي، ويھي ڪيترو وقت گذاربو! آخر تہ ٻچا پالڻا آھن. چونہ ھلي ٻئي ڪنھن شھر ۾ ڌندو ڪريون؟ اھا صلاح ڪري، چارئي ڄڻا پورھئي جا اوزار ڪڻي اٿي ھليا. ھلندي ھلندي، ھڪڙي رڻ ۾ اچي رات پين. ھنن وٽ کاڌي پيتي جو بہ سڀ سامان موجود ھو، سو يڪدم ماني تيار ڪيائون. کاڌي پيتي کان پوءِ، صلاح ڪيائون تہ اسان وٽ سامان بہ ڪافي آھي، جي چارئي ڄڻا سمھي رھندا سون، تہ ڪو واٽھڙو يا چور چڪار سمورو سامان کڻي ٿئي راھي.... تنھن ڪري چونہ واري تي سيڪو جاڳي؟ اھا رٿ ڪيائون تہ ڄڻا بہ آھيون چار ۽ رات جا پھر بہ آھن چار ھڪڙو ھڪڙو پھر ڪري ھرڪو جاڳي.‘ اھا تجويز ڪري، پھريون پھر واڍي کي ڏنائون، ٻيو درزيءَ کي، ٽيون سوناري کي، ۽ چوٿون فقير کي. پھريون پھر واڍي جو ھو، تنھن ڪري اھو ويھي جاڳڻ لڳو، ۽ ٻيا ٽيئي ڄڻا سمھي رھيا. واڍو ڪجھ وقت تہ ويٺو، پر ڳالھائڻ وارو نہ ڪو ٻولھائڻ وارو، آخر ڪيس اوٻاسين اچي ورايو، ۽ جھوٽا کائڻ لڳو. ويٺي، ويٺي، پنڪي اچي ويس، ۽ خواب ۾ ڇا ٿو ڏسي تہ ھڪ حسين پريءَ آھي، جا اڏامندي وڃي. ايتري ۾ اک کلي ويس. واڍي کي پريءَ جي سھڻي صورت وڻي ويئي، سو خيال ڪيائين تہ ’چونہ اھا خواب واري پري ويھي ناھيان، تہ وقت بہ گذري وڃي ۽ ننڊ بہ نہ اچي!‘ سو اوزار کڻي، جتي سُتا پيا ھئا، اتي پاسي ۾ ڪو سڪل ڪاٺ جو بنڊ پيو ھو، اُن مان ٽڪر وڍي، ويھي پريءَ جو بوتو ناھڻ لڳو. رات جو پھر بہ پورو ٿيو تہ ھن پريءَ جي مورت بہ ناھي تيار ڪري ڪڻي آڏو رکي. پوءِ درزيءَ کي اٿاري پاڻ سمھي رھيو.

"درزي جڏهن ننڊ مان اٿيو، اچا پوري اک بہ ڪانہ کلي هئس، تہ نظر وجي مورت تي پيس. سهي ڪيائين تہ 'اهو ڪم واڍي جو آهي، جنهن پهر رات ۾ ويهي هيءَ وندر ڪئي آهي، مورت بہ ڏاڍي وڻيس، سو ڪٻندي ئي ڪپڙو ۽ سئي، پنهنجي پهر ۾ انهيءَ ڪاٺ جي مورت کي جُهڙ جهڙا يلا ڪپڙا سبي، پارائي ڇڏيائين. اِتي رات جو ٻيو پهر بہ اچي پورو ٿيو، تنهن ڪري ٽئين ساٿيءَ سوناري کي اُٿاري پاڻ سمهي رهيو."

"سونارو بہ اوٻاسيون ڏيئي، اجان واندو مس ٿيو، تہ نظر مورت تي پيس. ڏسي ڪٿي تہ هڪڙي حسين عورت سامهون ويٺي آهي. عجب ۾ پئجي ويو. نيٺ دل نہ رهيس، هٿ لائي ڏٺائين، پڪ ٿيس تہ ڪاٺ جي مورت آهي. دل ۾ چيائين تہ 'واڍي بہ پنهنجو پهر سجايو ڪيو ۽ درزيءَ بہ سٺي محنت ڪئي آهي. هاڻي آءُ ڇونہ ڪي ننهان ڇوٽيءَ ڳهہ پارائي ڇڏيانس!، اهو خيال ڪري، اوزار ڪڍي ويهي زيور ٺاهڻ لڳو. اجا پهر رات جو مس گذريو تہ سڀ ڳهہ تيار ڪري مورت کي پارائي، فقير کي اٿاريائين، ۽ پاڻ سمهي رهيو."

"فقير بہ ننڊ مان سجاڳ ٿي، ڪٿي ڏسي تہ هڪ حسين عورت ڪپڙا گنديون پايو ٺهي ٺڪي ويٺي آهي. هن جي بہ دل نہ رهي. سو اتي هٿ لائي پڪ ڪيائين، ۽ دل ۾ چيائين تہ 'واڍي مورت ٺاهي، درزيءَ ڪپڙا پارايس، سوناري ڳهہ وڌس... هاڻي خدا کان سوال ڪري ساهہ آءُ بہ تہ وجهانس!" سو پره ڦٽيءَ جي وقت، فقير ڏاڍيءَ جي در ڪٿي ٻاڏايو، قدرت الله جي سان ڪاٺ جي مورت ۾ ساهہ پيو، ڇم ڇم ڪري هوءَ ڇرڻ ڦرڻ لڳي.

"اتي هو بہ ٽيئي يار سجاڳ ٿيا، پر هرڪو چوي تہ "زال منهنجي!" چارئي ڇٽا اچي پاڻ ۾ وڙهيا...!"

ايتري ڳالهہ ٻڌائي ويهاٽي پڇيو تہ "بادشاهہ سلامت! هاڻي ٻڌاءِ تہ اها زال ڪنهن جي ٿي؟"

بادشاهہ يڪدم جواب ڏنو: "اي يار ويهاٽا، اها زال ٿي فقير جي جنهن ساهہ وڌس."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اتي راڻي هڪل ڪري بادشاهہ کي چيو: ”اڙي بي وقوف بادشاهہ، زال سوناري جي تي، جنهن نٿ پارايس. ٻيا گهڻا ماڻهو ٿيا به ڏيندا آهن، پر نٿ هميشه مڙس ڏيندو آهي.“

بادشاهہ اهو ٻڌي، يڪدم وڃي پير تي ڏونڪو هنيو، چي: ”راڻيءَ مون سان پهريون ٻول ٻوليو!“

بادشاهہ وري به ڳالهائڻ لاءِ حيلا وسيلا ڪيا، پر راڻي اڳي ڪان وڌيڪ مَپُ ماري ويهي رهي. نيٺ بادشاهہ هڪل ڪئي تہ ”اڙي ”هار،“ تنهن مهل هار مان آواز آيو: ”جي ڙي راڻيءَ جا دلبند يار!“ اجا هار اها ورندي مس ڏني تہ راڻي جو هٿ وڃي منجهس پيو، ۽ هڪ ئي چِڪ سان ڇني، وني جو اُڇل ڏنائينس تہ ٽُٽي وڃي هيٺ ڪِريو. اتي هار چيو ”بادشاهہ سلامت! ڏٺئي؟ ڪڏهن اها حالت هئي، جو راڻيءَ ساهہ وانگر تي سانديم، ۽ اڄ داڻو نہ داڻي پيڙو!“ اتي بادشاهہ چيس: ”يار هار، ٻڌاءِ ڪو دردن جو داستان، تہ غم جي رات ڪٽجي، صبح جو قاسي تہ ائين ئي ٿهي پيئي آهي!“ ان تي هار پنهنجي ڪٿا شروع ڪئي:

بادشاهہ سلامت! هڪڙا چار موالي هئا، جي پاڻ ۾ گهاٽا دوست هوندا هئا. انهن مان هڪڙي جو ڪو ڳڻ چورائجي ويو. تنهن جو پير ڪٽي، هو اتي هليا. پير بہ ڪٽندا اچن، ۽ منزل منزل تي وزم بہ پيئندا اچن. هڪڙي هنڌ هنن ڪان ڳڻ جو پير وڃائجي ويو. اتي هي منجهي پيا، پاڻ ۾ صلاح ڪيائون تہ ’وزم جا بہ تي دم هڻي، ڳڻ کي رمز ۾ ڳوليون، پوءِ جيڪو منهن لڳو، سو وننداسون، ڳڻ ڪيڏانهن ويندو؟“ سو بہ چار دم هڻي، ويهي اُن کي رمز ۾ ڳولڻ لڳا. ڪجھ وقت ڪان پوءِ، هڪڙي مواليءَ هڪل ڪئي تہ ’يار اٿو اٿو! ڪاٻي طرف هڪڙو شهر آهي، ڳڻ اتي پيو ڏسجي، چاري جڻا ڪاهي اچي انهيءَ شهر ۾ گهڙيا. گهمندي گهمندي، ٻئي مواليءَ چيو: ”يار هيءَ جا يت ڏسو ٿا، انهيءَ ۾ پاڻ واري ڳڻ جي لڏ پيئي ڏسجي، ۽ ڳڻ بہ شايد اتي ئي آهي!“ صلاح ڪيائون تہ ’پاڻ پرديسي آهيون، جي هتي جي ماڻهن کي ائين ٻڌائيندا سون، تہ شايد ڳڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڪائي ڇڏين، تنهن ڪري چيو ته بادشاهه کي هلي خبر چار ڪريون؟ سو سڏ آيا بادشاهه وٽ. هن کي ساري ڳالهه ڪري ٻڌايائون. بادشاهه حيرت ۾ پئجي ويو. نيٺ آزمودي خاطر موالين کي حڪم ڪيائين ته 'سڀاڻي صبح جو اچجو، ته توهان کي گڏهه وناڻي ڏيندس. ٻئي ڏينهن بادشاهه چانهه ڪيو جو پيالي ۾ هڪڙو ڏاڙهون رکي، مٿان رومال سان ان کي ڍڪي، سامهون ميز تي رکي ڇڏيائين، پاڻ گلم وڇارائي طول ويهاڻي تي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهيو. موالي به ڏاڍو وزم واڙي هٽي، ڪائي پِي، سڏ بادشاهه جي ڪچهريءَ ۾ آيا. بادشاهه پڇين ته 'سامهون ميز تي ڇا آهي؟' هي چارئي ڄڻا ٽٻيءَ ۾ پئجي ويا. ڪجهه وقت کان پوءِ هڪڙي موالي هٿ سان بند چنبي جيترو اشارو ڪري چيو: 'آهي به هيڏو هيڏو!' تنهن تي ٻئي چيو: 'آهي ڳاڙهو ڳاڙهو!' ٽئين چيو: 'اٿس به ڳاڙها ڳاڙها موتي!'، تنهن تي چوٿين چيو: 'بادشاهه سلامت! توهان جي سامهون ميز تي ڏاڙهون ته نه آهي؟' بادشاهه هنن جي ڳالهه ٻڌي، گڏهه موالين کي وناڻي ڏنو."

ايترو ٻڌائي، هار بادشاهه کان پڇيو ته " اي بادشاهه سلامت! هاڻ ٻڌايو ته چئن ئي مان انصاف ڪنهن جو؟"

بادشاهه ورندي ڏني ته: "انصاف پهرئين جو جنهن اڻ ڏٺي ڳجهارت ٻجهي."

اتي راڻيءَ کان رهيو نه ٿيو، بادشاهه کي چيائين: "اڙي بي عقل بادشاهه، انصاف ٽئين جو، جنهن اندر جو ڳجهه ٻڌايو ته منجهس ڳاڙها موتي آهن."

بادشاهه وري به اتي پير تي ڏونڪو هنيو ته "راڻي مون سان ٻيو ٻول به ٻوليو!

راڻي وري به ٻم ٻڌي ويهي رهي. نيٺ بادشاهه ڏئي کي هڪل ڪئي: "اهو يار ڏيا،" ڏِئي مان آواز آيو: "جيءُ راڻيءَ جا يار ڪيئا!" اچا ڏئي ايترو آواز مس چيو، ته راڻيءَ يڪدم اٿي وني جو ڏئي کي اُڇل ڏني ته، بادشاهه کي چيو ته "اي بادشاهه! ڏسين پيو راڻيءَ جوڪست! مون ٻيلا ڪهڙو گناهه ڪيو، جو ههڙي تعدي ٿي اٿم؟"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بادشاھ جواب ڏنو: ”اڙي ڏيا، راڻي پـل پيئي مذاقون ڪري، هن کي ڇڏي ڏي. صبح جو مون کي ڦاسيءَ تي چڙهڻو آهي، هاڻي اهڙي ڪا ڳالھ ٻڌاءِ، جو رات جو ڪجھ وقت وندر ٿئي.“ اتي ڏئي ڳالھ شروع ڪئي:

”بادشاھ سلامت! هڪڙا چار ماڻهو ڪنهن بادشاھ جي ڪچهريءَ ۾ آيا، ۽ چيائون تہ ’اسين بادشاھ وٽ نوڪري ڪندا سين‘. بادشاھ چين تہ اوهين پگهار ڪيترو وٺندا، ۽ ڪم ڪهڙو ڪندا؟‘ هنن ورندي ڏني: ’بادشاھ سلامت! جيڪي ڏيندين، سو وٺندا سين، ۽ ڪم اهو ڪندا سين جيڪو ٻيا نہ ڪري سگهن!‘ بادشاھ عجب ۾ پئجي ويو، ۽ چئن کي ئي ڪٽي نوڪري ۾ رکيائين. هي چارئي ڄڻا ماٺ ڪريو وينا هجن. هاڻي اهڙو ڪم اچي ڪٿان، جو ٻيا نہ ڪري سگهن؟ آخر ڇھ ٻارنهن مهينا گذريا.... اتفاق سان بادشاھ جو پٽ گذاري ويو. لاش ڪٽي اچا مقام تي پهتا، تہ سج لهي ويو، وبتر جُهڙ سبب اونده انڌوڪار ٿي ويئي، ۽ آفت بہ اتي ڪا بنھ بي پير پئي ڏسائبي هئي، سو ڪوبہ ماڻهو مقام ۾ ترسي ئي نہ پيو، تنهن ڪري لاش ڪٽي موٽي آيا. اتي وزير بادشاھ کي عرض ڪيو تہ ’بادشاھ سلامت! رات جو مقام ڏانهن ڪوبہ ماڻهو ڪونہ ٿو وڃي، تنهن ڪري هي جو چار ڄڻا وينا آهن، سي ڇا جي لاءِ آهن؟ اڄ اهو ڪم انهن کي ڏيو، تہ وڃي لاش دفن ڪري اچن.‘ بادشاھ هنن چئن ئي کي گهرائي، سڄي ڳالھ ٻڌائي، ۽ حڪم ڪيو تہ ’هي ڪم، جو ٻين کان نہ ٿو ٿئي، سو توهان کي ڪرڻو آهي، چارئي يار اها ڳالھ قبول ڪري، ضروري شيون ۽ لاش ڪٽي سڌا مقام تي آيا. قبر کوٽي پاڻ ان ۾ تي وينا، ۽ لاش قبر جي مٿان رکي ڇڏيائون. صلاح ڪيائون تہ ’ڄڻا بہ آهيون چار ۽ رات جا پهر بہ آهن چار، تنهن ڪري پاڻ مان هر هڪ پهر پهر جاڳي، ۽ ٻيا سمهن.، اها صلاح ڪري هڪڙو جاڳيو، ۽ ٻيا تي سمهي رهيا. ڪجھ وقت گذرڻ کان پوءِ، هن ڏٺو تہ ڪو شخص آهي، جو لاش ڏانهن پيو اچي. هن يڪدم ڏھ ويھ پٿر ميڙي پاڻ وٽ ڍڳي ڪري ڪٽي رکيا. اهو شخص



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڌو لاش وٽ آيو. هن جي هٿ ۾ چار ڏونڪا هئا، تن مان ٻه سيرانديءَ ۽ ٻه پيرانديءَ کان ڪوڙيائين، ته بادشاهه جو پٽ اٿي ويهي رهيو. پوءِ هن يڪدم چؤيڙ وڇائي، ۽ هو ٻيئي ڄڻا پاڻ ۾ راند ڪرڻ ويهي رهيا. جڏهن راند ختم ٿيڻ واري هئي، تڏهن قبر ۾ وينل همراهه ڇا ڪيو، جو وني زور سان هڪ ٻئي پنيان پٿر اڇلڻ لڳو. هن غيبي شخص، جو پٿرن جا ڦهڪا ٻڌا، سو ڪٽ تان لهي اُٿي ڀڳو. پوءِ هِن يڪدم قبر مان نڪري، ڏونڪا ڪڍي پٽيا ته بادشاهه جو پٽ جهڙو هو تهڙو لاش ٿي پئجي رهيو. ۽ پاڻ اُها چؤيڙ ۽ ڏونڪا ڪڍي وري قبر ۾ گهڙي ويو. اِتي رات جو پهريون پهر پورو ٿيو، ۽ هو ٻئي ڄڻي کي اٿاري، پاڻ سمهي رهيو.

ٻئي ڄڻي ڪجهه وقت جاڳڻ کان پوءِ، ڏٺو ته هڪڙو اصيل نانگ ڦوڪون ڏيندو، اچي پاسي واري هڪڙي وڻ هيٺ پهتو آهي. گهڙيءَ کن ۾ وات مان مڻ ڪڍي، اُن جي ڄَرڪي تي نانگ بيهي اُتي راند ڪرڻ لڳو. هن يار دل ۾ خيال ڪيو ته اها مڻ ڪيئن ٻه هٿ ڪجي، سو ڇا ڪيائين، مٽيءَ جو پنوڙو ٺاهي، اُن ۾ ڪنڊا هڻي، اهو پٽڪي ۾ ٻڌي قبر مان نڪتو، ۽ لڪندو لڪندو، وڻ تي چڙهي ويو. اُتان آهستي آهستي اهو پنوڙو ڪڍي سڌو مڻ تي اڇليائين. نانگ جو اوچتو اوندهه ڏٺي، سو يڪدم مڻ واري جاءِ تي آيو ۽ پنوڙي کي چڪ هڻڻ لڳو. نيٺ نانگ چڪ هڻي هڻي ڪنڊن وگهي مري ويو. جڏهن نانگ مئو، تڏهن هي همراهه وڻ تان لهي آيو، ۽ مڻ ڪڍي، وَر ۾ وجهي، اچي قبر ۾ گهڙيو. اِتي رات جو ٻيو پهر ختم ٿيو، ۽ هو ٽئين ساٿيءَ کي اٿاري، پاڻ سمهي رهيو.

ٽيون ڄڻو ٻه ڪجهه وقت ته اوٻاسيون ڏيڻ لڳو، نيٺ جڏهن چڱيءَ طرح سجاڳ ٿيو، تڏهن ڏٺائين ته هڪ عورت آهي، جا مينيهن واچ ڪندي پئي اچي. هن کي پڪ ٿي ته اها ڏائڻ آهي، جا لاشڪ شهزادي جو لاش کائڻ لاءِ آئي آهي، تنهن ڪري اگهاڙ ئي تلوار ڪڍي هوشيار ٿي وينو. جيڏي مهل ڏائڻ ويجهي آئي، تيڏيءَ مهل هن هڪل ڪيس، جنهن تي ڏائڻ دهلجي بيهي رهي. هيءُ ٻه يڪدم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قبر مان نڪري ٻاهر تيو ۽ ڏائڻ وٽي پڳي. هن تلوار اچلي هنيس، جنهن سان ڏائڻ جي ٻانهن ٻه ڪپجي پيئي ۽ گنڊي ٻه وڃي پري پيس. هن اُها ٻانهن ۽ گنڊي کڻي، بلائتي ڪئي. پوءِ چوٿين ساٿيءَ کي اٿاري، پاڻ سمهي رهيو.

"چوٿون ساٿي اٿيو. ويهندي ويهندي، اچي فجر ٿي پر هن ڪاٻه خاص ڳالهه ڪانه ڏٺي. دل ۾ خيال ڪيائين ته 'هنن ٽنهي جڻن ضرور ڪانه ڪا نشاني هٿ ڪئي هوندي، هاڻي آءٌ به ڪا چيز ته هٿ ڪريان!'، اهو خيال ڪري، قبر مان ٻاهر نڪتو، لاش کي پنن پويان ٻڌي، مقام کان ٻاهر آيو. جان ڪٿي ڏسي ته هڪڙو لشڪر آهي، جو مينهن واچ ڪندو ڪاهيندو اچي. هن به اوڏانهن رخ رکيو. جنهن وقت دوبدو ٿيا، تڏهن هن لشڪر وارن کان خبر چار پڇي. هنن ٻڌايو ته 'اسين ديوَ آهيون، ۽ وڃون ٿا هن بادشاهيءَ کي تباهه ڪرڻ.' تنهن تي هن يار پڇين 'توهان گهڻا جڻا آهيو؟' ديون ورندي ڏني: 'هڪ گهٽ لک ديو آهيون.' اِتي ديون وري هن کان پڇيو: تون ڪير آهين، ڪيڏانهن پيو وڃين، ۽ پنن تي ڇا کنيو وڃين؟' اُن تي هن جواب ڏنو: آءٌ عزرائيل آهيان. الله تعاليٰ مون کي اڄوڪي رات ۾ هڪ لک ديون جي ساهه قبض ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. ساري رات ڊوڙيو آهيان. تڏهن مس مس هڪڙي ديو جو ساهه قبض ڪيو اٿم، جو پويان کنيو وتان، شڪر ٿيو، جو گهٽي تڪليف کان ڇٽي پيس، توهان سڀني جو ساهه قبض ڪري، اجهو ٿو لک پورو ڪريان، تنهن ڪري هاڻ توهين سڀ مرڻ لاءِ تيار ٿيو!' هِن جي اها ڳالهه ٻڌي، ديون کي ڏڪڻي وٺي ويئي، ۽ آزيون نيزاريون ڪرڻ لڳا، مگر هي به هڪڙي ڳالهه وٺي ويهي رهيو. چي: سڀني جو روح قبض ڪندس.' نيٺ جڏهن ديون چيس ته 'جيئن تون چوين، تيئن ڪرڻ لاءِ تيار آهيون، رڳو اسان جي جند ڇڏ! تڏهن هن چين، 'هاڻي هڪڙي شرط سان اوهان کي ڇڏيندس، اهو هيءُ ته سج اُڀرڻ کان اڳ هن شهر جي ٻاهران سِر روپي ۽ سر سونيءَ سان هڪڙو محلات ٺهي وڃي. محلات جي اڳيان هڪ عاليشان باغ هجي، جنهن ۾ سونو نار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيو وهي. جي اهو شرط منظور ڪريو ته توهان کي جيئدان ڏيندس، نه ته سيني جو ساهه قبض ڪندس!' ديون اها ڳالهه منظور ڪئي ۽ وجي ڪم کي لڳا.

"هي شخص به واپس قبر تي آيو ۽ لاش کي ڏوليءَ ۾ رکي تنهي ساٿين کي اٿاريائين ته 'هاڻي صبح ٿي ويو آهي، لاش کي دفن ڪريو ته هلون.' اُن تي پهرئين جٽي جنهن وٽ ڏونڪا ۽ چوپڙ هئي، تنهن چيو ته 'لاش کي پوربو ڪونه، پر واپس کڻي هلنداسون.' پوءِ ته لاش کڻي سڌو بادشاهه وٽ آيا. وزيرن اميرن، جو ڏٺو، تن بادشاهه کي چيو ته 'هنن ته پئسا ئي حرام ڪري ڇڏيا، اجهو لاش واپس کنيو اچن!' بادشاهه کي ڪاوڙ به آئي، مگر صبر ڪري هنن کان خبر چار پڇيائين. تنهن تي پهرئين جٽي چيو: 'بادشاهه سلامت! اسان مان هر هڪ رات جو پهر پهر ورهائي ڪنيو هو. مون کي پهريون پهر مليو هو، مون انهيءَ وقت ۾ ڇا ڏٺو، اهو بيان پڇاڙيءَ ۾ ٻڌائيندس، اول هنن کان پڇيو وڃي ته هنن ڇا ڏٺو؟' بادشاهه هر هڪ کان پڇيو، جنهن تي ٻئي پهر واري ساري ڳالهه ٻڌائي، ۽ نشاني 'مڻ' ڪڍي بادشاهه جي اڳيان رکي. وري ٽئين پهر واري به پنهنجو داستان ٻڌائي، ڏائڻ واري ٻانهن ۽ ڳنڍي کڻي بادشاهه جي اڳيان رکي. چوٿين پهر واري به پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائي، چيو ته 'سائينءَ جن محلات تي چڙهي، يا سر زمين تي هلي، سر سوني ۽ سر روپيءَ وارو محلات پنهنجين اکين سان ڏسن.' بادشاهه امير ۽ وزير گڏجي آيا، ۽ اچي ڏٺائون ته برابر محلات، سونين ۽ روپين سرن سان، باغ سميت تيار بيٺو آهي ۽ اُن ۾ سونو نار چڙهيو تيار ٿيو بيٺو آهي. هاڻي بادشاهه پهرئين جٽي کي چيو ته 'تون ته پنهنجو بيان ڪر!' اُن تي هن ڇا ڪيو، جو اُهي ڏونڪا ڪڍي، لاش جي ٻه سيرانديءَ ۽ ٻه پيرانديءَ کان هنيائين، ته بادشاهه جو پٽ ڪلمو پڙهي اٿي ويهي رهيو. بادشاهه پٽ کي جيئرو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هنن کي گهڻو انعام ڏنائين.

ايتري ڳالهه ڪري، ڏئي بادشاهه کي چيو: اي بادشاهه! هاڻي ٻڌاءِ ته انهن چئن مان انصاف ڪنهن جو؟" بادشاهه جواب ڏنو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڏيا، انصاف ان شخص جو، جنهن بادشاهه جي پٽ جي جان بچائي، ٻيو وري ڪنهن جو؟

اِتي راڻيءَ هڪل ڪري، چيو ته " او بيوقوف بادشاهه، انصاف ان شخص جو، جنهن ديون کي ڀڄائي، ڏيهه تان ڏرت لاٿو."

بادشاهه يڪدم اتي ڀير تي ڏونڪو هنيو ته "راڻيءَ مون سان تيون ٻول به ٻوليو!" پوءِ وري اچي راڻيءَ سان ڳالهائڻ لڳو، مگر راڻي وري به ڀت ٻڌجي ويهي رهي.

بادشاهه وري لاچار ٿي، ٿنڀ کي هڪل ڪئي: "اي يار ٿنڀ،" ٿنڀ: "جيءُ راڻيءَ جا يار دلٿنڀ." اِتي راڻي وڏيڪ حيران ٿي ۽ پريشان ٿيڻ لڳي ته 'اڄ منهنجو خير ڪونهي، جو محلات جي هرهڪ شيءِ پئي ڳالهائي!' بادشاهه ٿنڀ کي چيو: "يار، تون به ڪا ڳالهه ٻڌاءِ، ته رات جو باقي هڪڙو پهر آهي، سو ته گذري وڃي، صبح جو ته هوئنئن ئي قاسيءَ تي چڙهندس." تنهن تي ٿنڀ ڳالهه شروع ڪئي:

"اي بادشاهه! هڪڙو سوداگر هو، جنهن وٽ ملڪيت ته ڪافي هئي، پر سندس مرڻ کان پوءِ سڄي ملڪيت سندس زال ۽ صغير پٽ خرچي کپائي ڇڏي. ڪجهه ڏينهن بعد، جڏهن هن جو پٽ اچي لائق ٿيو، تڏهن ماءُ کي چيائين ته 'امان مون کي ڪو دڪان کولي ڏي ته ٿورو گهڻو گذر سفر ويهي ڪريان.' ماءُ هن کي ڪپڙي جو دڪان کولي ڏنو. ڪجهه وقت گذرڻ بعد، ماڻس دل ۾ خيال ڪيو ته 'آءُ جو ماڻ ڪيو ويٺي آهي، سو ڇو نه ويهي ڪو ڪم ڪريان! تنهن ويهي، ڀرت تي هڪ عاليشان رومال ناهي پٽ کي ڏنو، ۽ چيائينس ته 'هي رومال به وڃي دڪان تي رک، هن جو ملهه ئي ڪونهي، جنهن اگهه ۾ دل چوئيي، تنهن اگهه ۾ ڏيئي ڇڏج. هڪڙي ڏينهن هڪ شخص هن جي دڪان تي آيو، ۽ هن کان رومال جي قيمت پڇيائين. ڇوڪري هڪڙي قيمت ٻڌايس. تنهن تي هن شخص چيس ته 'يار، مون وٽ ته ايتري رقم ڪانهي، جي ڪنهن گهٽ رقم تي ڏين، ته ڏاڍو چڱو؟' ڇوڪري ورندي ڏنيس ته 'يار سڌيو اٿيئي، ته هاڻي مون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي پئسو وٺڻ حرام آهي، رومال ڪٽي وڃ. يارن تان سر به صدقي، رومال ڪهڙي راس آهي!' هن شخص گهڻو ئي نتايو، مگر ڇوڪري رومال ڪٽي هٿ ۾ ڏنس. هلندي وقت انهيءَ شخص پنهنجو ڏس پتو ڏيئي، چيس: 'يار، ڪاريءَ رات جو ڪو ڪم پويئي، ته به بنا حجاب جي هليو اچجئين اچ ڏينهن ڪان پنهنجي ياراني پڪي ٿي.' ڇوڪري رات جو ماءُ کي سموري ڳالهه ڪري ٻڌائي. ٻئي ڀيري وري ماڻس ٻيو رومال ڏيئي چيس ته 'ابا! هن رومال جي قيمت ڪانه اٿيئي، جنهن رقم ۾ دل گهريئي، تنهن ۾ وڪڻي ڇڏج.' ڇوڪرو اهو رومال کڻي دڪان تي آيو. اتفاق سان انهيءَ ڏينهن سپهه سالار سندس دڪان تي آيو، ۽ هن جي نظر وڃي رومال تي پيئي. رومال ڏاڍو وڻي ويس، تنهن ڪري ڇوڪر ڪان رومال جي قيمت پڇيائين، ڇوڪري هن کي ڪا چڱي موچاري قيمت ٻڌائي، جنهن تي سپهه سالار چيس ته 'يار، قيمت گهٽ ڪر! تنهن تي ڇوڪر چيس ته 'ادا، جي يار تو چوين ته رومال کڻي وڃ، مون کي هاڻي پئسو وٺڻ به حرام آهي.' ائين چئي رومال کڻي هن جي هٿ ۾ ڏنائين. سپهه سالار هن جي صداقت ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ هن سان ويهي رهاڻ ڪيائين. آخر هلندي مهل سپهه سالار چيس: آءُ بادشاهه جي لشڪر جو سپهه سالار آهيان، ڪنهن به وقت ڪم پويئي، ته منهنجو سر به تو دوست تان قربان آهي.' ڇوڪري شام جو موٽي، وري به ماءُ کي سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي. ماڻس هن ڀيري به ڪانه ڪڇي، ۽ وري به هن کي ٽيون رومال ڏيئي چيائين ته 'هي اڳين ٻن ڪان به وڌيڪ قيمتي آهي، پر جيئن نظر ۾ اچئين، تيئن وڪڻي ڇڏج.' هن ٻئي ڏينهن اهو رومال به دڪان تي ٽنگي ڇڏيو. خدا جي قدرت، انهيءَ ڏينهن هن جي دوڪان تي هڪڙو ٻيو نوجوان چڙهي آيو، جنهن جي نظر به وڃي رومال تي پئي. دل کي وڻي ويس، سو ڇوڪري ڪان قيمت پڇيائين. ڇوڪري قيمت ٻڌائي. پر وري به اڳئين وانگر ريڙهه پيڙهه ڪندي، نوجوان چيو ته 'يار، قيمت ۾ ڪجهه ڇند ڇاڻ ته ڪر!' دستور موجب ڇوڪري اهو ٻڌي. چيو ته 'هاڻي وري يارن سان ليکا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪھڙا؟ رومال ڪٿي وڃ. توڪان ھڪڙي پائي وٺڻ بہ حرام آھي.' اھو نوجوان جيڪو وزير جو پٽ ھو، سو عجب ۾ پئجي ويو تہ ھي دوڪاندار وري ڪھڙو آھي! ھن رومال وٺڻ کان انڪار ڪيو، پر ڇوڪري زوريءَ ڪٿي ھٿ ۾ ڏنس. انھيءَ تي وزير زادي چيس: 'دوست، آءُ وزير زادو آھيان، اوکيءَ ويل ۾ منھنجو سر بہ تو اڳيان حاضر آھي.' ائين چئي وزير زادو ويندو رھيو. ڇوڪري شام جو گھر اچي ماڻس کي چيو تہ 'امان رومال تہ اڄ بہ ھڪڙو يار آيو، سو ڪٿي ويو!، ماڻس ڪاوڙ مان چيس: 'ابا! جي تنھنجا اھڙا ٻہ ٽي يار ٻيا آيا، تہ تو بہ دڪان ھلايو!' ٻئي ڏينھن وري ٻيو ھڪڙو رومال ڏيئي تاڪيد ڪيائينس تہ 'ھيءُ سڀ کان سنو رومال اٿيئي.' انھيءَ ڏينھن اتفاق سان بادشاھ جو پٽ اتان اچي لانگھائو ٿيو، ۽ ھن جي نظر وڃي رومال تي پيئي. شھزادي دڪان تي چڙھي، ان جي قيمت پڇي. ڇوڪري قيمت ٻڌايس. شھزادي ايتري قيمت تي رومال وٺڻ نہ ٿي گھريو، تنھن ڪري ٻنھي سوال جواب پڇڻ لڳو. اتفاق سان ھن جي وات مان بہ "يار" جو لفظ نڪتو. اتي ڇوڪري چيس: 'جي يار ٿو سڏين، تہ رومال ڪٿي وڃ! يارن تان تہ سر بہ صدقي ڪري ڇڏجن!' ۽ رومال ڪٿي شھزادي جي ھٿ ۾ ڏنائين. شھزادي پھرين تہ انڪار ڪيو، پر ڇوڪري زوريءَ رومال ڪٿي مڙھايس. آخر موڪلائڻ وقت شھزادي چيس: 'يار، جيڪڏھن ڪوبہ ڪم مون ۾ پويئي، تہ ڪوبہ حجاب نہ ڪج. آءُ ھن ملڪ جي بادشاھ جو پٽ آھيان.' ائين چئي شھزادو ويندو رھيو.

"ھنن ڳالھين کي ڪجھ ڏينھن گذري ويا، ھڪڙي ڏينھن سوداگرزادو دير سان دڪان بند ڪري، بادشاھ جي محلات وٽان اچي لانگھائو ٿيو، تہ اوچتو 'چور چور' جو آواز ٿيو. چوڪيدارن جو ھن کي ڏٺو، سو ڪٿي ٻڌائونس، ۽ يڪدم بادشاھ وٽ وٺي ويس. بادشاھ حڪم ڏنو تہ 'ھن کي سياڻي قاسيءَ تي چاڙھيو وڃي.' سوداگر زادي کان پڇيائون تہ "توکي ڪجھ چوڻو آھي؟" ھن بادشاھ کي عرض ڪيو تہ "منھنجا چار يار آھن، تن کي اطلاع ڏنو وڃي."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بادشاهه اها ڳالهه قبول ڪئي.

"سوداگر زادي جي پهرئين يار جڏهن اها حقيقت ٻڌي، سو اڌ رات جوئي بادشاهه وٽ آيو، ۽ عرض ڪيائين ته "بادشاهه سلامت! منهنجي يار کي آزاد ڪيو وڃي. جيڪو به ڏنڊ ڏوهه رکو، سو آءُ ڀري ڏيڻ لاءِ تيار آهيان." مگر بادشاهه انڪار ڪيو. اتفاق سان انهيءَ رات بادشاهه تي پهري ڏيڻ جو وارو وزير جي پٽ جو هو. بادشاهه کي به خبر پيئي ته هيءُ به سوداگرزادي جو يار آهي، سو بادشاهه کي به چرڪ وچان ننڊ نه آئي، ۽ پئي پاسا اُٿلايائين. وزير زادو به تلوار مياڻ ۾ تيار ڪيو بيٺو هو، ته ڪٿي بادشاهه کي ننڊ اچي ته پورو ڪريانس. بادشاهه خيال ڪيو ته ڏسان هيءَ ڇا ٿو ڪري، سو دَٽُ هڻي پئجي رهيو. وزير زادي به وجهه ڏسي تلوار سان وار ڪرڻ جي ڪئي، پر بادشاهه ڪٽي جهليس، ۽ چيائينس ته "مون کي خبر آهي ته تون هن جو سچو يار آهين، تنهن ڪري تو سان وعدو ٿو ڪريان ته تنهنجي دوست کي ڦاسي ڪونه ڏيندس. تنهنجي ياري جي خبر پيم، باقي ٻين يارن جي به ته خبر پوي. وزير زادي کي جڏهن پڪ ٿي ته منهنجي يار جو وار به ونگو ڪونه ٿيندو، تڏهن هن ڪٽي صبر ڪيو. وري جڏهن بادشاهه جي پٽ کي خبر پيئي، تڏهن هن يار کي ڇڏائڻ لاءِ پيءُ سان بغاوت ڪرڻ جو خيال ڪيو، ۽ رات وچ ۾ لشڪر جو ڪجهه حصو وٺي، ڦاسيءَ گهاٽ وٽ ويهاري ڇڏيائين. انهيءَ لاءِ ته جنهن وقت سوداگرزادي کي سپاهي ڦاسيءَ لاءِ وٺي اچن، اُن وقت حملو ڪري يار کي بچايو وڃي. هنن ٽنهي يارن جي خبر سوداگر زادي کي پيئي، مگر چوٿون يار سپهه سالار پيدا ڪونه ٿيو. سوداگرزادي کي اُن جو ڏاڍو ويچار ٿي پيو. اتي صبح به اچي ٿيو. بادشاهه حڪم ڪيو ته 'هن کي ڦاسي ڏني وڃي!' اتي سوداگرزادي وري به عرض ڪيو ته "بادشاهه سلامت! منهنجو باقي چوٿون دوست اڃا ڪونه آيو آهي، تنهن ڪري مون کي سندس گهر وٺي هلو، جيئن آخري وقت ۾ سندس منهن ڏسان." بادشاهه هن جو اهو عرض به قبول ڪيو، ۽ پاڻ به ساڻس هلڻ لڳو، انهيءَ خيال سان ته هن جي ٻين ٽن دوستن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي سچائيءَ جي تہ خبر پئي. باقي چوٿون يار ڏسان تہ ڪهڙو ٿو ڪمال ڪري. جنهن وقت سپهہ سالار جي در وٽ پهتا، تڏهن خبر پين تہ رات هن جي شادي ٿي آهي، ۽ هينئر لائون لهي وينو. سوداگرزادي سڏ ڪيس: ”او يار، ٻاهر نڪر تہ آخري ديدار تہ ڪريون، ڦاسيءَ تي تہ آئون ٿو چڙهان!“ سپهہ سالار ويچاري جو پنهنجي يار جو سڏ ٻڌو، سو يڪدم تلوار هٿ ۾ کڻي اٿيو. ڪنوار، جو هن جي حالت ڏٺي ۽ ويتر تلوار هٿ ۾ ڏٺائينس، تنهن سمجهيو تہ اڄ خير ڪونهي. سو مڙس کي کڻي جهليائين، مگر سپهہ سالار زال کان جند ڇڏائي، اجا اڳيرو هليو، تہ هن وري اچي پويان جهليس. اتي سپهہ سالار ڏنو تہ هيءُ زال تہ ائين ڇڏي ئي نہ ٿي، سو زال کي هڪ ئي ڌڪ سان ختم ڪري، ٻاهر نڪتو. تلوار رت سان ڀريل، شادي وارا ڪپڙا، شينهن وانگر گوڙ ڪري بادشاهہ تي حملو ڪيائين. چي: ”جيسين منهنجي سسي ۾ ساهہ آهي، تيسين يار جو نالو ڪير وٺي!“ سپاهين سپهہ سالار کي بہ گرفتار ڪري، کڻي ڦاسي گهاٽ جو رستو ورتو! اجا ڪجهہ اڳتي هليا، تہ پريان هٿيارن پنوهارن سان هڪڙي ٽولي ظاهر ٿي، جنهن جو اڳواڻ شهزادو هو. شهزادي اچڻ شرط بادشاهہ کي چيو تہ ’بادشاهہ سلامت! منهنجي هي بيڏوهي يار کي آزاد ڪريو، نہ تہ پهريائين مون سان جنگ ڪريو، ۽ پوءِ منهنجي يار کي ڦاسي ڏيو.‘ بادشاهہ هنن چئن دوستن جي سچائي ڏسي، سينيءَ کي چيو: ”مون وزير جي پٽ سان رات وعدو ڪيو هو تہ اءُ توهان جي يار کي ڦاسي ڪونہ ڏيندس. مون کي فقط اوهان جي ياريءَ جو امتحان وٺڻو هو.“ ائين چئي، سوداگر جي پٽ کي آزاد ڪيائين.

ايتري ڳالهہ ڪري ٽنب پڇيو تہ ”اي بادشاهہ! هاڻي ٻڌاءِ تہ انصاف ڪنهن جو؟“

بادشاهہ جواب ڏنو: ”انصاف وزير زادي جو، جنهن بادشاهہ کي ماريو ٿي، تڏهن ئي بادشاهہ کيس ڇڏڻ جو وعدو ڏنو.“ انهيءَ تي راڻي هڪل ڪئي ”او بيوقوف بادشاهہ، انصاف سپهہ سالار جو، جنهن پنهنجي دوست خاطر پنهنجي نئينءَ ڪنوار کي بہ ڪُهي ڇڏيو.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اتي بادشاهه اُتي پير تي ڏونڪو هنيو ته راڻيءَ مونسان چوڻون ٻول ٻه ٻوليو!

بادشاهه. جو محلات ۾ انتظار ۾ ويٺو هو. سو ڏيءَ وٽ آيو ۽ چيائينس ته ”تو چار ڏفعا بادشاهه سان ڳالهايو آهي. هاڻي اقرار موجب هن جي تون زال ٿي چڪينءَ.“

بس، پوءِ ته ڏاڍي ڏامر ڌوم سان شادي ٿي. ٻڪريون پيون ڪسن. ڪڪڙيون پيون نچن. ٻوڙ پلاءَ جي هونگ لڳي ويئي. اسان جهڙا غريب غربا پيٽ ڪائڻ ۽ ڪٽڻ ۾ مشغول ٿي ويا ۽ بادشاهه ٻه چؤٻول راڻيءَ کي وٺي پنهنجي ملڪ ۾ آيو.

اِتي هنن چئن ئي ڄڻن بادشاهه کي وعدو ياد ڏياريو. بادشاهه انهن کي ٻڪر جو خون معاف ڪيو ۽ هو چارئي ڄڻا موڪلائي هليا ويا.

(سنڌي لوڪ ڪهاڻيون جي ٿورن سان)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شهزادو ۽ فقير

هڪ بادشاهه هوندو هو، جنهن کي اولاد ڪونه ٿيندو هو. هن هڪ ٻئي پنيان اولاد لاءِ ست زالون پرڻيون، پر قدرت سان هڪڙيءَ مان به اولاد ڪونه ٿيس. هن انهيءَ لاءِ گهڻيئي ڏس پنڌ پڇيا، فقيرن جا دَر پيتيا، مگر ڪجهه ڪين وريو. هڪڙي ڏينهن بادشاهه سان وزير ڳالهه ڪئي ته ”قبلا، پنهنجي شهر جي ٻاهران هڪ اهڙي فقير اچي ڏوٽيءَ هنئي آهي جو جيڪو به ڪنهن به سوال لاءِ وٽس وڃي ٿو، ته ان جو مطلب پورو ٿئي ٿو. سو انهيءَ بزرگ وٽ هلي سوالي ٿجي، من ڪا من مراد پوري ٿئي!“ بادشاهه چيو ته ”سڀاڻي صبح جو هلندا سين.“

ٻئي ڏينهن، بادشاهه ۽ وزير ٻيئي گڏجي، فقير ڏي ويا. ۽ فقير کي پنهنجو دِلي مطلب ٻڌايائون، عرض ڪيائونس ته ”اي سائين بابا، بادشاهه جي اولاد جي حق ۾ ڪا دُعا گهرو!“ فقير چيو ته ”اي بادشاهه سڀاڻي صبح جو، تير ڪمان کڻي، پنهنجي باغ ۾ وڃجو، ۽ ڏٺي کي ياد ڪري ٻير جي وڻ ۾ تير هڻجو، جيترا ٻير ڪرندا، اوترا اوهان کي پٽ ڄمندا، ۽ جيترا پن ڪِرندا اوتريون ڌيئون. پر شرط اهو ته هڪ پٽ مون کي ڏيندؤ؟“ بادشاهه هائو ڪئي، پوءِ فقير کان ادب سان موڪلائي ۽ وزير سان گڏجي پنهنجي محلات ڏي موٽي آيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير، بادشاهه تير ڪمان کڻي، پنهنجي باغ وڃي پهتو، ٻير جي سامهون بيهي تير ڪمان تيار ڪري، وڻي جي ٻير جي وڻ ۾ هنيائين ته قدرت سان ڪُل ست ٻير اچي زمين تي ڪريا. بادشاهه اهي ٻير کڻي سڌو پنهنجي محلات ۾ آيو، ۽ هر هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بادشاهه جا پٽ آهيو؟“ شهزادن چيو ته ”هائو، سائين بابا!“ پوءِ ڇوڪرن کي فقير چيو ته ”بابا، منهنجو هڪڙو ڪم آهي- اُهو ته مهرباني ڪري، پورو ڪري ڏيوم!“ شهزادن چيو ”هائو، بابا ٻڌاءِ؟“ فقير هڪڙو لوٽو ڏيئي چيَن ته ”بابا، هي لوٽو مون کي ماڪ سان ڀري آڻي ڏيو.“ شهزادا ”حاضر سائين“ چئي، ڀر سان ننڍڙن ننڍڙن ٻوٽن ڏي روانا ٿيا، اُتي وڃي هنن گهڻي ڪوشش ڪئي ته ماڪ لوٽي ۾ گڏ ٿئي، پر لوٽي ۾ ته ماڪ جو ڦڙو به نه پيو گڏ ٿئي. نيٺ هڪڙي چيو ته ”ادا، ڪپڙو جهل ته آءُ ان تي ماڪ کي ڌوڻ ڏيان، پوءِ جڏهن اهو سڄو پسي پوندو، تڏهن لوٽي ۾ نيپوڙي وجهنداسين.“ ٻنهي ڄڻن ائين ڪيو، ته ٿوريءَ ويرم ۾ لوٽو ماڪ سان ڀرجي ويو. پوءِ ٻنهي ڄڻن لوٽو آڻي فقير کي ڏنو. فقير لوٽو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو، شهزادن کان پڇيائين ته ”بابا، اهو ڪنهن جو عقل هو؟“ هڪڙي شهزادي ٻئي ڏانهن اشارو ڪيو ته ”اهو هن شهزادي جو عقل آهي.“ پوءِ ته فقير نڪا ڪئي هَم نڪا ڪئي تَم، ڪٺندي اُن شهزادي کي رفو چڪر ٿي ويو، اڻ کي ڪٺي، اچي پنهنجي ملڪ کان نڪتو.

هڪڙي ڏينهن صبح ساڻ، فقير شهزادي کي چيو ته ”وڃي جهنگ مان ڇيٽا چوندي اَءُ ته باهه ٻاريون!“ شهزادو ڪپڙو ڪٺي نڪتو ڇيٽا چوندڻ. اجا ٿورو اڳيرو ويو ته ڏٺائين ته هڪ وڻ تي ٻه سِرٽيون وينيون آهن، پر هڪڙي روئي پيئي ۽ ٻي ويٺي کِلي. شهزادي کي تعجب لڳو، سو سرٽين کان پڇيائين ته ”چو هڪڙي روئي پئي ۽ ٻي کلي ويٺي؟“ تڏهن هڪڙيءَ جواب ڏنو ته ”تنهنجي سهڻي صورت ڏسي ڪلان ٿي، ۽ ٻيءَ جواب ڏنو ته ”تنهنجي حياتي آهي باقي اجوڪي ڏينهن، تنهن ڪري ٿي رُئان.“ شهزادي چيو، ”سو وري ڪيئن؟“ سرڻ جواب ڏنو ته ”هن بي ايمان فقير جو اهو دستور آهي، جو جيڪو سهڻو ٻار آڻي، تنهن کان ائين ڇيٽا گڏ ڪرائي، پوءِ هڪڙي وڏي ٺئي، چاڙهي، ان هينان باهه ٻاريندو آهي، پوءِ جڏهن ٺئي گرم ٿئي، تڏهن اڳيان ڪري ڇوڪري کي پويان ٺئي پاڻ، پيو ڪٽاهه کي ڦيرا ڏيندو، پوءِ ٻئي ڦيرا ڏيو ڪنيو جو ڇوڪري کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏڪو ڏئي. ته چوڪر ڏۏ ڪٽاھ ۾. جتي ترجي ٽڪي ٽيو پوي، ھي آدمخور ان کي ڪڍيو کايو ڇڏي.“ شھزادي چيو ته ”پوءِ اءُ ڇا ڪريان؟“ سرٽين چيس ته ”تون ھاڻي ھيئن ڪج. جو جيڏيءَ مھل فقير توکي چوي ته ڦر ڦر چيلا، ته تون چئجانس ’آگي گر ته پيچي چيلا!“ شھزادو پوءِ ڇيٽا چوندي، پري ٻڌي. سڌو اچي فقير جي آستاني تي پھتو. فقير به دستور موجب چلھ جي مٿان ھڪ وڏي ڪٽاھي رکي. ڪٽي تيل سان پري، ۽ چلھ ۾ ڇيٽا وجھي، ونـي ڇيٽن کي باھ ڏنائين. ڪجھ مھل ڪان پوءِ، جڏھن تيل تـچڪڻ لڳو. تڏھن شھزادي کي چيائين ته ”ڦر ڦر چيلا“ ته شھزادي يڪدم چيو ته ”آگي گر، ته پيچي چيلا!“ فقير اھو ٻڌي اڳيان پاڻ تي ڦرڻ لڳو. ۽ پنيان شھزادو. اجا ٻـ ڦيرا مس ڏنائون. ته ونـي جو شھزادي فقير کي تـيلھو ڏنو، ته ڏُو ڪٽاھ ۾ اندر- بس ترجي ٽڪي تي پيو. شھزادي پوءِ يڪدم فقير جي ڪوني مان ڪنجيون ڪٽي وجي، پـيون ڪونـيون کوليون ته گھڻيئي مال متاع ڏنـائين. پر ھڪڙي جاري تي ھڪڙو موتي پيل ڏنائين، جو ڏادو پئي جرڪيو. ھن اھو موتي ڪٽي کيسي ۾ وڌو. ۽ انھن ئي پيرن تي اتان ونـي پـڳو، رستي تي آيو ته ڏنـائين ته اھي ٻـيئي سرٽيون وينـيون آھن، پر ڪلن پيون! شھزادي انھن کان پڇيو ته ”ھاڻ وري اوھين ڪلو ڇو پيون؟“ سرٽين جواب ڏنو ته ”اي شھزادا، اسين تنھن جي عقل تان ٽيون ڪلون، ته اھو تنھنجي کيسي ۾ جو موتي پيو آھي، سو تو ائين بيڪار سمجھي ڪٽي کيسي ۾ وڌو آھي. پر حقيقت ۾ اھو ڏادو ڪم وارو آھي!“ شھزادي پڇيو ته ”ھن ۾ ڀلا ڪھڙو اسرار آھي؟“ سرٽين جواب ڏنو ته ”اھو موتي وات ۾ وجھڻ سان جھڙي شڪل تون چوندين اھڙو ئي تي پوندين، ۽ وري وات مان ڪڍڻ سان اڳي وانگر ساڳيو ئي ماڻھوءَ واري شڪل تي پوندين. شھزادي آزمودي ونـڻ لاءِ موتي وات ۾ وجھي ونـي چيو ته ”ڍڳو تي پوان!“ ته يڪدم شھزادو ڍڳو تي پيو ۽ وري موني وات مان ڪڍيائين، ته ساڳيءَ صورت ۾ اچي ويو.

پوءِ شھزادو وات ونـي، پنھنجي ملڪ ڏانھن روانو ٿيو. ٿوري پنڌ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان پوءِ ھڪ واٺهڙو گڏيس. جنھن چيس تہ ”آءَ غريب ماڻھو آھيان. منھنجي مدد ڪر!“ شھزادي چيس تہ ”چڱو. آءُ ڏِڳو ٿي ٿو پوان. تون مون کي ھلي وڪڻ. جيڪي پئسا ملنئي، سي وٺي وڃي حال پنھنجي مھل ڪجانءِ.“ ان غريب شخص شڪرانا بجا آندا. چيائينس تہ ”اھو تہ تون مون سان وڙ ٿو ڪرين!“ تنھن کان پوءِ، چوڪري مٽڪو ڪٽي وات ۾ وڌو تہ ڏِڳو ٿي پيو. ۽ اھو غريب شخص اُن کي ڪاھي اٿي ھليو. رستي تي ھڪڙا ڪُڙمي گڏين، جن کي ڏِڳي جي ضرورت ھئي. انھن اُن غريب شخص کان پڇيو تہ ”يائو، اھو ڏِڳو ڪيڏانھن ٿو ڪاھي وڃين؟ اُن شخص وراڻي ڏني تہ ”ادا وڪڻڻ ٿو وڃان.“ اُنھن پڇيس تہ ”گھڻو ملھ آھي تنھنجي ان ڏِڳي جو؟“ اُن شخص پوءِ ڏِڳي جو ملھ ٻڌايو. ڪڙمين کي بہ ھئي ڪا ضرورت، سو جيترا ھن پئسا چيا، اوترا پئسا ھن کي ڏنئي، ڏِڳو خريد ڪري وڃي گھر ٻيھاريائون. جڏھن رات ٿي، تڏھن شھزادي وات مان جو موتي ڪڍيو تہ وري ساڳيو شھزادو ٿي پيو، پوءِ اتان ڀڄي وري اچي انھيءَ ساڳئي غريب شخص وٽ پھتو، ۽ چيائينس تہ ”ھاڻي آءُ گھوڙو ٿو ٿي پوان، تون وري مون کي وڪڻي، ٻيا پئسا ڪماءِ، اڳو پوءِ پاڻ تان قرض پڪا لاھي، پنھنجا بند آزاد ڪراءِ.“

ھوڏانھن قدرت سان ڏاڏو ڪو اچي مينھن پيو، سو مينھن جون ڦڙيون، جو اُن ترجي، تڪي تي ويل فقير تي پيون سو يڪدم تڪيءَ مان ڦري، وري اھو ساڳيو فقير ٿي پيو. اتڻ شرط ھن ھيڏانھن ھوڏانھن نھاريو، ڏٺائين تہ شھزادو ڪونھي. وري يادگيري پيس تہ شھزادو تہ مون کي ھن ڪٽاھ ۾ ڏڪو ڏيئي ڀڄي ويو ھو. بس پوءِ تہ نڪا ڪيائين ھم نڪا ڪيائين تم، ورتائين ڪٽي رسو. نيٺ شھزادي کي ٻُوليندي ٻُوليندي، ڪنھن مھل اُن شخص تي وڃي نظر پيس، جو اھو گھوڙو ڪاھيو پئي وڪڻڻ ويو. ھيءُ بہ وڌي اچي گھوڙي وٽ پھتو، ڏٺائين تہ برابر اھو ساڳيو شھزادو آھي. پوءِ ان شخص کان پڇيائين تہ ”ميان، گھوڙو وڪڻندين؟“ واٺهڙو جواب ڏنو تہ ”ھائو، انھيءَ لاءِ تہ وٺيو پيو وڃانس.“ نيٺ فقير منھن گھري رقم ھن کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

.يئي اهو گهوڙو خريد ڪيو. ۽ خوش ٿي اچي پنهنجي ماڳ تي پهتو. ڳهوڙي کي خوب مضبوط ڪري ٻڌي ڇڏيائين. صبح جو گهوڙي کي ونـي واهه تي پاڻي پيارڻ لاءِ آيو. شهزادو يڪدم موقعو جانچي، ڏيڏر تـي واهه ۾ گهڙي ويو. ۽ تکو تکو ترندو اُتي پڳو. فقير به چرکو ٻڌجي سندس ڪڍ ورتي. ڏيڏر بي ڪا واهه نه ڏسي، هڪدم، هڪ مائيءَ پاڻي جو دلو پئي ڀريو. ان جي دلي ۾ گهڙي ويو. ۽ مائي دلو کڻي پنهنجي گهر ڏي رواني ٿـي. فقير به مائي جي پٺ ونـي هلڻ لڳو. مائيءَ کي چيائين ته "توکي هيترا پئسا ٿـو ڏيان، تون اهو دلو ڀڃ!" مائي پهريائين ته فقير کي چريو ڪري سمجهيو. پر نيٺ جڏهن ڏنـائين ته فقير هيترا پئسا ڪڍيو پيو ڏئي، تڏهن پئسا ونـي يڪدم دلو ڀڳائين. دلي جو ڀڄڻ ۽ پاڻيءَ جو وهي اُتي هلڻ. پر ڏيڏر به پٽڪيون ڏيندو، اُتي جو اُتي گاهه ۾ لڪي ويو. پوءِ فقير بيهي ڏيڏر کي ڳولڻ لڳو. اتفاق اهڙو ٿـيو، جو اُتي هڪ مينهن پئي چَرِنو، سو گاهه سان گڏ اُن ڏيڏر کي به کائي ويئي! فقير ڏٺـو ته اهو ظلم ٿي ويو، جو مينهن ڏيڏر کي کائي ويئي سو ڀڄندو ڀڄندو، سڌو آيو مينهن جي ڌڻيءَ وٽ، چيائينس ته "مينهن جا پيسا وٺ. ۽ مينهن کي هتي جو هتي ڪهي گوشت توهان کائو، باقي پٽو رڳو مون کي ڏجو! مينهن جي مالڪ قبول ڪيو، ۽ مينهن جي قيمت ونـي، مينهن کي ڪٽي ڪُنـائين. پر وڍيندي تـڪيندي، اها ڳالهه وسري ويس ته پٽو ڪو فقير کي ڏيڻو آهي، سو پٽو ڪڍي پريـرو ڦٽو ڪيائين. مڇاڻ ڪنهن سرڻ اوڏيءَ مهل گوشت تي پئي لامارا ڏنا. تنهن ڪٽندي پٽو ونـي مٿي لُوهه ڪئي، فقير به نڪا ڪئي هم نڪا تم، گرڙ پکي تـي ونـي سرڻ جي پنيان اڏاڻو. سرڻ لامارو ڏيئي، اچي بادشاهه جي محلات تي وينـي. فقير به سرڻ کان پٽو ڇڏائڻ لاءِ، جهڙو لامارو ڏنو، تهڙو سرڻ جي چنبن مان پٽو ڪري پيو ۽ وڃي بادشاهه جي محل ۾ ڪِريو. شهزادو يڪدم هڪ بنهه انمول نو لکو هار بنجي، وڃي شهزاديءَ جي ڳچيءَ ۾ پئجي رهيو. فقير يڪدم وري پنهنجي اصلوڪي شڪل ۾ ٿـي، اچي محلات جي در تي صدا هنئي، ته "الله جي نالي، اهو نو لکو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هار ڏيو!“ شهزاديءَ فقير کي چيو ته ”فقير، ٻيو جيڪي کپئي سو گهر، پر نو لکو هار نه ڏينديس.“

نيٺ فقير انهيءَ ڏينهن هليو ويو. وري ٻئي ڏينهن آيو، اچي محلات جي در تي ڌرڻو ماري ويهي رهيو. شهزاديءَ گهڻو ئي سمجهايس، پر فقير باز نه آيو. نيٺ شهزادي ڪاوڙ مان فقير جي اڳيان وٺي هار ٽوڙيو، ته موتي موتي جدا ٿي ويو، ۽ اهي ڦري مڪائيءَ جا داڻا ٿي پيا. فقير جو اهو حال ڏٺو، سو يڪدم ڪڪڙ ٿي اهي داڻا چڳڻ لڳو. اجا پچاڙيءَ جو داڻو چڳيائين، ته شهزادو يڪدم هڪ ٻلو ٿي پيو، وٺي جو ڪڪڙ جي ڳچيءَ ۾ وات وجهي سٽ ڏنائين ته فقير جو ڪنڌ ڀڄي پيو. بس پوءِ اُتي جو اُتي شهزادو يڪدم پنهنجي اصلوڪيءَ شڪل ۾ اچي شهزاديءَ جي سامهون بيهي رهيو. هيڏانهن شهزادي به ڏاڍي خوش ٿي، ايڏي خوش ٿي، جو بس چوڻ کان ٻاهر!

ٿورن گهڻن ڏينهن بعد، نيٺ شهزاديءَ جي هن شهزادي سان وڏي ڌام ڌوم سان شادي ٿي، پوءِ شهزادو پنهنجي راڻيءَ سميت، پنهنجي ملڪ روانو ٿيو، ۽ پنهنجي ماءُ ـ پيءُ ۽ ڀائرن سان گڏيو.

**(سنڌي لوڪ ڪهاڻيون جي ٿورن سان)**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عقلمند شهزادو

هڪڙي بادشاهه کي ست پٽ هئا. ننڍي پٽ کي بادشاهه گهڻو پيار ڪندو هو، اُن جو نالو عقلمند هو. سچ پچ هيءُ سينيءَ ڀائرن کان عقل ۾ اڪابر هو. ڀائرن جي پاڻ ۾ ڏاڍي محبت هوندي هئي. هڪڙي ڏينهن شڪار ڪرڻ لاءِ ست ئي ڄڻا گڏجي نڪتا. خيال ڪيائون ته ٻه چار ڏينهن، ساندهه شڪار ڪري پوءِ موٽجي. انهيءَ خيال سان، شڪار جي چوس ۾ هلندي هلندي، ٽئين ڏينهن پنهنجي ملڪ جي حدن کان ٻاهر نڪري ويا. سڄو ڏينهن شڪار ڪرڻ کان پوءِ، هنن ڪنهن وَسنديءَ جي ڳولا ڪئي. پري کان هنن کي هڪ وڏو محلات نظر آيو. اُتي وڃي ڏسن ته چوڌاري باغ باغيچا لڳا پيا آهن، تن جي پر ۾ هڪ محلات آهي، جنهن ۾ ٻين ننڍن ڪمرن کان سواءِ ست وڏا ڪمرا آهن، ستن ئي ڪمرن جي دروازن تي ست نوجوان شهزاديون هار سينگار ڪيو ويٺيون آهن. هي جڏهن ويجها پهتا، ته اُنهن مان وڏيءَ چيو: "ادي، اسان جا مڙس اچي ويا!" پوءِ هڪڙي هڪڙي ڄڻيءَ وڏي اچي هڪ هڪ شهزاديءَ جو گهوڙو ورتو. هي حيران ٿي ويا، پر دل جهلي انهن کان حال احوال پڇيائون. هنن ٻڌايو ته "اسان هن ملڪ جون شهزاديون آهيون... اسان جو ٻيءُ مري ويو آهي، مرڻ وقت چئي ويو آهي ته 'اوهان جا مڙس اوهان جي ڳولا ۾ هت ايندا' ڪيترن ڏينهن جي انتظار کان پوءِ اڄ اوهان آيا آهيو... هاڻي اسين اوهان جي مِلڪ آهيون."

پوءِ ته زالن جي شوق ۾ هنن کان ملڪ ۽ مائٽ سڀ وسري ويا،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ست ئي ڀائر اتي ڊيرو دمائي ويهي رهيا. صبح جو شڪار تي ويندا هئا ۽ شام جو موٽي ايندا هئا. عقلمند پنهنجي ڀائرن جا گهوڙا سنجيندو هو، تنهن ڪري شهزاديون سمجهنديون هيون ته هو سندن نوڪر آهي، انهيءَ سبب پنهنجي نانديءَ ڀيڻ کي چيڙائينديون رهنديون هيون. ننڍي راڻي سينيءَ کان سياڻي هئي، تنهن اُن ڳالهه ڏانهن گهڻو ڌيان نه ڏنو، پر نيٺ عقلمند کان هڪ رات حقيقت پڇيائين. عقلمند چيس: "هاڻي هيئن ڪر، جڏهن منهنجي ڀائرن کي ننڊ اچي، تڏهن وڃي کين جاڳاءِ ۽ چوين ته اوهان جي ڀاءَ عقلمند کي پيٽ ۾ ڏاڍو سور پيو آهي!" هن وڃي ائين ڪيو ته ڇهه ئي شهزادا روئيندا پٽيندا اُٿيا، جتيون ۽ پٽڪا به هٿ ڪين آيس. شهزاديءَ کي پوءِ پڪ ٿي ته هي پاڻ ۾ ڀائر آهن.

هن جي عقلمند سان ڏاڍي محبت هئي، تنهن ڪري هن عقلمند کي ٻڌايو ته "اسين شهزاديون نه آهيون، پر ڏائڻيون آهيون جڏهن اوهان کي هٿ ست راتيون پوريون ٿينديون، تڏهن اوهان کي ماري، اوهان جو گوشت کائينديونسين." عقلمند اها ڳالهه ٻڌي ڪنبي ويو چيائينس: "ڀلا تون مون کي به کائيندينءَ؟" ڏائڻ چيس ته: "جي توکي کائڻ جو خيال هجيم ها ته توکي اهو ٻڌايان ها؟ هاڻي هيئن ڪر، جو تون پنهنجي ڀائرن کي شڪار تي موڪلي تون سياڻي هتي ترس، ۽ ويهي اسان جو تماشو ڏس." عقلمند صبح جو ڀائرن کي چيو: "اوهان اڄ ڀلي شڪار تي وڃو، مان ڪجهه خوش نه آهيان." پهريائين ته هن جا ڀائر شڪار تي نه پيا وڃن، پر پوءِ هن جو چوڻ مڃي تيار ٿيا. گهوڙن کي سنجڻ لڳا، ته سنج وڃهڻ ئي نه پيا اچن. نيٺ عقلمند اٿي گهوڙا سنجي ڏنن. نانديءَ ڏائڻ کي هاڻي خبر پيئي ته روز عقلمند چو ڀائرن جا گهوڙا سنجيندو آهي. جڏهن عقلمند جا ڀائر شڪار تي ويا، تڏهن عقلمند جي زال مڙس کي ڪنجيون ڏيئي چيو ته "اسان شڪار تي وينديونسين، پنيان تون سڀ ڪوٺيون جاچي ڏسجانءِ!"

ڏينهن مٿي چڙهيو، ته ڏائڻيون شڪار لاءِ اڏامي هليون ويون.

هنن جي وچڻ ڪان پوءِ، عقلمند پهرين ڪوٺي وچي کولي، ڏسي ته ان ۾ ست گهوڙا اهڙي قسم جا بيٺا آهن، جو وٽني جو هوندرو ڪن، ته پکين جي به سائن مجال نه آهي. ٻي ڪوٺي وچي ڏسي ته سڄي شاهي هٿيارن سان ڀري پيئي آهي. ٽين کولي ڏٺائين ته سڄي ماڻهن جي سسين سان سٿيل نظر ايس، جن سيني هن کي ڏسي پهريائين ته روئي ڏنو، پر پوءِ بيهي کلڻ لڳيون. عقلمند حيران ٿي اُنهن کان روئڻ ۽ کلڻ جو سبب پڇيو. سِسين ٻڌايس ته "روئڻ انهيءَ ڪري هو ته تون جهڙو سهڻو جوان ستن راتين کان پوءِ مارجي ويندو. تنهنجي سسي به اچي اسان سان ملندي، کلون ان ڪري ٿيون ته پوءِ به ڪهڙي ڳالهه آهي! اسين به ته نيٺ تو جهڙن شهزادن جون ئي سسيون هيونسين!" عقلمند کي پڪ ٿي ته هتي جيئڻ محال آهي. پوءِ هي يڪدم ڪوٺيون بند ڪري، چپ چاپ اچي سمهي رهيو.

جڏهن شام ٿي، تڏهن ڏائڻيون ۽ هن جا ڀائر آيا. رات جو عقلمند زال کي چيو: "مون سڀ ڪجهه ڏٺو. هاڻي مون کي يقين آهي ته تون جيڪي ڪجهه چيو سو سچ آهي. پر خدا جي نالي منهنجي ڀائرن جو بچاءُ ڪر، باقي آءٌ حاضر آهيان." ڏائڻ چيس: "خيال نه ڪر، تنهنجي صدقي اهي به بچي پوندا. هاڻي هيئن ڪجو جو صبح جو سوير، شڪار جي بهاني اٿي پنهنجي ملڪ ڏانهن روانا ٿي وڃجو. جڏهن شام ٿئي، تڏهن ڪنهن ٽڪر تي چڙهي، گهوڙن جون ڪچون ترارن سان ڪپي، اتي ويهي رهجو... ۽ جڏهن اسين ڳوليندي ڳوليندي، توهان وٽ اچي پهچون، تڏهن اوهان چئجو ته 'اسان اڄ رات هتي رهي، صبح جو شڪار ڪندا ڪندا، گهر ڏانهن موٽندا سون، اوهان پنهنجا گهوڙا اسان ڏانهن ڏياري موڪلجو."

جڏهن صبح ٿيو، تڏهن هي شڪار تي روانا ٿيا. اِتي عقلمند پنهنجي ڀائرن کي سڄي حقيقت ٻڌائي، چيو ته "جيترو ٿي سگهيوَ، گهوڙن کي هڪليو." سيني کي ساهه ۾ جي لڳي ويئي، سو اهڙي گهوڙن کي چوٽ چڏيائون، جو ٻن ڏينهن جيترو پنڌ هڪڙي ڏينهن ۾ ڪڍي آيا. جڏهن شام ٿي، تڏهن هڪ ٽڪريءَ تي چڙهي ويا، ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُتي گهوڙن جون ڪُچون ڪيپ، ويهي رهيا.

شام ٿي ۽ هي جو ڪونہ موٽيا، تڏهن ڏائڻين کي شڪ ٿيو تہ شهزادا شايد ڀڄي ويا. سڀيئي صلاح ڪري، هنن کي ٻُوليءَ نڪتيون، نيٺ هنن کي ٻُولي اچي لڌائون. جڏهن وٽن پهتيون، تڏهن شهزادن چيو: "اسان کي اڄ شڪار نہ لڳو آهي، تڪڙ ۾ گهوڙن جا سنب بہ ڦٽجي پيا آهن، هاڻي ڪي اوهان گهوڙا موڪليو تہ پوءِ گهر اچون." اهو ٻڌي، اهي موٽي ويون، يڪدم پنهنجا ساموندي گهوڙا وٺي آيون. جڏهن هنن شهزادن کي هلڻ لاءِ زور رکيو، تڏهن عقلمند چيو تہ "اسان جي عادت آهي تہ هٿين خالي گهر نہ موٽندا آهيون. سڀاڻي شڪار ڪري، پوءِ گهر ايندا سين." ڏائڻيون هليون ويون، هنن گهوڙن تي زينون رکيون، جيترو ٿي سگهين، گهوڙن کي وٺي هڪليائون. سڄي رات ۽ ٻيو ڏينهن گهوڙا ڪاهيائون. رات ٿي، پر هو نہ موٽيا، سو ڏائڻيون صلاح ڪري وري هنن جي ٻُولا ۾ نڪتيون. ننڍيءَ ڀيڻ گهڻو ئي هيڏانهن هوڏانهن ٿيڙين، پر نيٺ ڪيترو ٿڙي ڪيترو ٿڙن! پري کان ڪنهن مهل ڏٺائون تہ مڙس وڃن ٿا اُڏاٽا! ڏائڻين کي ڏسي، ويتر هنن بہ گهوڙن تي ڪٽي مار وڌي. مُلڪ جو ڏنگ باقي ٻن چئن وکن تي رهيو... ٻيا سڀ ٽپي ويا، باقي عقلمند، جو سڀنيءَ جي پٺيان هو، تنهن جي گهوڙي جي پڇ ۾ هڪ ڏائڻ جو هٿ پئجي ويو، ننڍي ڏائڻ سمجهيو تہ هاڻي جو ان جو سر ٿو وڃي، تنهن رڙ ڪئي تہ "انڌا گهوڙي جو پڇ نٿو ڪپين!" عقلمند ڪڍندي ترار گهوڙي جي پڇ تي وهائي ڪڍي، تہ پڇ ڪپجي وڃي پري پيو، ۽ گهوڙو ٽپي وڃي ڏنگ جي هن پار ٿيو، ڏائڻيون هٿ ملي ويهي رهيون، پنهنجيءَ ڀيڻ کي ميارون ڏينديون، موٽي ويون. شهزادا صحيح سلامت اچي پنهنجي ملڪ پهتا.

ڪجهہ ڏينهن گذريا، تہ عقلمند کي اچي انهيءَ ڏائڻ جي سڪ ٿي. مڙس خيال ڪيو تہ ڪجهہ بہ ٿي پوي، پنهنجي محبوب جو منهن ضرور ڏسندس. ڀائرن گهڻو ئي سمجهايس، پر هي پڙ ڪڍي ويٺو. آخر عقلمند کان جيڪو وڏو ڀاءُ هو، تنهن چيو: "ادا، جي تون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃين ٿو ته مان به توسان هلندس. توکي اڪيلو ڪيئن ڇڏيان!" پوءِ ٻيئي ڄڻا اٿي اوڏانهن روانا ٿيا.

هڪليندا هڪليندا، هڪڙي ڪوهه جي ڀرسان اچي مانجهاندو ڪرڻ لاءِ هڪ پپر جي وڻ هينان لٿا. عقلمند جو ياءُ گهوڙن جو واڳون ڪڍي، ويو پاڻي ڀرڻ. اتي ڏسي ته ڪوهه جي پڳهه تي رکيل پٿر مٿان هڪ اهڙي مورت چٽيل آهي، جنهن جهڙي سهڻي عورت نه دنيا ۾ پيدا ٿي ۽ نه ٿيندي! هن خيال ڪيو جيڪڏهن عقلمند اها مورت ڏٺي ته ان تي عاشق ٿي پوندو، پوءِ اڳلي ڪان به ڇڳلي ٿي پوندي. اهو خيال ڪري، هن ڪوهه مان پاڻي ڪڍيو، ۽ گارو ناهي، انهيءَ مورت کي ان سان لنبي ڇڏيائين. تنهن کان پوءِ پاڻي ڀري ڪٽي ماڳ تي آيو. ماني تڪي تيار ڪري، کائي پي، سمهي رهيا. اُٿڻ مهل پاڻيءَ جي ضرورت ٿين، عقلمند جو ياءُ پاڻيءَ لاءِ وڃڻ لڳو، ته عقلمند روڪيس، چي "هاڻي منهنجو وارو آهي." هن گهڻو ئي جهليس، پر عقلمند نه مڙيو. جڏهن ڪوهه تي آيو ته اها مورت ڏسي بيهوش ٿي ويو. ياڻس وڃي ڪيس ڪنيو، پاڻي وجهي هوش ۾ آندائينس. ياڻس منهن ورائي جو ڏسي، ته اها ساڳي مورت جيئن پهرين ڏٺي هيائين، تيئن پٿر مٿان صاف ئي صاف اَئين بيٺي آهي! عقلمند جڏهن هوش ۾ آيو، تڏهن ياءُ کي چيائين: "جيڪڏهن انهيءَ مورت واري عورت پرڻائين ته واهه، نه ته اسان جو مڙهه مقام انهيءَ کُوهه تي آهي!" عقلمند جو وڏو ياءُ حيران ٿي بيهي رهيو. ڪو چارو ئي نه سجهيس. نيٺ ياءَ کي چيائين: "تون وري ساڳئي هنڌ تي هلي ويهه، ته مان ڳولا ڪريان." هن وري به گارو ناهي، انهيءَ مورت کي لنبي ڇڏيو. پاڻ ويهي تماشو ڏسڻ لڳو. جهٽ ڪانه گذري ته هڪ ڪارو نانگ اچي انهيءَ مورت تي ليٽڻ لڳو، اُتي جو اُتي پوري اڳئين وانگر مورت صاف ٿي ويئي. هن سمجهيو ته حرڪت پڪ ئي پڪ انهيءَ نانگ ۾ آهي. پوءِ هن ڪوهه ۾ چٽائي ڏٺو، ڏسي ته ڪوهه جي پاسي ۾ هڪ دري لڳل آهي، پر بند آهي. گمان ٿيس ته ضرور انهيءَ دريءَ اندران ڳالهه جو پتو پوندو. اهو خيال ڪري، هيءَ ياءُ وٽ آيو. ياءُ کي چيائين:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"گهوڙي جون واڳون ٻڌل، ۽ مون کي کوهه ۾ لاهي، پوءِ جي ٽيٽو هوندو، ته گهٽو ڪجهه ٿي پوندو!" عقلمند واڳون ٻڌي ياءُ کي کوهه ۾ لاٿو. هي سڌو انهيءَ دريءَ وٽ آيو. دري ٽپي اندرئين پاسي تيو، ڇا ڏسي ته انهيءَ مورت واري شهزادي ويٺي آهي، ۽ هڪ ديو سندس گوڏي تي سر رکيو، ستو پيو آهي! شهزادي هن کي ايل ڏسي عبرت ۾ پئجي ويئي، اشاري سان کيس چپ رهڻ لاءِ چيائين، پوءِ آهستي آهستي اٿي دري کولي ڇڏيائين. اِئين ڪندي، شهزاديءَ دريءَ مان منهن ڪڍي، مٿي جو ڏنو، ته عقلمند نظر آيس. ٻنهي جون اکيون اٽڪي ويون. عقلمند جي ياءُ شهزاديءَ کي اشارو ڏيئي چيو: "تون گوڏو ڪڍي ٻاهر ٿيءُ ته مان گوڏو ڏيانس؟" شهزادي پهريائين ته ڪجهه هٻڪي، پر پوءِ همت ٻڌي اُٿي، ۽ پڙڪو ڏيئي هڪدم وڃي کوهه جي پڳهه تي پير کوڙيائين. هيڏانهن عقلمند به ڪٽي گهوڙي تي چاڙهيس، پوءِ وٺي ڪٽي گهوڙي کي اڙي هنيائين، پنٽي ياءُ ڏانهن نهاريائين به ڪين.

ديو کي جڏهن جاڳ ٿي، تڏهن چيائين: "او منهنجا يار!"
عقلمند جي ياءُ ورندي ڏنيس: "تنهنجي يار کي ڪٽي ويو منهنجو يار."
ديو خار مان چيس: "بيوقوف! اُهو يار ته نه هو، پر يارن جو خار هو، ياريءَ جا پنڌ اڃا پري آهن." ديو کي وري به ننڊ ڪٽي ويئي. وري جاڳي دانهن ڪيائين: "او منهنجا يار!" هن وري به جواب ڏنس "تنهنجي يار کي ڪٽي ويو منهنجو يار." ديو وري به چيس: "بيوقوف! اهو يار نه هو پر يارن جو خار هو، ياريءَ جا پنڌ اڃا پري آهن." اهڙي طرح ديو ٽيون دفعو سڏيو ۽ هن ساڳيو جواب ڏنس، تڏهن ديو چيس: بيوقوف، ٻڌ ته مان توکي يارن جي ڳالهه ٻڌايان."

"هڪڙي سوداگرزادي ۽ چاڪيءَ جي پاڻ ۾ ياري هئي. جڏهن سوداگر واپار تي ويندو هو ته ڇهه ڇهه مهينا لائي پوءِ موٽندو هو، انهيءَ وچ ۾ چاڪي وڃي سوداگر جي گهر ٽڪندو هو ۽ رات جو سوداگر جي زال سان ساڳيءَ کٽ تي سمهندو هو. شهر ۾ اها ڳالهه هلي ويئي، ڪن وڃي بادشاهه جا ڪن ڀريا. بادشاهه رات جو چمڙا پوش



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو چنڊ! تڏهن ته وڏيڪ حيران ٿي ويو ۽ سندس دل ڪوٺي ٿي پيئي. چاڪيءَ ٻه ٽاڙي ورتو ته بادشاهه جي نيت ۾ خلل آهي. پوءِ بادشاهه کي ويهي زور ڏيڻ لڳو. بادشاهه جو خيال هجي ته چاڪي ننڊ ڪري ته سندس زال سان محبت جا ٻه چار ٻول وندريان، پر چاڪيءَ زورن ڪان بس ئي نه ڪري، بادشاهه جي روڪڻ تي به نه مڙي. ٿيندي ٿيندي، ائين ئي سج اُڀري ويو. چاڪيءَ بادشاهه جي پيرن تي هٿ رکي، چيو: "سائين، ياريءَ جا پنڌ اجا پري آهن، جيڪڏهن مان ننڊ ڪريان ها، ته تنهنجي نيت ڪا ٻي هئي! هل توکي مان پنهنجا دوست ڏيکاريان. هاڻي تون ڪوتوال جا ڪپڙا ڪري، مون کي هٿڪڙيون هڻي، سوداگر جي زال وٽان هلي لنگهه." بادشاهه تماشي ڏسڻ لاءِ ائين ڪيو. جڏهن چاڪي سوداگر جي گهر وٽان اچي لنگهيو، تڏهن بادشاهه هڪل ڪري چيو: 'هل ڙي چاڪي، تو ٻه گهٽا ڏينهن مُلڪ ماريا آهن!' مائي، چاڪيءَ جي نالي ٻڌڻ سان ئي ڊوڙي در تي آئي. ڪوتوال کي ڏسي ڏڪي ويئي ۽ چوڻ لڳي: ادا، انهيءَ کي ڇڏي ڏي، جيتري دنيا وٺيئي، مون کان وٺ! بادشاهه چيو: 'اصل نه ڇڏيندوسانس.' مائيءَ چيو: 'هيءَ سڄي جائداد تون وٺ، مان رڳو گندي مٽي تي رکي، ٻاهر نڪري ٿي ويهان، پر تون چاڪيءَ کي ڇڏ!' چاڪيءَ بادشاهه کي چيو ته 'هاڻي فلاڻي مڪان وٽ هل.' بادشاهه هن کي اوڏانهن وٺي ويو، پوءِ مڪان جي ٻاهران هڪل ڪيائين: 'هل ڙي چاڪي، تو ٻه گهٽا ڏينهن مُلڪ لٽيا آهن!' مڪان ۾ هڪ ملنگ ويٺو هو، جنهن اهو آواز ٻڌي ٻاهر اچي، ڏسي چيو، هيءَ ته ساڳيو چاڪي، جيڪو منهنجو دوست آهي! بس، پوءِ ته ڀنگ وارو ڏنڊو کڻي، بادشاهه تي سڌو اُلر ڪري آيو! چيائينس ته 'چاڪيءَ کي ڇڏ، نه ته هڪڙو ئي ڏنڊو سر وارو ڏيندو ساڻءِ!' بادشاهه لاچار ٿي، چاڪيءَ کي ڇڏي ڏنو. هلندي ويل، چاڪيءَ بادشاهه کي چيو ته 'دوستي ائين ٿيندي آهي!' بادشاهه قبول ڪيو ته "بيشڪ تنهنجي دوستي جي ڏانءُ جو آءُ نه آهيان!"

ديو ائين چئي، هن جي ٻانهن ۾ هٿ وجهي، وٺي جو اُڇل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنس، تہ وڃي ڪوھ ڪان ٻاهر ڊنو. اتي ڏسي تہ سندس گهوڙو پڌو پيو آهي، باقي نہ عقلمند لهي ۽ نہ شهزادي. هيءُ سڌو گهر آيو، اُتي عقلمند مليس، جنهن کي چيائين: "ادا، ديو جهجها سلام ڏنا هوءِ!" عقلمند شرمندو ٿي، ڪٿي ڀاءُ کي ڀاڪر وڌو.

(سنڌي لوڪ ڪهاڻيون جي ٿورن سان)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڄام پونئرو

عيسوي ڏهين صديءَ ڌاري ڪڇ ۾ "ڄام پونئرو" راڄ ڪندو هو. وٽس مال متاع جي ڪمي ڪانہ هئي، پر اولاد جي خوشي نصيب نہ ٿي هئس، جنهن ڪري رات ڏينهن ڳڻتين ۾ پيو ڳرندو هو. اولاد جي لاءِ هن ڪيترا پير فقير پوڇيا، پر ڀيو ٿيو خير. سندس شهر "پڌر ڳڙهہ" کان ڪجهہ مفاصلي تي، هڪڙي ندي هئي، جنهن جي ڪپ تي ڪي ست ڄڻا ساڌو فقير، رات ڏينهن پوڄا پاٺ ۾ مشغول هوندا هئا؛ جن جي ڪنهن بني بشر کي خبر ڪانہ هئي.

هڪڙي ڏينهن ڪو مهاڻو اتي مڇيون مارڻ آيو، جنهن هنن کي ڏسي ورتو. اهو ويچارو بہ اولاد جو سڪايل هيو. خيال ڪيائين تہ من انهن فقيرن جي دعا سان ڪو اولاد ٿئيم، سو ڄار نديءَ جي ڪپ تي رکي، هڪلي ساڌن جي آستان تي ويو ۽ هٿ ٻڌي ڪنڌ وٺي ويهي رهيو. ساڌو پنهنجن ئي خيالن ۾، ڪنڌ هيٺ ڪيو ويٺا هئا. مهاڻي دل ۾ خيال ڪيو تہ آستان ۾ ڏاڍو گند ڪچرو لڳو پيو آهي، سو ڇونہ انهيءَ جي صفائي ڪري وٺان! پوءِ تہ يڪدم صفائي کي لڳي ويو، مٽ سڪي ويا هئا، سي بہ نديءَ تان ڌوئي ڌمالي ڀري آڻي رکيائين. آخر هڪڙي پيرسن ساڌو ڪنڌ کڻي کيس ڏٺو ۽ چيائينس تہ: اي شخص! تون ڪهڙي خيال سان هتي آيو آهين؟ مهاڻي هٿ ٻڌي عرض ڪيو تہ: سائين، ڏٺيءَ جو ۽ توهان جو ڏنو سڀ ڪجهہ اٿم، پر اولاد ڪونہ اٿم، ان لاءِ توهان جي دعا گهرجي. تنهن تي ساڌو چيس تہ:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي تون مڇيون نہ مارين، ميرو رکين نہ من،
پيءُ ٽئين پٽن جو، اگڻ جھجھو اَن.

(اي شخص! جي تون مڇيون نہ مارين ۽ دل ڪي ميرو نہ رکين تہ تون پٽن جو پيءُ ٿيندين، ۽ تنھنجي گھر ۾ گھڻي برڪت پوندي.)

مھاڻي ان ڏينھن ڪان پوءِ مڇين مارڻ ڪان توبھ ڪئي ۽ ساڌن جو چوڻ بہ پورو ٿيو. مالڪ جي مھر سان ڪيس نائين مھيني ھڪ چنڊ جھڙو پٽ ڄائو. بس پوءِ تہ سڄي ملڪ ۾ ساڌن جي درويشيءَ جو ھل ھلي ويو. نيٺ ھڪڙي ڏينھن ڄام پونئري ڪي بہ اھا خبر پئجي وئي. ھو بہ ھر ھنڌان نااميد ٿي چڪو ھو، تنھن جو اھا خبر ٻڌي، سو ھڪ دفعو وري بہ اميد ٿيس. ڇا ڪيائين جو پنھنجي پَٽَ راڻي "راڄئين" کي سھائي سنيرائي، ساڌن جي آستان تي وٺي آيو. ساڌو بہ پنھنجي عبادت ۾ مشغول ھئا، پر راڻيءَ انھيءَ ڳالھ جو خيال ئي ڪونہ ڪيو، ۽ وڏي آواز ۾ چيائين تہ:

راڻيءَ رٿ جوڙيو، آئي درويشن وٽ،
وياءَ وڏايون مون ڏيو، تہ ماڻڪ ڏيانو مٽ.

(راڻيءَ چيو: آءُ رٿ تي چڙھي درويش وٽ آئي آھيان. اي ساڌو! توھين جيڪڏھن مون کي اولاد ڏياريو، تہ ان جي عيوض آءُ توھان کي ھيرن جواھرن جا مٽ ڏينديس).

فقيرن کي ڀلا ھيرن ۽ جواھرن جي ڪھڙي پرواھ! ويتر راڻيءَ جو ھنن جي عبادت ۾ خلل وڌو، سو رکو جواب ڏنائونس تہ:

اسين نہ اھڙا اولياءَ، جي ڏيون ٻين کي ٻار،
ھيءُ نياءُ ات ٿئي، جت صاحب جي دربار.

(اي مائي! اسين اھڙا درويش ڪونہ آھيون جو ٻين کي اولاد ڏيندا وتون. اھو تہ سڀ ڪجھ مالڪ جي ھٿ وس آھي.)

ساڌن جو اھو جواب ٻڌي راڻيءَ کي ڏاڍو ڏک ٿيو، پر وري بہ ڪين ستائڻ لڳي تہ: اي ساڌو! توھان ھڪڙي مھاڻي کي پٽ ڏنو آھي پر ھن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملڪ جي راجا کي ننڍا ڏيو، ڇا اسين ان مهاڻي کان به گهٽ آهيون؟ تنهن تي وري به فقيرن ڪيس سمجهائيندي چيو ته:

ٻائي! ڏاهي ٿي، اسين نه نوڙها تڳ،
هڪڙو هينئر جهلي ڏيون، جي هجن اسان وٽ وڳ.

(اي مائي! ڏاهي ٿي، اسين نڳ ڪونه آهيون جو توکي ڪوڙو دلاسو ڏيون. اسان جي وس ۾ جي ڳالھ هجي ته هينئر ڪٽي توکي پٽ ڏيون.)

ساڏن جو رکو جواب ٻڌي، راڻي اولاد جي آس اندر ۾ ئي سانڍي مايوس ٿي محلات ڏي موٽي آئي، ۽ سموري حقيقت ڄام پونئري کي ٻڌايائين.

راڄئينءَ پونئري ڄام کي، چيون ڳالهيون چار،
مهاڻي تي مهر ٿي، اسان لئي انڪار.

(راڻي راڄئين، پونئري ڄام کي سچي حقيقت ٻڌائي ته، ساڏن مهاڻي تي مهرباني ڪري ان کي اولاد ڏنو، پر اسان لاءِ انڪار ڪيائون.)

ساڏن جو اهو رکو جواب ٻڌي، ڄام پونئري کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي، سو ڇا ڪيائين جو ستن ئي ساڏن کي ڪٽي تهخاني ۾ بند ڪيائين، سمجهائين ته پاڻهي بک اڃ ۾ لاچار ٿي مون لاءِ دعا گهرندا. ڏينهن گذري ويا پر ساڏن ڪجھ به ڪين ڪڇيو. تنهن تي راجا هيڪاري باھ ٿي ويو ۽ حڪم ڏنائين ته: هنن ساڏن کي تھ خاني مان ڪڍي، هڪڙي کلئي ميدان تي گهاڻي ۾ ٻڌي وهايو. حڪم جي دير هئي يڪدم هنن ويچارن کي تهخاني مان ڪڍي گهاڻي ۾ ٻڌائون، پر هو ڪٿي ٿا ظلم کان ڊڄي، راجا لاءِ دعا گهرن! صبر سان سڀ مصيبتون سهندا رهيا. ساڏو ويچارا رات ڏينهن گهاڻي ۾ وهندا رهيا ۽ ماڻهو وري به مٿن چٿرون ۽ مسخربون ڪرڻ لڳا. ڪوبه هنن کي ماني ٽڪي ڪونه ڏيندو هو. آخر هنن کي هيڏي مصيبت ۾ ڏسي هڪڙي غريب حجام کي مٿن قياس اچي ويو. تنهن ماڻهن کان لڪچوري اچي هنن کي چيو ته: توهان جو ڪو ڏٽي آهي يا نه. جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توهان کي هن آزار کان آجو ڪري؟ تنهن تي هڪڙي ساڏو چيس ته: اسان جي سار لهڻ وارا ته گهٽئي آهن، پر انهن کي اطلاع ڪير ڏئي؟ اسين سٽئي هتي گهاٽي ۾ ٻڏا پيا آهيون. باقي جي ڪو ماڻهو اسان مان هڪڙي جي بدران وهي ته جيڪر اهو وڃي مددگارن کي سڏي اچي. حجام چيو ته جيڪڏهن توهان جي ائين جند ڇٽندي ته آءُ توهان مان هڪڙي جي پاران هن گهاٽي ۾ وهڻ لاءِ تيار آهيان. ائين چئي هڪڙي ساڏو کي کولي، پاڻ ان جي پاران گهاٽي ۾ وهڻ لڳو. گهاٽي مان ڇٽل ساڏو تورو پنڌ ڪري اچي هڪڙي ٽڪريءَ تي چڙهيو ۽ پنهنجي ديوتا کي سڏڻ لڳو:

ڪنن پائي ڪوڪرا، ڏرس ٻرايم ڏان،
رتيا راج اگهان، اجان ڪونه آيو!

(ڏرس چوڻ لڳو ته: اسين هتي مصيبت ۾ ڦاٿا پيا آهيون، پر توهان مان اجان تائين اسان جي مدد لاءِ ڪوبہ ڪونہ آيو آهي.)

ساڏوءَ جي پڪار تي توري ئي وقت کان پوءِ هنن جي مدد لاءِ ٻاهتر 'جک' اچي ڪڇ جي بندر "جکوئي" تي لٿا. هنن سان گڏ هنن جي پيڻ "سانيري" پڻ آئي هئي. سانيري تمام چالاڪ هئي، تنهن ڪري جکن هن کي ڄام پونئري جي طاقت ۽ محلاتن جي ڳجهن رستن جي حقيقت لهڻ لاءِ محلات ۾ موڪليو. سانيري پنهنجي هوشياري ۽ چالاڪيءَ سان، راڻي راجئين ۽ ڄام پونئري جي گهر جي اٿهڻ ويهڻ جي سموري حقيقت هٿ ڪري، جلد ئي موٽي آئي، ۽ جکن کي اچي ٻڌايائين ته، ڄام پونئرو روز صبح جو وڏي ماڙيءَ جي اگڻ ۾ وهنجندو آهي، اهو وقت ۽ هنڌ پونئري کي مارڻ لاءِ ٺيڪ ٺيندو. سانيري جي اها اٽڪل سينيءَ کي وڻي ۽ ٻئي ڏينهن جو انتظار ڪرڻ لڳا.

ٻئي ڏينهن هميشه وانگر جيئن ڄام پونئرو وهنجڻ خاني ۾ ويو، تيئن "ڪڪڙ" نالي هڪ جک، ٽڪريءَ تي چڙهي نشان ڇٽي اهڙو ته تير هنيس جو ڄام پونئرو اتيئي ڦٽڪي مري ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڪڙ ڪاني هنئين، ڪانيءَ ڪيو ٺڪاءُ،
پونئرو ويندي پاٺ، تيئن چپر پئي مٺان.
(ڪڪڙ، ڄامر پونئري کي اهڙو ته تير هنيو، جو هو اتيئي مري ويو.)

اهڙيءَ طرح هنن، ساڻن کي ڄامر پونئري جي مصيبتن مان آزاد ڪرايو. جنهن ٽڪريءَ تان ڪڪڙ جڪ تير هنيو هو، ان کي اڄ ڏينهن تائين ٻه 'ڪڪڙ پٽ' چوندا آهن.

(ماهوار اديون ڪراچيءَ جي ٿورن سان)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حمير سومرو *

هيءَ ان وقت جي ڳالھ آھي، جڏھن حمير سومرو سنڌ جو بادشاھ ھو. ان وقت "ڄام پونئرو" لوڙھيون ھڻندو ھو. آسپاس جي علائقن مان چوپايو مال ھڪي پنھنجي ملڪ ۾ موٽي ايندو ھو. وڏو ظالم ھو، جنھن ڪري آسپاس جا راجا ھن کان ڏڄندا ھئا. ڪنھن کي بہ ھن سان ھٿ اٽڪائڻ جي ھمت نہ ھوندي ھئي، پر پونئرو سيني راجائن کي پيو ستائيندو ھو.

انھيءَ زماني ۾ ڪاٺياواڙ جي دنگ تي "ويرگوجر" نالي ھڪڙو تمام عادل ۽ سخي راجا راڄ ڪندو ھو. ھڪڙي ڀيري پونئري ان جي مال ھڻڻ لاءِ پنھنجا ماڻھو موڪليا:

پونئري ڪيا پرياڻ، ٻرڙي تي ٻر پيا،
تنين وڃي واريون، لوڏون لڪ مٿان.

(پونئري، وير گوجر جي ملڪ ۾ ٻرڙا پھاڙ ڏانھن لشڪر اماڻيو جنھن وڃي لڪن مان مال ھنيو).

وير گوجر کي جڏھن انھيءَ ڳالھ جي خبر پئي، تہ يڪدم ٻہ پاسي وارن راجائن ۽ سردارن کي گڏ ڪيائين، جي پڻ پونئري جا دشمن ھئا، پوءِ ھڪڙو وڏو لشڪر ٺاھي، ڪڇ ملڪ تي ڪاھي آيو.

چانوت ڪري چڙھيو، گجر گھو مليا،
پواڙا پونئري ٻيلئين، گھٽا وچ ڪيئا.

* ھن ڳالھ جي روايت وچولي (تعلقي شھدادپور) مان ظفر بلوچ کان ملي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(وير گوجر، گهوملي ننگر کان فوج وٺي، ڏاڏي ڪاوڙ مان چڙهائي ڪري آيو، پر پونئري جي سردارن به ساٽس چڱي جنگ ڏني.)

نيٺ هو لٽ مار ڪندو پونئري جي ڪوٽ پڌر ڳڙهه وٽ اچي پهتو، ۽ ڪوٽ کي گهيرو ڪري ويهي رهيو. لڳاتار ٻه مهينا گهيرو هليو، پر هو پڌر ڳڙهه جو هڪ پٿر به هٽائي نه سگهيو. انهن ٻن مهينن جي عرصي ۾، ٻنهي ڌرين مان جڏهن به ڪنهن کي موقعو ملندو هو ته ٻيءَ ڌر تي حملو ڪري ان جا ڳچ ماڻهو ماري ڇڏيندا هئا. اهڙي طرح ڪيترائي ماڻهو مري ويا پر جنگ جو فيصلو نه ٿيو. جيئن جيئن وقت گذرندو ويو، تيئن تيئن ٻئي طرف ڪمزور ٿيندا ويا. آخر ٻنهي ڌرين گڏجي فيصلو ڪيو ته، ٻنهي پاسن کان هڪ هڪ پهلوان ميدان ۾ اچي، ۽ پوءِ جنهن به ڌر جو پهلوان ماري، تنهن کٽيو. انهيءَ فيصلي ٿيڻ سان ٻئي راجا، پونئرو ۽ وير گوجر، ميدان ۾ آيا ۽ پهرين پهرين زور آزمائي لاءِ ملهه وڙهيا.

سنيري سامنت اٿيا، ڪينٽيا اچي خان،
وير موڙي مانَ، پل ۾ پونئري ڄام جو.

(ٻئي پهلوان تيار ٿي، ميدان ۾ آيا ۽ وڙهڻ لڳا. آخر وير گوجر، پونئري جو هٿ ڀڳو.)

پونئري جڏهن ملهه ۾ هارايو، تڏهن هٿيارن سان جنگ ڪيائين، هٿيارن جي جنگ ۾ به وير گوجر کانئس سرسيءَ ۾ رهيو. پونئري هارايو ۽ وير گوجر کٽيو. هارائڻ کان پوءِ ڄام پونئري ڏن طور ڪيترو مال، وير گوجر کي ڏنو. آئيندي پڻ سال به سال ڏن ڏيڻ جو انجام ڪيائين. وير گوجر جي موٽي وڃڻ تي، ڄام پونئري جي حڪومت جو اڳيون زور ڪونه رهيو. سيئي سردار ڪيس ڏن ڀرو راجا سمجهي سندس حڪم مڃڻ کان انڪار ڪرڻ لڳا. اها حالت ڏسي پونئري خيال ڪيو ته اهو خواريءَ جو نڪر پاڻ تان لاهجي، سو سنڌ جي بادشاهه حمير سومري کي دعوت موڪليائين ته هو اچي وير گوجر سان جنگ ڪري، ۽ انهيءَ عيوض ڏن طور ڏيءَ جو سڱ ڏيڻ جو انجام



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيائين.

ماڙو هلائيِن مٽر، ڪوٺيئين سنڌ حمير،
سڱ ڏيان سومرا، بيا پڌر ڏيانءِ وير!

(پونئري، حمير سومري ڏانهن ماڻهو موڪليو ۽ چوائي موڪليائينس ته: جي منهنجي مدد لاءِ ايندين ته توکي سڱ به ڏيندس ۽ ان کان سواءِ منهنجي ملڪ جو ڪجهه حصو پڻ ڏيندوسئين.)

پياڻي پياڻي لک ڏيان، گهوڙا ڏيان ٻچ،
سمي ڪارڻ سومرا! تون تان وهلو اچ.

(آءُ توکي تنهنجي هر منزل تي لک رپيا ۽ بيشمار گهوڙا ڏيندس، پر اي سومرا سمي ڄام جي مدد لاءِ جهٽ اچ)

حمير سومري کي جڏهن اهو نياپو پهتو، تڏهن هڪڙو وڏو لشڪر تيار ڪري پونئري جي مدد لاءِ ڪڇ ڏانهن روانو ٿيو.

جيئن ڏونگر تيئن هاٿيا، جيئن ڪيرون تيئن ڇتر،
حميراڻي فوج ڪر، اُڳا اڀ نکتر.

(حمير سومري جي فوج ۾ جبلن جيڏا بي انداز هاٿي، جن جي هنبارين جا ڇٽ ڪيرين جي ٻوٽن وانگر ڏسڻ ۾ ٿي آيا، ۽ حمير جي فوج به ائين ٿي لڳي ڄڻ آسمان ۾ تارا.)

ٿوري ئي وقت ۾ سڄي ملڪ ۾ اها خبر باهه وانگر پکڙجي ويئي ته سنڌ جو حاڪم حمير سومرو، پونئري جي مدد لاءِ پيو اچي، سو سيني کي اچي سر سان لڳي.

اچي ساڻ الٿيا، اڏاڻي پٽي،
راجيئن نهاري ڳوک تان، آيو سنڌ ڌڻي.

(حمير سومري جا جوڌا جوان ڏوڙ اڏائيندا اڳتي ڌوڪيندا پئي آيا، ۽ پونئري جي زال راڻي راجيئن پنهنجي محلات جي دريءَ مان نهاري چيو ته، سنڌ جو ڌڻي اچي ويو.)

حمير سومري جي پهچڻ تي پونئرو ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ پنهنجا ماڻهو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ونئي سنڌس آڏر ڀاڳُ لاءِ اڳيرو وڃي ساٽس مليو. ٻئي راجا پاڻ ۾ ڀاڪر پائي ڏاڍي اڪير مان مليا. پوءِ پونئري ڪيس قلعي ۾ رهڻ لاءِ عرض ڪيو پر حمير سومري سنڌس اها ڳالهه نه مڃي، ۽ چيائينس ته:

واڙي وَچون پورجن، ڀاڏا نه پورجن ڀار،
اسين پڌر جا بادشاهه، ڊچون نه ڪنهن جي ڌاڪُ.

(اي پونئرا! واڙي ۾ وَچون پوربيون آهن ۽ نه ڀاڏا، اسين ميدان جا مرد آهيون، اسان کي ڪنهن جو ڊپ ڌاڪُ ڪونهي.)

پونئري، حمير سومري جي اها ڳالهه ٻڌي ڪٽي مات ڪئي، حمير سومري، پڌر ڳڙهه جي قلعي آڏو پنهنجو ديرو دمايو. ٻن ٽن ڏينهن جي آرام کان پوءِ لڙائيءَ جي تياري شروع ٿي. آخر هڪڙي ڏينهن ٻئي ڌريون اچي آمهون سامهون ٿيون. وري ٻه ساڳيو فيصلو ٿيو ته ٻنهي پاسن کان پهلوان، ميدان ۾ نڪري وڙهن، تنهن ڪري حمير سومرو ۽ وير گوجر هٿيار پنوهار پهري ميدان ۾ آيا. وير گوجر هاٿيءَ تي ۽ حمير سومرو گهوڙي تي سوار هو. ٻئي جوڌا جوان هڪ ٻئي جي ويجهو ٿيا، تڏهن هڪ ٻئي کان اڳرا ٿي ڏسجڻ ۾ آيا. حمير چيو ته پهريون تون وار ڪر پر وير گوجر چئي ته پهريون تون وار ڪر. نيٺ گهڻي ريڙهه پيڙهه کان پوءِ وير گوجر حمير سومري تي گرز سان وار ڪيو، جو سنڌس منهن ۾ لڳو. ڌڪ لڳڻ سان رت ريلا ڪري وهڻ لڳو. حمير سومري جا ڪيترا ڏند ڀڃي پيا ۽ گهوماٽي کائي گهوڙي تان ڪري پيو. پونئري پنهنجي محلات جي دري مان سمورو لقاءُ ويٺي ڏٺو، تنهن حمير سومري کي گهوڙي تان ڪرندو ڏسي رڙ ڪري چيو ته:

گهاءُ لڳو گهٽج جو، ڇٽيو ڇتر مٿان،
راڻي ائين پڪاريو، حمير ويو هٿان.

(حمير سومري کي گرز لڳڻ ڪري گهاءُ ٿي پيو ۽ هو گهوڙي تان ڪري پيو. اتي پونئري رڙ ڪري چيو ته حمير هٿن مان ويو.)

حمير سومرو تمام طاقتور شخص هو، سو اهو ڌڪ پچائي اٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڙو ٿيو، ۽ وير گوجر کي هوشيار رهڻ لاءِ للڪاريائين. سنڌن للڪارڻ سان لڙائيءَ جو سارو ميدان گونجڻ لڳو. وير گوجر، حمير جي وار لاءِ تيار ٿيو ۽ حمير سومري مٿس ڀالي سان وار ڪيو. ڀالو سوسٽ ڪندو وڃي وير گوجر جي ڇاتيءَ ۾ لڳو، جو بولاٽي کائي ڪري پيو، ۽ اتي ئي مري ويو. وير گوجر جي مرڻ ڪري سنڌس لشڪر ۾ اچي ڀاڄ پيئي ۽ حمير جي لشڪر جي سوڀ ٿي. پوءِ چئوطرف خوشيون ٿي ويون.

پونئري انجام موجب، پنهجي ڏيءَ جو سڱ حمير سومري کي ڏنو، جا راڻي راجئين مان هئس. انهيءَ خوشيءَ ۾ سڄي پدر ڳڙهه کي خوب سينگاريو ويو. حمير سومرو موڙ ٻڌي ڄڃ ۾ ايو. سنڌس آڏر ڀاءُ لاءِ راڻي راجئين ٻه هار سينگار ڪري اچي حاضر ٿي. حمير سومري جو ڪنڌ هيٺ هو، ڇوجو وير گوجر سومري سان مقابلو ڪندي ڏند ڀڄي پيا هئا، اهو ڏسي هڪڙي لنگهي چرچي طور چيو ته:

جهڙو انڻ هر ڦٽرو، تهڙو ور جي هوءِ،
ته ڪچو نه ڪري ڪوءِ، سس ڀلين سستر ڪري.

(جهڙي ڪنوار سهڻي آهي، اهڙو ئي جيڪڏهن گهوٽ سهڻو هجي ها ته ڪوبه عيب جوئي نه ڪري ها، ۽ سس کي به سينگار ڪرڻ سونهي ها.)

لنگهي جو چرچو حمير سومري کي ڏاڍو ڏکيو لڳو، ڪاوڙ ۾ ٽپي ڳاڙهو ٿي لُڙيو، ۽ انهيءَ مهل ڄڃ ڇڏي پنهنجي ڇانوڻيءَ ڏي موٽي آيو. حمير جي رسڻ تي، سيني کي اچي دپ ورايو ته هاڻي الائجي ڪهڙو ڪيس ٿيندو. اخر وڏا وڏا امير کيس پرچائڻ لاءِ ويا، پر حمير سومري هڪ به نه ٻڌن. نيٺ گهڻي ست ستاءُ کان پوءِ حمير چيو ته انهيءَ شرط سان شادي قبول ڪندس ته ڪڇ ۾ سدائين منهنجو نالو قائم رهي. هنن اها ڳالهه قبول ڪئي ۽ کيس ڄڃ ۾ آنڌائون، جتي شاديءَ جي رسم پوري ٿي.

ان ڏينهن کان وٺي ڪڇ ۾ سنڌس نالو قائم رکڻ لاءِ زمين جا دستاويز لکڻ وقت "اگهاٽ حمير وارا" لکڻ جو رواج پيو.

**(روزاني هلال پاڪستان جي ٿورن سان)**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بداماڻي پنرو

سمن جي آخري دور ۾ ڪنڊي، يعني سنڌ ۽ ڪڇ جي سرحد وٽ "ڪاڇي" واري حصي ۾ 'پنرو' نالي هڪ سورهيه سردار رهندو هو. جنهن ييٽيءَ ۾ هو رهندو هو ان جو نالو 'بدام' هو، ڪي چون ٿا ته ذات جو 'بدام' هو، جنهن ڪري 'بداماڻي پنرو' جي نالي سان مشهور هو. هيءُ وڏوهاڻو (ڌاڙيل) هو. ڏورانهن هنڌن تان مال هڻي ايندو هو. سندس ساٿي به وڏا سورهيه هئا، پر پنرو سڀني کان سرس هو. چون ٿا ته مال هڻي همراهن جي حوالي ڪري، انهن کي اڳوات روانو ڪري ڇڏيندو هو، ۽ پاڻ پوئتان اڪيلي سر واهر پليندو هو. يا وري پاڻ اڪيلو مال ڪاهي روانو ٿيندو هو، ۽ پويان سندس سيئي همراهه گڏجي واهر پليندا هئا.

پنري ڪنهن به ڪاهه ۾ ڪڏهن هار ڪانه کاڌي، هو سدائين سويارو ٿي موٽندو هو. آسپاس جي سردارن ۾ سندس اهڙو ته ڌاڪو وينل هو، جو جڏهن خبر پوندي هئي ته پنرو لوڙهه هڻڻ لاءِ چڙهيو آهي، تڏهن ماڻهو پنهنجا ماڳ ڇڏي ويندا هئا.

ڪنڊيءَ مور ڪٽڪيو، وڳن واڄهايو،
بداماڻي پنرو، جو ٻجهي سو آيو.

(هوڏانهن بداماڻي پنرو لوڙهه هڻڻ لاءِ ڪنڊيءَ مان نڪتو، هيڏانهن مالوند ماڻهن ۾ ڦڙڦوت پئي، ته جيڪو بداماڻي پنرو ٻڌوسين پئي، سو اچي ويو.)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنرو ٻہ تمام پري پري تائين لوڙهيون هڻندو هو. سندس غير حاضريءَ ۾ پڻ ٻئي ڪنهن کي همت نہ ٿيندي هئي تہ ڪاڇي تي ڪاهي. اڇي پنري هڪڙو ڪوٽ اڏائي ڇڏيو هو، جنهن ۾ سندس ڪٽنب ۽ مٽ مائٽ رهندا هئا. اهو ڪوٽ سندس ديديبي ۽ ڏاڪي جو نشان هو.

هڪڙي ڀيري سندس پريٺ ڪو مغل سردار ڪاڇي تي ڪاهي آيو. پنرو ان وقت پنهنجي سيني ساٿين سان گڏ ڪنهن پرانهين هنڌ تي مال هڻڻ ويو هو. چون ٿا تہ ڪن پالارين، مغل جي سونهپ ڪئي هئي. رات جي وڳڙي ۾ مغل جي لشڪر اڇي پنري جي ڪوٽ کي گهيرو ڪيو. پنري جي ڪٽنب جون ڪي زالون ڪوٽ تي چڙهيون، جن دشمن جو لشڪر ڏسي پنهنجي مردن کي ڄاڻ ڪيو.

ان وقت ڪوٽ ۾ گهٽو ڪري ٻہ پير مرد هئا. فقط پنري جو هڪڙو ڀاءُ سو موجود هو. هي جوان مغل جو ڪاهي اچڻ جو ٻڌي تلوار سنباهي ڪوٽ جي دروازي جي اندران ٿي بيٺو مغل جا ماڻهو دروازي مان لوڪهو ڪري، هڪڙو هڪڙو ٿي اندر گهڙيا. بس جيڪو ٿي اندر گهڙيو، تنهن کي ٿي قتل ڪيائين. اهڙي طرح دشمن جا گهڻا ماڻهو مارجي ويا. تڏهن مغل پنهنجي لشڪر کي حڪم ڪيو تہ: ڪوٽ جي پٽ ڀڃي اندر گهڙو! مغل جي لشڪر پوءِ سمورو زور ڪوٽ جي پٽ ڀڃڻ تي لاتو. پنري جي ڀاءُ دروازي واري لوڪهي وٽ ٻين ماڻهن کي ٻيهاري پاڻ ان هنڌان وڃي بيٺو، جتان مغل جي لشڪر ڪوٽ جي ٻانهين ٿي ڀڳي. پر اڪيلي سر ڪٿي تو سيني سان مقابلو ڪري سگهي؟ آخرڪار ڪوٽ جي ٻانهين ڀڃي مغل جو لشڪر ڪوٽ اندر ڪاهي پيو. اتي پنري جي ڀاءُ پنهنجي سورهيہ ڀاءُ کي ياد ڪندي چيو تہ:

اڄ گهرجين هت، ٻداماٽي پنرا!
مٿان ڀڳي پٽ، ويرين واٽون لائيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(اي بداماڻي پنرا! اڄ هن موقعي تي تون هتي گهرجين، جو دشمن ڪوٽ جي پٽ پٽجي، ان مان اندر ڪاهي پيو آهي.)

پر پنرو سؤ ڪوهه پنڌ تي ڪيئن ٿو ٻاءُ جو سڏ ٻڌي سگهي! نيٺ دشمن اچي سر تي ڪڙڪيس، تڏهن تلورا ڪٽي ڪٽڪ ۾ ڪاهي پيو ۽ بهادريءَ سان مقابلو ڪرڻ لڳو، پر ڪٿي سمورو لشڪر ۽ ڪٿي اڪيلو سر! تڏهن وري به ٻاءُ ڪي سڏيائين تہ:

اڄ گهرجين تون، بداماڻي پنرا!
مٿان اچي مون، ويرين واتون لائيون.
(اي بداماڻي پنرا! اڄ هتي گهرجين، جو دشمن مون اڪيلي مٿان اچي ڪڙڪيو آهي.)

آخرڪار سورهيائيءَ سان دشمن جو مقابلو ڪندي اتي ئي

مارجي ويو، پر پڇاڙيءَ تائين پنهنجي سورهيہ ٻاءُ پنري کي سڏيندو، سندس مدد لاءِ واجهائيندو رهيو.)

اڄ گهرجين يار، بداماڻي پنرا!
ڪاڇي ٻنئي پار، اچي ويرين ويڙهيا.
(اي يار! اڄ تون هتي هجين ها تہ چڱو هو، ڇو تہ ڪاڇي کي ٻنهي طرفن کان ويري وڪوڙي ويا آهن.

بداماڻي پنري جي ٻاءُ ڪاڇي ۾ ڪڙم تان سر قربان ڪري ڪر کي اجاريو. ان جي مارجڻ کان پوءِ مغل جو لشڪر ڪوٽ ۾ ڪاهي پيو ۽ نالي کي هڪڙو ڪک بہ نہ ڇڏيائون. ان سان گڏ سڀ زالون پڻ اول ڪري پاڻ سان نيائون. انهن زالن ۾ پنري جي 'سڳي ماءُ'، 'ماتيجي ماءُ'، 'املهہ' نالي سندس پيڻ ۽ هڪڙي سوناري عورت، جنهن تي پنرو عاشق هو، سي بہ شامل هيون. پنرو انهيءَ رات پنهنجي يارن سميت، ڪاڇي کان سؤ ڪوهه پنڌ تي ستو پيو هو. انين جو وڳ ۽ ٻيو مال هٽي اچي اتي آرامي ٿيا هئا. ڪيس اڌيءَ رات جو اچي ڪي پسڻ پيا، سو ستي اوچتوئي اوچتو ڇرڪ ڀري اٿي

ويهي رهيو. سندس همراهه ٻه سپ اتي ويٺا، جن چرڪ پرڻ جو سبب پڇيس، تڏهن چيائين ته: منهنجي هنئين ۾ گهوڙن جا سنب پيا لڳن. دوستن ڪيس اوري پري جون ڳالهيون ٻڌائي سندس دل تان اونتار لاهي ڇڏيو. پر وري پنري کي پسڻ پيو ۽ ساڻين سان گڏ سڌو پنهنجي ڪوٽ ڏانهن رخ رکيائين.

هيڏانهن پنري جون مائرون ڪاڇي جو ڪوٽ ڇڏي، مغل جي لشڪر سان گڏ ٻان طور هلڻ لڳيون، ۽ پنهنجي ملڪ جي بربادي ڏسي پنري کي ياد ڪيائون. ماتيجي ماءُ پڻ آهه ڀري پنري کي وقت سر پهچڻ لاءِ سڏيو ته:

ٻداماڻي پنرا! اڄ گهرجين آءُ،
ماتيجي ۽ ماءُ، ٻيئي وڃن ٻان ۾.

(ٻداماڻي پنرا! توکي اڄ هتي پهچڻ گهرجي، جو تنهنجي ماتيجي ۽ سڳي ماءُ، ٻئي ڄڻيون قيد ٿي، ضامن طور پيون وڃن.)

ان وقت ڪاڇي جو هڪڙو ماڻهو، جو پڻ مغل جو قيدي هو، تنهن اهو ورلاپ ٻڌو، ۽ خيال ڪيائين ته ڪنهن طريقي سان پنري کي ان انهيءَ واقعي جي خبر ڪجي. سو اٽڪل سان لشڪر مان کسڪي ويو. ڀڳل قيدي پنري کي ڳولهي اچي هٿ ڪيو ۽ سامهون بيهي چيائين ته:

ٻداماڻي پنرا! پٽ ٻانهن ونا گٽيان،
وڙهي ورچي ڇڏيو، اهڙين گهٽين گهلٽيان.

وري چيائين ته:

ڪهون واتا ورسي، ڪهون واتا ڏار،
ٻداماڻي پنرا! پٽ ڪاڇي جا ٻهار.

ائين چئي پنري کي مغل جي ڪاهه، سندس ٻاءُ جي مارجڻ، مائرن، ڀيڻ ۽ سوناريءَ جي گرفتار ٿيڻ جي سموري حقيقت ٻڌايائين ۽ پڻ سندس ماتيجي ماءُ جو ورلاپ ڪيس سڻايائين. پنرو سڄي ڳالهه ٻڌي

جوش ۾ اچي ويو، ۽ چيائين ته:

ماتيجي! تو مهڻو مونکي، ڀلي ڪري ڏنو،
آءُ ڪاهي مغل ماريان، وني جو هليو.

(ماتيجي ماءُ! تو ڀلي مون کي طعنو ڏنو، هاڻي آءُ قسم ٿو کڻان ته جيسين مغل نه ماريندس تيسين ڪاڻ پيڻ وهه اٿم.)

پوءِ انهيءَ ئي مهل ساٿين کي ساڻ ڪري واءُ مينهن ڪندو، انهيءَ پاسي روانو ٿيو، جيڏانهن مغل کي وڃڻو هو. سڄي ڏينهن جي پنڌ ڪان پوءِ نيٺ اچي جبل جي لڪ وٽ پهتو، جتان مغل جو لشڪر پئي لنگهيو. لڪ سوڙهو هو، جنهن ڪري لشڪر ٿورو ٿورو پئي اڪريو، مغل جي لشڪر جو ڪجهه حصو لڪ مان اڪري ويو هو، باقي لشڪر پنري ۽ سندس ساٿين لڪ ۾ پورو ڪري ڇڏيو.

بداماٽي پنرو، جهلي بيٺو لڪ،
ماري مغل مٿاڪرا، تن جو پورو ڪيائين لڪ.

خود مغل سردار، جو پنهنجي لشڪر جي حفاظت لاءِ پويان بيٺل هو، سوبه جيئن لڪ مان لنگهيو ته پنري پنهنجي سر حملو ڪري، کيس ۽ سندس گهوڙي کي اتي پورو ڪري ڇڏيو.

بداماٽي پنرو، جهلي بيٺو سَنڌ،
وڍي مغل گهوڙي سوڌو، ڪري اڌو اڌ.

پنري جون مائرون ۽ ٻيون اهي عورتون جي مغل گرفتار ڪري ساڻ وني ويا، سي آزاد ٿيون. حملي کان پوءِ جانچ ڪن ته پنري جي ڀيڻ املھ ۽ محبوبہ سوناري آهن ئي ڪين. پوءِ سمجهيائون ته املھ ۽ سوناري مغل جي اڳيئن حصي ۾ هيون، جو لڪ اڪري چڪو هو. پنري پنهنجي ساٿين سميت ڏاڍي ٻگولها ڪئي پر اهو لشڪر هٿ ئي ڪونہ آيس. آس پاس گهڻا ئي ماڻهو ڊوڙايائين پر پتو ڪونہ پيو.

هوڏانهن وري مغل جا ماڻهو سوناريءَ کي ڪنهن شهر ڏانهن اماڻي، املھ کي ڪٺي پنهنجي شهر ۾ آيا، جتي ويچاري رات ڏينهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي پياءُ کي ياد ڪندي هئي. هڪڙي ڏينهن اتفاق سان اتي ڪاڇي جي پاسي جو هڪڙو فقير اچي نڪتو. املھ کيس سڃاڻي پياءُ پنري ڏانهن سنيهو موڪليو تہ:

"نالو جنهن املھ، تنهن سڱا سيون هٿ ۾، ويني تڳي جهل."

فقير املھ جو نياپو آڻي پنري کي ڏنو. پنرو پيڻ ڏانهن وڃڻ لاءِ يڪدم تيار ٿي فقير کان ڏس پتو پڇڻ لڳو. سندس ساٿين گهڻو چيو تہ اسين بہ گڏجي هلون. پر هي انڪار ڪري اڪيلي سر پنهنجي "نيلوفري" گهوڙيءَ تي چڙهي روانو ٿي ويو. هلندي هلندي وڃي انهيءَ شهر ۾ رسيو. مخفي طور پڇا ڳاڇا ڪري وڃي انهيءَ جاءِ هيٺان بيٺو، جتي سندس ڀيڻ قيد هئي. املھ جنهن ان وقت بہ دريءَ کان پئي پنهنجي ملڪ جي واٽ ڏٺي، تنهن جي نظر جڏهن پنري تي پئي تہ بي اختيار لهي اچي پياءُ کي ڀاڪر پاتائين. املھ جي پنيان ٻانهان، ٻانهون ۽ پهريدار ڊوڙندا آيا، پر پنري ڀيڻ کي ٻانهن کان جهلي يڪدم کڻي پاڻ سان گڏ نيلوفريءَ تي ٻيلھ ويهاريو، ۽ گهوڙي کي اڙي هنيائين تہ اڏامي اتي هلي، ۽ پنرو سلامتيءَ سان اچي ڪاڇي ۾ پهتو. پنري جي موٽي اچڻ تي سڄي ڪاڇي خوشي ملهائي، بداماٽي پنري مغل کي ماري، ڪاڇي ۾ ٿيل ڪيس جو بدلو ورتو، مائرن کي موٽايو ۽ پيڻ بہ آڻي وڳر پيڙي ڪئي، پر سندس دل کي اجا آرام نہ آيو هو، ڇاڪاڻ تہ سندس ساھ سدا سهڻي سوناريءَ ۾ هو، جنهن جو اجان کيس پتو نہ پئجي سگهيو هو تہ ڪهڙي پاسي قيد آهي ۽ ڪهڙي حال ۾ آهي. هڪڙي ڏينهن کيس ڪنهن هٿان سوناريءَ جو نياپو اچي پهتو تہ:

بداماٽي پنرا! ڀليون سڀ ڪياءِ،
ٻيون تان سڀ وني وئين، هڪ ڳوني وسرياءِ.

(بداماٽي پنرا! تو سڀ ڀلي ڪئي ۽ پاڻ ملهايئي، پر هڪڙي ڳالھ جو ارمان اٿم تہ ٻيون (عورتون) سڀ ڇڏائي وني وئين، ۽ رڳو هڪڙي ڳونائڻ (محبوبہ) وسري ويئي).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوناريءَ جو اهو نياپو ٻڌي پنرو انهيءَ مهل تپ ڏيئي اٿي ڪڙو ٿيو ۽ نياپي آٽيندڙ ڪان پار پنڌ پڇي نيلوفري گهوڙيءَ تي چڙهي وڃي اتي رسيو. سپاهين سان وڙهي ويڙهه ڪائي سوناري ڇڏايائين، جنهن کي پاڻ سان گڏ نيلوفريءَ تي ٻيلهه ڪٽي اچي ڪاڇيءَ ۾ پهتو. ان ڪان پوءِ پنري جي حياتيءَ ۾ وري ڪنهن کي به ڪاڇي تي ڪاهڻ جي همت نه ٿي.

بداماٽي پنري جي مرڻ ڪان گهڻو پوءِ مشهور لوڙائو "لاکو ڦلاڻي" ساماڻو، جنهن ڪاڇي ۾ به لوڙهيون هنيون. تڏهن اتي جي ماڻهن پنهنجي سورهيه سردار کي ياد ڪيو، ۽ ڪنهن سگهڙ چيو ته:

"پيٽي ناهه بدام، تڏهن لاکو تو لوڙهيون هڻي."

بدام جو ڪوٽ پوءِ ڦٽي ويو، پر جنهن پيٽيءَ تي اهو اڏيل هو، اتي هڪ دڙي جا آثار رهجي ويا، جنهن کي پوءِ "بداماٽي ٻٽ" ڪري سڏيندا هئا. ڪونجون هميشه اتي ولر ڪري اچي لهنديون هيون ۽ عام ماڻهو ائين ڀائيندا هئا ته ڪونجون اتي ٻي ڊپيون پيون چڳن، جو ڀانئين ٿيون ته هو سورهيه پنري جي سام ۾ آهن. شڪاري به ساڃاهه وارا هئا جو سورهيه پنري جي ماڳ مڪان جو خيال رکي اتي ڪونجن کي ڪين ماريندا هئا. پر وقت گذرڻ بعد جڏهن ٻاهرين طرفن جا ماڻهو ۽ ماري انهي جوءِ ۾ اچڻ لڳا ته ويچارين ڪونجڙين لاءِ به خطرو پيدا ٿي پيو. انهيءَ پوئين دور واري حالت ۾ ڀٽائي صاحب پڻ ڪونج کي خبردار ڪيو ته:

چيتا ڪيو چٽيج، بداماٽي ٻُٽ ۾،
نيٽن نندِ مَ ڏيج، ڇيڙون ڇپر آئيون.

(روزاني هلال پاڪستان جي ٿورن سان)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وڪيو ڏاتار

ڄام لاکو ڦلاڻي سنڌ جي مشهور ڏاتارن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. سندس سخاوت ۽ سورهيائيءَ جي سڄي ملڪ ۾ ڌاڪو ڄميل هو. سندس دستور هو ته مهيني جي ڪن مقرر تاريخن تي پنهنجي محل ۾ سموريون راتيون سڏائي محفل ڪندو هو، جنهن ۾ سڄي ملڪ ۽ ٻاهر جون ڳالهيون ٻوليون ٿينديون هيون. لاکي ڄام کي پنهنجي سخاوت تي ڪو ڏاڍو ٻانور هوندو هو، سمجهندو هو ته جهڙس ڪو سخي ملڪ ۾ نه ٿيو نه ٿيندو. تنهن ڪري هڪڙي ڀيري انهيءَ محفل ۾ پنهنجي راڻين سان رهاڻ ڪندي  ڪائن پڇيائين ته: توهان کي هن ملڪ ۾ مون جهڙو ڪو ٻيو سخي سُجهي.

لاکي راڻيون پڇيون، وهاري هار وهار،
سئون پڌرو سجهيو ٿو، ڏيھ ۾ ڪو ڏاتار؟

راڻيون ڄام لاکي جو اهڙو سوال ٻڌي ماٺ ۾ پئجي ويون. دل ۾ خيال ڪيائون ته جيڪڏهن نالو ٿيون ٻڌايون، ته پونديونسين آزار ۾، تنهن ڪري اهڙي ڪا اٽڪل ڪجي جو لعل ٻه ليڪي ۽ پريت رهجي اچي. سو چاوڙيءَ نالي راڻيءَ چيس ته:

لاکا! راڻيون نه پڇجن، پڇجن مڱڻهار،
جن کي سجهن گهٽ ۾، ڏينهن جا ڏاتار.

(لاکا! اها ڳالھ راڻين کان نه پڇ، وڃي مڱڻهارن کان پڇ، جن کي ملڪ جي ڏاتارن جي سڌ آهي.)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاکي کي راڻي چاوڙي جي اها ڳالهه دل سان لڳي، سو انهيءَ مهل حڪم ڏنائين ته، سڄي ملڪ ۾ پڙهو ڏياريو ته جيڪي به مڱڻهار جتي به هجن، تن جي ڄام لاکي دعوت ڪئي آهي. حڪم ملڻ شرط ملڪ جي ڪند ڪرڇ ۾ اهو پڙهو گهمي ويو نيٺ مقرر ڏينهن تي ڪٿان ڪٿان جا مڱڻهار اچي لاکي جي دعوت ۾ گڏ ٿيا. لاکي انهن سمورن مڱڻهارن کي دربار ۾ گهرائي پڇيو ته هن ملڪ ۾ مون جهڙو سخي ڪو ٻيو ڏٺو.

لاکي ڄام پڇايا، ميڙي منگڻهار،
ٻيليڙا! ٻيو ڏٻو، ڏيهه ۾ ڪو ڏاتار؟

ڄام لاکي جو اهو سوال ٻڌي ڪيترا فقير ته سندس ساراهه ڪرڻ لڳا ته: تو جهڙو سخي مرد اسان نه ڏٺو نه ٻڌو. باقي هڪڙو "سومنگ" نالي چارڻ ماٺ ڪيو ويٺو هو. لاکي کيس چپ ڏسي پڇيو ته، اي چارڻ! تون ماٺ ڪري ڇو ويٺو آهين، توکي به جيڪي چوڻو هجي سو بنا ڊپ جي چئي ڏي. اتي سومنگ به دل جهلي چوڻ لڳو ته: اي لاکا! ملڪ ۾ ٻلان ٻليءَ جو ڇيهه ئي ڪونهي، ۽ نه ڪي هن ڏيهه ۾ ڏاتارن جو ڏڪار آهي. اسان جي ملڪ ۾ ڏهه ڏاتار ڳڻيا آهن جن مان هڪڙو تون به آهين. اهو ٻڌي لاکي جو منهن ڳاڻي هٽي ويو. پر وري به ٻاهريون ٻنو رکي چيائينس ته: چارڻ! باقي نون جا نالا ٻڌاءِ! تنهن تي سومنگ هٿ ٻڌي چيو ته: هائو سائين! پهريون سخي سپڙ چوڻاٽي آهي، جيڪو گهر وڃي خيرات ڏيندو آهي:

گهر آئي منگئي، دان سڀڪو ڏئي،
سپڙ سو ساري، جيڪو جهوپڙين ۾ جهپڪا.

(گهر آئي فقير کي ته هر ڪو خيرات ڏي، پر "سپڙ چوڻاٽي" جي ڳالهه ئي ٻي آهي، جو هڪ هڪ جهوپڙيءَ ۾ وڃي خيرات ڏئي ٿو.)

ٻيو ڏاتارن ۾ "ڄام اوٺو" جکراڻي آهي، جنهن خيرات ۾ ايترا ته گهوڙا، اٺ، ڏاند ۽ ڍڳيون مينهون ڏنيون، جو انهن جي هلڻ سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪا دز اڏامي سا سڄي زمين آسمان تي ڇانئجي ويئي، جنهن ۾ جهان جا سيئي ڏاتار ڏيکجي ويا:

اوني جي دانن، ڪيهون ابر لڳيون،
رج پيئي راڻين، ڏاتار تت ڏتجي ويا.

ويجهو، وڪيو ۽ جکرو اهي ٽي ڏاتار ٻه پنهجو مٽ پاڻ آهن، جي قلعي جيڏا ڏيگ ڪپڙي جا خيرات ۾ ڏين ٿا:

چڱا ڀلا اوتري، وينجهو، وڪيو ۽ جکرو،
ڪپڙي جا ڪوٽ ڪري، ڏين ٿا ڏڏن کي.

ڇهون ڏاتار سمون "هٽند ٽڏياٽي" آهي، جو سخاوت جي ڪري ڏيهن ۾ مشهور آهي:

ٽڏي ٽج ڏناس، سمون ساهڙ جي پٽ ۾،
پڏرو پر ڪنداس، هٽند ٽڏياٽي ٿيو.

ستون ڏاتار ڄام اوڍاڻي جکرو آهي، جنهن ماڙيءَ تان ويهي سخاوت جو مينهن وسايو. ان جو مقابلو ٻيو ڪونه ٿو ڪري سگهي:

چڙهي ميڙي ماڳ، اوچو اڏرڪي ونو.
تارا ڪڍين نه تاڳ، ڄام اوڍاڻي جکرو.

اٺون سخي ڄام ڪرن آهي، تون لک ٿو بخشين ته هو ڪروڙ ٿو بخشي ڇڏي. هرڪو پيو چوي ته:

لاکيا لک بخشيا، ڪرن بخشي ڪروڙ.

نائون ڏاتار راءِ ڏياچ، جنهن جهڙو سورهيه ٻه نه ڪو ٿيو نه ڪو ٿيندو، جنهن چارڻ جي سوال تي پنهنجو سر وڍي ڏنو:

ٻيٺو ويرم راءِ، پوٺو رانگڙ جکري،
ڏنو "راءِ ڏياچ" مٿو مڱڻهار کي.

۽ ڏهون ڏاتار تون آهين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سومنگ چارڻ جا اهي ٻول ٻڌي، ڄام لاکي کيس ڪاوڙ مان چيو تہ: اڙي چارڻ! جڏهن سخي سردار خيرات ۾ پنهنجو سر ڏيندا هئا، تنهن وقت چارڻ بہ اهڙا هوندا هئا، جو پنهنجي ڏاتارن سان گڏ مرندا هئا. ڄام لاکي جو اهو مهڻو ٻڌي سومنگ چيو تہ: مونکي بہ جي پنهنجو مٿو ڏئين تہ آءٌ بہ مرڻ لاءِ تيار آهيان.

ڪاوڙيو، پر وري بہ ڪاوڙ جهلي سومنگ کي چيائين تہ: تو ڏاتارن جا نالا ڳڻايا آهن، هاڻي انهن جو امتحان بہ تہ وٺي ڏي تہ پوءِ خبر پوي، سومنگ چيس تہ حاضر حڪم ڪر. لاکي چيس تہ: وڪئي جي ملڪ ۾ چينائي پيرون تمام گهڻا ٿيندا آهن. مون کي ان ڪان رڳو هڪڙي لپ پيرن جي آڻي ڏي تہ خبر پوي. اهو ٻڌي سومنگ وراڻيو تہ: ڄام! لپ تہ ڇا پر اءُ توکي مٽين پيرون آڻي ڏيان، پر هينئر تہ پيرن جي موسم ئي ڪانهي تنهن ڪري وڪيو ڪٿان ڏيئي سگهندو؟ تنهن تي لاکي چيس تہ بس، ڳالھ بہ ايتري، وڪئي جهڙو ڏاتار جيڪو پاڻ کي ٻيلي ڏٽي ٿو چوائي، سو تنهن جي اها ڳھر بہ پوري ڪري ڪانہ سگهندو! اهو ٻڌي سومنگ ٽٻيءَ ۾ پئجي ويو. سمجھ ۾ نہ پيو ڇيس تہ پنهنجي ڳالھ ڪيئن مٿي ڪريان! تڏهن وري بہ لاکي چيو تہ: هاڻي ڇا بہ ٿي پئي، اسان کي وڪئي ڪان پيرون ضرور آڻي ڏي، جي پيرون نہ مليئي تہ سندس سر ڪٽي پوءِ اچج. منهنجي ملڪ مان هينئر جو هينئر نڪري وڃ، جيڪڏهن رات هتي پئجي ويئي تہ سر جو خير نہ هوندءِ:

مٿو مڱج مڱڻا! ڪا پيرون مڱج وات،
اڄ اسان جي راڄ ۾، چارڻ! م رهج رات.

(اي مڱڻهار پيرون نہ ملنئي تہ پوءِ ڪانئس سر جي گهر ڪج، پر اڄوڪي رات اسان جي راڄ ۾ نہ رهج.)

ڄام لاکي جا اهي لفظ ٻڌي، سومنگ مانڙي ڪري وڪئي ڏاتار جي ملڪ ڏانهن روانو ٿيو. سومنگ چارڻ، وڪئي کي ڏنو ڪڏهن ڪونہ هو، سندس فقط سخاوت جي ساراھ ٻڌي هئائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڪيو ڏاتار چينائي ٻيلي جو ڏٺي هو، سندس ملڪ اتان ڪجهه ڏينهن جي پنڌ تي هو. سومنگ ٿورن ڏينهن کان پوءِ اچي اتي پهتو. ڪيس وڪئي جي دربار جي سڌ ڪانه هئي، سو هڪڙي مسافر قاتل پراڻن ڪپڙن واري شخص، جنهن هڪڙي گهيتي کي پئي پٽيون ٻڌيون، کان دربار جو ڏس پڇيائين جنهن هن کي اوڏانهن وڃڻ جو رستو ڏيکاريو.

مڃاڻ ته سومنگ چارڻ کي رستو ڏيکاريندڙ وڪيو پاڻ هو، جيڪو ان وقت چمڙا پوش ڪيو پئي گهميو. جڏهن سومنگ سندس ڪچهريءَ ۾ آيو، ڪيس يڪدم سڃاڻي ورتائين ته هي ساڳيو اهو ماڻهو آهي جنهن گهيتي کي پٽيون پئي ٻڌيون، سو ڪهڙي خيرات ڏيندو. نااميد ٿي مانڙيءَ ڪري هڪ ڪنڊ ۾ وڃي ويهي رهيو. وڪيو سندس حالت ڏسي سمجهي ويو، سو چيائينس ته چارڻ! چو تنهنجي منهن جو پنو ئي لٿو پيو آهي. تنهن تي چارڻ نه پهه جواب ڏنس ته:

قلاٽي لاکي وٽ، مون وڏو ڪيو ٿي وات،
گهيتن پٽيون ٻڌي، سو ڏيندو ڪهڙي ڏات!

(مون لاکي قلاٽي وٽ تنهنجي ڏاڍي نيڪي ڪئي هئي، پر ڏسان ٿو ته جيڪو اجان گهيتن کي پٽين ٻڌڻ ۾ پورو آهي، سو ڪهڙي سخاوت ڪندو.)

اهو ٻڌي وڪئي چيس ته: چارڻ! آءُ گهيتن کي پٽيون به ٻڌي سگهان ٿو ۽ سر به ڏيئي سگهان ٿو؛ پر پهريون تون پنهنجون خبرون ٻڌاءِ ته تنهنجو نالو ڇا آهي ۽ ڪٿان پيو اچين؟ اهو ٻڌي سومنگ کي خاطري ٿي ته هي مڙس مڙڻ وارو ڪونهي، سو چيائين ته سائين منهنجو نالو سومنگ آهي، لاکي قلاٽيءَ جو پٽ آهيان: تنهنجي ساراهه ٻڌي ڪيرا ڪوٽ مان ڪهي هتي آيو آهيان. تنهن تي ڄام وڪئي چيس ته: ڀلي ڪري آئين چارڻ! تون ڏات وٺڻ لاءِ تمام پري نڪري آيو آهين، لاکي قلاٽي جي سخا ته سچ مثل آهي، تون ان جو چارڻ ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري مون وٽ ڏات لاءِ آيو آهين. تڏهن سمجهان ٿو ته منهنجي پرک ونڻ آيو آهين، تنهن ڪري هاڻي گهر جيڪو گهرڻو اٿيئي. سومنگ وراڻيو ته: اي ڏاتار! انجام ڪر منهنجي گهر پوري ٿيندي.

وڪيي چيس ته: آءُ توسان انجام ٿو ڪريان ته جيڪي به گهرندين سو ملندءِ. انجام وٺي سومنگ چيس ته: ڏاتار مون کي ٿورا پيرون گهرجن، سي ڏي ته هينئر پنتي موٽان.

چارڻ جي اها ڳالهه ٻڌي ڄام وڪيو ڏاڍو حيران ٿيو، چي: چارڻ! پيرن جي ته موسم ئي ڪانهي، ٻيو ڪجهه گهر ته ڏيئين. پر چارڻ چئي ته مون کي پيرون گهرجن؛ تون مون سان واعدو ڪيو آهي، سو تون ضرور پورو ڪندين. منهنجي گهر واريءَ کي اميد واري آهي مونکي پيرون گهرجن، تنهن ڪري پنڌ پيو آهيان. اتي وڪيو اچي حيران ٿيو ته هاڻي ڇا ڪجي، سومنگ کي ڪيترو ئي سمجهايائين، پر هو پنهنجي ڳالهه تان نه لٿو. تڏهن چيائينس ته:

انبن لڳي نه ڪيري، ڄارين لڳي نه ڇٽر،
وري چارڻ! ماٺ ڪر، جيسين اچي وٽر.

(اي چارڻ انبن ۾ انبڙيون ۽ ڄارين ۾ پيرون اجا ڪونه لڳا آهن؛ تنهن ڪري ايسيتائين ماٺ ڪري ويھ جيسيتائين ان جي موسم اچي.)

پر چارڻ چيس ته:

وٽر اچي تيسين ويهان، تنهن کي لڳي وير،
جيءُ چارڻيءَ جو وڃي، سو واري ڏيندو ڪير؟

(جيسيتائين وٽ لهي تنهن کان اڳ منهنجي گهرواريءَ جو الاجي ڪهڙو حال ٿيندو، جي ساهه نڪري ويس ته اهو ڪير ورائي ڏيندو؟)

وڪيي جڏهن ڏٺو ته چارڻ راضي ٿيڻ وارو ڪونهي، تڏهن ڏن جي لالچ ڏيڻ لڳس ته:

پور ون ڏيان پنج سؤ، ٻيا ان جا اٺ پراءِ،
چارڻي چترائي سان، مر تري پچائي کائي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( اي چارڻ پنج سؤ گهيتا ۽ ٻيا ان جا اڻ ڳرائي وچ، ڀلي ته تنهنجي زال آرام سان اهي پچائي کائي.)

پر چارڻ چئي ته جيڪي مون گهريو آهي اهو ئي ملي:

ان کي اوڏي نه تئي، پڪو ماس نه کاءُ،
چارڻي چترائي سان، پيرون ويٺي پچاءِ.

(اي ڏاتار! هوءَ ته ان کي ويجهو ئي ڪانه وڃي، ۽ نه ڪي گوشت ئي کائي، اها فقط پيرون پيرون پئي ڪري.)

چارڻ جو ضد ڏسي وڪيو ٻڏتر ۾ پئجي ويو. آخر ڪجهه دير کان پوءِ چيائينس ته، چڱو هاڻ ڪجهه وقت ترس، آءُ ماڻهو موڪليان ٿو. ائين چئي هن جدا جدا پاسن ڏي ڪيترائي ماڻهو موڪليا، پر سڀ ائين نلها موٽي آيا ۽ ڪٿان به پيرون نه ملي سگهيا. اتي وڪيو منجهي پيو ته هاڻي ڇا ڪجي؟ نيٺ هڪڙي صلاح ڏني ته ڇو نه سون جا پيرون ٺهرائي ان تي حلوائيءَ کان چاش چاڙهائي ڏجن. چارڻ کي هونئين خبر ڪانه پوندي ۽ هو سونا پيرون کڻي هليو ويندو، اهڙيءَ طرح چارڻ مان جند ڇٽي پوندي. ڄام وڪئي انهيءَ ئي مهل ڪاريگر سونارا گهرائي ڪين بي انداز خزانو ڏيئي سونا پيرون ٺهرايا:

وڪيي ڄام ويهي، سونارا سڀ ڪوٺايا،
ماڻڪ مٺ ڏيئي، پيرون گهڙايا سون جا.

پوءِ انهن تي هڪڙي هوشيار حلوائيءَ کان اهڙي نموني چاش چاڙهايائين جو اهي هوبهو پيرن جهڙا ٿي پيا. وڪيي سوني ٿالهه ۾ اهي پيرون وجهي آڻي چارڻ جي اڳيان رکيا. پيرون ڏسي چارڻ کي ڏاڍو عجب ٿيو ته هن مند ۾ پيرون ڪٿان آيا؟ آخر به چار پيرون کڻي وات ۾ وڌائين ته ڏند ڀرڻ لڳس. تڏهن وڪيي کي چوڻ لڳو ته: اي ڏاتار! تو جيڪي پيرون ڏنا آهن، انهن سان ته ڏند ڀڄي ٿا پون، مون کي اهي پيرون کپن جي ڄارين جا پڪل هوندا آهن:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڪيي جا ڏات ڪئي، تنھن سان ڏند جھرن،
چارڻ پيرون او مڱي، چارين منجھ پچن.

چارڻ جو ساڳيو سوال ٻڌي وڪيي چيس تہ: چارڻ! ھن موسم ۾ تہ اھڙا ئي پيرون ملندا. چارڻ چيو تہ: اي وڪيا! جيڪڏھن اڻ منداٽتا پيرون نہ ٿا ملن تہ پنھنجو سر وڍي ڏي. اھو ٻڌي وڪيي کي خاطري ٿي تہ چارڻ ڪنھن جو پڙھايل آھي، سو ھاٿي سر ڏيڻ پوندو پر وري بہ سومنگ کي سمجھائڻ لڳو تہ: اي چارڻ! توکي پيرن جي عيوض سوين سنجيل گھوڙا، ڪيتريون متاريون مينھون ۽ ٽري اٺن جي قطار ڏيان، جي خوشيءَ سان ڪاھي ھليو وڃ. پر چارڻ چئي تہ: اي ڏاتار! پيرون ڏيار يا سر ڏي. تڏھن چيائينس تہ ھاٿي مون کي ھڪڙي ڏينھن جي مھلت ڏي، جي پيرون ھٿ نہ آيا تہ سر ڏيندوسئين. چارڻ کيس خوشيءَ سان ھڪڙي ڏينھن جي مھلت ڏني.

ڄام وڪيي کي ٻہ راڻيون ھيون، ھڪڙي راجا دلوراءِ جي ڌيءَ ۽ ٻئي سپڙ چوٽاٽي جي ڌيءَ ھئي. وڪيو پھريائين دلوراءِ جي ڌيءَ وٽ ويو، ۽ ساري حقيقت ٻڌايائين سڄي ڳالھ ٻڌي راڻيءَ چيو تہ:

چارڻ ناھ ھيءُ چورٽو، ڪوڙو آھ ڪنيار،
ڪاھڻ ھاٿيءَ جي پڳي، ڪاتان ڪڻ تلوار.
(ھيءُ سچو چارڻ ڪونھي پر ڪوڙو ڪنيار ٿو ڏسجي، تنھنڪري ھن کي ھاٿيءَ جي پيرن ھيٺان لتاڙائي مارائي ڇڏ يا تہ تلوار سان ختم ڪرائي ڇڏ.)

راڻيءَ جا اھي لفظ وڪيي کي ڏاڍا ڏکيا لڳا، تنھن ڪري يڪدم اتان اٿي ٻيءَ راڻيءَ ڏي ويو، ان کي بہ ساري ڳالھ ڪري ٻڌايائين. اھا سخي سپڙ چوٽاٽيءَ جي ڌيءَ ھئي، جا سخيءَ جي گھر ۾ ڄائي نپني ۽ جنھن کي سواليءَ جو قدر ھو، تنھن يڪدم جواب ڏنس تہ:

سپڙ چوٽاٽي ڌيءَ، محل وڪيو آيو،
پھريون مٿو منھنجو، پوءِ تنھنجو ڏيج.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(اي وڪيا! جي سواليءَ جو سوال پورو نہ ڪري سگهين تہ پهرين منهنجو سر ڏج ۽ پوءِ پنهنجو؛ پر سواليءَ کي خالي نہ موٽائج.)

هن راڻيءَ جا اهي لفظ ٻڌي وڪيو ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ ٻئي ڏينهن سومنگ چارڻ کي سر ڏيڻ جو پڪو انجام ڪيائين. اتان اٿي وڪيي هڪڙي نجوميءَ کي گهرايو، جنهن حساب ڪري ٻڌايس تہ: اڄ کان اٺين ڏينهن ست پرياتي مينهن جي کير سان وهنجي وڃي سر ڏجيئن. اهو ٻڌي وڪيي پنهنجي ميهار "وسائي" کي حڪم ڏنو تہ اها مينهن جا ستن پيڙهين کان پاڻ وٽ موجود هجي، ان جو کير فلاڻي ڏينهن صبح جو سوير حاضر ڪجئين.

اها ڳالهہ شهر جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي ويئي تہ اٺين ڏينهن وڪيو ڏاتار، سومنگ چارڻ کي پنهنجو سر وڍي ڏيندو. ماڻهو اچي ڪاوڙيا، ڪو پيو چئي تہ چارڻ کي پٽ ۾ بند ڪرائي لنبائي ڇڏجي؛ تہ ڪو پيو چوي تہ ٻالي جي منهن ۾ تنبائي ڇڏجيس. پر وڪيي پنهنجي دل ۾ سر ڏيڻ جو پڪو پهہ ڪري ڇڏيو هو، آخر مقرر ڏينهن بہ اچي پهتو. صبح جو سوير وڪيي کي سر ڏيڻو هو جو ان وقت تائين ڪٿان بہ پيرون هٿ نہ اچي سگهيا هئا. وسائي کي اسر مهل کير پهچائڻ جو حڪم هو.

وڪيي جون ست هزار مينهون هيون، جن کي وسايو چاريندو هو. جيڪا مينهن ستن پيڙهن کان وٽن هئي، تنهن جو نالو "ماڻڪي" هو. ان جي عادت هوندي هئي تہ ڪٽي بہ هوندي هئي پهرين سڏ تي اچي نڪرندي هئي. اسر مهل مقرر ڏينهن تي وسايو مينهن کي سڏڻ لڳو. ڏاڍو عجب لڳو تہ ٽن چئن سڏن کان پوءِ بہ ماڻڪي ڪانہ آئي. سو اچي سر سان لڳس تہ جي ماڻڪي اڄ نہ ٿي اچي تہ ڏاتار جو قول ڪوڙو ٿيندو ۽ آءٌ مارجي ويندس. هيڏانهن هوڏانهن مينهن کي ڳولڻ لڳو. اوچتو سندس ڪن تي ماڻڪيءَ جي رنڀ جو آواز پيو. اهو آواز هن سڃاتو. اٿي ڪجهہ مڙئي پيٽ ۾ ساهہ پيس، ۽ يڪدم آواز واري طرف وڃي ڏسي تہ ماڻڪي اڳ ئي واڙي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٽ بيٺي آهي پر سندن سڱن ۾ هڪڙي تاري اٽڪي پئي آهي. مڃاڻ ته اها تاري ڪا پيرن جي هئي. پيرون ڏسي سندس وات ئي ڦاٽي ويو.

وسايو آيو واڙ تي، مينهن جو ميهار،
رتڙن ڏئونرن پيروئن، پڇي پيس ڏار،

يڪدم ڇا ڪيائين ته تاري مينهن جي سڱن مان ڪڍي سڌو ڄام وڪيي جي محلات ڏانهن ڀڳو. وڪيو پيرون ڏسي حيران ٿي ويو ۽ ڪانئس ان بابت پڇيائين. جنهن تي وسائي ڳالهه ڪري ٻڌايس. پوءِ سڄي محلات ۾ خوشيون ملهائجي ويون. وسائي کي خوب انعام اڪرام مليو.

ٿوريءَ دير کان پوءِ سومنگ چارڻ، وڪيي کان سر جي خيرات وٺڻ لاءِ ڪچهريءَ ۾ روبرو حاضر ٿيو. پر ٿاله ۾ سر جي بدران پيرن سان ڀريور سائي تاري ڏسي حيران ٿي ويو. ڄام وڪيي کي کيس ٿالهه ڏيندي چيو ته:

ڪُ مند ۾ اهڙا گهرين، ڏاتارن وٽ ڏان،
وٽ تون چارڻ ڪوڏئا! وڪيي ڏنئي ڏان.
(اڙي ڪوڙهيا چارڻ! ڏاتارن کان اهڙا اڻ منڊائتا ڏان ٿو گهرين، چڱو هاڻي هي ڏان وٺ، جو توکي وڪيي ڏنو آهي.)

سومنگ کي ان ٻاراتي سببان ان وقت کان وٺي ڪوڙهه جو ساڙو شروع ٿيو، پر حالي هو ڪوري مٽ ۾ پيرون وجهي ڪٿي روانو ٿيو، ۽ آخر اچي ڄام لاکي جي ڪچهريءَ ۾ پيرن وارو مٽ آڏو رکيائين:

لاکا! اپٽي نهار، ڪجاڙو آهي مٽ ۾،
تو گهريا مون مڱيا، ڏنا وڪيي ڏاتار.
(لاکا هيءُ ڏس ته مٽ ۾ ڇا آندو اٿم. تون جيڪو گهريو سو مون آندو آهي. اها سخاوت وڪيي ڏاتار جي آهي.)

پر لاکي ڪابه ورندي ڪانه ڏنيس. تڏهن سومنگ کيس گهڻئي منٿون آزيون ڪيون ته اسان تنهنجا چارڻ انهيءَ زماني کان آهيون،

جڏهن تنهنجا وڏا اوسر پهاڙ تان لٿا هئا. تنهن ڪري مون کي ڏڪار نہ. پر ڄامر لاکو، جو اڳئي ڪانئس ڪاوڙيل هو، تنهن وڪيي جي تعريف ٻڌي هيڪاري مٿس ڪاوڙ ڪئي. پوءِ سومنگ چارڻ بہ ڪيراڪوٽ ڇڏي ڄامر وڪيي وٽ آيو، جنهن سندس خراب حالت ڏسي مٿس قياس آڻي پاڻ وٽ رهايو، ۽ درويش جو پڙهيل پاڻي گهرائي اول پنهنجي هٿ سان ڇنڊا هنيائين ۽ ان بعد سومنگ کي وهنجارايائين. جنهن ڪان پوءِ سومنگ کي ڪوڙهہ ڇڏي ويو، رڳو سندس نراڙ تي هڪ ٿورو داغ باقي وڃي رهيو. چون ٿا تہ سومنگ چارڻ جي پوين ۾ اڄ ڏينهن تائين اهو نراڙ وارو نشان هلندو اچي.

(روزاني هلال پاڪستان جي ٿورن سان)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جسوڏن بادشاھ

سمو راءِ "جسوڏن بادشاھ" آڳاٽي وقت ۾ لاڙ جي هڪ وڏي ايراضي جو حاڪم هو. جسوڏن کي "جسيڏن" به ڪري سڏيندا هئا. سندس حڪومت ننڍي جي بادشاهيءَ کان اوپر طرف هئي جنهن مان پٺيهل درياءُ وهندو هو. انهيءَ پٺيهل ڍوري سببان سندس سڄي ملڪ ۾ آبادي ٿيندي هئي، ۽ انهيءَ ڪري جسوڏن کي ملڪ جا ماڻهو پيار وچان "ڍوري ڌڻي" يا "ڍور ڌڻي" به ڪري سڏيندا هئا. سڀ ماڻهو سکيا ستابا هئا، مال متاع جام هو ۽ ان گيهه جام هوندو هو. ملڪ ۾ ڪنهن به شيءِ جي اٽاٽ ڪانه هئي.

اوچتو هڪ سال پٺيهل درياءَ ۾ لاهو آيو ۽ سال بسال اهو ڍورو سڪڻ لڳو. ڍوري جو اهو حال ڏسي ماڻهن ۾ اچي هراس پکڙيو. پاڻيءَ جي اچي اٽاٽ ٿي، پنيون بارا سڪي ويا. جسوڏن جي ڀاڳ به اچي پويان پير ڪيا. سندس هٿ ۾ اها برڪت نه رهي. اها حالت ڏسي ڪيس ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ ماڻهو دوڙايائين ته خبر چار لهي اچو ته ڇا ڳالهه آهي ۽ ڪهڙي سبب کان ڍورو پيو سڪي! ڪي داناءُ ماڻهو ويا ۽ وڃي سڄي ڍوري کي جانچيائون. ڏنائون ته مار! ماڳهين ڍورو ابتو پيو وهي! تڏهن موٽي آيا ۽ اچي ٻڌايائونس ته: اسين ڏسيو پيا اچون ته اڄ ڍورو ماڳهين ابتو پيو وهي، جنهن ڪري پاڻي نه ٿو پهچي. فصل ختم ٿي ويا آهن ۽ زمينون سڪي نڪر ٿي ويون آهن؛ ۽ ماڻهو به هتان لڏڻ جي پيا ڪن.

اهو ٻڌي جسوڏن کي ڏاڍو ڏک ٿيو. هن دل ۾ خيال ڪيو ته


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماٺھو لڏي ويا تہ ملڪ ڦٽي ويندو. جيسيتائين مون وٽ ڪي ڪجھ آھي، سو ڏيئي ماڻھن کي رھايان، پوءِ ٿي سگھي ٿو تہ ڏٽي من پنھنجي ٻاجھ ڪري. اھو پڪو پھ ڪري، گڏ ٿيل ان، ماڻھن ۾ ورھائڻ شروع ڪيائين. نيٺ اھو ان بہ کٽي ويو، تڏھن وري خزانو ورھائڻ لڳو. نيٺ مند موتي آئي پر ڊورو نہ وھيو سو نہ وھيو.... جيئن پوءِ تيئن سڪندو ويو. ھاڻي ماڻھن ۾ بہ سھڻ ڪونہ ھو، سو پچڻ جي ڪرڻ لڳا.

جڏھن جسوڏن کي انھيءَ ڳالھ جي خبر پئي تہ تڏھن ماڻھن کي چيائين تہ: ڪجھ ڏينھن ترسو. آءُ سوڻ خاطر ٻہ تتر ٿو ڇڏيان، جيڪڏھن اھي موٽي آيا تہ پوءِ پلي توھان وڃجو، نہ تہ پوءِ پڪ ڄاڻو تہ اسان جا ويل ڏينھن جلد موٽندا. ماڻھن سندن اھا ڳالھ مڃي، ھن تترن جي جوڙي جھلائي، ٻہ ٽي ڏينھن بک ڏيئي، اڏائي ڇڏي. سڀ ماڻھو انھيءَ تماشي ڏسڻ لاءِ اچي گڏ ٿيا. ڪيترو وقت وريو پر تتر نہ وريا. اتي مڙني ماڻھن جي منھن تي سرھائي آئي. پر سچ لٽي مھل ڏسن تہ ٻئي تتر آھستي آھستي اڏامندا پيا اچن. سينيءَ جا منھن لھي ويا. گھڙي کن ۾ ٻئي تتر اچي جسوڏن جي پيرن وٽ ڪريا ۽ اتي جو اتي مري ويا. اھو رنگ ڏسي جسوڏن، ماڻھن کي چيو تہ: ھاڻي اوھان کي موڪل آھي جيڏانھن وڻيو تيڏانھن وڃو. پر پاسي ۾ ڪٿي بہ نہ پاڻي آھي نہ ان.

اھا ڳالھ ٻڌي سيني جسوڏن کان موڪلايو ۽ جدا جدا پاسن ڏانھن روانا ٿي ويا. فقط جسوڏن، سندس زال، ٻانھي ۽ ڏھ ڄڻا ٻيا، جملي تيرھن ڄڻا وڃي سڄي شھر ۾ رھيا. ھنن کي بہ جڏھن ڪاٺڻ لاءِ ڪي ڪين رھيو، تڏھن شھر ڇڏي روانا ٿيا. واٽ تي ڪنھن جاءِ تي ڪين بک ڏاڍو پريشان ڪيو. اتي ھڪڙي ھنڌ جسوڏن کي گدرو نظر آيو، سو وڃي پٽيائين، پر رڳو ٻاڙ نہ ڪاڏائين پر ان کي تيرھن ڦارون ڪري سيني ساٿين کي ڏنائين. پر ھڪڙي گدري جي ڦار مان ڪٿان ٿو ڍئو ٿئي. ڪجھ پنڌ ڪان پوءِ وري بہ اچي بک ستاين. تنھن تي جسوڏن پنھنجن ساٿين کي چيو تہ: آءُ، راڻي ۽ ٻانھي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ طرف ٿا وڃون، ۽ توهان ٻي پاسي وڃو. پوءِ جنهن جي جيتري قسمت هوندي اوترو نصيب ٿيندو. اهو فيصلو ڪري، ٻـ ٽوليون ڪري روانا ٿيا.

اهي ڏهه ماڻهو اڃا ٿورو اڳتي وڌيائي ڪين تہ هڪڙو ڍڳو ڏٺائون، هنن کي هڪي ٻڪ سو اتيئي ڪهي، پچائي کائڻ ويٺا. جڏهن کائي ڍؤ ڪيائون ۽ باقي ڪجهہ وچي بچايائون، تڏهن ڏٺائون تہ جسوڏن بادشاهہ راڻي ۽ ٻانهي ٽيئي پيا اچن. هنن کي ايندو ڏسي يڪدم باقي گوشت ڪٽي ڍڪيائون، پر جسوڏن جي نظر پئجي وئي جنهن تي چيائين تہ:

اسان جنين ساڻ، تر وتي تيرهن ڪيو
تنين اسان ڪان، ڍڳو ڍڪي ڪاڏو.

(اسان جن سان تر بہ تيرهن حصا ڪري کاڌو تن اڄ اسان کان ڍڳو لڪائي کاڌو.)

اهو ڏوراپو ٻڌي هنن ڏهن ڄڻن شرم کان ڪٽي ڪنڌ هيٺ ڪيا، ۽ ڪين ويهڻ جي صلاح ڪيائون، پر جسوڏن چين تہ: اسان جي قسمت اسان سان آهي، توهان ڀلي ويٺا ڍؤ ڪريو. ائين چئي هي ٽيئي ڪائنن جدا ٿي اڳتي روانا ٿيا.

هلندي هلندي اچي هڪ شهر کي ويجها پيا. راڻيءَ چيو تہ: انهيءَ شهر ۾ منهنجا مائٽ آهن، انهن وٽ هلي ڪجهہ ڏينهن ترسي آرام ڪريون، پوءِ جيئن قسمت هوندي تيئن ڪنداسون. جسوڏن راڻيءَ جي اها ڳالهہ قبول ڪئي، يڪدم اوڏانهن رخ رکيائون. جڏهن ان شهر ۾ پهتا تہ سندن ڏاڍي آجيان ڪئي وئي ۽ ڪين ڏاڍي مان شان سان رهايو ويو. راڻي جي ٻاجائي خاص طرح هنن جي ڏاڍي خدمت چاڪري ڪئي.

هڪڙي ڏينهن راڻي پنهنجي ٻاجائيءَ سان گڏ اندر آتڻ ۾ ويٺي، جتي سندس ٻاجائي پنهنجو هار لاهي ڪٽي آتڻ واري ڪيري ۾ ٽنگيو ۽ پاڻ وينيون ڪتڻ ۽ ڳالهيون ڪرڻ. قدرت اهڙي جو ڪيري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪڙو هڪڙو مٽيو ڪري سڄو هار ڪائي ويئي. راڻيءَ اهو سمورو لقاءُ ويٺي ڏٺو، پر ياڄائيءَ سان ڳالهه ڪانه ڪيائين. پوءِ ياڄائيءَ هار جي سنڀار ڪئي. راڻيءَ کيس ٻڌايو ته: مٽيو مٽيو ڪري اها ڪيري هار ڪائي وئي. پر هوءَ مڃي ئي نه، چي: هار ڀڪ تون لڪايو آهي. گهڻائي قسم سُنهن کنيائين، پر هو مڃي نه، چي: بس بس هينئر جو هينئر هتان نڪرو، لاچار راڻي مانڙي ڪري جهڙي هئي تهڙي مڙس ۽ ٻانهيءَ سان ٻاهر نڪتي وري ٻه هي ٽيئي ڄڻا پنهنجي قسمت کي ڏوهه ڏيندا ٻئي پاسي روانا ٿيا.

اتان هلندي هلندي اچي ڪنهن جي وٿاڻ تي پهتا. هيڏانهن هوڏانهن ڏنائون پر ڪو ماڻهو نظر نه آين، وري سڏ ڪيائون ته ٿوري دير کان پوءِ هڪڙو شخص آيو، جنهن هنن کان خبرچار پڇي، جنهن تي جسوڏن کيس ٻڌايو ته: آءُ هڪڙو غريب پورهيت آهيان، پورهئي جي ڳولها ۾ هت اچي نڪتو آهيان، جيڪڏهن تو وٽ ڪو ڪم ڪار هجي ته ڏس. اهو هن انهيءَ ڪري چيو جو خيال ڪيائين ته جيڪڏهن آءُ پاڻ کي بادشاهه سڏائيندس ته پهريائين ته هيءُ مڃيندو ڪونه، پر جي مڃيائين ته رهائڻ ۾ هٻڪ ڪندو. جنهن تي ياڳيي کيس چيو ته: ادا! آءُ پاڻ پورهيت آهيان، پر آءُ ڏسان ٿو ته تون ڪو پريان ڪهي آيو آهين، تنهن ڪري پلي ٻه ٽي ڏينهن رهي پئو. جيترا ڏينهن جو هتي ياڳ هوندو پيا ڪائيندؤ. جيڪي مون وٽ آهين سو حاضر آهي، پوءِ ماني کٽي آڻي ڏنائين جا هنن ڍؤ ڪري ڪاڌي.

رات جو ياڳيو وڃي سمهي رهيو. آڌي رات جو سڀ مينهون اٿيون، پر ياڳيو نه اٿيو، اتي جسوڏن جي اک کلي پئي، ۽ زال کي چيائين ته: اسان هن جو نمڪ ڪاڌو آهي تنهن ڪري ڪجهه ڪم ڪار ڪرڻ کپي. هاڻي آءُ مينهون پهرائڻ ٿو وڃان ۽ تون پويان رهه، تنهنجي لڄ ڏٺيءَ تي آهي. ائين چئي مينهون ڪاهي ٻيلي ڏانهن ويو. پوءِ هن جو اهو دستور ٿي ويو. رات جو ياڳيو سمهي رهندو هو ۽ هي مال پهرائڻ ويندو هو. ائين ڪندي ڪي ڏينهن گذري ويا.

هڪڙي رات ياڳيءَ خيال ڪيو ته ڏسان ته سهي مينهون ڪيئن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو سنڀالي. سو جنهن مهل روانو ٿيو، تنهن مهل پاڻ بہ لڪي هن جي پويان لڳو، سڀ مينهون اچي ٻيلي ۾ ٻيٺيون ۽ جسوڏن وچ ۾ ٻيٺو رهيو. جڏهن ٻيون اوڄو (ويهڪ) ڪري اٿيون تڏهن هڪڙو پاڏو ڪير ڏائڻ لاءِ ڊوڙندو آيو، جنهن جي آواز تي مينهن سا ڳائي. اهو ڏسي جسوڏن هڪل ڪئي ۽ ڊوڙي وڃي پاڏي کي پري ڀڄائي ڇڏيائين، ۽ پاڻ ويهي مينهن جو کير پٽ تي ڏهي ڇڏيائين! ٻاڳيئي جنهن اهو سڄو لقاءُ بيني ڏٺو سو ڏاڍو حيران ٿيو ۽ يڪدم نڪري اچي ڪائنس پڇيائين تہ: يار! ڏي خبر! تو کير هارڻ سهسايو، پر پاڏي کي نہ پياريو، هارڻ ڪان تون ئي ڪير پي ڇڏين هان. جسوڏن چيس تہ: ادا وڏڙن چيو آهي تہ 'ماٺهو هرئي ڪان شينهن هريو چڱو،' سو جي آءُ اڄ ڪير پيان ها تہ هري پوان ها، تنهن ڪري هاري ڇڏڻ مناسب ڄاتم. جي پاڏي کي پياريان ها تہ پوءِ وٿاڻ تي ڪونہ ويهي ها، ۽ جي ڪير نہ ڏهان ها تہ مينهن ٿڻ ڦٽائي ڇڏي ها، انهيءَ ڪري ائين ڪيم. ٻاڳيو هن جي ايمانداري ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو، پر چيائينس تہ: يار! تو جهڙي سمجهو ۽ لائق ماڻهوءَ جي مون وٽ مزوري ڪانهي. ائين چئي گهر اچي انهن پنجن ڇهن راتين جي خاصي مزوري ڏيئي، کين روانو ڪيائين.

هي ٿئي هلندا هلندا اچي هڪڙي ٻئي شهر ۾ پهتا. اتي پهچي جسوڏن خيال ڪيو تہ حياتي الاجي ڪيترا ڏينهن آهي، هي جيڪي پيسا آهن، تن مان ڪو چڱو چوکو طعام تيار ڪرائي کائجي، سو ٻانهيءَ کي چيائين تہ: آءُ سامان وٺيو ٿو اچان، تون ڪيٺن بہ ڪري اڄ مون کي بادشاهي طعام تيار ڪري ڪاراءِ. ٻانهي حڪم جي بندي، تنهن چيو تہ: سائين! ڀلي. پوءِ وٽس جيڪي بہ پئسا هئا تن مان گوشت، چانور، ۽ مصالحا وٺي آٽي ٻانهي کي ڏنائين، ۽ ڪجهہ شراب ٿارڻ لاءِ وٺي آيو. ٻانهي کي ڏنائين، ۽ ڪجهہ شراب پنهنجي غم ٽارڻ لاءِ وٺي آيو. ٻانهيءَ ڪٿان آڏار سڌارا ٿانو وٺي ماني تيار ڪرڻ لڳي. جسوڏن خيال ڪيو تہ اڪيلو شراب پيئڻ روا نہ آهي، ڪو مڙئي ساٿي ضرور هجي سو ڀيو تہ ڪو بہ ڪو نہ هو، باقي ڀر ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوئي جو هڪڙو ٻر ڏنائين تنهن کي پنهنجو بديم بنائي، اڌ گلاس ڏر ۾ هاريائين ۽ اڌ پاڻ پيتائين. ٿوري دير کان پوءِ ٻانهي ٻه ڪاڌو تيار ڪري آڻي سندس اڳيان رکيو. جسوڌن جان کڻي ڏسي ته ڇانور ڪينئان ٿي پيا آهن. اتي ڪل نڪري ويس ۽ چيائين ته نياڳ وجي چوتي ڪئي آهي. ڏکيا ڏينهن گذري ويا ۽ هاڻي ڏٺي ورندو.

قدرت خدا جي جنهن ٻر ۾ شراب اوتيو هئائين، ان هينيان ڪو ستن بادشاهن جو خزانو پوريل هو. ٻر واري ڪئي کي اڇي نشن ورايو سو يڪدم زمين ڪوٽڻ لڳو. وچي خزاني تائين پهتو ۽ اتان هڪڙو لعل کڻي ٻاهر آڻي ڏر جي مٿان ڇڏيائين. جسوڌن جي نظر وچي لعل تي پيئي، سو پهريون ته حيران ٿي ويو پر پوءِ ان کي ڏٺيءَ جي مهرباني سمجهي کنيائين ۽ سڌو کڻي شهر ڏي ويو جتي وڪڻي ان مان ٻه اڇن ڪپڙن جا وڳا ٺهرايائين ۽ باقي پيسن مان اها زمين خريد ڪري، چوڌاري ڪوٽ ڏياري، ونءي ڪوٽيائين. ٻن ڏينهن کان پوءِ اهو سمورو خزانو ظاهر ٿي پيو. پوءِ اهو خزانو کڻائي راڻيءَ ۽ ٻانهيءَ سميت واپس پنهنجي ملڪ ڏانهن موٽيا. موٽندي رستي تي ئي پنهنجي راڻيءَ جي مائٽن وٽ تڏ (ميار) لاهڻ آيا. قدرت سان اتڻ ۾ راڻيءَ جي ڀاڄائي ڏسي ته ڪيري هڪڙو هار جو مٽيو پيئي ٻاهر ڪڍي، اتي ڪيس ڏاڍو ڏک ٿيو ته ناحق هنن کي تڪليف ڏنم. اهو خيال ڪري راڻيءَ وٽ اچي ڪائنن معافي ورتائين ۽ ٻن ٽن ڏينهن تائين پاڻ وٽ مهمان ڪري ترسايو.

اجا جسوڌن اتي ئي هو ته سندس ملڪ جا ڪي ماڻهو ڪيس ڳوليندي ڳوليندي اچي پهتا. جن ڪيس ٻڌايو ته سائين مبارڪون هجنوَ، ڊورو تار پيو وهي ۽ هاڻي موٽي پنهنجي ملڪ هلو. اها ڳالهه ٻڌي جسوڌن ڏاڍو خوش ٿيو ۽ انهيءَ مهل واپس پنهنجي ملڪ موٽيو. ڊوري جو پاڻي آيو سو وري آباديون ٿي ويون. ۽ ماڻهو سکيا ٿي ويا. پر ڪين اهو ڪين وسريو ته سندن هر دلعزيز حاڪم جسوڌن ساڻن کهڙا ڀال ڀلايا هئا.

جسوڌن هڪ هر دلعزيز بادشاهه ۽ سينيءَ جو خير گهرڻ وارو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو. هو يارن جو يار هو ۽ ڏڪئي وقت ۾ به جيڪي ڪجهه هئس سو يارن سان ونڊي کاڌائين. انهي ڪري ئي ڪانئس پوءِ به سندس نالو رهجي ويو، تان جو ١٨ صديءَ ۾، جڏهن پٽائي صاحب پٽيهل جو قتل ڍورو وجي ڏٺو. تڏهن چيائين ته:

ڍور نه اڳينءَ ڍار، مهند ملاحن لکيو،
موڙي چڏيائون مڪڙا، پسي پاٽيءَ پار،
جسوڏن جيها يار، پيا زير زمين ۾.

(ماهوار اديون ڪراچيءَ جي ٿورن سان)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڳامون سچار

اٽڪل يارهين صدي هجريءَ جي ڳالهه آهي ته سنڌ جي اتر واري ڀاڱي جو نواب، غازي خان مرزاڻي نالي هو. سندس ملڪ ۾ "بابل" نالي هڪڙو وڏو زميندار رهندو هو، جنهن پنهنجي زمين تي هڪڙو ڪوٽ ٺهرايو هو، جتي سڄي عيال سان رهندو هو. بابل کي اولاد ڪونه هو، تنهن ڪري رات ڏينهن رب سائين جي درگاه ۾ ٻاڏائيندو رهندو هو.

بابل کي شڪار جو گهڻو شوق هوندو هو، تنهنڪري هو ڏينهن جا ڏينهن ڪوٽ کان ٻاهر گذاريندو هو. سندس دستور هو ته جڏهن ٻاهر ويندو هو تڏهن ڪوٽ جو ٻاهريون دروازو بند ڪري ويندو هو؛ ان لاءِ ته ڪوبه مرد ماڻهو ڪوٽ اندر نه اچي، ۽ نه وري ڪو ماڻهو ڪوٽ کان ٻاهر وڃي. هڪڙي ڏينهن بابل شڪار تي ويو ته پٺيان هڪڙو درويش ولي الله گهوڙي تي سوار ٿي اچي ڪوٽ جي دروازي تي پهتو. بند دروازي کي تري هنيائين ته کلي پيو، ۽ اهو درويش گهوڙي سميت اندر ڪوٽ ۾ هليو ويو. بابل جي زال هن کي ڏسندي ئي دانهن ڪئي ته: اي خدا جا بندا! تون ڪير آهين ۽ ڇو اماڻڪ ڪوٽ ۾ گهڙي آيو آهين؟ منهنجي مڙس کي جي خبر پئي ته توکي توڙي مونکي ماري ڇڏيندو. هن درويش جواب ڏنو ته: مائي! آءُ خدا جي حڪم سان اوهان کي پٽ ڄمڻ جي بشارت ڏيڻ آيو آهيان. هاڻي تون پنهنجي مڙس کي منهنجا سلام چئج ۽ اها خوشخبري به ٻڌائج. مائيءَ جواب ڏنو ته: سائين! هو منهنجي ڳالهه تي اعتبار ڪونه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندو. اوهين مهربانيءَ ڪري ڪا اهڙي نشاني ڇڏي وڃو جنهن تي هن کي اعتبار اچي.

بابل جي گهر ۾ ڪجيءَ جو هڪڙو وڻ بيٺل هو، جو ڪيترن ڏينهن کان سڪي ويو هو. درويش انهيءَ ڪجيءَ ڏانهن نظر ڪئي ته اها انهيءَ دم سائي ٿي پيئي ۽ ڦر جهلي بيٺي. ان بعد درويش وڃڻ جي ڪئي، تنهن تي مائيءَ مڙس جي اچڻ تائين ترسڻ لاءِ تمام گهڻو زور ڪيس پر هو نه ترسيو. درويش جي وڃڻ کان پوءِ، مائي وهنجي سهنجي هار سينگار ڪري، ڳاڙهي ڪٽ تي هنڌ وڇائي بالم تي ويهي رهي. شام جو بابل آيو، ڏسي ته ڪوٽ جو دروازو کليو پيو آهي. وري اندر اچي ڏسي ته زال پاڻ سينگاري ويٺي آهي، ۽ تمام بهار ڏسڻ ۾ پئي اچي، ويتر زمين تي گهوڙي جا پير لڳل نشان ڏسي دل ۾ شڪ آيس سو يڪدم تلوار ڪڍي زال تي الر ڪري آيو ۽ چيائينس ته: سچ ٻڌاءِ ته ڪهڙو ماڻهو اڄ ڪوٽ ۾ اندر آيو هو؟ زال ادب سان چيس ته: سائين ڀهريائين ڪجيءَ ڏي نظر ڪريو، پوءِ ڀلي مونکي ماريو، منهنجي خطا هجي ته آءُ حاضر آهيان. بابل ڪجيءَ جي وڻ ڏانهن نهاريو ته ڳالهه کي يڪدم سهي ڪري ويو، تڏهن تلوار مياڻ ۾ وجهي زال کي چيائين ته: اي بدنصيب! اهڙو مرد موليٰ جو اسان وٽ آيو، ته تو چونه چيس ته آءُ به ڪجيءَ وانگر سڪل آهيان، ۽ مون کي به سائو ڪري وڃ. مائيءَ چيس ته: توکي سلام چيا اٿس ۽ چئي ويو آهي ته اوهان کي پٽ ڄمندو، پر ان جو نالو ”گامون“ رکجو. اتي بابل ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پٽ ڄمڻ جي بشارت تي خوب خير خيراتون ڪري ڏڻي تعاليٰ جا شڪرانا بجا آندائين.

ڪجهه وقت گذرڻ کان پوءِ بابل کي پٽ ڄائو. هن جو نالو گامون رکيائون. گامون اڃا ننڍو ئي هو ته پڻس بابل فوت ٿي ويو. هاڻي هيءُ ماءُ جي سنڀال هيٺ رهيو. اڄ ننڍو سياڻ وڏو، اچي ڏهن ٻارهن سالن جو ٿيو. هن کي ننڍي هوندي کان ئي سچ ڳالهائڻ جي عادت هئي. ڇا به ٿي پوي پر ڪوڙ اصل نه ڳالهائيندو هو. انهيءَ ڪري هو ”گامون سچار“ جي نالي سان مشهور ٿي ويو. جيئن ته



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندن ڀيو ڪو مٽ مائٽ ڪونہ هو، جو زمين جي سنڀال ڪري، تنهن ڪري مائي هارين جي اعتبار تي سڄي ٻني انهن جي حوالي ڪري ڇڏي هئي. پيدائش مان جيڪو بہ حصو پتي سندن ٿيندو هو، سو هاري ڪين گهر ويٺي پڄائي ڇڏيندا هئا. وٽن ڏاندن جو ڀلو جوڙو هو. مائيءَ خيال ڪيو تہ اهو جوڙو مرشد کي ڏينديس. هڪڙيءَ رات جڏهن گامونءَ سان اها خبر ڪيائين تہ اهو ڏڳن جو جوڙو مرشد داتا گنج بخش لاهوريءَ کي ڏيڻو آهي. تڏهن گامون چيو تہ: امان! اهو ڪم آءٌ ڪندس. اول خير تہ سڀاڻي صبح جو ڏاند ڪاهي لاهور ويندس. ان رات ڪو چور هنن جي گهر ۾ چوري ڪرڻ جي ارادي سان آيو هو، تنهن سموري حقيقت ويٺي ٻڌي. چور دل ۾ خيال ڪيو تہ ڇو نہ صبح جو اهو جوڙو ڏاندن جو ڇوڪري کان کسي وٺان، منهنجي لاءِ اهائي چوري بس آهي. سو آهستي آهستي گهر مان نڪري ويو.

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير گامون، ڏڳن جو جوڙو ڪاهيو پئي ويو. واٽ تي چور اڳيئي سندس گس جهليو بيٺو هو، تنهن اچي ڏڳن جي رسن ۾ هٿ وڌو. گامونءَ پڇس تہ: تون ڪير آهين؟ ۽ ڇو ٿو ڏاندن ۾ هٿ وجهين؟ تڏهن چور جواب ڏنس تہ: ابا هي ڏاند منهنجا آهن. تون ۽ تنهنجيءَ ماءُ رات ڳالھ پئي ڪئي تہ هي ڏاند مرشد داتا گنج بخش جا آهن، سو اهو گنج بخش داتا آءٌ اهيان. مونکي لاهور ۾ ئي خبر پئجي ويئي. ڇيم تہ توکي تڪليف ٿيندي تنهن ڪري آءٌ پاڻ وٺڻ آيو آهيان. گامون اها ڳالھ ٻڌي، ڏاند ان چور جي حوالي ڪيا، چيائينس تہ سائين مون کي پنهنجو مريد ڪر. چور چيو: ابا! تنهنجي مريد ٿيڻ ۾ امتحان آهي. ڇوڪري چيو تہ بيشڪ مون کان امتحان وٺو. پوءِ چور گامونءَ جون اکيون ٻڌي ويندو رهيو. ڪوبہ ماڻهو ڇوڪري جون اکيون کٽيو کولي تہ ان کي منع ڪري، چي: جنهن ٻڌيون آهن سو پاڻهي اچي کوليندو.

گامونءَ کي انهيءَ حالت ۾ ٻہ ٽي ڏينهن گذري ويا، نيٺ اهو ساڳيو درويش، جنهن جي دعا سان ڄائو هو، تنهن چور جي شڪل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ اچي گامونءَ جون اکيون چوڙيون ۽ مريد ٿي ويو. گامونءَ عرض ڪيو ته: سائين! ٻيو ڪو حڪم هجي ته بندو حاضر آهي. درويش سندس صداقت ڏسي چيو ته: ابا ڪنهن جي نوڪري نه ڪج؛ پر جيڪڏهن ڪرين ته مالڪ جو وفادار نوڪر ٿي رهج. ٻيو ته ڪوڙ اصل نه ڳالهائج، ۽ جنهن جي منهن ۾ مِهر ڏسين ان جي خدمت ڪجانءِ. گامون مرشد جي نصيحت ياد ڪري ٽئين ڏينهن پنهنجي گهر موٽي آيو.

گامونءَ جي جلد موٽڻ تي ماڻس کي شڪ جاڳيو، دل ۾ سمجهيائين ته شايد ڏاند هن ڪان واٽ ۾ ئي ڪو ڪسي ويو آهي، ۽ لاهور وڃڻ بدران واٽ تان موٽي آيو آهي. سو پڇا ڳاڇا ڪيائين. گامونءَ سچي ڳالهه ڪري ماءُ کي ٻڌائي. هن ويچاريءَ کي ڳالهه تي اعتبار اچي ويو. سمجهيائين ته مرشد داتا گنج بخش به وڏو ولي آهي سو اچي پنهنجا ڏاند وٺي ويو هوندو.

گامون کي به پيءُ وانگر شڪار جو شوق هوندو هو. هڪڙي ڏينهن شڪار ڪندي ڪندي، هڪڙي هرڻ کي دوڙائي نواب غازي خان جي بادشاهيءَ ۾ وڃي ماريائين ۽ هرڻ کڻي شهر ۾ آيو. گهوڙو هڪڙي وڻ سان ٻڌي، پاڻ ان وڻ هيٺ ويهي هرڻ پچائڻ لڳو. اڃا سيخ مس تيار ڪيائين ته اوچتو هڪڙي ڏرڙ مان، هڪڙو ڪُئو نڪري ٻاهر آيو، جنهن جي واٽ ۾ سوني مُهر هئي. گامونءَ کي مرشد جي ڳالهه ياد آئي. هن سمجهيو هو ته مرشد جو حڪم آهي، ته جنهن جي منهن ۾ مهر ڏسين ان جو ادب ڪج. سو مهر کي مُهر چاڻي ڪئي جي اڳيان ادب سان بيهي رهيو، ۽ عرض ڪيائين ته: سائين! بندو حاضر آهي. ڪُئو چرڪ ڀري واٽ مان مهر ڦٽي ڪري ڏرڙ ۾ هليو ويو. گامونءَ مهر کڻي دل ۾ چيو ته مهيني جو پگهار ته اڳوات ڏيئي ويو آهي، هاڻي هن جي نوڪري ڪبي، سو سيخ تيار ڪري رکيائين ته پهرين اچي مالڪ کائي، ته پوءِ آءُ کائيندس ۽ پاڻ پري ٿي ويٺو. ٿوري ويرم گذري ته وري اهو ساڳيو ڪئو، ٻي مهر واٽ ۾ کڻي ڏرڙ مان نڪري آيو ۽ مهر اتي ڦٽي ڪري گوشت کائڻ لڳو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن ڪائي ڏؤ ڪري ڪئو واپس ڏرڙ ۾ هليو ويو. تڏهن هن جي وجھڻ ڪان پوءِ ڳامون باقي بچيل ڳوشت ڪائي، ٻي مُهر ٻه ڪٽي قابو ڪئي. دل ۾ چيائين ته، مالڪ ٻئي مهيني جو پگھار ٻه اڳوات ڏنو آهي، تنهن ڪري ٻه مهينا ته سندس نوڪري ضرور ڏيٽي اٿم. اهو خيال ڪري هو مهر ڪٽي بازار ۾ ويو. ٿان ءَ، سيڌو سامان ۽ ٻيون ٻه جيڪي ضروري شيون کپنديون هئس، سي وٺي اچي انهيءَ ساڳيءَ جاءِ تي گهر ڪري وينو.

قصو ڪوتاهه، ڪئو روزانو ايندو هو. ڪاڏو ٻه ڪايو ويندو هو ۽ هڪڙي مهر ٻه ڇڏي ويندو هو. هڪڙي ڏينهن ڳامون مهر ڪٽي شهر ۾ ويو، هڪڙي دڪان تان پئي مٽايائين ته نواب غازي خان جي خزانچي ڏسي ورتس. هن ڪان پڇا ڪيائين ته: تون هيءَ مهر ڪٿان آندي آهي؟ ڳامون جواب ڏنس ته: جنهن جو آءُ نوڪر آهيان ان ڏني آهي. خزانچيءَ سمجهيو ته ڪو چور آهي، تنهن ڪري چيائينس ته هلي پنهنجو مالڪ ڏيکار. ڳامون ٻه خزانچيءَ کي وٺي ان جاءِ تي آيو. ڪيس ويهاري ڪاڏو تيار ڪرڻ لڳو. خرانچي هيڏانهن هوڏانهن پيو نهاري، ته هن جو مالڪ هتي سچ ۾ ڪيئن ايندو. ڳامونءَ چيس ته: تون ڪچ پچ اصل نه، ويٺو رهه، متان منهنجو مالڪ تنهنجو ڳالهائڻ ٻڌي ڪاوڙجي نه وڃي. اهو ٻڌي خرانچي چپ ڪري ويهي رهيو. ڳامون انهيءَ وچ ۾ ڪاڏو تيار ڪيو. اجا ٿوري ويرم ٿي ته ڪئو ٻه مهر وات ۾ وجهي، ڏرڙ مان نڪري ٻاهر آيو ۽ مهر زمين تي ڦٽي ڪري ڪاڏي کي لڳي ويو. خزانچي اهو حال ڏسي دل ۾ خيال ڪيو ته جي منهنجي عزت خراب ڪندو ته هيءُ ڪوئو ڪندو. سو ڪڏنديئي پير مان پادر، نڪاءُ ڪيائين ته ڪئو مري پيو. ڳامونءَ کي جا آئي چڙ سو، ڪُنديئي ڏنڊو هٿي ڪٽي خرانچي کي ته اهو ٻه دنيا کان موڪلائي ويندو رهيو. پوءِ ڳامون پنهنجي مالڪ ڪُئي جي ڏک ۾ ويهي روئڻ پٽڻ لڳو. هن جي روئڻ تي ماڻهو اچي گڏ ٿيا. ڏسن ته خرانچيءَ کي ٻه ماري وڌو اٿس؛ سو سڌو ويا نواب غازي خان وٽ ۽ وڃي حقيقت ٻڌايائونس. نواب حڪم ڪيو ته هڪدم ڳامونءَ کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٺي اچو. ماڻهن اچي چيس تہ: گامون! هل، توکي نواب صاحب گهرايو آهي. جواب ڏنائين تہ: حاضر ادا! پهرين پنهنجي مالڪ کي دفن ڪريان، ۽ تي ڏينهن سندس تڏو اجاريان تہ پوءِ هلندس. نواب جا نوڪر چاڪر ويندا رهيا، ۽ وڃي اها حقيقت ٻڌايائون؛ جنهن چيو تہ: چڱو، ٽن ڏينهن کان پوءِ وٺي اچجوس.

گامونءَ مزورن کي هڪڙي هڪڙي سوني مهر ڏني، جن ملان آندو ۽ ڪفن دفن جو سامان گڏ ڪري، ڪوئي کي دفن ڪيو. هي ٽي ڏينهن تڏو وجهي ويٺو. ڪانڌين کي بہ پاڻ وٽ رهاياائين، انهن جي کاڌي پيتي جو بہ انتظام رکيائين ۽ هڪڙي هڪڙي مهر بہ کين ڏنائين. نيٺ ٽي ڏينهن پورا ٿيا ۽ هي سڌو نواب غازي خان جي دربار ۾ حاضر ٿيو. نواب صاحب پڇيس تہ گامون! خرانچيءَ کي تون ماريو آهي. گامون جواب ڏنو تہ هائو سائين، مون ماريو آهي. جيڪڏهن آءٌ اوهان جو نوڪر هجان ۽ توهان جو ڪو دشمن هجي تہ آءُ ان کي ڇڏي ڏيان؟ اوهان جي خيال ۾ هي ڪوئو هو، پر آءُ تہ ان جو پگهادار نوڪر هوس، سو ان جي دشمن کي ڪتي ٿو ڇڏيان؟ نواب صاحب کي هن جو جواب ڏاڍو وڻيو ۽ چيائين تہ اڄ کان وٺي تون منهنجو نوڪر ٿي رهہ تہ توتان خون معاف ڪريان. گامونءَ چيس تہ جي سائين منهنجو مالڪ جيئرو هجي ها تہ آءُ ڪنهن وٽ نوڪري ڪونہ ڪريان ها، پر هاڻي هو مري ويو آهي تڏهن اوهان وٽ نوڪريءَ ڪرڻ لاءِ حاضر آهيان.

قصو ڪوتاهہ، گامون نواب غازي خان وٽ نوڪري ڪرڻ لڳو. سندس سچ ڳالهائڻ تي نواب کيس تمام گهڻو ڀائڻ لڳو ۽ ڏينهون ڏينهن پگهار ۽ عهدو وڌائيندو ويو، تان تہ نواب کيس پنهنجو وزير مقرر ڪيائين. نواب غازي خان وٽ ٻيو بہ هڪڙو وزير بشارت خان جتوئي هوندو هو. گامونءَ تي نواب صاحب جو ايترو راز ڏسي پيو سڙندو هو. هر وقت نواب خان جي اڳيان اهو شڪايت پيو ڪندو هو تہ: نواب صاحب! ڇا جو گامون سچ ٿو ڳالهائي، هو وڏو ٺڳ آهي، اوهان جي دل کي خالي وهم ويهي رهيو آهي تہ گامون سچار آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نواب خان چيو تہ: بشارت خان، گامون ڪڏهن ڪوڙ نہ ڳالهائيندو. تون ثابت ڪري ڏيکار تہ ڪيئن گامون ڪوڙو آهي! بشارت خان عرض ڪيو تہ: سائين توهان گامونءَ کان پڇي ڏسو تہ سندس پيءُ جو نالو ڇا آهي. پوءِ جي نالو ٻڌايائين تہ ڇئبو تہ ڪوڙو آهي. نواب صاحب هڪدم ماڻهو موڪلي گامونءَ کي ڪچهريءَ ۾ گهرايو ۽ کانئس پڇيائين تہ: گامڻ خان! تنهنجي پيءُ جو نالو ڇا آهي؟ تنهن تي جواب ڏنائين تہ سائين مون کي پوري پڪ ڪانهي تہ آءُ ڪنهن جو پٽ آهيان، تنهن ڪري پيءُ جو نالو ٻڌائي نہ ٿو سگهان، باقي اها پڪ اٿم تہ امان جو ڄڻيل آهيان، وڌيڪ خاطري ونڻي اٿو تہ امان کان پڇي پوءِ ٻڌائي سگهندس. نواب صاحب بشارت خان کي چيو تہ ٻڌئي گامونءَ جو جواب! اهو ڪڏهن بہ ڪوڙ نہ ڳالهائيندو. خاطري نہ هئس تہ پيءُ جو نالو بہ نہ ٻڌايائين. وزير ڪٽي مات ڪئي پر دل جو سور دل ۾ رهجي ويس، خيال ڪيائين تہ وري ڪا ٻي تجويز هٿ ڪري، گامونءَ جو ڪوڙ ضرور ثابت ڪندس.

هڪڙي ڏينهن ڪچهريءَ ۾ نواب صاحب سڀني نوڪرن کي چيو تہ: اوهان سڀئي نوڪر رڳو چاپلوس آهيو جيڪڏهن سچو نوڪر آهي تہ گامون آهي. مون کي پڪ آهي تہ سر وڃڻ جو خيال نہ ڪندو، مگر ڪوڙ اصل نہ ڳالهائيندو. موقعو ڏسي وزير جواب ڏنس تہ: سائين! آءُ گامونءَ کي ڪوڙو ثابت ڪري ڏيکاريندس. هيءُ ڪوڙ ڪيئن نہ ڳالهائيندو! ڪوڙ کان سواءِ اصل هلي ڪين سگهندو؛ پر هڪڙي مهرباني ڪريو تہ ڪيس مهري اٺ چارڻ لاءِ ڏيو تہ وڃي باغ ۾ چاري، پوءِ پاڻيهي ڪوڙ نہ ڪوڙ، جي خبر پئجي ويندي. نواب صاحب اها ڳالهہ قبول ڪئي ۽ گامونءَ کي سڏائي چيائين تہ: گامڻ خان! اسان جو جت بيمار ٿي پيو آهي، تو کان سواءِ ٻئي ڪنهن تي ڀروسو بہ نہ ٿو ٿئيم، تنهن ڪري منهنجي سواريءَ جا بہ مهري اٺ، تون پاڻ وني وڃي باغ ۾ چار، جيسيتائين جت ڇٽو ڀلو ٿئي. گامون حاضر چئي، اٺ ڪاهي باغ ۾ اچي چارڻ وينو. وزير حسد کان ماريل سڌو پنهنجي گهر آيو ۽ پنهنجي ڌيءَ کي چيائين تہ: تون باغ ۾ وڃ، اتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گامون وينو نواب غازي خان جا اٺ چاري، ڪنهن به ترڪيب سان انهن مان هڪڙو اٺ ڪهارائي وجهنس، نه ته پنهنجو خير ڪونهي. وزير جي ڌيءَ پيءُ جو حڪم ٻڌي انهيءَ مهل باغ ۾ آئي، ۽ اتي گهمڻ ڦرڻ لڳي. گامونءَ سمجهيو ته شايد نواب صاحب جي پاسي جي پهر آهي، سو وزير زاديءَ سامهون اچيس ته منهن ڦيرائي ٻئي پاسي ٿي ڪيائين. وزير زاديءَ به وري وري اچيو سندس اڳيان بيٺي ته من گامون ڳالهائي؛ پر ٻيو ٿيو خير.

گامون جڏهن ڏٺو ته هيءَ منهنجي پچر نه ٿي ڇڏي، سو پڇيائينس ته ڪير آهين جو بيگانن وانگر پٺي ڦرين؟ ڇوڪريءَ نرمائيءَ سان جواب ڏنس ته: آءُ وزير زادي آهيان، تو وٽ ڪنهن تمام لاچاري ڪم لاءِ آئي آهيان. اهو هيءُ ته مون کي اٺ جو هيانءُ کپي تو، سو ڀلائيءَ ڪري اٺ ڪهي، سندس هيانءُ ڪڍي ڏي. گامونءَ اهو ٻڌي چيس ته: جي آءُ نواب صاحب جو اٺ ڪهي توکي سندس هيانءُ ڪڍي ڏيان، ته هو مارائي ڇڏيندم؛ پر اهو به سر تي سهان ۽ تنهنجو ڪم ڪريان، پر تون انجي عيوض مونکي ڇا ڏيندينءَ؟ ڇوڪريءَ جواب ڏنو ته جي تون منهنجو چوڻ مڃي اهو ڪم پورو ڪندين، پوءِ منهنجو سر به تنهنجي اڳيان حاضر آهي. گامون يڪدم رسو کڻي، اٺ کي مضبوط ٻڌي ڪيس دسيو، پوءِ ڪهي هيانءُ ڪڍي ڇوڪريءَ جي حوالي ڪيائين. ڇوڪريءَ چيس ته: هاڻي لوڻ ۽ مرچ کڻي اچ ته هيءُ هيانءُ پچائي ٻئي گڏجي کائون. وزير زادي تمام سهڻي هئي، ٻيو ته سندس قرب وارين ڳالهين ڪيس موهي وڌو هو، تنهن ڪري جيئن هن چيس ٿي تير ٿي ڪيائين. سو ڇوڪريءَ جي چوڻ موجب ويو لوڻ مرچ کڻڻ ۽ پٺيان ڇوڪري وجهه وٺي هيانءُ کڻي ويندي رهي، گامون موٽي اچي ڏسي ته مار، هيءَ ته نڪي ڪري مون کان نواب صاحب جو اٺ ڪهائي ويندي رهي. هاڻي نواب کي ڪهڙو جواب ڏيندس. پوءِ چوڻ لڳو ته ٻيلي گامڻ هاڻي مارجي وئين، پهرين ڏينهن هڪڙو اٺ ڪنو اٿيئي. اتيئي ئي ڳڻتين ۾ ويهي رهيو. آخر خيال ڪيائين ته ڪنهن کان صلاح وٺان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آسپاس ڏنائين ته ماڻهو ڇيٽو هئو ئي ڪونه. رڳو ٻوڙا ٻينا هئا. سو ڇا ڪيائين ته ٽن ٻوڙن کي ڳنڍيون ڏنيون. انهن مان هڪڙي تي ڳنڍي، ٻئي تي چولو ۽ ٽئي تي پٽڪو رکيائين. پوءِ ڳنڍيءَ واري ٻوڙي کان پڇيائين ته: جيڪڏهن نواب صاحب پڇي ته گامڻ انن چري ڏؤ ڪيو، ۽ اٰءَ جواب ڏيانس ته سائين هڪڙي اٺ کي شينهن ماري ويو؛ ته نواب صاحب اعتبار ڪندو؟ وري پاڻ کي پاڻ ئي چوڻ لڳو ته: نواب صاحب چوندو ته شينهن جو پيرو هلي ڏيکار. ٻيلي گامڻ! اها ڳالھ ٻه نهي ڪانه! ڪوڙو ٿي پوندين. ڪٿي آهي شينهن جو پيرو؟ اهڙيءَ طرح وري چولي واري ٻوڙي کان ٻه ائين پڇيائين ته: جيڪڏهن نواب صاحب کي ٻڌايان ته ڏاڙيل آيا، اچي اٺ ماري ويا، ته وري ٻه نواب صاحب چوندو ته اٺ هلي انهن ڏاڙيلن جا پير ڏيکار. پير ڪٿي آهن؟ ٻيلي گامڻ! اها ڳالھ ٻه نهي ته ڪانه، ڪوڙو ٿي پوندين. وري پٽڪي واري ٻوڙي کان ٻه اهڙيءَ طرح پڇيائين. اتان ٻه نااميد ٿي پاڻهي پاڻ کي جواب ڏنائين ته گامڻ خان ڇا ٻه ٿي پوي، ڳالھ نواب صاحب سان سچي ڪبي. نواب صاحب چوندو ته، پرواھ ناهي. اٺ ڪنو ته ارمان ڪونهي، ڪوڙ ته ڪونه ڳالهايو اٿئي!

گامون دل ۾ اها رٿ رٿي، باقي هڪڙو اٺ وٺي موٽي آيو. ان کان اڳ بشارت خان وزير، اٺ جو هيانءُ ڪٽي وڃي نواب صاحب جي اڳيان رکيو، ۽ ٻڌايائينس ته: سائين جن جي سواريءَ وارو اٺ، اڄ گامڻ خان کهي ڇڏيو آهي، هيءُ ان اٺ جو هيانءُ آهي. شام جو گامون، باقي هڪڙو اٺ ٻڌي سڌو نواب صاحب جي ڪچهريءَ ۾ آيو. نواب صاحب پڇيس ته: گامڻ خان ڪيئن انن ڪائي ڏؤ ڪيو؟ گامون هٿ ٻڌي عرض ڪيو ته: سائين! هڪڙو اٺ مون کهي ڇڏيو. نواب صاحب حيران ٿي ڪري پڇيس ته: ڇو؟ تنهن تي هن سموري ڳالھ ڪري ٻڌائي، ۽ چيائينس ته ڇوڪري هئي تمام سهڻي، تنهن ڪري مون ٻه ڪٽي سندس چوڻ مڃيو؛ وري جو انجام ٻه ڏنائين تنهن ته هيڪاري مجبور ڪري وڌو. هاڻي مون کان خطا ٿيٽي هئي سا ٿي. وڏيڪ سائينجن مالڪ آهن. آءٌ برابر ڏوهاري آهيان. وزير



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زاديءَ جو ڪوبہ ڏوهہ ڪونهي، سزا جيڪا ڏيو تنهن لاءِ آءُ حاضر آهيان. نواب صاحب ڳالهہ ٻڌي يڪدم اٿي ڪيس ڀاڪر پاتو ۽ چيائينس تہ: گامڻ خان! تنهنجي سچ ڳالهائڻ تي مون کي ايڏي خوشي ٿي آهي، جو جيڪڏهن اٺن جو سجو گلو کهي ڇڏين، تہ بہ پرواهہ نہ آهي. پوءِ نواب صاحب بشارت خان کي چيو تہ: ڏٺئي! مون اڳيئي چيو هو تہ گامڻ خان مرڻ قبوليندو پر ڪوڙ اصل نہ ڳالهائيندو. هاڻي تنهن جي ڌيءَ گامونءَ سان انجام ڪري آئي آهي، تنهن ڪري جلدي اهو سڱ هن کي ڏي. وزير ٻري ڪچهريءَ ۾ اها ڳالهہ ٻڌي اندر ۾ سڙي پچي ويو. لاچار نواب صاحب جي حڪم موجب ڌيءَ جو سڱ ڏيڻو پيس.

جيئن جيئن وزير، گامون جي خلاف گهاٽ گهڙيندو رهيو، تيئن تيئن نواب صاحب جو هن جي مٿان وڌيڪ راض ٿيندو ويو. آخرڪار وزير پڪو ارادو ڪيو تہ ڪنهن بہ طرح گامونءَ کي ڪوڙو ثابت ڪرڻو آهي. آخر ڪار هڪڙي رت رتي نواب صاحب کي چيائين تہ: سائين! ڪچهريءَ ۾ سيني کي حڪم ٿئي تہ واري سان سيڪو ڪونہ ڪو نقل ضرور ٻڌائي. گامونءَ کي بہ چئجي، تہ اهو بہ ڪو نقل ٻڌائي. نواب صاحب چيو تہ بيشڪ ائين ٿيڻ گهرجي، ڪچهريءَ ۾ آکاڻي ٻڌائڻ بہ ڪچهريءَ جي نزاڪت آهي. سيني ڪچهريءَ وارن کي حڪم ٿيو، جي واري واري تي ننڍيون وڏيون آکاڻيون ٻڌائيندا ويا. پڇاڙيءَ جو وارو گامون تي آيو ۽ کيس حڪم ٿيو تہ ڪو نقل ٻڌاءِ. دراصل وزير جو خيال هو تہ گامون بہ ضرور ڪا آکاڻي ٻڌائيندو، ڪوڙ کان سواءِ آکاڻي ٿهندي ڪانہ، پاڻهي ڪوڙو ثابت ٿيندو. پر گامون اڳيئي اها ڳالهہ سمجهي ويو هو، تنهن نواب صاحب جي حڪم تي هن طرح قصو شروع ڪيو:

هڪڙي هنڌ عقل بادشاهہ پنهنجي ڏيان وزير، لياقت راڻي، مروت ٻانهي، قرب ڪوتوال ۽ داناءُ لشڪر سان رهندو هو. عقل بادشاهہ کي پٽ ڄائو، نالو رکيائينس عشق. عشق شهزادو جڏهن وڏو ٿيو، تڏهن ڏيان وزير بادشاهہ کي چيو تہ هن کي پڙهائجي؛ وجود جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوٽ ۾ رهائجي، ۽ قرب جو قاضي ۽ محبت جو ملان سندس استاد مقرر ڪجن. هن جي خدمت ۽ راحت ۾ ٻہ ٻانهيون، ۽ نياز نوڪر پڻ ڏنا وڃن. عشق شهزادو جڏهن پڙهي قابل ٿيو، تڏهن قرب جي قاضي ۽ محبت جي ملان بادشاه کي چيو ته: شهزادي جو امتحان وٺو. بادشاه امتحان ورتو جنهن ۾ شهزادو پاس ٿيو. پوءِ ڏيان وزير سان صلاح ڪيائين ته هاڻي هن کي ڪنهن ملڪ جي حڪومت ڏجي ته بادشاهيءَ جو ڪم سکي. وزير هن کي توبه جي ڪوٽ جي نوابي ڏيڻ جي رٿ ٻڌائي بادشاه قبول ڪيو. توبه جي ڪوٽ ۾ ٿهڻو راڄ، ٻچڻو مهاڄڻ، ڪرڪسو زميندار ۽ شيطان مکي رهندا هئا. تن جو عشق شهزادي جي اچڻ جي خبر ٻڌي، تڏهن صلاح ڪيائون ته اڳ عقل بادشاه هو، پر هينئر عشق بادشاه ٿيو آهي، تنهن ڪري چونہ سيئي شهر ڇڏي هليا وڃون ته عشق بادشاه شهر خالي ڏسي پاڻيهي واپس هليو ويندو.

عشق بادشاه کي طمع جو تازي، لالچ جو لغام، رهاڻ جا رڪيب، ٿانهر جا ٽڙا، الٽ پلٽ جي انداري، حيرت جو هنو ۽ چالاڪيءَ جو چهبڪ ڏنائون. هي ان تي سوار ٿي، نظر وزير ۽ ظلم ڪوتوال ساڻ ڪري اچي توبه جي ڪوٽ ۾ پهتو. ڇا ڏسي ته ڪاٻہ رسائي ٿيل ڪانهي. نظر وزير کان پڇيائين ته: هن جو سبب ڇا آهي؟ وزير چيو ته: هتي جا رهندڙ تنهنجي اچڻ ۾ ناراض آهن، جنهن ڪري ائين ٿيو آهي. عشق بادشاه وزير کي چيو ته: پوئتي موٽي هلون ۽ بابي کان ڪنهن ٻئي ملڪ جي حڪومت وٺون. ظلم ڪوتوال چيو ته: سائين! آءُ ماڻهن کي وٺي ٿو اچان، پهريائين انهن کان احوال پڇو پوءِ ڀلي واپس هلو. بادشاه اها ڳالھ قبول ڪئي. ظلم ڪوتوال ماري ڪٽي، سيني ماڻهن کي آڻي عشق بادشاه جي اڳيان حاضر ڪيو؛ جنهن ڪرڪسي زميندار ۽ شيطان مکيءَ کان پڇيو ته: اوهين ڪهڙي سبب کان شهر ڇڏي ويا آهيو؟ هنن جواب ڏنو ته بادشاه تون جي اسان کان پريم رس جو پيالو ۽ آب حيات گهرين ته اسين ڪٿان آڻي ڏينداسون! عشق بادشاه اهو ٻڌي حڪم ڪيو ته


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو پريم رس جو پيالو ۽ آبحيات هڪدم آڻي ڏيو. سيني ماڻهن جواب ڏنو ته: اهو اسين آڻي ڪونہ سگهنداسون. بادشاهہ پڇيو ته: ڀلا، اهو ڪٿان ايندو ۽ ان جو ڏس پتو ٻڌايو؟ هنن چيو ته: اولهہ طرف وحدت جو درياءُ آهي. ان جي پرينءَ پر دل بادشاهہ جي حڪومت آهي. ان جي ڌيءَ حسن افروز وٽ پريم رس جو پيالو ۽ آبحيات آهي. عشق بادشاهہ نظر وزير کي سچي خبر چار وٺي اچڻ جو حڪم ڪيو.

هڪڙي ڏينهن عشق بادشاهہ محلات ۾ وينو هو تہ دروازو ڪڙڪيو. بادشاهہ پڇيو ته: ڪير آهي؟ جواب مليو ته: نفس بادشاهہ توهان جي ملاقات لاءِ آيو آهي، ساڻس شيطان وزير، حرامي ڪوتوال، لچائي راڻي، حرڪت ٻانهي ۽ بدمعاش لشڪر بہ آهي. عشق بادشاهہ هن کي اندر گهرايو. هنن پاڻ ۾ گڏجي حال احوال ڪيا. عشق بادشاهہ ڪانئس پريم رس جي پيالي ۽ آبحيات جو ڏس پڇيو ۽ چيائينس ته: مون پنهنجو وزير بہ اوڏانهن خبر لهڻ لاءِ موڪليو آهي. نفس بادشاهہ چيس ته: پريم رس جو پيالو ۽ آبحيات هٿ اچڻ سولو ڪم نہ آهي. مون سان گڏجي هل تہ آءُ توکي اوڏانهن وٺي هلان. چريائيءَ جو چارو ڏئي، سچائيءَ جي سڙڪ وٺي اڳتي هلنداسين تہ ٻيائيءَ جي ٻيڙي ايندي، جنهن تي چڙهي درياءَ جي ٻئي پر دل بادشاهہ جي ملڪ ۾ هلندا سون. جنهن جي شهر ۾ پاور جي پوليس ڪي، بانور جون بندوقون هونديون. آءُ توکي ڏکن جي ڏاڪڻ رکي، ڪماليت جي ڪوٽ جي چاڙهي چڙهيندس. پوءِ تون قرب جي ڪنگرن ۾ پنڪو ٻڌي هيٺ لهي وڃج. اتي حسن افروز وٽ ٻہ ٻانهيون آهن: هڪڙي نند ۽ ٻي غفلت، آرام ۽ قرار بہ نوڪر هوندا. تون پريم رس جو پيالو ۽ آبحيات پي اچج، تہ پوءِ موٽي ايندا سون. اها صلاح بيهاريائون تہ اوچتو وري در ڪڙڪيو. عشق بادشاهہ پڇيو ته: ڪير آهي؟ چيائون ته: فساد بادشاهہ، نقصان وزير، جهڳڙو ڪوتوال، جدائي راڻي، ڪلفت ٻانهي ۽ هل لشڪر سميت ملاقات لاءِ آيو آهي. عشق بادشاهہ نوڪرن کي حڪم ڪيو ته: اندر آڻيوس. فساد بادشاهہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان حال احوال ڪيائين ۽ چيائينس تہ: آءُ نفس بادشاه سان گڏجي، پريم رس جو پيالو ۽ آبحيات پيئڻ وڃان ٿو. فساد بادشاه چيس تہ: تون ناحق نفس سان گڏجي وڃين ٿو، تون مون سان گڏجي هل تہ آءُ لڙائي ڪري اتان جي بادشاهي بہ توکي ونني ڏيان ۽ پريم رس جو پيالو ۽ آبحيات بہ پياريائين. اهو ٻڌي عشق بادشاه ساڻس پڪي رٿ بيهاري. اجا ٿوري ويرم ئي ڪين گذري تہ وري در تي ٺڪ ٺڪ ٿي. عشق بادشاه پڇيو تہ: ڪير آهي؟ جواب مليس تہ شان بادشاه آيو آهي. ساڻس مان وزير، قرب ڪوتوال، ڳڻ راڻي، مروت ٻانهي ۽ حياءُ لشڪر بہ آهي. بادشاه چيو تہ: اندر آڻيوس شان بادشاه اندر آيو، پاڻ ۾ حال احوال ڪيائون. شان بادشاه چيس تہ: خبردار، متان انهن فسادين جي چوڻ تي اوڏانهن وڃين، جيڪو توکي ٻيائيءَ جي ٻيڙيءَ تي چاڙهيندو، سو ڪيئن پار پڇائيندو؟ اتي توکي چور ڪري ڪٽي ٻڌن تہ اها تنهنجي بيعزتي آهي. تنهن ڪري صلاح اها آهي تہ جيسين نظر وزير موٽي اچي، تيسين صبر ڪر تہ وڌيڪ صلاح پوءِ بيهارينداسين. اجا ٿوري دير مس گذري تہ وري دروازي تي آواز ٿيو. بادشاه پڇيو تہ: ڪير آهي؟ جواب مليس تہ: درد بادشاه آهي. ساڻس غم وزير، فراق ڪوتوال، ڳنتي راڻي، جهوري ٻانهي ۽ سوداءُ لشڪر بہ آهي؛ ملاقات لاءِ آيو آهي. عشق بادشاه کيس اندر گهرايو. بادشاه جي نظر درد تي پيئي تہ يڪدم روئي ڏنائين. آئي جا نند ٻانهي سا يڪدم بادشاه کي ونني ويئي.

هوڏانهن نظر وزير، وحدت جي درياءَ تي پهتو. جتي ٻاجھ جي ٻيڙي، محبت جا ملاح، ويچار جا ونجھ، رمز جون رسيون، سک جا سڙھ ۽ برھ جون بيرقون ڏٺائين. محبت جي ملاحن کي چيائين تہ: پتڻ ڏيندو سانو، پر مون کي هن پر ٽپايو. محبت جي ملاحن چيو تہ: ٻاجھ جي ٻيڙيءَ تي بادشاه چڙهندا آهن، توکي نہ چاڙهينداسين. اڳيان ٻيو پتڻ اٿئي، اتي وڃ. نظر وزير ٻئي پتڻ تي ويو. اتي ٻيائيءَ جي ٻيڙي تي مصيبت جي ملاح، وسواس جا ونجھ، ساڙ جا سڙھ ۽ بحث جون بيرقون ڏٺائين. تہ انهن کي چيائين تہ: مون کي هن پر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

:ڪاندار کي چيائين ته: هن مان جند ڇٽندي يا عمر ويئي؟ دڪاندار چيس ته: قياس ۽ لحاظ مزور آهن. انهن کي چئو ته مزوري ڪن. هن انهن کي چيو، پر انهن به مزوري ڪرڻ قبول نه ڪئي. چيائونس ته: دل بادشاهه جون ٻه ٻانهيون، هيٺائيءَ ۽ ڪمزوري آيون ته تنهنجو ڇٽڻ ڪونهي. باقي جي ٻيون ٻه ٻانهيون جرئت ۽ طاقت آيون ته اهي توکي ڇڏائينديون. تقدير سان هيٺائي ۽ ڪمزوري ٻانهيون به اچي سهڙيون. هن انهن کي منٿون ڪيون، پر انهن مان هڪڙيءَ جواب ڏنو ته: چيله ۾ سور اٿم. ٻيءَ جواب ڏنو ته: منهنجو مٿو ٿو ڦري، اسين مزوري ڪانه ڪنديونسين. ايتري ۾ جرئت ۽ طاقت ٻه ٻانهيون اچي ويون. انهن کي چيائين ته: مهرباني ڪري منهنجي جند ڇڏايو. هنن ڦڪڙيءَ جي وڪر کي مروڙي سروڙي ڪٽي هڪڙي ڪنڊ ۾ اڇلايو، ۽ هن جي جند آزاد ڪيائون. پوءِ نظر وزير وسواس جي گهٽي لنگهي، دليريءَ جي دروازي ڪان ٿيي. دل بادشاهه جي ڪچهري ۾ پهتو. وڏي وجي سلام ڪيائين. بادشاهه هن کان احوال پڇيو. نظر وزير عشق بادشاهه جو سمورو احوال پيش ڪيو، ته پريم رس جو پيالو ۽ آبحيات گهرجي، ان لاءِ آيو آهيان. بادشاهه ٻڌي جواب ۾ چيو ته اڄ رات هتي ترس سياڻي توکي جواب ڏيندا سون.

قصو ڪوتاهه، رات ٿي ته بادشاهه جون ٻه راڻيون هڪ لڄ ۽ ٻي مرم ، ۽ ٻه پٽ حياءُ ۽ شرم ، ٻه ٻانهيون صلاح مصلحت ۽ ويچار وزير اچي گڏ ٿيا. دل بادشاهه سينيءَ کي ٻڌايو ته: عشق بادشاهه جو وزير آيو آهي. پريم رس جي پيالي ۽ آبحيات جي گهر ٿو ڪري. صلاح ۽ مصلحت جواب ڏنو ته: حسن افروز کي گهرائي جواب ان کان وٺو، ڇوته ڪم به انهيءَ جو آهي، ۽ اهي شيون ان وٽ آهن. حسن افروز ڏي ماڻهو ويو. هوءَ پنهنجون ڇهه سهيليون هستي، مستي، خودي، خوءِ تڪڙ ۽ ڪاوڙ؛ ۽ ٻه نوڪر فخر ۽ غرور پاڻ سان وٺي اچي حاضر ٿي. اچڻ تي ڪيس سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايائون ۽ چيائونس ته: هاڻي ٻڌاءِ ته ڪهڙو جواب ڏجي؟ حسن افروز کان اڳ، تڪڙ ۽ ڪاوڙ جواب ڏنو ته: سڏائي ٿو عشق ۽ ويهي ٿو توبهه جي ڪوٽ ۾! پاڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هتي روبرو ايندو ته پريم رس جو پيالو ۽ آبحيات ڏينداسون. صبح جو دل بادشاهه نظر وزير کي جواب ٻڌايو ته: جي تنهنجو بادشاهه هتي ايندو ته سندس ڪم ٿيندو. نظر وزير عرض ڪيو ته: سائين، مون گهڻي تڪليف ورتي آهي، ڏاڍو ٿڪجي پيو آهيان، اوهين مهرباني ڪري پنهنجو ماڻهو موڪلي عشق بادشاهه کي احوال ڏيو ته ڏاڍو چڱو! دل بادشاهه اها ڳالهه قبول ڪري پنهنجا ٻه نوڪر، نياپو ۽ سينهڙو موڪليا. جڏهن نوڪر عشق بادشاهه وٽ پهتا، ۽ سمورو احوال پيش ڪيائون، تڏهن بادشاهه يڪدم هلڻ لاءِ تيار ٿيو. ايتري ۾ عقل بادشاهه کي خبر پئجي ويئي، جنهن چيو ته: عشق ويندو ته وري نه ايندو. هن اندار لشڪر چاڙهي موڪليو، جنهن ۾ گهٻراهٽ جا گهوڙا ۽ حيرت جا هاتي هئا، جن اچي توبهه جي ڪوٽ جا دروازا بند ڪري پهري جو انتظام رکيو.

نياپو ۽ سينهڙو ڀڄندا آيا ۽ اچي دل بادشاهه کي احوال ٻڌايائون ته: عشق، توبهه جي ڪوٽ ۾ قيد ٿي ويو. دل بادشاهه چيو ته: پرواهه نه آهي، اسين ٻه ٻانهيون رمز ۽ تميز موڪليون ٿا، اُهي عشق بادشاهه کي گهلي اينديون. جڏهن اهي ٻئي پهتيون تڏهن ڪيڏانهن ويا گهوڙا ته ڪيڏانهن ويا هاٿي. ٻانهين توبهه جي ڪوٽ جا دروازا کولي، عشق بادشاهه کي ڪن کان وٺي آڻي ٻاجهه جي ٻيڙيءَ تي چاڙهيو. ٻاجهه جي ٻيڙيءَ تان ٽپائي، وسواس جي گهٽي وٺي، برهه جي بازار مان ٿي، اچي دل بادشاهه جي ڪچهريءَ ۾ پهتا. عشق بادشاهه زار زار روئي پيو ته رمز ۽ تميز منهنجا ٻئي ڪن پٽي ڇڏيا آهن. دل بادشاهه چيس ته: فڪر نه ڪر، ڏک جا ڏينهن ٿورا آهن.

خير سان اچي رات ٿي، دل بادشاهه، حسن افروز کي چيو ته: عشق بادشاهه وڏو ڪشالو ڪري هتي پهتو آهي، هاڻي هن کي پريم رس جو پيالو ۽ آبحيات پيار. حسن افروز چيو ته: آءٌ اڪيلي ڪانه اينديس، پر پنهنجن نوڪرن ۽ سهيلين ساڻ اينديس. پوءِ هوءَ هارسينگار ۽ ناز نخرو نوڪرن، محبت ۽ صحبت، حيرت ۽ عبرت، خوشي ۽ خوبان سهيليون تيار ڪري پاڻ ساڻ وٺي، اچي عشق بادشاهه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي اڳيان بيٺي. پوءِ پريم رس جو پيالو ۽ آبحيات به پيارِيائينس. صبح ٿيو ته دل بادشاهه جي ڪچهريءَ ۾ عشق بادشاهه حاضر ٿيو. دل بادشاهه چيس ته: پٽ! هاٿي موتي پنهنجي ملڪ وڃ. هن نه پهه جواب ڏنس ته: هاٿي آءُ تنهنجو آهيان، ۽ تو وٽ ئي رهندس. منهنجو عقل بادشاهه سان ڪوبه واسطو ڪونهي، ۽ نڪي ان ڪي سڃاڻان. پوءِ عشق بادشاهه اتي ئي رهڻ لڳو.

نواب غازي خان جي اڳيان، گامون سچار اها ڳالهه ڪري پوري ڪئي. نواب ڏاڍو خوش ٿيو ۽ کيس ياڪر پائي چيائين ته: گامڻ خان توکي ڪوڙو ڪير چوي. تون دعا جو ٻچو آهين، سو ڪنهن کي وٽ ئي ڪونه ڏيندين؟ هاٿي گهٽائي ڏينهن گذري ويا آهن، پنهنجي ماءُ جي به وڃي خبرچار وٺي، وري اچ. هي انعام اڪرام به کڻي وڃ. گامون هن ڪان موڪلائي پنهنجي گهر آيو. ماڻس، جا پٽ جي جدائيءَ ۾ روئي روئي انڌي ٿي پيئي هئي، سا پٽ سان ملندي ئي ڏاڍي خوش ٿي.

گامون نندي هوندي ڪان ئي سچار هو، پر چرچائي به هوندو هو، نواب غازي خان جو به مٿس تمام گهڻو راض هو، سو به انهيءَ ڪري جو سندس ڳالهيون کيسُ وڻنديون هيون. گامون ٻين کي ته سچ چئي ڏيندو هو، پر خود صاحب کي به چوندي ڪين گسندو هو، هڪڙي ڏينهن جي ڳالهه آهي ته نواب غازي خان ۽ گامون، ٻئي اڪيلا ويٺا هئا. نواب صاحب عطر جي شيشي کڻي ان مان ذرو ڪڍي، پنهنجي ٻت تي ٿي لڳايو، ته اتفاق سان ان شيشيءَ مان، هڪ ٻه ڦڙا عطر جا هارجي پٽ تي ڪري پيا. نواب صاحب کان بي اختيار دانهن نڪري ويئي ته: ”اڙي!“ تنهن تي گامونءَ طعنو هڻي چيس ته: تون بادشاهه لکن جو مالڪ، هڪ ٻه ڦڙي عطر جي هارجڻ تي يڪدم ”اڙي“ جي دانهن نڪري وئي اٿيئي! چڱو جو ٻيو ڏاريو ماڻهو ويٺل ڪونه آهي، نه ته اهو ته الاجي ڇا سمجهي ها! غازي خان دل ۾ چيو ته، گامڻ جي ڳالهه ته بلڪل پوري آهي. ذري عطر لاءِ دانهن نڪري وئي اٿم. پر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اھو تڪو پاڻ تان ضرور لاھيندس، نہ تہ گامون مھڻن سان ڪٽي
ڇڏيندو؛ سو ڇا ڪيائين جو مشڪ، عطر خريد ڪري، ڳوٺ جي
پرسان ھڪڙي وھنڊڙ واھ ۾ ھارايائين تہ واھ ۾ پاڻيءَ سان گڏ عطر ۽
مشڪ جو واھ وھڻ لڳو، ۽ خوشبوءِ پکڙجي وئي. ائين ڪري پوءِ
گامونءَ کي چيائين تہ: ڪيئن ٿو ڀانئين، ڏس اسان مشڪ ۽ عطر جا
واھ وھائي ڇڏيا آھن! گامونءَ چيو حضور ھي واھ تہ خير، پر عطر ۽
مشڪ جا درياھ ڪٽي وھايو، تہ بہ ”اڙي“ جو مٽ نہ ٿيندا. نواب غازي
خان چيو تہ: برابر مون کان بيوقوفيءَ سان لفظ نڪري ويو، ھاڻي ڇا بہ
ڪريان تہ اھو تڪو نہ لھندو! مفت خزانو لٽائڻو آھي. تنھن ڪري
ڪٽي ماٺ ڪيائين.

ڪجھ ڏينھن گذريا تہ نواب صاحب پر واري ڳوٺ مان مائٽيءَ
ڪرڻ جو خيال ڪيو. سڱ مليس ۽ شاديءَ جا ڏينھن بہ مليس، ھاڻي
شاديءَ جي تياري ٿيڻ لڳي. جڏھن شاديءَ جي رات ٿي تہ، نواب
صاحب دل ۾ خيال ڪيو تہ، جي گامونءَ بہ شادي ۾ ھلندو، ۽ اتي
ڪنوار ۾ يا ڪنھن ٻئي نموني جي ڪمي پيشي ڏسندو تہ سچ چوڻ
کان رھي ڪين سگھندو! متان ڪا خامي ڏسي ۽ مھڻو يا طعنو ھڻي،
تہ اھا بيعزتي آھي! اھو خيال ڪري گامونءَ کي سڏ ڪيائين تہ:
گامڻ! تون ھتي رھج! جو پوئتي لاءِ بہ ڪا اعتبار جوڳي پھر ڇڏڻي
آھي، تو ۾ اعتبار آھي ٻين ۾ اھڙو ڀروسو ڪونھي. آءُ سانجھيءَ شادي
ڪري، سياڻي موٽي ايندس، تون مڙس ٿيو پنيان سڀ ڪم جي
نظرداري رکيو وينو رھج. گامونءَ حڪم ٻڌي ڪٽي ماٺ ڪئي.
نواب صاحب ڄڃ وٺي ويندو رھيو. وچ تي درياءُ پار ڪرڻو ھو.
نواب پتڻ تي سمورن ميربحرن کي حڪم ڏنو تہ: اڄ رات ڪوبہ
ماڻھو ھن پر نہ اڪارجو، جي اڪاريو تہ سزا ملندو. ائين چئي نواب،
پنھنجي ڄڃ سميت اچي ساھرن وٽ پھتو. شاديءَ جا شغل لڳا پيا
ھئا، تان جو اچي سج لٿو رات پيئي.

گامونءَ حڪم تہ ٻڌو، پر دل ۾ خيال ٿيس تہ ھي رڳو
منھنجن مھڻن کان نٽائي، نواب صاحب مون کي اتي رھائي ويو آھي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءُ بہ چوڻ شاديءَ جو مزو ڏسان سو چا ڪيائين. جو رات ٿي تہ زنانو لباس پھري، ٻيو نئون وڳو ڪنوار لاءِ ھٿ ۾ ٻڌي ڪٽي اتي ھليو. جڏھن پتڻ تي آيو تہ ملاح ھن پر اڪاريس ئي نہ، چي مائي! نواب صاحب منع ڪئي آھي، مونکي سزا ڪاٽي ڪانھي. تنھن تي گاموڻ چيس تہ: اي ميربحر! آءُ بہ نواب صاحب جي ٻانھي آھيان، ۽ سندس ڪنوار جو وڳو رھجي ويو آھي، اھو اڄ رات ضرور کپندو، انھيءَ ڪري ڪيئن بہ اھو وڳو جلد پھچائڻو آھي. نہ تہ نواب صاحب دل ۾ ڪندو، پوءِ پنھنجي جند ڇڏائڻ لاءِ توتي ڏوھ ھڻنديس، مصيبت ۾ وري بہ تون پوندين، مونکي ڇا آھي. اتي ميربحر ڏنو تہ ھيءَ مائي سچ ٿي چوي: شاديءَ جو وڳو نہ پھتو تہ برابر پڇا ٿيندي، ھيءَ ٻانھي بہ چوندي تہ پتڻ واري موٽائي ڇڏيو تہ ڏوھ سڄو مون تي ايندو. نواب صاحب متان ڪا وڏيڪ سزا ڏئي، سو چيائين تہ: مائي! اتي ڪيترو وقت لڳنديءِ؟ مائي جواب ڏنو تہ: بس، رڳو وڳو ڏيئي پوئتي ورڻو اٿم. پتڻ واري چيس تہ: چڱو مائي آءُ توکي پتڻ اڪاريان ٿو، تون جھٽ پٽ وڳو ڏيئي اچ، تہ وري بہ پتڻ اڪاري ھن پر ڪري ڇڏيانءِ. گامون ٻيڙيءَ تي چڙھي، ھن پر وڃي لٿو، جتان سڌو شاديءَ ۾ آيو. نواب صاحب جي شاديءَ ۾ تہ ڪئين مزا لڳا پيا ھئا سي بہ ھن ڏٺا، دل بہ خوش ڪيائين. نيٺ گھمندي گھمندي ھڪڙيءَ ٻانھيءَ کي اچي پاسو ڏنائين، ۽ چيائينس تہ: ادي ھڪڙي ڀلائي ڪر، ان جو توکي چڱو عيوضو ڏيندس. تون مون کي نواب صاحب جي ڪٽ ھيٺان اماڻي ڇڏ. اھا خبر توکي ۽ مونکي. آءُ تنھنجو نالو بہ ظاھر نہ ڪندس. ٻانھيءَ ھن کي لڪائي نواب صاحب ۽ ڪنوار جي ڪٽ ھيٺان ويھاري ڇڏيو. ڪٽ تي وڏو ھنڌ وڇايل ھو، ان ڪري ڪٽ ھيٺيان ويٺل ماڻھو ڏسي نہ پيو سگھجي. ٿوري دير کان پوءِ نواب صاحب ڪنوار سميت ڪٽ تي وينو. ٻيون ٻانھيون گھوٽ ڪنوار کي اندر اماڻي. در ٻيڪڙي وينديون رھيون.

نواب صاحب خلاصو ٿي، پنھنجي ڪنوار سان مٺيون مٺيون ڳالھيون ڪرڻ لڳو. گاموڻ ڪٽ جي ھيٺيان سپ ڪجھ پئي ٻڌو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خير، نواب صاحب ۽ ڪنوار ڪجھ وقت ڪان پوءِ آرامي ٿيا. گامون سڀ ڪجھ ٻڌي سٽي ڪٽ هينان نڪتو، هن ٻنهي کي ننڊ ۾ ڏسي، سيرانديءَ کان ريشمي رومال ۾ ويڙهيل خنجر رکيل هو سو کڻي سڌو پتڻ تي آيو ۽ پتڻ اڪري پنهنجي جاءِ تي پهتو.

ٻئي ڏينهن نواب صاحب ڪنوار وٺي، ڄڃ سميت اچي گهر رسيو. سيني ماڻهن نواب صاحب کي شاديءَ جو مبارڪون ڏنيون. گامونءَ به نواب کي مبارڪون ڏنيون. شاديءَ جي ٽئين ڏينهن نواب صاحب شاديءَ جي خوشيءَ ۾ مجلس ڪئي. سيئي امير، وزير ۽ ٻيا ماڻهو اچي گڏ ٿيا. ڪنهن مهل گامونءَ به اهو ريشمي رومال ۾ خنجر ٻڌل ڪلهي تي رکي، اچي مجلس ۾ حاضر ٿيو. خنجر ۽ رومال ڏسي نواب سڃاتو ۽ گامونءَ کان پڇيائين ته: هيءُ خنجر ۽ رومال توکي ڪٿان هٿ آيا؟ گامون چيو ته سائين! پاڻ سڃاڻو. نواب غازي خان اهو ٻڌي سڙي ويو ۽ چيائينس ته حيف هجئي گامڻ! تون منهنجو حڪم نه مڃيو؛ نيٺ اتي پهتين. تون نافرمان آهين تنهن ڪري مون کي نه گهرجين. منهنجي شهر مان اڄ جو اڄ هليو وڃ. گامون ويچارو حڪم ملڻ تي هڪدم پنهنجا ٽپڙ ٻڌي، شهر ڇڏي ويندو رهيو.

گامونءَ جي وڃڻ کان پوءِ نواب صاحب جي ڪچهريءَ مان اهو مزو گهٽ ٿي ويو. حڪومت جو ڪاروبار سولو نه پيو هلي. ٻيلا بي ايمان نوڪر گامونءَ جي برابريءَ ۾ ڪٿ ن ٿا اچي سگهن! ٿوري گهڻي ڏينهين، نواب غازي خان کي اچي گامون ياد پيو. سو ٻگولها ڦولها ڪرائي کيس گهرائي ۽ پرچائي پاڻ وٽ ويهاريائين ۽ هن جو ساڳيو اڳيون عهدو قائم رکيائين. گامونءَ جي اچڻ سان نواب صاحب جي ڪچهريءَ جي رونق ئي ٻي ٿي پئي. وري به ساڳي طرح عدل ٿيڻ لڳو. اڳيون وزير دل ۾ پچڻ لڳو ته ڪيئن به ڪري گامونءَ جو ڪو ڪوڙ ثابت ڪريان. ته کيس هميشه لاءِ نواب صاحب جي دربار مان تڙائي ڪڍان. سو پيو وجھ ٻگولهيندو هو. ڪيترا ڏينهن گذري ويا، پر هن کي ڪو وجھ ئي نه لڳو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي ته نواب صاحب جي هڪڙي خاص ٻانهيءَ سان گامون جي دل ٿي ويئي. ان کي ريجهائڻ لاءِ ڏاڍيون ڪوششون ڪيائين، پر ٻانهي ليڪيس ئي نه. وزير اهو وجهه ڏسي ٻانهيءَ کي چيو ته: گامون ائين تنهنجي پٺ ڪانه ڇڏيندو. مفت خوار پئي ٿيندينءَ. هاڻي هيئن ڪر، جو گامونءَ کي چئو ته تون وٽ جيڪو نواب صاحب جي سواريءَ وارو اٺ آهي، جيڪڏهن ان جو پتو مونکي آڻي ڏيندينءَ ته پوءِ آءٌ توسان پرچي وينديس ۽ جيئن چوندين تيئن ڪنديس. پوءِ نه ڪو گامون اٺ ڪهي، نه ڪو پتو توکي ڏي، ائين جند ڇٽي پونديءِ. ٻانهيءَ به وزير جي چوڻ تي لڳي، سو گامونءَ کي اچي چيائين ته: گامڻ! محبت ۾ سر به قربان ڪجي ٿو. جي تنهنجي مون سان گهڻي محبت آهي ته هيءُ منهنجو ڪم ڪر، جو بادشاهه جي سواريءَ واري اٺ کي ڪهي ان جو پتو آڻي ڏي، پوءِ آءُ تنهنجي آهيان. گامون يڪدم هائو ڪري اٿيو. اٺ کي وٺي جهنگ ۾ ويو؛ اتي ڪهي پتو ڪڍي آڻي ٻانهيءَ کي ڏنائين. ٻانهي حيران ٿي ويئي. دل ۾ چيائين ته منهنجو بهانو ته بيڪار ٿي ويو، هاڻي ڇا ڪري سگهنديس. گامون انجام گهرندو، ان کي ڪهڙو جواب ڏيندس! پر جڏهن وزير کي انهيءُ ڳالهه جي سڌ پئي سو ته ڏاڍو خوش ٿيو ته هاڻي اجهو ٿو گامونءَ کي ڪڍايان، جو بنا موڪل جو نواب جو اٺ ڪنو اٿس. جي ڪوڙ ڳالهائي ڪو بهانو ٺاهيندو ته به اسان لاءِ فائدو آهي ڇوته سندس ڪوڙ ثابت ٿي پوندو.

هوڏانهن گامون، پتو ته ٻانهيءَ کي ڏنو، پر دل ۾ خيال آيس ته بادشاهي اٺ ڪهي وڏو اٿم. نواب صاحب مون کان سبب پڇندو ته ان کي ڪهڙو جواب ڏيندس! اهي پور پچائيندو جهنگ منهن ڪري اٿي هليو. واٽ تي هڪڙو سڪل وڻ ڏٺائين، دل ۾ چيائين ته ٻيلي، انهيءَ ٻنڊ کان به صلاح وٺڻ کپي. سو ڇا ڪيائين جو پنهنجي چادر لاهي ڪٺي ٻنڊ کي پٽڪو ٻڌائين. ويجهو اچي سلام ڪري، پڇيائينس ته: ٻيلي ٻنڊ! صلاح ڏي. بادشاهه جو اٺ ڪهي وڏو اٿم، ان جي پڇا ٿيندي، هاڻي ان لاءِ ڪهڙو جواب ڏيان؟ وري پاڻ کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻيهي جواب ڏنائين ته: گامڻ، صلاح اها آهي ته نواب صاحب کي جواب ڀڏاءِ، ته جهنگ ۾ هڪڙي شينهن اٿ ماري وڌو. ڀلا جي نواب صاحب چوي ته هل، هلي شينهن جا پير ڏيکار ته اسين به ان شينهن کي ماريون ته پير ڪٿي آهن! نه گامڻ، ڪوڙو ٿي پوندين! هاٿي جي ٿو چوان ته هڪڙي گهاري ۾ ڪري پيو، ڪنڌ ڀڃي پيس ۽ مري پيو ته به ڳالھ وزن ۾ ڪانه ايندي؛ گامڻ، ڪوڙو ٿي پوندين! اڙي گامڻ، چو ٿو ڪوڙ ڳالهائين. نواب صاحب کي وڃي چئو ته يار هو رنو، تڏهن اٿ هو مون ڪنو. نواب توکي معاف ڪري ڇڏيندو. گامون اهي خيال پچائي، بند جي پڇاڙيءَ واري صلاح بيهاري، چادر لاهي ڪلهن تي رکي، سڌو نواب صاحب وٽ اچي حاضر ٿيو. نواب صاحب جا ڪن ته اڳواٽ ئي وزير ڀري ڇڏيا هئا ته اڄ گامونءَ ڪهڙو نه ڪچو ۽ نقصان وارو ڪم ڪيو آهي. نواب غازي خان ته به اعتبار نه پيو ڪري، چي: گامون اهڙو ڪم بنا موڪل نه ڪندو، پر جي ڪيو هوندائين ته به ڪوڙ نه ڪندو. هاٿي ڀلي اچي ته ڪائنس پڇون. ايتري ۾ گامون به پهچي ويو. نواب صاحب چيس ته: گامون اڄ دير ڪري آيو آهين، گامڻ چيو ته: سائين ڪن ڪمن سبب برابر اڄ دير ٿي ويئي آهي. نواب صاحب چيس ته: اڄ خيال ٿيو ته شڪار تي وڃجي سو مون وارو اٺ تيار ڪري آءُ! گامون ٿورو هبڪي ڪري چيو ته: حضور يار هو رنو، تڏهن اٺ اتم ڪنو. هاٿي ڏوهاري ته آهيان، وٺيوَ ته معافي ڏيو، وٺيوَ ته قاسي ڏيو. نواب صاحب تنهن تي چيس ته: ڀلا يار پرتو؟ چيائين ته: هائو سائين، يار پرتو. تڏهن نواب صاحب چيو ته: گامڻ، جي تنهنجو يار توسان پرتو ته اٺ توتان قربان آهي. شل پريت پختي هجي، باقي اٺ توکي بخش آهي. وزير سڙي ويو. دل ۾ چيائين ته: ڀيلي، گامونءَ سان ته پڇڻ جي جاءِ نه آهي. نواب صاحب ڪان به نه ڊنو، منهن تي سچ چيو ڏي! نواب صاحب، گامونءَ کي چيو ته: ڀلا اها ڀانهي توکي پرڻايون؟ گامڻ چيو ته: سائين! جنهن لاءِ سر تان آسرو پليم، سا ڪيئن نه قبول ڪندس. پوءِ نواب صاحب ڏاڍي ڏام ڌوم سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳاموءَ جي شادي انهيءَ ڀانهي سان ڪرائي. ڳامون پنهنجي زال سان خوش گذارڻ لڳو. ٿورن ڳهڻن ڏينهن گذرڻ بعد ڪيس پٽ ڄائو. ڏاڍيون خوشيون ٿي ويون. ڳاموءَ تي نواب صاحب جو راض ڏينهون ڏينهن وڌندو ويو. انهيءَ ڪري سڀ خوش گذارڻ لڳا ۽ حڪومت جو سرشتو به چڱيءَ طرح هلندو رهيو.

ڏينهن گذرندي دير ڪانه ٿئي. ڳاموءَ جو پٽ اچي. جوان ٿيو. هن کي اچي شوق ٿيو ته پٽ جي شادي ڪريان. مٽ مائٽ ته هئس ئي ڪونه، سو ڏارين ۾ مائٽيءَ جي ڳولها ڦولها ڪيائين. آخر پئسي سان نه مائٽ، سوبه مائٽ ٿيو پوي. هڪڙي گهر ۾ چڱو ٻار جانچي، انهن ڪان سڱ جي ڳهر ڪيائين ۽ چيائين ته: ادا، منهنجو پٽ جوان آهي، مون وٽ سڱ ڪونه آهي جو ڏي وٺ ڪريان، پئسا ڏيڻ لاءِ تيار آهيان، پلائيءَ ڪري منهنجي پٽ کي پاسي جي سڱ لاءِ ڪا زال ڏيو. ڳامڻ ته هو سچار، سو سچ چئي ڏنائين پر هنن ماڻهن کي انهن لفظن تان ڪاوڙ لڳي، چي ڳهري ٿو سڱ ۽ ڪري ٿو اهڙيون ڳالهيون. سو چيائونس ته وڃ هليو؛ اسان وٽ سڱ ڪونهي.

ڳامڻ چيو ته ڀيلي، ائين نه ڪريو. ڀائر آهيو، ڪا مهرباني ڪريو، ڀيا کهڙا در ڳوليان. پر هو اصل پڙ ڪدي بيٺا، جواب ڏيئي ڇڏيائونس. خير انهيءَ مهل ته ڳامون موٽي آيو، ٿوري ڳهٽي ڏينهين وري به روح نه رهيس، انهن ماڻهن وٽ هلي ويو. چيائين ته: ادا! اڳئين ڀيري مونکان بيوقوفيءَ جو اکر نڪري ويو. مونکي معاف ڪريو، وري اهڙو اکر نه ڳالهائيندس. هاڻي مون تي وڙ ڪريو، اوهان جو احسان مڃيندس. مونکي پنهنجو مائٽ ڪريو، نااميد نه ڪريو. تڏهن هنن ماڻهن چيس ته: جي پهرين ائين فضيلت سان ڳالهائي سڱ ڳهرين ها، ته هن ڪان اڳ پٽ پرڻائي وينو هجين ها. هاڻي تون به ڀيرا اسان وٽ هلي آيو آهين، تنهن ڪري توکي مان ڏيون ٿا. اسان سڱ ڏنو. ڳامون ڏاڍو خوش ٿيو. يڪدم منائي ورهائي مڱڻو ڪيائين ۽ شاديءَ جا ڏينهن وني ڪم شروع ڪيائين. تنهن ڪان اڳ پٽ کي سمجهايائين ته: ابا! شادي ته تنهنجي ڪريان ٿو، پر منهنجي هڪڙي ڳالهه مڃ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرڻي ڪان پوءِ زال کي هٿ نہ لائج. جو انهن ماڻهن سان جٺ ڪري سچي ڪرائڻي اٿم. پٽ چيو تہ حاضر بابا. جيڪا اوهان جي مرضي، آءُ ائين ئي ڪندس. نيٺ ڪن ڏينهن کان پوءِ خير سان شادي ٿي گذري. گهوٽ ڪنوار وٺي پنهنجي گهر آيو. گهوٽ ڏينهن جو ڪنوار سان کلي ڳالهائي، پر رات جو پٽ ڏيئي سمهي، ۽ سڄي رات ڪنوار سان ڳالهائي بہ ڪونہ. ائين ڪندي پنج اٺ ڏينهن گذريا، تہ ڪنوار دل ۾ ڪئين خيال آڻڻ لڳي. آخر مائٽن کي دانهون ڏيڻ شروع ڪيائين تہ: مون مان اهڙا بيزار هئا، جو ههڙي نڪار ماڻهوءَ سان شادي ڪرائي اٿوَ؟ انّ کان تہ ماري ڇڏيو ها تہ چڱو هو. هيءُ تہ مون کان پڇي بہ ڪونہ ٿو، سڄي رات ٻوٿ ٻوٿ تي چاڙهيو، منهن پٽ ڏي ڪريو ستو پيو آهي، نہ ڪو ڳالهائي نہ ڪو ٻولهائي، جڻ آءُ سندس زال ئي ڪانہ آهيان. يا تہ کيس سمجهايو يا طلاق وٺي ڏيو.

ڇوڪريءَ جا مائٽ ڏاڍا حيران ٿيا ۽ پنهنجي ڪيل ڪم تي پشيمان ٿيا، تہ هاڻي ڇا ڪجي. هڪ ٻہ دفعا ڳاموءَ جي پٽ کي سمجهايائون، پر هن ٻڌو انّ ٻڌو ڪري ڇڏيو. زال دانهن تي دانهن مائٽن کي پئي پهچائي. لاچار ڇوڪريءَ جا مائٽ، ڳامون وٽ آيا. چيائونس تہ پنهنجي پٽ کي سمجهاءِ. زال کي زال ڪري سمجهي، دنيا ۾ جيئڻ هلبو آهي ائين هلي، نہ تہ طلاق ڏيئي ڇڏي. ڳامون جواب ڏنو تہ: ادا، ڀلي آيا جيءُ آيا. اوهان سڱ ڏنو هو مانيءَ ٽڪر، پچائڻ ۽ ٻيو گهرو ڪم لاءِ، سو هلي پيو. آءُ پهريائين اوهان وٽ آيو هئس، تہ منهنجي پٽ کي پاسي جي سک لاءِ زال ڏياريو، تہ اوهان مورڳوئي چڙي پيا ۽ موٽائي ڇڏيو. تڏهن مون پٽ کي منع ڪري ڇڏي، تہ بابا متان وڏيڪ ڪا حجت رکين، متان تنهنجا ساهرا اڳئين کان بہ زياده ڪاوڙجي نہ پون ۽ زال کسي وڃن. انهيءَ کان بهتر آهي تہ صبر ڪج. هنن ماڻهن جڏهن اها ڳالهہ ٻڌي، تڏهن چيائونس تہ: ڳامون، وڏو وير وٺو آهين. ٻيلي اسان توبهہ ڪئي، گناهہ بخش ڪر. هاڻي ڀلائي ڪري پٽ کي سمجهاءِ. ڳاموءَ چيو تہ: چڱو ادا، جيڪا توهان جي مرضي اوهين ڀائر هلي آيا آهيو تہ ڪٿي ٿو مان

ڏيان، باقي اها ڀول هئي ڪانه. جي ڀهرين ئي ڳالهه قبول ڪريو ها، ته ايتري تڪليف ڪونه ڏسو ها. هاڻي آءُ پٽ کي سمجهايان ٿو، اميد ته وري دانهن نه ٿيندي. پوءِ پنهنجي پٽ کي سمجهايائين، جنهن کان پوءِ ٻئي زال مڙس خوش رهڻ لڳا.

غازي خان دوداڻيءَ وٽ گامڻ خان ڪورائيءَ کان سواءِ ٻيا وزير به هئا پر غازي خان، گامونءَ کي سچ ڳالهائڻ ۽ سندس دانائي سبب تمام گهڻي عزت ڏيندو هو. گامون سچار انين ڏينهن غازي خان جو سلام ڪندو هو، ۽ ڀگهار به ٻين وزيرن جيترو کڻندو هو. ٻين وزيرن کي انهيءَ ڳالهه تان حسد ٿيندو هو ته اچي به انين ڏينهن ۽ ڀگهار به وٺي اسان جيترو؛ سو ٻيا غازي خان جا ڪن ڀريندا هئا. هو به سندن ڳالهيون ٻڌي ڪڪ ٿي پيو هو، سو نيٺ انهن وزيرن کي چيائين ته: هو توهان سمورن کان وڌيڪ داناءُ ۽ سچار آهي. وزيرن چيو ته: جيئندا قبلا! اسان کي سچ ڪوڙ جي ڪيئن خبر پوي ته گامون سچ ٿو ڳالهائي يا ڪوڙ؟ غازي خان چيو ته: توهين هن جو امتحان وٺو، ۽ هن کان ڪوڙ ڳالهارايو، باقي اهو ٻڌايانو ٿو ته گامون سچار آهي، ڪوڙ اصل ڪونه ڳالهائيندو.

گامونءَ جي اها عادت هوندي هئي ته جڏهن به غازي خان جي دربار ۾ ايندو هو، تڏهن پنهنجي مڏي ڪتور واهه جي هن پر رکي ايندو هو. ڪتور واهه جو اوريون ڪپ غازي خان جي حد ۾ هو ۽ ٻيو ڪپ وري ٻي حڪومت ۾ هو. گامڻ خان اهو ان ڪري ڪندو هو ته متان ڪنهن وقت بادشاهه ڪاوڙجي چوي ته: منهنجي ملڪ مان لڏي وڃ. وزيرن صلاح ڪري رٿ بيهاري ته گامڻ خان کان پڇون ته تون ڪنهن جو پٽ آهين. پوءِ هن جي سچ ڪوڙ جي سموري خبر پوندي. نواب غازي خان هنن کي وڏي خوشيءَ سان اجازت ڏني ته پلي گامڻ خان کان ڪوڙ ڳالهارايو.

دستور موجب انين ڏينهن گامون سچار ڪچهريءَ ۾ آيو. وزيرن به پنهنجيءَ رٿ موجب هن کي چيو ته: ادا گامڻ خان! مهربانيءَ

ڪري اسان کي ٻڌاءِ ته تنهنجي پيءُ جو نالو ڇا آهي؟ گامون سچار جواب ۾ چيو ته: ادا! آءُ اڃا صغير هئس ته منهنجي پيءُ وفات ڪئي، ۽ نه وري پنهنجيءَ ماءُ کان پيءُ بابت پڇيو اٿم. هاڻي جڏهن ايندس تڏهن ماءُ کان بابي جو نالو پڇي ايندس. ائين چئي گامڻ خان نواب جو سلام ڪري ڪچهريءَ مان اٿي هليو ويو. هن جي وڃڻ کان پوءِ آهستي آهستي سڀئي ڪچهريءَ مان اٿي ويا.

ٻئي ڏينهن سڀئي وري اچي ڪچهريءَ ۾ حاضر ٿيا، باقي گامون سچار جو اٺين ڏينهن ايندو هو، سو غير حاضر رهيو. اتي نواب غازي خان پنهنجي اميرن وزيرن کي چيو ته: ڏسو مون اوهان کي چيو هو ته گامون سچار ڪوڙ نه ڳالهائيندو آهي، ۽ نه ڪي اوهان جي سوال ۾ ڪوڙ ڳالهايائين؛ هاڻي اٺين ڏينهن گامڻ خان سميت اوهان سڀنيءَ جو امتحان وٺندس. اتي هنن جي دل ۾ ڏڪڻي پئي ته اٺين ڏينهن گامون سچار به ايندو، ۽ اهو ته جواب ڏئي ويندو پر اسان جو الاجي ڪهڙو حال ٿيندو. امير وزير هر روز نواب غازي خان جي ڪچهريءَ ۾ ايندا هئا، پر سندن دل پئي ڏڪندي هئي. آخر اٺين ڏينهن تي سڀئي وزير گامون سچار سميت اچي ڪچهريءَ ۾ حاضر ٿيا. نواب سڀنيءَ جو آدر ڀاءُ ڪري، هڪڙي نوڪر کي حڪم ڪيو، ڪنهن ڪاٺ مان نهيل پاٽ آڻي نواب جي اڳيان رکي. پوءِ هن هڪڙي وزير کي حڪم ڪيو ته: هيءَ پاٽ کڻي وڃي شهر مان گيهه سان مڪائي اچ؛ پر شرط اهو آهي ته اها پاٽ نه پئسن سان، نه ظلم سان، نه منٿ سان مڪجي. وزير پاٽ کڻي شهر ۾ ويو. گهڻيئي اٽڪلون ڪيائين پر گيهه سان پاٽ مڪجي نه ملي. اهڙيءَ طرح ٻيا وزير به پاٽ کڻي بازار ۾ ويا، پر ساڳيءَ حالت ۾ موٽائي آيا. باقي وڃي گامون سچار رهيو. اهو به هنن وانگي پاٽ کڻي هليو ۽ سڌو نواب جي هڪڙي موديءَ وٽ ويو ۽ هن کي چيائين ته: گيهه سان پاٽ ڀري ڏي. جڏهن مودي هن کي پاٽ ڀري ڏني. تڏهن گامڻ خان چيس ته هيءُ گيهه نواب غازي خان گهرايو آهي. تنهن تي موديءَ پاٽ ورائي ورتي ان مان گيهه لاهي چيو ته: گامڻ خان! نواب صاحب جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪائنڻ جهڙو مون وٽ ناهي. اهو ٻڌي هو ٺلهي پاٽ کڻي سڌو دربار ۾ آيو، ۽ مڪيل پاٽ ڪي نواب صاحب جي اڳيان رکيائين. امير وزير حيران ٿي ويا ۽ چيائون ته گامڻ خان ضرور نواب جي نالي ڏڙڪو ڏيئي پاٽ مڪائي آيو آهي. تنهن تي نواب هن جي خاطريءَ لاءِ موديءَ کي گهرائي ڪائنس پڇيو ته: تو هن کي هيءَ پاٽ ڪيئن مکي ڏني؟ هن چيو ته: سائين! مونکي گامڻ خان پاٽ ڏيئي گيهه ورتو. جڏهن مون گيهه جي پاٽ ڀري، تڏهن چيائين ته هيءَ پاٽ مون کي نواب صاحب ڏني آهي. پوءِ ڏنم ته اوهان جي ڪائنڻ جهڙو گيهه ڪونه هو، تنهن ڪري مون وري پاٽ خالي ڪري ڪيس موٽائي ڏني؛ باقي مونکي نڪو سوال ڪيائين نڪو پئسا ڏنائين ۽ نه زبردستي ڪيائين. اها حقيقت ٻڌي نواب، گامون سچار کي آفرين ڏني ۽ چيائينس ته: تون بيشڪ سچار آهين، ۽ قيامت تائين سچار سڏبين.

ماهوار ايجوڪيشنل ميگزين جي ثورن سان

# ماٺو ۽ ماٺوءَ جو ڀاڳ

هڪڙو ڪو غريب شخص هو، تنهن کي ٻنيءَ جو ٻارو پنهنجو هو ئي ڪونه ۽ ٻيلپو هن کي ڪٿي مليو ئي ڪونه ٿي. انهيءَ ڪري هو سڄو ڏينهن گهر ۾ چنل کٽولي تي ڪرونڊڙو ٿيو سٽو پيو هوندو هو. نيٺ زال جي اوپالن کان تنگ ٿي، هڪڙي ڏينهن جيئن تيئن ڪري هو گهر کان ٻاهر نڪتو ۽ هيڏانهن هوڏانهن جهوتون پائي، ويلي مانيءَ ۽ ڪاسي اَن جي ورؤ تي هڪڙي مجيريءَ جي واڙيءَ تي واهي تي وڃي ويٺو.

ٻئي ڏينهن صبح جو زال کي چيائين ته "ڀاڳن ڀري، مان ته وڃان ٿو مجيريءَ جي واڙيءَ جي واهپ ڪرڻ. منهنجو ڏينهن ته ويلو ڪائي گذري ويندو، تون به حالي ته پاڙي مان ڪا لپ اٽي جي وٺي، لولو ٺڪي، پيٽ ٻل ڪري ڇڏج. ايندڙ، مجيريءَ کان ورؤ جي اَن مان ٿوريو اڌ وٺيو ايندس. پوءِ جون ڳالهيون پوءِ سان."

ائين چئي، نيرانو ئي، منهن به ڌوتو نه ڌوتي جهڙو، هوُ وڃي مجيريءَ جي واڙيءَ تي نڪتو ۽ اُتي ويهي واڙيءَ جي واهپ ڪرڻ لڳو. لڙيءَ منجهند جو، مجيريءَ جي گهران هن لاءِ ماني آئي. جوئر جا ٻه ڍوڍا، بصر جي ڳنڍ، ٿيو لسيءَ جو ۽ ڊڪٽيءَ تي لوڻ جي چپٽي. ماني کائي ڍؤ ڪيائين ۽ اوڳرائي ڏيئي اُتي ئي پيهيءَ جي ڇانوَ ۾، ٻني تي ڪنڌ رکي گوڏا سوڙها ڪري پئجي رهيو ۽ ائين اُتي پئي پئي، مٿان اچي سانجهي ٿيس. جيئن سج اولهه جي وٽ ۾ لڙيو، تيئن اُتي سڌو گهر جو منهن ڪيائين ۽ اچڻ سان پنهنجي چنل کٽولي تي پاڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٿي اُڇليائين ۽ زال سان بہ ڳالهايو نہ ڳالهائي جهڙو، اتي ئي ننڊ ۾ الو تجي ويو.

ڪا مهل نہ گذري تہ اوچتو هن جي اک کلي ويئي ۽ ڪا ڳالھ ياد آيس ۽ چرڪ کائي هوُ اُٿي ويهي رهيو. زال کي چيائين تہ "ڳالھ ٻڌي اتئي، ٻيو تہ سڀ ڪم ٺيو پلو، پر هڪڙي ڳالھ ڪسي ڪري آيو آهيان. مجيريءَ جي گهران جيڪا ماني آئي هئي، اُها کائي، ٿانوَ اُتي ئي اوندا ڪري، پيهيءَ جي ٻاهران ڇڏي آيو آهيان. اُنهن جو الائي ڇا ٿيندو؟" زال چيس تہ "سڀ ڪم ڇا پلو ٿيو! نہ آنديءِ ورؤ جو اَن، نہ موٽايئہ مانيءَ جا ٿانوَ. اڄڻ سان منهن سڃائي سمهي پئين، ڇڻ وڏي ڪا دس هٿي آيو هئين. مونکي تہ ڊپ آهي تہ ڪٿي هتان بہ نہ مليئي جواب. تنهنجا حال ئي جي اهڙا ٿيا. اُهي مجيرياڻيءَ جا ٿانوَ اُتي جهنگ جا جانور لبي ۽ وٺاري ڇڏيندا. هاڻي وڃ، پر هينئر وڃ ۽ اُهي اُتان ڪٿي مجيريءَ جي گهر پهچائي اچ، نہ تہ چوندا تہ هي تہ ڪو اور ٿو ٻيلي بيهاريو اٿئون. ماني کايو، ٿانوَ اُتي ئي واڙيءَ ۾ اوندا ڪيو اُڇلايو ڇڏي تہ پل جهنگ جا نجس مرون انهن کي لڪين ۽ چٽين."

زال جون اِهي سڏيون ٻڌي، اُنهيءَ ئي مهل هوُ اُٿي مجيريءَ جي واڙيءَ ڏانهن پڳو ۽ اُتي پهچندي پهچندي، سهمياڻيءَ جي گهگھ اونداهي ٿي ويس. هوڏانهن، واڙيءَ جي پهرئين ٻني ٽي، اڃا پير ئي ڪين پيس تہ ڪنهن جي هڪل ٻڌائين: "ڪيئن آهين، اِتي بيھ. متان اندر واڙيءَ ۾ پير وڌو اٿئي."

ههڙي بيگاهہ وقت ۾، پري ڪان هيءَ پلڪار ٻڌي، همراھ جو حال تہ ساھ ئي لڱن مان ڇڏائي ويو. سامهون ڪٿي جو ڏسي تہ ڪنن ڪان مٿي ڊگهيءَ ڏانگھ سان هڪڙو اڇن ڪپڙن ۾ پير مرد آهي، جيڪو سندس وات جهليو، آڏو بيٺو آهي. مجيريءَ جي واڙيءَ ۾ هيءُ اوپرو، اڇن ڪپڙن ۾، ڊگهيءَ ڏانگھ سان آڏو بيٺل پير مرد ڏسي، هيڪر تہ هيءُ سڄو ڏڪي ويو. پر دل جهلي، سڪل چپن تي زبان ڦيرائي، اڌ ساهو جواب ڏنائين تہ "اڙي سائين، مان تہ مجيريءَ جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيلي آهيان. اڄ ئي ڪم تي چڙهيو هوس. منجهند جي مانيءَ جا ٽانوَ ٻـل ڪان هتي وسري ويا هئا. سي ڪٽي مجيريءَ جي گهر پهچائڻ آيو آهيان.“ لٺ تي ٻئي منيون زور سان ڪپائيندي پير مرد اُنهيءَ ئي ڪڙڪي سان چيس: ”ٽانوَ مجيريءَ جي گهر پهچي ويا، تون وڃي پنهنجي ڪر.“

هيءُ ويچارو هن غيبي مرد جا اِهي اُگرا اکر ٻڌي، جتي هو اُتي بند ٻڌجي بيهي رهيو. ساهه ئي نه پيو کڃيس. نيٺ گهٽجي گهٽجي چيائين: ”اڙي سائين، مون ڪان ٽي. پر رڳو هيترو ٻڌائينم ته تون ڪير آهين، هتي ڪيئن آيو آهين؟“ پير مرد جواب ڏنس ته ”آءُ تنهنجي مجيريءَ جو ٻاگ آهيان. لوڪ ستي، هن جي ڪيت ڪري ۽ گهر وٽان تي پهرو ڏيندو آهيان.“

پير مرد جي هيءَ ڳالهه ٻڌي، هن شخص جون وايون بتال تي ويون. ڪجهه نه پيو سجهيس. نيٺ رڪي رڪي، ڪا مت آيس، سو همت ڪري، پير مرد کان پڇيائين ته ”سائين، تون منهنجي مجيريءَ جو ٻاگ آهين، هنڌين ماڳهين پيو پسارا ڪرين، ڪٽي منهنجو ٻاگ ٻه ڪنهن واٽ پنڌ توکي ڳڏيو؟ ورهيه ٿيا، جو هُو مون کان رسي ويو آهي. ڪڏهن ڪو اُهو مونکي وري ملندو ۽ آءُ به ٻاگ وارو سڏبس؟“

اِتي پير مرد کي به ڪا ڳالهه ياد آئي ۽ هُو ڪجهه ڪونئرو ٿيو ۽ جواب ڏنائينس ته ”اڙي ميان، تون اُهو روٺو، منهن سوٽو، ڇنل ڪنولي سمهڻو، ته ڪونه آهين. جنهن پنهنجي ٻاگ کي لتون هڻي لوڏي ڇڏيو آهي. هائو، هائو، تنهنجو ٻاگ منهنجو ڏٺل آهي. اُهو هينئر به ستن سمندن جي وچ ۾ ستو پيو آهي. هجين ڪنهن ڳالهه ۾ ۽ اٿيئي ڪا ٿوم، ته ڳولهي وڃي هٿ ڪرينس. ٻاگ ورائڻ اهڙو ڪو ڏکيو آهي ڇا، جو ڪين ورندو. مڙد جو ٻاگ هن جي هٿن ۾ ئي ته هوندو آهي.“

پير مرد جي هيءَ للڪار ٻڌي، همراهه اُتان واڙيءَ جي ٻاهران ئي ورائي پٺ ۽ سڌو آيو گهر ۽ اچڻ سان زال کي چيائين ته ”ٻاڳن ٻري، هاڻي هيءَ اٿئي پنهنجي موڪلاڻي. ڪيت ۾ مجيريءَ جي ٻاگ سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاٿي مونکي بہ اُن جو ڏس مليو آهي. همراهہ کو سٺن سمندن جي وچ ۾ ستو پيو آهي. سو وڃانس ٿو ڳولهڻ. جي ملي ٿو وڃيمر، تہ ورائڻ ڪان آءُ بہ ڪونہ گهٽائيندوسانس. پوءِ تہ يار ڳالهہ ئي ٻي ڏسندين. موٽندي، هتان اوهان وٽان ٿيندو ويندس ۽ اُن پنهنجي رسٽي يار جي اوهان سان بہ ملاقات ڪرائيندو ويندس. نہ تہ، تيسين تہ، يار، ڏسين ٿو تہ پاڻ ڪجهہ ناهيون."

ايتري ۾ چا ٿيو، جو ڳوٺ جو وڏيرو، جو ٻاهر نڪتو، سو هنن کي ائين ويٺي ڏسي، رڙهي سندن پرسان آيو ۽ ويهي هن ياڳ وڃايل، مٿيءَ ۾ پيوت ۽ پگهر ۾ شل همراهہ جي سڄي ساري ڳالهہ ٻڌائين ۽ ٻڌڻ ڪان پوءِ هن کي چيائين تہ "مسافر يار، ماني دعوت جي جهجهي. دل ملول نہ ڪر. اندر سائڻ کي تو واري سڄي ڳالهہ ٻڌائي، پاٽوڙو پٽ جو اجهو ٿو پرايو اچان. پر يار، هڪڙي ڳالهہ منهنجي بہ ٻڌي چڏ. پوءِ پاڻ مرضيءَ جو مالڪ آهين، زور بار توتي منهنجو ڪونهي. موٽندي، هتان تہ هونئن ئي لنگهندين، سو جي توکي تنهنجو ياڳ ايترن ڪشٽن ڪاٽڻ ۽ ڪشالن ڪڍڻ ڪان پوءِ ڪٿي ملي وڃي، تہ ٻيو نہ تہ هڪڙو سوال منهنجو بہ تہ هن کان پڇيو اچج. هي، جيڪي سڀ همراهہ هتي ويٺل ڏسين ٿو ۽ ٻيا بہ اهڙا سوين سڀ منهنجا هاري آهن ۽ زمين جو بہ مون وٽ کو ڪاٽو ڪونهي. هن تر جي سڄي خلق ڄاڻي ٿي تہ آءُ ڪيتريون خير خيراتون ڪريان ٿو ۽ صدقا صلواتون ڪڍان ٿو، پر ٻاهہ آهي، جا منهنجي جند نہ ٿي ڇڏي. اندر ۾ ٻاهہ، ٻاهر ٻاهہ، فصل سڙيو وڃنمر، ڪرن کي اچيو ڪٽهن ڪٽهن ٻاهہ لڳي. مطلب تہ ٻاهہ آهي، جنهن ۾ رڳو پيو جيءُ پچي ۽ لڇي. جيئڻ جو مزو تہ ڪي سال ٿيا آهن، جو موڪلائي ويو آهي. تون پنهنجي ياڳ کان اِهو تہ پڇيو اچج تہ هيءَ مون سان ٻاهہ جي ويڌن ڪهڙي آهي ۽ ڇو آهي؟"

وڏيري جو اِهو سوال ٻڌي، هن همراهہ رکيو پنهنجي دل ۾ ۽ دعوت جو پٽ ڏؤ تي ڪائي، رات جا چار پهر اُتي آرامي ٿي، صبح جو ڏيکيءَ ۾ ئي اُتي اُتان پنڌ پيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري ٻه سڄو ڏينهن واڪيندو ووڙيندو، پنڌ ئي پنڌ، هلندو ڪاهيندو، جڏهن سج لهڻ تي ٿيس، ته هڪڙي ٻير جي وڻ وٽ اچي پهتو. جنهن جي پاسي کان پاڻيءَ جي نهر پئي وهي. ٻير هئي ڪا صوفڻ ٻير، پر هڪڙو ڏار اُن جو سڪو پيو هو ۽ باقي اُن جي ٻن ڏارن جون ٽاريون صوفن جيڏن پڪل ڳاڙهن رس ڀريل ٻيرن سان جهنجهيون پيون هيون ۽ اُنهن جي بار کان اُهي هيٺ نميون بيٺيون هيون. هن همراهه کي ٻه هئي سڄي ڏينهن جي بک، سو ٻه ڍڪ پاڻيءَ جا پي، ڪجهه ويرم رکي، پانيائين ته ٻير چڻي ڪجهه پيٽ ڀالنپ ڪيان. پر جيئن ئي هڪڙي سائي ڏار تي چڙهي، هن ٻيرن ڀريل هڪڙيءَ ٽاريءَ ڏانهن هٿ وڌايو، تيئن اُها اُپي ٿي، هن جي هٿ کان پري ٿي ويئي. وري هن ٻيءَ ٽاريءَ ڏانهن هٿ وڌايو پر اُها ٻه ائين هن کان هٽي پري ٿي ويئي، اهڙيءَ ريت جڏهن ڪا ٻه ٽاري هن جي هٿ ۾ اچي نه سگهي، تڏهن پنهنجن هٿن ۾ جُوهه وجهي هن ڏنو ۽ ٽڏو شوڪارو ڀري چيائين ته "هنن ٽارين جو ٻه ڪهڙو ڏوهه، جڏهن منهنجو ڀاڳ ئي مونکان رسي ويو، ته ٻي ڪهڙي شيءِ مون سان رس ۾ رهندي. پر وري ٻه چڱو، جو سالن کان پوءِ ڳولهڻ نڪتو آهيانس ۽ جي ٿو مليم ۽ ورائي ٿو وڃهانس، ته هٿ ڊگهيري اِهي ساڳيا ٻير ٻه چڻي وننڊس ۽ ٻيا ٻه سڪ تي پوندا."

اجان هن جي وات مان اِهي لفظ نڪتا ئي مس، ته هن جي ڪنن تي ڪو آواز آيو. "ٻير توکي ملندا، پر هڪڙي شرط سان."

هيڏانهن هوڏانهن ڪن ڏنائين، پر سمجهي ڪونه سگهيو ته آواز ڪٿان ٿي آيو. جڏهن کان هن مجيريءَ جي واڙيءَ ۾ ان غيبي مرد سان ملاقات ڪئي هئي، تڏهن کان هو اهڙن عجائبات تي هري ويو هو. سو اُن آواز تي هو ڊنو بنهه ڪونه. پاڻ پڪائيءَ سان اهڙو ئي آواز ڪري جواب ڏنائين ته "شرط قبول، پر ٻير ملن." هن جو ائين چوڻ ۽ هوا جو زوردار جهوٽو آيو ۽ ٻيرن ڀريل هڪڙي ٽاري جهٽڪو کائي اچي هن جي هٿ سان لڳي ۽ هن اُن مان پڪا پڪا ڳاڙها صوفي ٻير پٽي، کٽي پنهنجي مٿ ڀري ۽ اُهي کائي پيٽ قوت ڪيائين ۽

وڏيڪ ٻه پورو پنھنجو جھول ڀري، ڪٽي ساڻ ڪيائين. ايتري ۾ اھڙو ئي اڳي جھڙو ڳرو آواز وري ھن جي ڪن تي پيو ۽ ھن ڀيري ھن ڏٺو ته اھو آواز اُن وڻ مان پئي آيو. چي: "ياڳ جو ڳولھائو آھين ته ياڳ تنھنجي ھٿ ۾ آھي، ياڳ توکي ملندو. پر موٽندي، پنھنجي ياڳ کان ھڪڙو جواب وٺيو اچج ۽ ھتي ڏيندو وڃج. ھي منھنجو ھڪڙو ڏار، جو سڪي نوٽ تي ويو آھي ۽ ھاڻي ته ٻئي ھڪڙي ڏار کي ٻه ذري گھٽ اچي سوڪھڙي ورتو آھي. سو ڇو؟" وڻ جو ھيءُ سوال ٻڌي ۽ سمجھي ھن پنھنجيءَ دل ۾ رکيو ۽ رات جا چار پھر وڻ جي ڀرپاسي ۾ اُتي ڪٽي آرامي تي، صبح جو سوير، پکي پکڻ جي اُٿڻ کان اڳ سجاڳ ٿي، پاڻيءَ ڇنڊبو منھن تي ھنئين نه ھنئين جھڙو، الله توھار، اُتي پنڌ پيو.

پر ھن جي ياڳ جو رستو ھو، سو ڪٿڻ جو ئي نه ھو. جيئن اڳتي تيئن اوکو. ھلڻ سان ھن ٻه پوريون ڪري ڇڏيون. جيڏو ھو اڳي روڳي ۽ ڪمر ڇڏٽو، اوڏو ئي ھاڻ ھوُ ڪاھوڙي تي پيو ھو. ھل ھلان، ھل ھلان.... ۽ ھلندي ھلندي، ھڪڙي ڏينھن ھوُ ھڪڙي وڏي سمنڊ جي ڪپ تي اچي بيٺو.... ۽ ڪٽي جو سامھون ڏسي، ته مار! ھن جو ته ڪو اَتو مٿو ئي ڪونھي ۽ ھڪدم ايڏو وڏو سمنڊ سامھون ڏسي، ھيڪر ته ھن جو ھاڻُ ئي ٻڏي ويو. اکين تي ھٿ ڏيئي، جوُھ وجھي، پاڻيءَ جي جاجھ تي جا نگاھ ڪيائين ته پري پري ھڪڙي ڪا ننڍي ٻيٽاري ڏٺائين ۽ دل ۾ چيائين ته "ڇا ٻه ھجي، پر اڄ راتھڙو اِتي انھيءَ ٻيٽاريءَ تي آھي. شايد مون وارو ياڳ اِتي ئي سٽل ھجي." ھوُ ٻه مڙس پنڌ جو ماريل ۽ ٿڪل، پر ياڳ ٻه اُتي ئي ڪا ھن کي ڏک ڏني ھئي، سو ڪا جھل ئي نه پيو سھي. سنڌ ته ٻيو ھڪيو ڪونه ھوس، پر مڙس ھو تارون ھارھ ۽ ياڳ ھوس سمنڊن جي وچ ۾ سٽل، سو ھڪڙي سيٽھ، سان ھلندي ھلندي ڪٽان ھٿ ڪري ساڻ ڪٽي ھٿائين. بس، مولھاتو مٿي سان ٻڌي، سيٽھ کي ڦوڪي، اُڇلي ڪٽي پاڻ سمنڊ ۾ وڌائين. ترندو وڃي، ترندو وڃي. ڪڏھن ڳجھڙ، ڪڏھن ٻانھڙ، ڪڏھن دڙھا، ڪڏھن پنيءَ ڀر. مطلب ته ترڻ سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هائيون ڪري ڇڏيائين ۽ ترندي ترندي، بنهه ساڻو ٿي پيو ۽ ٻانهون ۽ ڄنگهون ست ڇڏي ويس. پوءِ ته ڪو وقت ترڻ بند ڪري، رڳو سمنڊ ۾ ڦيڦي ڪاٺ وانگر ٽلڪندو رهيو. ائين ڪجهه دير ساهه پٽي، وري ترڻ شروع ڪيائين ۽ نيٺ تري تري، منهن اونداهيءَ مهل وڃي اُن ٻيٽاريءَ تي رسيو ۽ بنهه ڏيئي وٺي. نستي بيجان بنڊ جيان، جتي هو اُتي پئجي رهيو ۽ اُنهيءَ پل اُتي ننڊ ڪجي ويس.

صبح جو سج جي پهرئين پهرئين سوجهري سان هن جي اک کلي ۽ پاڻ کي ائين اجهاڳ سمنڊ جي وچ ۾ اڪيلو اڪيلو ڏسي، دل تي هيبت طاري ٿي ويس. ايتري ۾ هن ڏٺو ته جنهن ٻيٽاريءَ تي هُو سڄي رات پيو هو، سا ڏڏي رهي هئي. هو اجا انهيءَ ئي اچرج ۾ هو ته ڏٺائين ته اُها ٽلي وانگر پاڻيءَ ۾ اڳتي ترندي پئي ويئي. مڃاڻ، جنهن کي هن ٻيٽاري سمجهيو هو سا ٻيٽاري نه، پر ڪا اجگر مڇي هئي ۽ اُها هاڻي سمنڊ ۾ ٽٻي هڻي اندر وڃڻ جي تياري ڪري رهي هئي، هيءُ ويچارو ايڏيءَ اجگر مڇيءَ ۽ ايڏي بي انت سمنڊ جي آڏو هڪڙي بنهه هڏن جي مٺ، ائين پنهنجا پويان ڏينهن ڏسي، ساهه هيٺ ساهه مٿي، بيهي اڳيان پويان پنهنجا ڏوهه ڳڻڻ لڳو ۽ پنهنجن ٻنهي هٿن جون منيون ٻيڙي، وٺي هڪڙي پوين پساهن واري اُپ ڏاريندڙ دانهن ڪيائين ”او منهنجا ياجوڪڙ ياڳ. پاڻ ته اچي ستن سمنڊن جي وچ ۾ وڌءِ، پر مونکي به پاڻ وٽ سڏي، بي ڪفنو ڪري مارڻ ۽ هت مڇين جو کاڄ بڻائڻ.“ مڇيءَ، جا هيءَ دل ڏاڙيندڙ رڙ ۽ ڪنهن جي ياڳ نياڳ جي دانهن ٻڌي، سو ٻي ڪا ڳالهه ته پاڻيءَ جي لڙ ۾ گوڙ ۾ هن ڪانه سمجهي، پر ايترو سو ڄاتائين ته ڪو ماڻهو آهي، جو سنڌس پٺيءَ سان چڪيو ۽ چنبڙيو پيو آهي ۽ دانهون پيو ڪري. پوءِ پنهنجين اکين کي هيڏي هوڏي مچڪائيندي ۽ پڇ کي هٽ هٽ وراڪا ڏيندي، پهريائين ته هن پنهنجي پٺي پاڻيءَ مان ڪجهه ٻاهر ڪڍي ۽ پوءِ پڇيائينس ته ”اي ننڍڙا پتڪڙا، مس ڏسڻ ۾ اچڻ جهڙا، ماڻهوءَ جا ٻچڙا، مان ته رات جا چار پهر هن سمنڊ جي ڏنگي تي هتي اچي پنهنجين ڪلين کي نارڻ لاءِ آرامي ٿي هيس، پر تون ڳاهه ڪان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪچڙو، مڇين جو ڪاچ، ماڻھو بنا سنڌ جي ھن اپار سمنڊ کي ھٿن سان ڪيڙي، ڪيئن اچي ھتي رسئين. ڪھڙي توکي لاچاري ھئي؟ ڳالھ ڪر."

تنھن تي مڇيءَ کي ھن جواب ڏنو تہ "اي عقلوند، سمنڊ جي سچي، دل جي اڇي مڇي، ڪھڙي تي ڳالھ پڇين. منھنجو ڀاڳ ويو آھي مون کان ڇڏائي، تنھن کي پيو ٿو دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڳولھيان. ڏس مليم تہ ستن سمنڊن جي وچ ۾ ھتي ڪٿي ھو اچي ستو آھي، تنھن کي موتائي ھٿ ڪرڻ لاءِ ھي جھنگ جبل ووڙيندو ۽ ھيءُ اجھاڳ سمنڊ جھاڳي ھتي آيو آھيان. وڏيڪ تون ئي سمنڊن جي ساھ سياڳ کي ڄاڻين ٿي. تون ڪا منھنجي واھر ڪندينءَ تہ مون کي منھنجو ڀاڳ ملي ويندو."

اُن تي مڇي جواب ڏنس تہ "ستن سمنڊن جي وچ جي تہ مونکي ڄاڻ آھي. اُتي تہ توکي مان ٿي وٺي ھلان، وڏيڪ تون ۽ تنھنجو ڀاڳ ڄاڻو. اُتي آھي يا ناھي، تنھن جي مونکي ڪل ڪانھي. پر جي توکي اُھو اُتي ملي ٿو وڃي تہ منھنجو بہ ھڪڙو سوال آھي، سو ھن ڪان پڇي مونکي جواب ضرور ڏج. توکي وري موٽڻو بہ تہ آھي. آءُ توکي پوءِ ائين ئي پنيءَ تي کڻي، موٽائي آڻي جتي چوندين، اُتي ڇڏينديس. مون سان ازار ھيءُ آھي تہ سمنڊ ۾ اندر ٽبي ھڻي تران ٿي تہ ٿوريءَ دير کان پوءِ منھنجون ڪليون ٽپي وڃن ٿيون ۽ اُنھن مان ڇٽنگون نڪرڻ لڳن ٿيون. پوءِ جيسين ٻاھر نڪري، ڪين کي ساھي نٿي ڪٽايان ۽ ٺاريان نٿي، تيسين وڏيڪ پاڻيءَ ۾ اندر تري نٿي سگھان."

مڇيءَ جي ھيءَ ڳالھ ٻڌي، ھن جي ڪوماڻل دل جي مکڙي ٽڙي پيئي ۽ ڪلي خوش ٿي، مڇيءَ سان ھڪدم ھائو ڪري، ھن جون مھربانيون مڃيائين ۽ ڏاڍا ھن جا ٿورا ڳايائين پوءِ مڇي ھئي، تنھن سمنڊ جي پاڻيءَ تي مٿان ئي مٿان، ھيڏانھن ھوڏانھن ڏسي، ھڪڙي پاسي منھن ڪري، وٺي ترڻ شروع ڪيو ۽ سچ پچ تہ پاڻيءَ تي ترڻ آھي ئي مڇيءَ جو ترڻ. بس، سيڙھيون ڪندي، اگتي وڌندي ويئي. ھيءُ ميان ھو، سو رڳو پنھنجو پاڻ سوگھو جھلي ويھڻ ۾ ئي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پورو هو. مڇيءَ جون ڪليون پاڻيءَ کان مٿي ته ڪوسيون ٿيٽيون ئي ڪين هيون، سو مڇي به چوي ته اڄ نه تران ته ڪڏهن تران. اصل ترڻ سان چيهه ڪري ڇڏيائين. ڪٿي به هن جي ڍري ٿيڻ يا بيهڻ جي ته ڳالهه ئي ڪانه هئي. نيٺ سانجهيءَ ڌاري هن جو چوهه ڪجهه هلڪو ٿيو ۽ هوءَ مزي سان، آهستي آهستي، اڳتي وڌڻ لڳي. پري پري کان هڪڙو ٻيٽ هو، جو ڏسڻ ۾ پئي آيو. مڇيءَ جو هو سڌو ان ٻيٽ ڏانهن منهن ۽ ائين پاڻيءَ کي پنهنجي اُرهه جي زور تي چيريندي ۽ ٺيلهيندي، اڳتي وڌندي ويئي، تان جو ڪنهن مهل هوءَ اچي اُن ٻيٽ جي ڪناري سان لڳي ۽ هي ويچارو، جنهن کي پنهنجو ته ڪو وس ڪونه هو، سڄو ڏينهن هو مڇيءَ جي وس ۾ ٻيو هو هوا جي وس ۾ سمنڊ جي انچر پاڻيءَ جي وس. سو وائڙن وانگر مڇيءَ جي پٺيءَ تان ٽپ ڏيئي لهي پيو ۽ بيهي اُتي هيڏي هوڏي لوٽا هڻڻ لڳو. مڇيءَ، ٻيٽ تائين پهچندي پهچندي، ايترو سو پٽڪو ڪيو هو، جو هن سٽي ورتو هو، ته ستن سمندن جو وچ جيڪو مان ٿي ڄاڻان، اُتي هن کي لاهڻ منهنجو ڪم، وڏيڪ هٿ پير ۽ ڪن اکيون ۽ زبان ته هن کي به آهن. هوندس ياڳ ملٿو ته ملڻ ۾ دير ڪانه لڳنديس. من منهنجين ندورين ڪلين جي چوتڪاري جو به ڪو بلو ٿي پوي."

۽ ٻيٽ تي لهڻ سان هن پنهنجي ياڳ لاءِ چئني پاسي لوٽا ورائي نهارڻ شروع ڪيو. پر سج لهي سانجهي ٿي چڪي هئي ۽ سڄو ٻيٽ اوندهه ۾ ويڙهجي ويو هو ۽ هوُ سڄي ڏينهن جو هو به ٿڪل ۽ ماندو، سو مڇيءَ جي ئي پرسان ڪنڊ وٺي سڪيءَ جي پاسي ٿوري جاءِ ڪري ليٽي پيو ۽ ننڊ ڪجي ويس. رات جا ٻه پهر گذريا ته اوچتو هن جي اک کلي پيئي. جڏهن کان ياڳ جي ڳولها ۾ نڪتو هو، تڏهن کان ڪاڏي تان به گهٽو موهه کجي ويو هوس ۽ ننڊ به هن کي مڙيئي ڪجهه گهٽ ايندي هئي. سو، اک جا کلي پيس ته ڏسي ته چنڊ هو، جو چڙهي آيو هو ۽ ٻيٽ تي چوڌاري چاندوڪيءَ جو نور هو، سو ڇانيو پيو هو. اهو ڏسي هوُ اٿي ڪڙو ٿيو ۽ اُتي پنهنجي ياڳ کي هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو. چي: "هن جي پٺيان هلندي هلندي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ستن سمندن جو وچ ته اچي ڪيو اٿم. باقي هن ٻيٽ تي مونکان لڪندو به ته ڪٿي لڪندو." اکيون هيس، تن هر شيءِ ۾ اهڙيءَ جوهه سان تي نهاريو، جو سامهون ڪٿي ڪا ڪولي ٿي چري ته اُها به اُنهن کان لڪي نٿي سگهي ۽ ائين نهاريندي نهاريندي، ڳولهيندي ڳولهيندي، ڏسندي ڏسندي، پري کان ٻيٽ جي پوري وچ تي هن جي نظر هڪ هڪڙي همراهه تي وڃي پيئي، جو اچي چادر تاڻيو، سنئون نئون ٿيو ستو پيو هو.... ۽ سچ پچ اهوئي هن جو ڀاڳ هو. پر هاڻي ته هيءُ به اُن تائين رسي چڪو هو ۽ ڪانئس ڀڄڻ جي واٽ اُن کي به ٻي ڪانه بچي هئي. وڏي وڃي هيءُ ان جي ويجهو بيٺو ۽ اُتان ئي هن کي سجاڻي، لڳو اُن کي سڏ ڪرڻ.... سڏن مٿان سڏ، منٿن مٿان منٿون، سيرانديءَ کان سڏ، پيرانديءَ کان سڏي، پاسن کان سڏ، سڏن تي سڏ، منٿن تي منٿون، پر همراهه جو ڀاڳ هو، سو ڪو ننڊ ۾ هو الوٽ، يا موربو ئي ڪا موت جي ننڊ هيس، سو سڏن ۽ واڪن ۽ منٿن ۽ آزين نيزارين جو هن تي ڪو اثر ئي ڪونه ٿي پيو. هيءُ ويچارو، جو هيڏا پنڌ ڪري، ڏک ڏسي ۽ جهٽ پٽي، مس مس اُتي پهتو هو، تنهن، جو پنهنجي ڀاڳ جي ڀڪي هيءَ ننڊ ڏٺي، سو دل وسامي ويس ۽ اچي وسوسي ورايس ته سندس ڀاڳ ۾ ڪو ڀاڳ شايد هوئي ڪونه ۽ گهڙيءَ لاءِ من ۾ آيس ته "بس، هتي ئي هن پنهنجي ستل ڀاڳ جي پاسي ۾ مان به اڳو پوءِ ليٽي ٿو پوان. ننڊ اچي ويندم ۽ جيئاپي جي سيني جهنجهٽن کان موربو ئي جند ڇٽي پوندم."

ايتري ۾ هن کي پنهنجي مجيريءَ جي ڀاڳ جي هڪڙي ڳالهه ياد آئي. چي: "ڀاڳ ورانڻ اهڙو ڪو ڏکيو به آهي ڇا... مرد جو ڀاڳ هن جي هٿن ۾ ئي ته هوندو آهي." اُهو هن جو گفتو ياد ڪري، دل ۾ چيائين ته "پهريائين ته هٿ آهن انهي منهنجي ستل ڀاڳ ۾، جو منهنجو ٻيچي تي ڪري، سڏ ٻڌيو به، ائين دت هنيون ستو پيو آهي ۽ جي مٿل آهي، ته به هيڪر ته اُٿاري ٿو بيهاريانس." بس، پوءِ ته نه ڪيائين ڪا گهڙيءَ جي دير، وجهندي پنهنجي اُن ستل ڀاڳ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي مٿان پيل چادر جي پلاند ۾ هٿ، ڪٽي ڊوهه ڏنائيس ته همراهه جاڳي پيو. اکيون ڏسوس ته ڳاڙهيون جهڙيون رت. اِها ته هن جي اچا ڪا ڪچي ننڊ هئي ۽ پنهنجي هاڙهيءَ کي ڏسي، هوُ اتي ڪيڏانهن ڀڄي ئي ڀڄي، تنهن کان اڳ هن ڪٽي ٻانهن جي ڪرائيءَ کان جهليس ۽ ڇڪ ڏيئي، اُتاري اڳيان ڪٽي ٻيهاريائينس. چي: "سو گهو آهين پٽ، هاڻي منهنجن هٿن مان تون ٻه جيڪو ڀڳين سو ڀڳين."
اُن کان پوءِ هي ٻئي، يعني، هيءُ ڪاهوڙي ۽ اُن جو ياڳ، اکيون اکين ۾ وجهي، ڪا دير ته هڪٻئي کي ڏسندا رهيا ۽ ائين ڏسي ڏسي، هڪدم ياڪرين پئجي ويا. ورهين جا هئا وڇڙيل، سو صبح جي ٻاڪ ڦٽڻ تائين هڪٻئي کان ٻيهي حال احوال ورتائون ۽ دلين جون ڳالهيون هڪٻئي سان اوريائون. ڏاڍا ڪي پختا وچن هڪٻئي ۾ ڏنائون ورتائون. اسان جي هن همراهه پنهنجي ياڳ کان پوءِ دعوت واري وڏيري، صوفڻ ٻير ۽ سمنڊ جي اجگر مڇيءَ جي پنهنجي پنهنجي آزار جا ٻه جواب ورتا. آزار اُنهن ٽنهي جو هڪڙو ئي باهه جو آزار هو ۽ اُها باهه ٻه ڪا هڪ ئي قسم جي باهه هئي، جا انهن کي ائين سيڪائي ۽ ساڙي رهي هئي. ايتري ۾ ٻيٽ تي اوير کان سج ٻه اُمارا ڪيا ۽ هي ٻئي گڏجي هڪ تي، ڏوُر پنهنجي وطن جي وٽن ڏانهن موٽڻ لاءِ تيار ٿي، ٻيٽ جي ڪناري ڏانهن وڌڻ لڳا. جتي سمنڊ جي اجگر مڇي هنن لاءِ ترسي بيٺي هئي ۽ تيتر سمنڊ جي ڪناري سان پاڻيءَ ۾ هيڏانهن هوڏانهن ترندي ۽ پسارون ڪندي ٿي رهي.
اِتي، اوچتي الائي ڪهڙي ڳالهه ٿي، سو همراهه جو ياڳ ٽپ ڏيئي، هٿي پوئتي ٿي بيهي رهيو. چي: "مان توسان ڪونه هلندس. تون اهوئي ساڳيو آهين نه، جنهن مونکي لتون هٽي، پاڻ وٽان لوڏي ڪڍيو هو."
ياڳ جو هيءُ نئون راڳ ٻڌي، همراهه جون ٻـ ٻه ويون ته ڇهه ٻه ويون. چي: "ادا، ڪيترا ڏک درد سهي تو وٽ آءُ پهتو آهيان ۽ توکي اچي پرچايو اٿم ۽ هاڻي تو چوين ته آءُ اُهو ساڳيو آهيان ۽ تون مون سان موٽي ڪين هلندين. ٻيلي ائين نه ڪر، ڳالهه جيڪا دل ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اتيئي، سا ڪولي ڪر. ڪو پاءُ پاڻي مون ڏانهن اتيئي تہ اُهو بہ ڀڏاءِ يا ڪو شرط شروط هجيئي تہ اُهو بہ ڪڍي اڳيان رک.“

ماٺهوءَ جو ياڳ بہ ٺئي ٿو انترِيامي. دال جو حال ڀهريائين ڪو ڄاڻي ئي هوُ ٿو. سو هن بہ همراهہ کي ڪتي ڀڏائي، چيو: ”هٿن واري ڳالهہ مجيريءَ جي ياڳ جي تہ توکي ياد اچي ويئي، جو چادر کي ڏوهي ۽ ٻانهن کان جهلي، اُتاري ڪٽي مونکي اُيو ڪيئہ. پر هن جي ٻي ڳالهہ توکي ياد ڪانہ آئي. توکي هن ڇا چيو هو؟ ياد ڪر. ’رونٽو، منهن سؤٽو، چنل ڪٽولي سمهٽو.‘ سو ميان، جيسين تون اُهو هوندين، تيسين توسان اسان جي ياراڻي ڪانہ ٿيندي. اسين، يار، هتي سمنڊن جي وچ تي ستل ئي نيڪ آهيون.“

همراهہ کي پنهنجي ياڳ جي هيءَ ڳالهہ اهڙي لڳي، جو وڃي ٿيا خير. پر جيئن پنهنجيءَ زال کان موڪلائي، هوُ ياڳ جي ڳولها ۾ نڪتو هو، تيئن هن کي ياد ڪونہ ٿي آيو تہ هن ڪٿي ڪا رنجهہ ڪنجهہ، ڪروڌ يا ڪانئرائي ڪئي هجي. دل ۾ آيس تہ ’اڳي تہ برابر سدائين بت کان بيزار، منهن چاڙهيو، مُئن جيان منهن ويڙهيو پيو هوندو هوس. پر هاڻي تہ آءُ اهو ناهيان ۽ اِها ڳالهہ منهنجي هن ياڳ سياڳ کان لڪل بہ ڪانهي، جو هو منهنجو سڄو حال ڄاڻي ٿو. پر چڱائيءَ جي ڳالهہ تي اجائي ڪرڪر بہ چڱي ڪانهي.‘ اهو سوچ ڪندي، پنهنجي ياڳ کي چيائين تہ ”ادا، تون نيڪ ٿو چوين. پاڻ کي هاڻي نہ روئندو ڏسندين، نہ رنجهندي ڪنجهندي ۽ نہ جڳ کان رنل ڏسندين. تنهنجي ڳولها ۾ پاڻ هاڻ بدلجي بلڪل نوان ٿي پيا آهيون. اُن جي خبر هاڻ توکي بہ آهي ۽ جتي منهنجا هٿ، منهنجو هوش ۽ همت ۽ منهنجو هيج هوندو، اُتي تون بہ تہ مون سان ساڻ هوندين. پوءِ ڳڻتي ڇاجي. هاڻي هل تہ هلون، ڳالهيون گهٽيون ٿيون، ڪم گهرجي ۽ ڪم ڪرڻ لاءِ پنهنجي اڳيان ڪوڙ پيو آهي.“

ائين پنهنجي ياڳ کي پاڻ سان سڀ ڳالهہ ۾ سهمت ڪري، ۽ هن سان پڪ پڪاڻي ڪري تہ اڳتي جتي پاڻ هوندو، اُتي ساڻس سندس ياڳ بہ گڏ هوندو. هوُ وڏي ٻيٽ جي ڪپ تي انهيءَ جاءِ تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيو، جتي پهريائين مڇيءَ ڪيس اچي لاٿو هو ۽ اڇڻ سان مڇيءَ کي سلام ورائي، پاڻ ڏانهن سڏيائين. چي: "هل ڙي مائي مڇي اُتي، جتي پهرين پاڻ مليا هئاسون. ياگ منهنجو مونکي ملي ويو ۽ هن کي پرچائي، پوريءَ ريت پنهنجو ڪيو، پاڻ سان موٽائي ورتيون پيو وڃان. تنهنجي سوال جو جواب به هن کان مون ورتو آهي. چوين ته هتي توکي اُهو ڏيان، چوين ته جتي پاڻ کي هلي بندر ڪرڻو آهي، اڳو پوءِ اُتي هلي توکي ڏيان."

مڇيءَ جواب ڏنس ته "ياگ ته پنهنجو لڌءِ پر پروسو پلجي وئين. جنهن تي هيءَ سڄي دنيا پيئي هلي. هتي مونکي جواب ڏيندين، هتي چونه، پنهنجي سوارت لاءِ پل به ڳرو تي لڳئه، منهنجي جواب لاءِ هيءُ بندر ڪرڻ جو باب چو؟" مڇيءَ جي ڳالهه ٻڌي، هوُ ڏاڍو ڦڪو ٿيو. چي: "مون کان ٿي. هاڻ تون وٺ پنهنجي سوال جو جواب. تنهنجي ڪلين ۾ آهن املهه ماڻڪ ڦاٿل. اُهي جڏهن گسن ٿا ته اُنهن مان چٽنگون اُٿن ٿيون ۽ تنهنجي ڪلين کي باهه ٿي لڳي ۽ توکان وڏيڪ پاڻيءَ ۾ اندر تريو نٿو ٿئي." مڇي اِهو جواب ٻڌي، وسميءَ ۾ پئجي ويئي. چي: "برابر، هڪ ڀيري هيچ ۽ هوُڙهه ۾ سمنڊ جي تري ۾ هيٺ سد گٽين سڄلين سپين جي بستيءَ ۾ گهڙي ويئي هيس ۽ انهن کي وڃي ڀڳو پوريو هوم. مڃاڻ اُنهن جا املهه ماڻڪ ڪلين ۾ ڦاسي پيا اٿم. هاڻ منهنجي ان آزار کي سڃاتو به تو آهي ۽ اُهي پراوا املهه ماڻڪ منهنجي ڪلين مان ڪڍي به تون ئي سگهندين ۽ ڪم ۾ به اُنهن کي تون ئي آڻي ٿو سگهين. سو اِهي هاڻي ٿيا تنهنجا." ائين هٿ وڌائي، چار املهه ماڻڪ مڇيءَ جي ڪلين مان هن ڪڍي ورتا ۽ پوءِ هوُ مڇيءَ جي پنيءَ تي چڙهي وينو ۽ مڇيءَ وني سيڙهه ڪئي ۽ سڄ بيني ئي اچي اُتي رسي، جتي هوُ پهريائين اُن کي مليو هو ۽ اُتان ته ڪناري تي آڻي هن کي ڇڏڻ ۾، سانياري سمنڊ جي هن مڇيءَ مهوڙ کي پوريون به گهڙيون به مس لڳيون.

هن همراهه پوءِ ڪناري تي بيهي، موٽي ويندڙ اُن اجگر مڇيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي سلام ڪيو ۽ ان ڪي ڏسندو رهيو ۽ هوءَ بہ ڪي گهڙيون تہ سمنڊ جي ڇولين ڪي چيريندي، مٿان ئي مٿان ڪاهيندي ۽ ڏوڪيندي، اڳتي ويندي رهي ۽ پوءِ پري پري وڃي، ڦيرو ڪائي، هن ڏانهن پويون ڀيرو ڏنائين ۽ پوءِ ٽپي هٽي، سمنڊ جي بي انت گجگاهہ ۾ گم ٿي ويئي.

اُها رات پوءِ هُو اتي سمنڊ ۾ اڪ وجهي، ڪناري تي ئي سمهي رهيو ۽ صبح جو وڏي اسر ساڳيائي پيرا وٺي وري اُتي پنڌ پيو ۽ تکو تکو، هلندو هلندو، داٻا ڪندو ڪندو، نيٺ نماشام مهل هڪڙي ڏينهن اچي اُن ساڳئي صوفڻ ٻير جي وڻ وٽ پهتو، جنهن جي پاسي کان پاڻيءَ جي نهر پئي وهي ۽ جتي ويندي ويندي، هُو رات جا چار پهر ستو هو ۽ جنهن هن ڪي پنهنجا پڪا پڪا، ڳاڙها ڳاڙها، رس ڀريل صوفي ٻير کارايا هئا ۽ کانئس هڪڙو سوال بہ ڪيو هو. صوفڻ ٻير کي ڏسڻ سان هُو وڏي هيج مان وڏي، اُن جي هڪڙي ڏار هيٺان وڃي ويٺو ۽ هٿ وڌائي هيٺ نميل ان جي هڪڙيءَ ٽاريءَ مان صوف پٽڻ لڳو. پر اُنهيءَ ئي گهڙيءَ هن کي ڪو ويچار آيو ۽ اُتي ئي هٿ رڪجي ويس ۽ ٿڙ ڏانهن منهن ڪري، ٻير سان ڳالهائڻ لڳو. جو تہ اُن سان ائين تہ هُو اڳي ئي هيمڙ هو. چي: ”ٻيرڙي ٻير اَصيلڙ، مائي نماٽي صوفڻ ٻير. تنهنجي سوال جو جواب بہ مان پنهنجي ڀاڳ کان وٺي آيو آهيان. پهرين تہ مونکان وٺ اُهو جواب. تنهنجا ٻير مون کان ڪو ڪنيون ڪونہ ٿو وڃي. تنهنجي پاڙ ۾، سڪيءَ جي پاسي، هن تر جي هڪڙي ڪنهن پاڪنبي پرمار ۽ حرصي حرامخور ماڻهن جي ڪمائيءَ مان سون جون سرون جوڙائي، وڏي هڪڙي اُنهن جي ديگ ڀرائي، تنهنجي سرجڻ کان اڳ، هتي هيٺ زمين ۾ اُها پورائي ڇڏي هئي ۽ ائين هن سڄي تر جا ماڻهو ڦرجي فقير ٿي ويا ۽ نہ رهين پيٽ جي ٽوڙ پوري ۽ نہ تن ڍڪڻ لاءِ سڄو ڪپڙو. تنهنجي پاڙن کي هاڻي اُها ديگ ڏرتيءَ مان هيٺان پورو پاڻي پيئڻ ئي نٿي ڏئي. انهيءَ ڪري تنهنجو هڪڙو ڏار سڪي ويو آهي ۽ ٻئي کي بہ اچي سوڪهڙيءَ ورتو آهي ۽ جي اهو حال رهيو تہ پاسي کان انهيءَ سدا وهندڙ نرمل نديءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندي به، نه تو مون بير ٿيندا ۽ نه ڪو سائو پن ئي رهندو.“

اِها هن جي ڳالهه ٻڌي، بير سڀئي ڪبني ويئي ۽ ڏاڍيءَ هر ٻر ۾ پئجي ويئي، چي: ”انهيءَ آزار کان آجائي به تنهنجي هٿان ٿيندي ۽ هيءُ سڄو پٽ وري سائو ۽ سبر به تون ئي ڪندين.“

سڌ ڳڻ سڄليءَ صوفڻ بير جي اِها ڳالهه ٻڌي. هن ڇا ڪيو، جو اُهو سڄو ڏينهن اُتي رهي پيو ۽ تر جا سڀ ماڻهو، جيڪي ائين هيڏا ۽ هيڏين خالي ٻٽيا پئي ڦريا ۽ اُن ڏينهن تائين اُتي ائين ئي ڦربا ۽ ماربا پئي رهيا، تن کي سڄي سربستي ڳالهه ٻڌائي، بير جي آڏو وٺي آيو ۽ اُنهن سان اُتي ٻيهي، اُها ديڳ سونين سرن جي ڪوٺائي، ڪڍي ٻاهر ڪيائين ۽ ائين بير جي پاڙن کي اُنهن جي ٻر تي ۽ باهه کان آجو ڪيائين ۽ سڀ سرون ۽ اُنهن جا ٽڪر ڏريائتا ڪري سيني ۾ پوريءَ طرح ورهائي ۽ پاڻ به پنهنجي ڀاڳ جو اُنهن مان هڪڙو ٽوٽو ڪٽي، ٻئي ڏينهن صبح جو سيني کي پنهنجي سک سلامت ۾ ستل ڇڏي، وڏي اسر اُٿي اُتان پنڌ پيو، جو ڀاڳ جي پرچاءُ کان پوءِ، پوئتان جي اُلڪي ۽ اون ۾ هاڻي هن کي هڪ گهڙي به اجايو ڪٽي ويهڻ ڪونه ٿي وڻيو.

واٽ تي هن کي اجا دعوت باز وڏيري سان مڪاميل ٿيڻو هو، جو اُن جي سوال جو جواب به هن پنهنجي ڀاڳ کان وٺي ڇڏيو هو ۽ سچ پڇ ته اُن جواب جي ڳالهه ايڏي ته وڏي ۽ ڪم واري ڳالهه هئي، جو سندس پنهنجي ڀاڳ ۽ ٻين سندس سيني هٿ پورهت ۽ هر هاري ڀائرن جي ڀاڳ جو آڌار به اُن ڳالهه تي هو. انهيءَ ڪري اُن وڏيري وڏ ڏٽيءَ سان ملڻ لاءِ هوُ ڏاڍو آتو هو ۽ سڄي ڏينهن جي پنڌ کان پوءِ سانجهيءَ ڌاري جڏهن هوُ اُن ڳوٺ ۾ پهتو ۽ وڏيري سان مليو، تڏهن وڏيري کي چيائين ته ”وڏيرا، هاڻي رڳو تنهنجي جواب جو بار مون تي رهيو آهي، سو تون به پنهنجي سوال جو جواب مون کان وٺي ڇڏ، ته اِنهن سوالن جوابن کان آءُ به ٽيان آجو ۽ وڃي لڳان پنهنجي اصل ڪم کي. منهنجو ڀاڳ سالن کان پوءِ آهي مونسان پرتو ۽ پوئتي ڳوٺ ۾ ڪيئي ڪم آهن، جي ڪرڻ لاءِ پيا آهن ۽ منهنجو من



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاٽي سچو اُنهن ڪمن ڏانهن تيو بينو آهي. صبح جو سوير، لوڪ ستي، پنهنجي هتان الهه واهي آهي. پر پهرين تون پنهنجا هاري ناري ۽ ٻيا ماڻهو گڏ ڪري وٺ ته تنهنجي سوال جو جواب اُنهن جي اڳيان مان توکي ڏيان ته مر اُهي به ٻڌن. ڇو ته اُن جواب سان اُنهن جو به لاڳاپو آهي. ۽ سچ ته اُهو گهڻو ٿو آهي ئي انهن جي ٻڌڻ ۽ سمجهڻ لاءِ."

وڏيري کي هو پنهنجي سوال جي جواب ٻڌڻ جو شؤنق، سو ماڻهو ڊوڙايائين، جيڪي ويا ۽ جهٽ ۾ وڏيري جي هارين نارين ۽ ڳوٺ جي ڪمين ڪاسبين ۽ ٻين عام ماڻهن کي آڻي وڏيري جي اوطاق ۾ حاضر ڪيائون. ماڻهن جي ائين اچي گڏ ٿيڻ کان پوءِ وڏيرو وڏيڪ دير سهي نه سگهيو ۽ هڪدم هن کان جواب جي گهر ڪيائين. هيڏانهن هيءُ همراهه تيار ئي انهيءَ گهڙيءَ لاءِ ٿيو وينو هو، سو وڏيري ڏانهن ڏسندي چوڻ لڳو ته "وڏيرا، تنهنجو سوال هو ته تون ڏاڍا خير خيراتون ۽ صدقا صلواتون ڪدين ٿو، پر باهه آهي، جا تنهنجي جند ئي نٿي ڇڏي، اندر باهه، ٻاهر باهه ۽ رڳو باهه ئي باهه آ، جنهن ۾ تنهنجو جيءُ پيو پچي ۽ لڇي ۽ جيئڻ جو مزو ئي توکان ڇڏائي ويو آهي. سو سائينءَ کي چوان، تنهنجي سوال جو جواب هيءُ آهي ته تون جيئين ٿو ٻين جي ڪمائيءَ تي ۽ اوبارين ٿو گهڻو. پوءِ نه پيٽ ٿو پرجئي ۽ نه اُن جي سدائين اُن نموني پرجڻ جي پڪ ٿي بيهئي. ائين تنهنجي اندر ۾ هيڇ جي باهه ۽ ڊپ جو ٻارڻ اُٿهي پيا ئي پيا آهن ۽ باهه آهي، جا توکي ڏينهن رات پيئي ساڙي ۽ ٻاري. اِن باهه کي وسائڻ لاءِ تون خير خيراتون ۽ صدقا دعوتون ته گهڻيون ئي ڪرين ٿو، پر اُنهن سان ٻيا ته نهيو، پر رڳو تنهنجو پنهنجو من به توسان ڪونه ٿو ريجهي. ڇو ته اُهي به ته تون ٻين جي ڪمائيءَ تي ڪرين ٿو. اُنهن ۾ به تنهنجي پنهنجي پورهئي جي پگهر جو ڦڙو به شامل ڪونهي."

هن جي هيءَ سڌي سچي ڳالهه ٻڌي، وڏيرو مانڊ ۾ اچي ويو . ڪيتري دير ته هن ۾ اکيون ڪيايون رڳو ويٺي هن کي ...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسندي ڏسندي، نيٺ جڏهن ڪجهه ڳالهائڻ جهڙو ٿيو، تڏهن هن
ڪان پڇيائين ته "انهيءَ ڳالهه جو ڀلا ڪو علاج؟" هن جواب ڏنس ته
"هائو، ان جو علاج به آهي ۽ اُهو به مونکي پنهنجي ڀاڳ ٻڌايو آهي ۽
ائين ٿيڻو به اوس آهي ۽ اُهو هيءُ آهي ته زمين، جيڪا هوا، پاڻيءَ ۽ اُس
وانگر ڪنهن جي ڪانهي ۽ سينهي جي آهي، پر جنهن کي تون
پنهنجو ٿو سمجهين ۽ پنهنجي قبضي ۾ ڪيو ويٺو آهين، تنهن جي
دعويٰ ڇڏ ۽ اُن مان ٻين جي پورهئي سان اُپايل ميوي تي نه، پر پاڻ اُها
کيڙ ۽ پاڻ اُن مان اَن اُپاءِ ۽ تنهن تي گذارو ڪر ۽ اُن مان وٽني ته دل
کولي خير خيراتون ۽ صدقا دعوتون به ڪر، ته پوءِ تنهنجي اندر مان اِهو
باهه جو آزار لهندو ۽ تنهنجو من سانت ٿيندو..."

هن جواب جو وڏيري تي جيڪو اثر ٿيو، سو ٻڌائڻ جو نه آهي،
سمجهڻ جو آهي. بس، ائين چئجي ته وڏيرو تمجي ويو ۽ اکيون ائين
ڦري ويس ڄڻ مٿس تڪبير وهي ويئي هئي، پر ماڻهو هئا، جي ڳالهه
جي ڳنڍ ائين کلندي ڏسي، جي جتي سسي تتي گلن وانگر ٽڙي پيا ۽
چوڏاري منجهن چؤٻول مچي ويو....

هيڏانهن هن همراهه بان، جو ائين جوابن جو بار لٿو هو ۽ ويتر
جو وڏيري کي ٻڌائي هئائين ڪتي، سو ڏاڍو سرهو ٿي لڳو ۽ وڏيري
کي اهڙو بنهه حال کان نڪتل ڏسي چوڻ لڳو ته "وڏيرا، جيڪڏهن
سوال جو جواب بنهه ايڏو ڏکيو هو، ته اُهو مونکان ڪري نه پائنج.
حقي واجبي جواب ڪنهن جي منهن ڏانهن ڪونه ٿا ڏسن. مونکي
جيڪو جواب مليو هو، اُهو مون توکي جيئن جو تيئن پهچايو. هاڻي
تون ڄاڻ، تنهنجا هي ماڻهو ڄاڻن. هوندن ڀاڳ سجاڳ ته پنهنجي
پنهنجي ڌرتيءَ جو ٽڪر هٿ ڪري وجهندا. ڇو ته ماڻهو آهي ئي
ڌرتيءَ سان ۽ ڌرتيءَ بنا ماڻهوءَ جو ڀاڳ ڪهڙو؟"

جڏهن ڳالهه جو اُتي وچي ڇيهه ٿيو، ته سڀ ماڻهو دنبهو هٽي،
اُتي ڪڙا ٿيا ۽ هيءُ همراهه به وڏيري جي اوطاق ڇڏي، راتو واهه اُتي
پنڌ پيو ۽ سڌو رخ رکيائين پنهنجي ڳوٺ ڏانهن. رات جي پوئين پهر
جو چنڊ به اُيري مٿي آيو هو ۽ هيءَ ان کي اکئين ڪيو اڳتي وڌندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيو. تان جو اوپر ڪان سج بہ پنهنجون باڪون ڪڍيون ۽ هو اُن پنهنجي سدوري صبح جا پهريا ديدار ڪندو، هلندو، پنڌ ڪندو، اڳتي ۽ تيئن اڳتي وڌندو رهيو ۽ هلندي هلندي، پوئين پهر جڏهن ڏينهن ترندو آهي ۽ ماڻهن جو مال ۽ اُپ جا پرند سڄي ڏينهن جي پٽ کوهہ کان پوءِ پنهنجي پنهنجي وٿاڻ ۽ وانهيري ڏانهن ورڻ جي ڪندا آهن، تڏهن پري پري کان هن کي بہ پنهنجي ڳوٺ جا وڻ ڏسڻ ۾ آيا ۽ اُنهن کي ڏسي هن جي دل خوشيءَ ۾ تمتار تي ويئي ۽ گهڻي گهڻي دير اُتي اُن جاءِ تي ويهي، هوُ انهن کي اُتان ڏسڻ ۽ پنهنجين آسائتين اُبوُريل اکين کي ٺارڻ لڳو. پوءِ جڏهن ويتي ويتي اُتي هن کي دير ٿي ۽ سج لهڻ تي آيو، تڏهن هوُ اُتان اُٿي، تکيون تکيون وکون کڻندو، منهن سوجهري ۾ ئي اچي پنهنجي گهر جي ڪڙهہ تي پهتو ۽ پري کان پنهنجيءَ ياڳ پريءَ زال کي ڏسي، اُتان ئي هن کي سڏ ڪيائين:

”او سؤڳڻي سياڳڻ، منهنجي ساهہ جي سانئڻ، ائين سمجهہ تہ ياڳ مان بہ پنهنجو ورايو پيو اچان.“

اتي هن جي زال بہ هن کي ڏٺو ۽ وٺي ڏانهس ڊوڙ پاتائين ۽ هوُ گهر جي اڱڻ ۾ جتي سندن ٻڪري ٻڌل هئي، پاڻ اچي گڏيا ۽ ياڪرين پئجي ويا ۽ نئين سر جڻ منجهن سڪ ۽ سنيهہ جا ساهہ اُپجي ويا. پهريائين تہ زال کي هن پنهنجي پٽڪي جي ڳنڍ مان پڪا مٺا ڳاڙها صوفي ٻير چوڙي ڪارايا ۽ هن ياڳ پريءَ وري پنهنجيءَ ٻڪريءَ کي ڏهي، اُن جي ڪوسي ڪوسي سجر کير جو وٽو هن کي پيياربو ۽ پوءِ هو ٻئي ويٺا حال احوال ڪرڻ ۽ اڳتي لاءِ پنهنجي ڪم ۽ ڪرت جو صلاحون بيهارڻ ۽ رٿون رٿڻ.

۽ ائين ڳالهين ڪندي ڪندي، چار املهہ ماڻڪ، جيڪي هن سمنڊ جي اجگر مڇيءَ جي ڪلين مان ڪڍيا هئا ۽ سون جو ٽوٽو جيڪو هن صوفڻ ٻير جي پاڙن ۾ پوريل سونين سرن واريءَ ديگ مان پنهنجي ياڳ جو ياڳو ڪري ڪنيون هو، سي هن ياڳڻ پريءَ پنهنجي زال کي حال هٿيڪا ڪري رکڻ لاءِ ڏنا ۽ ائين گهڻيءَ گهڻيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات تائين هوُ هڪبئي سان من اندر جون ڳالهيون ڪندا ۽ دل جا حال وندبيندا ۽ ورهائيندا رهيا. تان جو: ليٽئي ليٽئي ٻئي پنهنجي خير خوشيءَ، پنهنجي سائي ستابي ٻنيءَ ٻاري، پنهنجن سياڳن سدورن پٽن ڪيرن، پنهنجي ڀلان ڀلي وهٽ هلٽ ۽ پت سپت جا خواب ڏسندي، سمهي رهيا ۽ ٻنهي کي اسر جي ٿڌيءَ منيءَ هير تي پهر اڌ لاءِ نند ڪٽي ويئي.

(ماهوار گل ڦل جي ٿورن سان)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بادشاهه ۽ ترڙ ڪانءُ

هڪڙو هو بادشاهه. بادشاهه ته خدا پاڻ آهي، پر هيءُ زماني جو بادشاهه هو. هن جو حڪم ماڻهن کان سواءِ پکي پکڻ، جيت جڻيي، ديون پرين ۽ جنن ڀوتن تي پڻ هلندو هو. هڪ ڀيري هن جي ملڪ ۾ اڃي ڏڪار پيو. اَن جي اٿوند سبب غريب ماڻهو پاڻ ته پيٽ کي پٽيون ٻڌيو پيا گهمندا هئا پر پنهنجن ٻارڙن کي به سڪل مانيءَ ڀُڳيو هٿ ۾ ڏيئي، پريائي پريائي، راند تي موڪلي ڇڏيندا هئا. مٿان اڃي ملڪ ۾ ڪانوَ ساماڻا، سي لامارا ڏيئي، ٻارڙن کان اهو مانيءَ ڀُڳيو به کسي هليا ويندا هئا.

ٿوري گهڻين ڏينهين اها خبر وڃي بادشاهه تائين پهتي ته ڪانوَن اصل ڀينگهه ڪري ڇڏي آهي. ننڍڙا ٻارڙا اجا مانيءَ ٽڪر هٿ ۾ ڪٽي نڪرن ئي مس ٿا، ته ڪانوَ اچيو انهن کان اهو ڦريو وڃن. سو بادشاهه حڪم ڪيو ته "سيئي ڪانوَ اچي مون وٽ حاضر ٿين."
جڏهن سڀ ڪانوَ اچي حاضر ٿيا، تڏهن بادشاهه انهن کي چيو ته "اوهان هيءُ ڪهڙو ظلم ٻاري ڏنو آهي؟" ڪانوَن جواب ڏنو ته "جيئندا قبلا، اسين جيڪي به ڪانوَ آهيون، سي ٻارن کان ماني ٽڪر ڦري، وڃي پنهنجي جهوني ڪانوَ کي ڏيندا آهيون، جيڪو اسان سڀني جو سردار آهي. اهو تمام پوڙهو آهي ۽ ڪو وقت سنيري."
بادشاهه حڪم ڪيو ته "انهيءَ ڪانوَ کي مون وٽ حاضر ڪيو وڃي." ڪانوَ ويا ۽ ان پوڙهي ڪانوَ کي ڪٽي آيا. بادشاهه ڪانوَ کان پڇيو ته "ڪيترو وقت سنيرين؟" هن جواب ڏنو ته "بادشاهه سلامت،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنھنجي نانيءَ جي ناني، تنھن جي نانيءَ جي نانيءَ ۽ اُن جي يار فقير وارو وقت سنيران.“ بادشاھ چيو، ”ڳالھ ڪر.“ ڪانوَ چيو تہ ”تنھنجي نانيءَ جو نالو، تنھن جي نانيءَ جو نالو ھوندو ھو. ان جي بادشاھيءَ ۾ ھڪڙو فقير پنڻ آيو ۽ اچي سندس محلات جي در تي سئن ھنيائين. پانھي خيرات کڻي آئي، پر فقير وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. چي: مونکي خود راڻي اچي خيرات ڏيئي وڃي. فقير جو اھو ضد ڏسي، آخرڪار راڻي پاڻ خيرات کڻي آئي، پوءِ تہ پنھي جون اکيون اٽڪي ويون ۽ پئي اُتي ئي ڄمي بيھي رھيا. ڪو پھر اڌ تہ ائين ئي گذري وين. آخر اُتان جڏھن ڪو ماڻھو اچي لنگھيو، تڏھن راڻيءَ فقير کي چيو تہ ”تون فلاڻي ھنڌ وڻ ھيٺان ھلي ويھ تہ آءُ بہ اُتي اچان ٿي.“

فقير ان ھنڌ ھڪ وڻ ھيٺان وڃي ويٺو. گھڙي کن کان پوءِ راڻي بہ اچي اُتي پھتي. وري جو ھڪٻئي سان اکيون مليون، تہ رات لنگھي وين ۽ متان اچي ڏينھن ٿيو. ھوڏانھن جڏھن بادشاھ کي خبر پيئي تہ راڻي ڀڄي ويئي آھي، تڏھن ملڪ ۾ ھلائي ڇڏيائين تہ راڻي مري ويئي آھي.

ٿورن گھڻن ڏينھن کان پوءِ، ان ملڪ جو وزير اچي اُنھيءَ وڻ ھيٺان لنگھيو. ڇا ڏسي تہ راڻي ۽ فقير پئي اُتي وينا آھن. وزير انھن پنھي جي وچ ۾ کڻي ڪپڙو ڏنو، تہ راڻي سجاڳ ٿي ۽ فقير کي چيائين تہ ”فقير، ساھ سڏير، ھاڻي بادشاھ جي اچڻ جي مھل ٿي آھي، تنھن ڪري آءُ محلات ڏي ٿي ھلان.“ وزير وري جو کڻي اُھو ڪپڙو پري ڪيو، تہ انھن جو اھو ئي ساڳيو حال.

وزير وڃي ساري حقيقت بادشاھ کي ٻڌائي. بادشاھ اچي ڏٺو تہ اھي پئي برابر ائين ئي وينا ھئا. بادشاھ کي جو لڳي خار، سو ڇا ڪيائين جو انھن پنھي جيئرن جاڳندن متان ھڪڙو چوگرد بند قبو جوڙائي ڇڏيائين. جو اڃا بيٺو آھي.“

بادشاھ پوڙھي ڪانوَ کي چيو تہ ”تون اھو قبو مونکي ڏيکاريندين؟“ ڪانوَ چيو تہ ”ھائو سائين، پر مون ۾ اُڏامڻ جي طاقت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانھي. مونکي معافي ۾ وجھائي، ڪٿائي ھلين تہ پوءِ مان اھو قبو ھلي توکي اکين سان ڏيکاريان. اھو ٻڌي بادشاھ پنھنجن نوڪرن کي حڪم ڪيو تہ "اوھين ڪانوَ کي ڪٺو ۽ جيڏانھن ھلڻ لاءِ چوي. اوڏانھن وٺي ھلوس."

آخر اھي سڀ اچي ھڪڙي قبي وٽ پھتا، پر قبو ھو چوڌاري بند، سو بادشاھ حڪم ڏنو تہ "قبي ۾ سوراخ ڪيو وڃي." جڏھن ڪانوَ اھا ڳالھ ٻڌي، تڏھن اچي ڏڪڻ وٺي ويو، تڏھن بہ ڪين ھو. تڏھن بادشاھ حڪم ڪيو تہ "ھن ترڙ ڪانوَ کي جھلي، سوراخ مان اندر اڇلائي، ورائي قبو لنبي ڇڏيو. ھيءُ رڳو پراوا تڪر ڪائي جاٽي ۽ ڪوڙ گھڙيو، ٻـڌاڪون ٻڌايو. سيني کي جمايو وينو آھي. ٻين ڪانوَن جو پنھنجي سردار جو ھيءُ حال ڏٺو، سو زوريءَ ٻارن ڪان تڪر ڦرڻ جي اڳتي لاءِ توبھ ڪيائون. ھاڻي ڪانوَ رڳو پري ڪان ويھي ٻارن جا تڪر تڪيندا آھن. سو بہ تڏھن، جڏھن ٻار بي خيالا ھوندا آھن، نہ تہ ٺوروئي ڪو دھمان ڪرين تہ ڪوھين پري پيا ڀڄن.

ڏٺيءَ جي قدرت اھڙي ٿي، جو ڪانوَن ڪان جو اُتان جي ماڻھن جي ھيئن جند ڇٽي، سو چوڌاري ملڪ ۾ سڪار ٿي ويا ۽ سڀ ماڻھو پنھنجي بادشاھ کي ڏينھن رات دعائون ڪرڻ لڳا.

**(ماھوار گل ڦل جي ٿورن سان)**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گدڙ ۽ ڪڪڙ جي آکاڻي

گدڙ کي هڪڙي ڏينهن دل ۾ اچي خيال ٿيو ته 'ڪڪڙ کائي اڄ ڪو ڏهُ ڪجي.' سو صبح ساڻ سوير مڙس اُٿي پنڌ پيو ۽ هلندي هلندي ٻوٽ جي ٻاهران ڪانگڙ ۾ لڪي وڃي ويهي رهيو. ايتري ۾ ڪڪڙ ٻه ٻانگون ڏيندو، لوڙهو ٽپي، ڪنهن مهل وڃي اُتي نڪتو. گدڙ سوچيو ته 'جي ٿو ڪڪڙ کي جهٽ هڻان، ته ويندو پڇي. ٻوٽ جا ڪتا پيا ٿا آسپاس ڦرن، مورٻگو پئجي ويندس آزار ۾.' سو ماٺڙي ڪري، چپ هٽي ويهي رهيو. تان جو ڪڪڙ ٻه لڏندو لمندو، اوريرو اچي، هن جي ويجهو پهتو. اُتي گدڙ هيٺاهين وٺي ڪڪڙ کي چوڻ لڳو ته "يار ڪڪڙ، جهنگ ۾ ٻير ڪي ڏسي آيو آهيان ڪيئن! بس ڳالهه ئي نه پڇ! اڄ ته ير هل ته هلي ٻير کائي ڪو چڙهه ڪيون." ڪڪڙ ٻه نه ٽئي اياڻو، سو گدڙ جي ڳالهه تي لڳي، اُتي هن جي پويان هليو. هلندي هلندي، نيٺ اچي جهنگ ۾ گهڙيا ۽ گدڙ سڌو وڃي هڪڙيءَ ٻير جي هيٺان بيٺو. ٻير هئي، جا ٻيرن ۾ جهنجهي بيٺي هئي ۽ گدڙ جو ڏيو ته بنهه وات پيو پاڻي ٿئي. پر ٻيرن کان وڌيڪ هن کي ته هو اڄ ڪڪڙ کائڻو، سو پاسو ڏيئي ڪڪڙ کي چوڻ لڳو ته "ڪڪڙ يار، رات هوا تي جيڪي ٻير ڇڻيا، سي آءُ جو آيس توکي وٺڻ، ته پنيان ٻيا گدڙ چوندي هڙ کائي ويا. هاڻ ڪر ڪو وارو، نه ته جهڙا آياسين تهڙا نه آياسين. توکي ته خبر آهي ته ٻير تي پاڻ چڙهي ڪونه ڄاڻون، سو تون ئي ڪا پڙڪي ڪر. متي چڙهي تون ٻه ٻير کاءُ ۽ ڪجهه هيٺ موڪل ته کائي ڪا هينئين جهل اسين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻه ڪري ونون.

گدڙ جي هيءَ سنئين سڌي ڳالهه ٻڌي، ڪڪڙ ٽپ ڏيئي وڃي ٻير جي هڪڙيءَ لام تي ويٺو ۽ اُمالڪ ڇهنب سان ٻه هڪڙا ڳاڙها ڳاڙها، پڪا، وڏا، مٺا ٻير پٽي، هيٺ گدڙ کي اُڇلائي ڏنائين، جيڪي گدڙ جهٽ هٽي، هڙپ ڪري، اُتي جو اُتي کائي ڇڏيا. پوءِ ڇا ٿيو، جو هڪڙا ڪچا، ڇهڇ ساوا، ڪتا، ڪنا ٻير ڪنهن طرح پٽجي اچي هيٺ پٽ تي ڪريا ۽ اهي ٻه جهٽ هٽي، هڙپ ڪري، گدڙ کائي ويو. ايتري ۾، ڪڪڙ جو پيٽ پلا جهرڪيءَ جيڏو، سو ويو پرجي.... سو سمجهيائين ته گدڙ جو پيٽ ٻه پرجي ويو هوندو. پر هوڏانهن گدڙ ٻه ويٺو هو تاڙ ۾، سو جهڙو ٿو ويچارو ڪڪڙ ٽپڪي ڏيئي هيٺ لهي، تهڙو گدڙ دير ئي ڪانه ڪئي ۽ جهٽ هٽي هڙپ ڪري ڇڏيائينس.

بس، پوءِ ته ڪڪڙ کائي ڄڻ ڇتو ٿي پيو. اچي جا ڏاٽ هريس ته پائنئين ته کاوان ۽ کاوان. پيٽ ٻه هجيس ڪا الود قاصائيءَ واري ڪڏ، سو پرجيس ئي نه. جهڙيون مڙس کي پنواتيون. وني هڪڙي پاسي لوهه ڪيائين. پجندو وڃي، پجندو وڃي، ته ڏسي ته هڪڙي پوڙهي مائي آهي، سا دال ويٺي رڌي. پوڙهيءَ کي چيائين ته ”پوڙهي ڙي پوڙهي، توکي کائيندس.“ پوڙهيءَ چيس ته ”ڇو مونکي کائيندين؟ مون تنهنجو ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي؟“ گدڙ چيس ته ”ٻه ڪچا ٻير کاڌم، ٻه پڪا ٻير کاڌم، ڪڪڙ پنهنجو يار کاڌم، توکي نه کاوان؟“ ائين چئي، جهٽ هٽي، هڙپ ڪري پوڙهيءَ کي دال سڻدو، ڪنيءَ سوڌو، کائي ڇڏيائين. محمد محمد محمد

.... ۽ وني پگو اڳتي، پجندو وڃي، پجندو وڃي، ته ڏسي ته هڪڙي ڇوڪري آهي، سا ڇيٽا ويٺي ڇوندي. ڇوڪريءَ کي چيائين ته ”ڇوڪري ڙي ڇوڪري، توکي کائيندس.“ ڇوڪريءَ چيس ته ”ڇو مونکي کائيندين؟ مون تنهنجو ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي؟“ چيائين ته ”ٻه ڪچا ٻير کاڌم، ٻه پڪا ٻير کاڌم، ڪڪڙ پنهنجو يار کاڌم، دال رڌيندي پوڙهي کاڌم، توکي نه کاوان!“ ائين چئي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهٽ هٽي، هڙپ ڪري، چوڪريءَ کي، چيٽن سوڌو، ڪاريءَ سوڌو ڪائي چڏيائين.

.... ۽ ونـي اڳتي ڀڳو. ڀڄندو وڃي، ڀڄندو وڃي، ته ڏسي ته هڪڙو ٻڪرار آهي، سو ٻڪريون بيٺو چاري. ٻڪرار کي چيائين ته "ٻڪرار ڙي ٻڪرار، توکي ڪائيندس." ٻڪرار چيس ته "چو مونکي ڪائيندين؟ مون تنهنجو ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي؟" چيائين ته "ٻہ ڪچا ٻير ڪاڌم، ٻہ پڪا ٻير ڪاڌم، ڪُڪڙ پنهنجو يار ڪاڌم، دال رڌيندي پوڙهي مائي ڪاڌم، چيٽا چونڊيندي چوڪري ڪاڌم، توکي نہ ڪاوان!" ائين چئي، جهٽ هٽي، هڙپ ڪري، ٻڪرار کي، ٻڪرين سوڌو، چيلن سوڌو، ڪائي چڏيائين.

.... ۽ ونـي اڳتي ڀڳو. ڀڄندو وڃي، ڀڄندو وڃي، ڏسي ته هڪڙو ريڍار آهي، سو رڍون بيٺو چاري. ريڍار کي چيائين ته "ريڍار ڙي ريڍار، توکي ڪائيندس." ريڍار چيس ته "چو مونکي ڪائيندين؟ مون تنهنجو ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي؟" چيائين ته "ٻہ ڪچا ٻير ڪاڌم، ٻہ پڪا ٻير ڪاڌم، ڪُڪڙ پنهنجو يار ڪاڌم، دال رڌيندي پوڙهي مائي ڪاڌم، چيٽا چونڊيندي چوڪري ڪاڌم، ٻڪرين چاريندي ٻڪرار ڪاڌم، توکي نہ ڪاوان!" ائين چئي، جهٽ هٽي، هڙپ ڪري، ريڍار کي رڍن سوڌو، ڪائي چڏيائين.

.... ۽ ونـي اڳتي ڀڳو. ڀڄندو وڃي، ڀڄندو وڃي، ڏسي ته هڪڙو ڳنوار آهي، سو ڳئون بيٺو چاري، ڳنوار کي چيائين ته "ڳنوار ڙي ڳنوار، توکي ڪائيندس." ڳنوار چيس ته "چو مونکي ڪائيندين؟ مون تنهنجو ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي؟" چيائين ته "ٻہ ڪچا ٻير ڪاڌم، ٻہ پڪا ٻير ڪاڌم، ڪُڪڙ پنهنجو يار ڪاڌم، دال رڌيندي پوڙهي مائي ڪاڌم، چيٽا چونڊيندي چوڪري ڪاڌم، ٻڪرين چاريندي ٻڪرار ڪاڌم، رڍن چاريندي ريڍار ڪاڌم، توکي نہ ڪاوان!" ائين چئي، جهٽ هٽي، هڙپ ڪري، ڳنوار کي، ڳئن سوڌو، ڳابن سوڌو، ڪائي چڏيائين.

.... ۽ ونـي اڳتي ڀڳو. ڀڄندو وڃي، ڀڄندو وڃي، ته ڏسي ته



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪڙو ميهار آهي، سو مينهون بينو چاري. ميهار کي چيائين ته ”ميهار ڙي ميهار، توکي کائيندس.“ ميهار چيس ته ”ڇو مونکي کائيندين؟ مون تنهنجو ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي؟“ چيائين ”ٻه ڪچا ٻير کاڌم، ٻه پڪا ٻير کاڌم، ڪکڙ پنهنجو يار کاڌم، دال رڌيندي پوڙهي مائي کاڌم، ڇيٽا چونڊيندي ڇوڪري کاڌم، ٻڪرين چاريندي ٻڪرار کاڌم، رڍن چاريندي ريڍار کاڌم، ڳئن چاريندي ڳنوار کاڌم، توکي نه کاوان!“ ائين چئي، جهٽ هڻي، هڙپ ڪري، ميهار کي مينهن سوڌو، وڇين سوڌو کائي ڇڏيائين.

.... ۽ وڃي اڳتي پڳو. پڄندو وڃي، پڄندو وڃي، ته ڏسي ته هڪڙو اوٺار آهي، سو اُٺيون بينو چاري. اوٺار کي چيائين ته ”اوٺار ڙي اوٺار، توکي کائيندس.“ اوٺار چيس ته ”ڇو مونکي کائيندين؟ مون تنهنجو ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي؟“ چيائين ته ”ٻه ڪچا ٻير کاڌم، ٻه پڪا ٻير کاڌم، ڪکڙ پنهنجو يار کاڌم، دال رڌيندي پوڙهي مائي کاڌم، ڇيٽا چونڊيندي ڇوڪري کاڌم، ٻڪرين چاريندي ٻڪرار کاڌم، رڍڻ چاريندي ريڍار کاڌم، ڳئن چاريندي ڳنوار کاڌم، مينهن چاريندي ميهار کاڌم، توکي نه کاوان!“ ائين چئي، جهٽ هڻي، هڙپ ڪري، اوٺار کي اُٺين سوڌو، گورن ۽ گورين سوڌو کائي ڇڏيو.

.... ۽ وڃي اڳتي پڳو. پڄندو وڃي، پڄندو وڃي، ته پريان ڏسي ته درياهه آهي، سو ڪنڌئين تار ڀريو، ٽمٽار ٿيو، گڙگاٽ ڪندو، وهندو پيو وڃي. اتي گدڙ کي ٻه اچي اُڃ ورايو، سو سهڪندو سهڪندو، وڃي درياهه جي ڪپ تي بيٺو ۽ درياهه کي چيائين ته ”درياهه ڙي درياهه، اءُ توکي کائيندس.“ درياهه کلي چيس ته ”ڀلو ڙي ميان گدڙ ڀلو، سچاتو اٿيمانءِ. پر يار هي ته ٻڌاءِ: مونکي پيئندين ڪي کائيندين؟“ گدڙ اتي گهٽو ئي ڪڪو وڪو ٿيو، پر منهن پڪو ڪري، درياهه کي چوڻ لڳو ته ”درياهه ڙي درياهه، ٻه ڪچا ٻير کاڌم، ٻه پڪا ٻير کاڌم، ڪکڙ پنهنجو يار کاڌم، دال رڌيندي پوڙهي مائي کاڌم، ڇيٽا چونڊيندي ڇوڪري کاڌم، ٻڪرين چاريندي ٻڪرار کاڌم، رڍن چاريندي ريڍار کاڌم، ڳئن چاريندي ڳنوار کاڌم، مينهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاريندي ميهار ڪاڌم، اُنين چاريندي اوٺار ڪاڌم، توکي ڪيئن نہ ڪاوان!“ ائين چئي، جهٽ هٽي، لڳو درياهہ کي هڙپ ڪرڻ. پر ڪيڏانهن درياهہ، ڪيڏانهن گدڙ! گدڙ جو ڏسو تہ پيٽ ڦوڪجي ويو. دوڙا ٻاهر نڪري آيا ۽ باقي رڳو وڃي ڪن بچيو. پر تڏهن بہ بس ڪٿي ڪري تہ بہ نہيو. اهڙي ڪا اُلي هيس، جو درياهہ ۾ منهن جو وڌائين، سو ٻاهر ئي نہ ڪڍي. پيئندو وڃي، پيئندو وڃي، پيٽ وڃيس تيئن ڦوڪبو.... پر درياهہ کٽي ئي نہ. پيئندي.... پيئندي.... ۽ ڪيڏيءَ مهل ”نا....“ ڦوڪٽي وانگر پيٽ ڦاٽي پيس. پيٽ جو ڦاٽي پيس تہ پاڻي جيڪو پيتو هئائين، سو گڙ گڙ ڪندو، موٽي درياهہ ۾ وهي ويو.... ۽ ٻہ ڪچا ٻير بہ اُڇلجي وڃي پري پيا ۽ ٻہ پڪا ٻير بہ اُڇلجي وڃي پري پيا ۽ ڪڪڙ هو، سو ”ڪڪڙون ڪو....“ ڪري جهڙو هو تهڙو هڪدم ٻاهر نڪري آيو.

.... ڪالهہ ڏنوسون تہ پوڙهي مائي هئي، تنهن وينئي دال رڌي، چوڪري هئي تنهن وينئي چيٽا چونديا، ٻڪرار هو تنهن بيٺي ٻڪريون چاريون، ريڍار هو تنهن بيٺي رڍون چاريون، ڳنوار هو تنهن بيٺي ڳئون چاريون، ميهار هو تنهن بيٺي مينهون چاريون، اوٺار هو تنهن بيٺي اُنيون چاريون ۽ گدڙ هو جو سڪل ڏنگر وانگر تنگون تيڙيو درياهہ جي ڪپ تي پيو هو ۽ سرٽيون ۽ ڳجهون هيون، سي مٿانئس ولر ڪيو وينيون هيون ۽ هوڏانهن درياهہ شاهہ بادشاهہ هو، سو اُهو ئي اڳي وانگر ٻنهي ڪنڌين تار پريو، تمتار تيو، گڙ گڙ ڪندو، اڳتي وهندو پئي ويو.

(ماهوار گل ڦل جي ٿورن سان)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪانءُ ۽ جھرڪي

هڪڙو هو ڪانءُ ۽ ٻي هئي جهرڪي. هڪڙي ڏينهن ڪانوَ جي دل ۾ اچي خيال وينو ته هيءُ جهرڪي اهي جا ماڻهن جي گهرن ۾ آکيرا ناهيو ويٺي آهي، ته ٻه هن کي ڪو الف بي ٻه ڪونه ٿو چوي ۽ هيڏانهن اءُ آهيان جو ڪنهن کي ڏٺي ٻه ڪين ٿو وڻان. بس، آهي ناهي اِهو شر انهيءَ جهرڪيءَ ۾ آهي، جا وڃي ٿي منهنجي برخلاف ماڻهن جا ڪن ڀري. بس، هاڻي منهنجون ۽ انهيءَ جهرڪيءَ جون خبرون آهن. يا اها منهنجي پيٽ ۾، يا اءُ هن جي پيٽ ۾.

اهو خيال ڪري، ڪانءُ تاڙ رکي ويهي رهيو. گهڙي نه گذري ته جهرڪي ٻه ٻاهران ڀڙڪو ڪائي، ڀرسان اچي ڪٽي ويهي رهي. اتي وجهه وني، ٻه چار ٽپڪيون ڏيئي ڪانوَ رڙهي وڃي جهرڪيءَ جو پاسو ورتو ۽ پنهنجي منهن ٿي، چوڻ لڳس ته "مائي جهرڪي، تون چوڳي جي ڏاڍي تکي اهين. اڄ پاڻ ڪٽي ٿا شرط ٻڌون. اهو ڪٽڪ جو ڇيڄ، جيڪو گهرجي ڏياٽيءَ سڪائڻ لاءِ اُس ۾ رکيو آهي، اُهو جي اڄ ڪائي وئينءَ، ته مجڻ مراد آهي. مون هارايو، تو ڪٽيو ۽ پوءِ جي وٽيئي ته مونکي ٻه ڪائي ڇڏج. پر جي مون ڪٽيو ۽ تو هارايو، ته پوءِ تون منهنجي وس ۾ ٿيندينءَ ۽ جي وٽيمر ته اءُ توکي ڪائيندس."

مائي جهرڪي، بس ائين ويٺي ويٺي، ڪانوَ جي ڳالهه ۾ اچي ويئي ۽ ڪٽي هائو ڪيائين.... ۽ انهيءَ ئي گهڙيءَ ڀڙڪي ڏيئي وڃي ڇيڄ تي ويٺي. پر جهرڪي ويچاريءَ جي گڃي ئي ڪيڏڙي، تڪڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڪڙ ۾ ٻہ چار ڇهنبون ڀريل ڇڄ ۾ مس هنيائين، تہ ڏاڍيچي پيئي ۽ منهن ورائي، اُتي ئي پاسو ڪري ويهي رهي. تنهن تي ڪانوَ اڳيرو وڌي چيس: ”مائي جهرڪي، بس، ڪجھ تہ مڙسي ڪر.“ جهرڪيءَ ويچاريءَ وري بہ مڙسي ڪري، ٻہ ٽي ڇهنبون ٻيون بہ ڇڄ ۾ هڻي ڪڍيون. پر نيٺ بہ تہ جهرڪي هئي، سو بنھ اڪرجي پيئي ۽ وري بہ ڪٽي بس ڪيائين. اهڙيءَ طرح ڪانوَ جي چوڻ تي ٽيون ڀيرو بہ جهرڪيءَ همت ڪئي. پر هن ڀيري تہ بس هڪ اڌ ڇهنب، ڀري نہ ڀريءَ جهڙي، بنھ ٻان ڪري ڇڄ تان اُٿي آئي ۽ ڳچي لاڙي، اڳو پوءِ پري ويهي رهي. اِتي ڪانءُ بہ پڇ لوڏيندي، منهن موڙيندي، وڃي جهرڪيءَ جي ويجهو وينو. چي: ”جهرڪي مائي، تو شرط هارائي، مون ڪٽي، هاڻي تہ آءُ توکي کائيندس.“ جهرڪيءَ ويچاريءَ جو، موت اکئين ڏسي، هيڪر ساھ لڪيءَ ۾ اچي ويو، پر اُتي ئي من جاءِ تي آڻي، ڪانوَ کي چيائين تہ ”کائين تہ مونکي ڀلي کاءُ، پر پهريائين پنهنجي اها گند ڀريل ڇهنب تہ ڌوئي اچ. چوتہ کائڻ ۾ مزو ايندءِ.“

بس، ڪانوَ جو اها ڳالھ ٻڌي، سو خوشيءَ ۾ اُٿي اُڏاڻو ۽ جهٽ ۾ وڃي درياھ وٽ پهتو، جيڪو ڀرسان پئي وهيو. چي: ”درياھ ڙي درياھ، مونکي پاڻي ڏي، تہ پاڻيءَ سان ڇهنب ڌوئان ۽ ڇهنب ڌوئي جهرڪي کاوان.“ درياھ چيس: ”پاڻي تہ توکي ڏيان، پر پاڻي وٺندين ڇا ۾؟ هوءَ مينهن بيٺي اٿيئي، تنهن کان وڃي سڱ وٺي اچ تہ ان ۾ توکي پاڻي ڏيان. پوءِ تون ڇهنب ڌوئي ڀلي وڃي جهرڪي کاءُ.“

هيءُ ٻڌي، ڪانءُ ويو مينهن وٽ، چي: ”مينهن ڙي مينهن، مونکي سڱ ڏي، سڱ درياھ کي ڏيان، درياھ پاڻي ڏئي، پاڻيءَ سان ڇهنب ڌوئان، ڇهنب ڌوئي جهرڪي کاوان.“ مينهن چيس تہ ”سڱ تہ توکي ڏيان، پر پهريائين گاهيءَ کان گاھ آڻي ڏي، تہ مان گاھ کائي ڍءُ ڪريان، پوءِ مان توکي سڱ ڏيان. تون سڱ نيئي درياھ کي ڏي، درياھ توکي پاڻي ڏئي، پوءِ پاڻيءَ سان ڇهنب ڌوءُ، تون پوءِ ڀلي وڃي جهرڪي کاءُ.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهن تي ڪانءُ اُڏامي ويو گاهيءَ وٽ. گاهيءَ کي چيائين "گاهي ڙي گاهي، مونکي گاهه ڏي. گاهه مينهن کي ڏيان، مينهن سڱ ڏئي. سڱ درياهه کي ڏيان، درياهه پاڻي ڏئي، پاڻيءَ سان چهنب ڌوئان. چهنب ڌوئي جهرڪي کاوان." گاهيءَ جواب ڏنس ته پهريائين مونکي لوهار کان ڏاٽو آڻي ڏي، ته ڏاٽي سان آءُ گاهه لڻي توکي ڏيان. پوءِ گاهه کڻي مينهن کي ڏي، مينهن توکي سڱ ڏئي، سڱ کڻي درياهه کي ڏي، درياهه توکي پاڻي ڏئي، پوءِ پاڻيءَ سان چهنب ڌوئي، تون ڀلي وڃي جهرڪيءَ کي کاءُ."

هيءُ ٻڌي، ڪانءُ ويو لوهار وٽ. لوهار کي چيائين: "لوهار ڙي لوهار، مونکي ڏاٽو ڏي، ڏاٽو گاهيءَ کي ڏيان. گاهي گاهه ڏئي، گاهه مينهن کي ڏيان، مينهن سڱ ڏئي، سڱ درياهه کي ڏيان. درياهه پاڻي ڏئي، پاڻيءَ سان چهنب ڌوئان. چهنب ڌوئي جهرڪي کاوان." لوهار چيس: "ڏاٽو ته توکي آءُ واهه جو ڏيان، پر منهنجي ٻني تڏي تي پيئي آهي، تون ڪٽان تاندو کڻي اچ ته ٻني ٻاري، توکي ڏاٽو تپي تاهي ڏيان. پوءِ تون ڏاٽو کڻي گاهيءَ کي ڏي، گاهي توکي گاهه ڏئي، گاهه کڻي مينهن کي ڏي، مينهن توکي سڱ ڏئي، سڱ کڻي درياهه کي ڏي، درياهه توکي پاڻي ڏئي، پوءِ پاڻيءَ سان چهنب ڌوئي تون ڀلي وڃي جهرڪي کاءُ."

تنهن تي ڪانءُ وري وڃي اُڏاڻو. اُڏامندو وڃي، اُڏامندو وڃي، ته ڏسي ته هڪڙي پوڙهي مائي آهي، جا هيٺ پڊر ئي پڊر ۾ باهڙي ٻاريو، ڪني چاڙهيو ويني آهي ۽ دال پيئي رڌي. بس، پوءِ ته هيءُ به گولاتي ڏيئي، هيٺ لهي، پوڙهيءَ جي اڳيان ٺورو پريرو وڃي ويهي رهيو ۽ دل جهلي پوڙهيءَ کي چيائين ته "پوڙهي ڙي پوڙهي، مونکي تاندو ڏي، تاندو لوهار کي ڏيان، لوهار ڏاٽو ڏئي، ڏاٽو گاهيءَ کي ڏيان، گاهي گاهه ڏئي، گاهه مينهن کي ڏيان، مينهن سڱ ڏئي، سڱ درياهه کي ڏيان، درياهه پاڻي ڏئي، پاڻيءَ سان چهنب ڌوئان، چهنب ڌوئي جهرڪي کاوان." پوڙهيءَ چيس ته "تاندو ته توکي ڏيان، پر کڻندين ڇا ۾؟" ڪانوَ کي ڀلا جهرڪيءَ کائڻ .و شونق ڪنيون بينو هو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سو چيائين تہ ”پوڙھي، تنھن جو تون خيال نہ ڪر. تون تاندو ڪٽي منھنجي ڪنين جي وچ ۾ منھنجي پڻيءَ تي رک. لوھار جو دڪڻ پنڌ ڪونھي. پرڪي ڏيئي، اِجھو ٿو وڃي اتي رسان.“

پوڙھيءَ بہ ٻيو ڪو خيال ڪونہ ڪيو ۽ چيڙي ڪري، ٻسانگي ڪانيءَ ۾ تاندڙو وجھي، ڪٽي ڪانوَ جي ڪنين جي وچ ۾ سندس پڻيءَ تي رکيائين ۽ ڪانءُ وٺي اُڏاڻو. پر ڇا لڳي ڪانءُ، ڇا لڳڻ ڪانوَ جا ڪنيپ ۽ ڇا لڳي تاندو! اجا پڙڪي ڪائي مٿي ويو ئي مس ۽ سنئون ئي ڪين ٿيو، تہ پنيٺ مچي ويو ۽ اچي باھ ورايس. ڪانءُ غريب آئيءَ ۾ اچي ويو. وڃي تہ ڪيڏانھن وڃي. ايتري ۾ ھيٺ وڃي ساڄئي درياھ تي نظر پيس. جو پرسان پئي وھيو. بس، پوءِ تہ چوھ مان ٻہ تي ڪنيڙاتيون ھٽي، ڏو وڃي پاڻيءَ ۾ پاڻ ڦٽو ڪيائين. مرندي، ماٺھو ڇا نٿو ڪري! ۽ ڪانءُ ويچارو ٻيو ڪري بہ ڇا ٿي سگھيو.

خير، پاڻيءَ ۾ پون سان باھ تہ وسامي ويس ۽ سڙڻ کان بچي ويو، پر ھاڻي غريب لڳو ٻڏڻ. باھ مان نڪري، اچي پاڻيءَ ۾ پيو. درياھ بہ ھو ساونڊيءَ جو، سو ٻہ ٽي گھوتا بہ آيس ۽ بنھ ٻڏڻ تي ھو تہ ايتري ۾ پريان ھڪڙي ميربحر جي وڃي مٿس نظر پيئي، جنھن پنھنجي ڊونديءَ تي ويٺي پلا ماريا. ميربحر ڏاڍو ڪو ڀاڄھارو ماٺھو ھو، تنھن کي ڪانوَ تي ڪھل اچي ويئي، سو ڇا ڪيائين جو پنھنجي ڊونديءَ کي لاڙي وڃي ڪانوَ کي ٻگرو ڏنائين ۽ ونجھ ڊگھيري، ڪٽي آڻي ٻيڙيءَ جي آڳيل تي رکيائينس. پوءِ تہ ھي ڪنين سڙيل، پاڻيءَ پسيل ڪانءُ، جھڙو ھو تھڙو، پئوندو ٻڃي اُتي ويھي رھيو. نہ چري نہ پري، جھرڪيءَ جي دل ڪرڻ جي ڳالھ ڪڏھوڪو دل تان لھي ويئي ھيس. نيٺ جڏھن ٿورو تڙڪو لڳيس ۽ ڪجھ ڦڪرائي ٿيس، تڏھن ھيڏي ھوڏي ھلڻ ڪرڻ جھڙو تہ ٿيو، پر نئين سر ڪنين نڪرڻ لاءِ ڪيس ڏاڍي ڪي ڏينھن ڏسڻا پيا. وري بہ شاباس ھجي ويچاري ميربحر کي، جنھن جا ھٿ نصيب ٿيس، نہ تہ ڪانءُ مسڪين وڃڻ کي ويو ھو ۽ آخر جڏھن ڪنيپ نڪتس، تڏھن اُتان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُڏري، منهن ڪري، ڪنهن پاسي هليو ويو.

بس، اهو ڏينهن، اڄوڪو ڏينهن. ڪانوَ وري ڪڏهن جهرڪيءَ جو نالو ڪونه ورتو. مائي جهرڪي اها ئي ماڻهن جي گهرن ۾ آڪيرا ٺاهيو مزا وٺندي ڪري ۽ ڪانوَ ڪني، جا هن سان ريس ڪئي، تنهن جي حالت اڄ به اُها ئي آهي، جيڪا اڳي هئي. ماڻهن کي اصل ڏٺي به ڪين وٺي. پري کان هرڪو پيو پري هڪليس.

(ماهوار گل ڦل جي ٿورن سان)

# نيڪيءَ جو بدلو

ڪنھن ڳوٺ ۾ ھڪڙو غريب رھندو ھو. دنيا ۾ دولت جي ڪري تہ تمام غريب ھو پر دل جو شاھوڪار ۽ ڪاريت جو اجرو مڙس ھن جھڙو ڪو ٻيو ورلي ھوندو.

ھڪ ڀيري جي ڳالھ آھي تہ ھن مڙس کي اچي پئسي جي لوڙ ورايو. نيٺ ڳڻتيون ڪائي ويو شھر جي ھڪ شاھوڪار وٽ ۽ ٽن مھينن جي واعدي تي سؤ رپيا اُڌارا وٺي اچي، پنھنجي ڪم لاتائين. ڏينھن خيرن سان گذرندا ويا، تان جو واعدي پوري ٿيڻ کان ٻہ مھينا ٻيا بہ مٿي گذري ويا. ھاڻي شاھوڪار کي بہ اچي ھورا ڪورا لڳي، سو اينڊڙ ويندڙ کان پڇائون ڪرڻ لڳو. نيٺ ھڪ ڏينھن انھيءَ غريب قرضيءَ جو پاڙيسري مليو ويس جنھن کان خبر مليس تہ اھو غريب انھيءَ ڏينھن صبح جو گذاري ويو آھي ۽ ٻئي ڏينھن صبح جو سندس جنازو ڪڇندو. لھڻيدار، جو اڳيئي ملول ويٺو ھو، ويتر اھا ڳالھ ٻڌي چپ ۾ اچي ويو. نيٺ خيال ڪيائين تہ ڇو نہ صبح جو سوير لاش پورڻ کان اڳ ڳوٺ ۾ پھچي سندس وارثن کان قرض چڪائي وٺان. اھو خيال ڪري موٽي گھر آيو. رات جيئن تيئن ڪري گذاري، صبح جو پلي گھوڙي تي سوار ٿي پنيرڪي جو وڃي ان ڳوٺ ۾ پھتو. وات ويندي اھو خيال ڪيائين تہ جيڪڏھن سؤ رپيا فوتيءَ جي مائٽن نہ ڏنا تہ پوءِ انھن جي لاش کي سؤ موچڙا ھڻي موٽندس. ڳوٺ پھچڻ تي ڏسي تہ لاش برابر رکيو آھي ۽ ڪانڌي چوڌاري ويٺا آھن. ويجھو وڃي فوتيءَ جي وارثن کان پنھنجي رقم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي گهر ڪيائين. تنهن تي هن چيس ته: ”ميان! هو اڳي ئي غريب هو؛ وٽس ڪائڻ لاءِ ڪوڏي به ڪانه هئي؛ هي ڪفن دفن جو ڪم به ڳوٺ وارن ڦوڙي ڪري نباهيو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ توکي پئسا ڪٿان ملي سگهندا!“ لهڻيدار اهو جواب ٻڌي تيئن ضد ڪرڻ لڳو، چئي: ”مون کي پنهنجا پئسا ڪيئن به ڪري پورا ڪري ڏيو، نه ته منهنجو مڙساڻو وچن آهي ته لاش کي سؤ موچڙا هڻي پوءِ موٽندس.“ پـلا مئي ماڻهوءَ تي ڪو ڪک به نه سهي سو اها ڳالهه ٻڌي اچي ميڙين منٿن ۾ پيا. ڪيترائي حيلا هلائي بيٺا پر لهڻيدار پنهنجي هٺ تان هيٺ نه لٿو. اجا انهيءَ ڇڪتاڻ ۾ ئي هئا ته هڪ سوداگر گهوڙي سوار اچي اتان لانگهائو ٿيو. ماڻهن جو ميڙ ۽ گوڙ گهمسان ڏسي ويجهو اچي پڇڻ لڳو. ڳوٺاڻن سربستي ڳالهه ڪري ٻڌايس. سوداگر به ڪو نيڪ شخص هو. اها ڳالهه ٻڌي شاهوڪار کي ڏاڍو سمجهايائين پر هن هڪ به نه ٻڌس، تنهن تي خدا ڪارڻ پنهنجي کيسي مان سؤ رپيا ڪڍي شاهوڪار کي ڏيئي اچي گهر پيڙو ٿيو.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ دستور موجب ساڳيو سوداگر وري واپار جي خيال سان ساڳيو گهوڙو سنجي اُتي پنڌ پيو. واٽ تي هڪ مقام هو. هي جيئن انهيءَ مقام کان لنگهي ٿورو اڳيرو ٿيو ته پٺيان ڪنهن ٻئي گهوڙي جي ٽاپ ٽاپ جو آواز ڪن تي پيس ڪنڌ ورائي جان ڪَني ڏسي ته هڪ ٻيو سوار، گهوڙي کي واءَ وانگر اُڏائيندو پيو اچي. اهو ڏسي هيءُ ٿورو ترسي بيٺو. ٻئي سوار ويجهو اچي ڏاڍي حب سان سلام ورايس. جنهن جو جواب هن به ساڳيءَ طرح حب سان ڏنو. خبرون چارون ڏيندي وٺندي سوداگر چيو ته: ”آءٌ سوداگر آهيان. وڻج واپار جي خيال سان ڏورانهين ڏيهه پلاڻيو اٿم، ٻيو مڙيوئي خير.“ ٻئي سوار تنهن تي وراڻيس ته: ”ادا! ڪيي به خير، هاڻي هڪڙي مهرباني ڪر جو مون کي به پاڻ سان واپار تي وٺي هل.“ سوداگر چيس ته: ”يار! مونکي قبول آهي. ٻـه ته ٻارهن، اويل سويل هڪ ٻئي کي ڪم پيا ايندا سون.“ اها ڳالهه ٻڌي سوار خوش ٿيو ۽ چيائين ته: ”هاڻي هڪڙو شرط آهي، چڱو ٿيندو جو ان جو ڪچيءَ

۾ فيصلو ڪري ڇڏيون ته پڪيءَ ۾ پاڻ سولو ٿئي. شرط هي آهي ته نفعي يا نقصان جو پورو پورو اڌ ورهائي ڪنداسون." سوداگر اهو شرط اکين تي هٿ رکي قبول ڪيو ۽ پوءِ ٻئي ڄڻا اڳتي روانا ٿي ويا. هلندا هلندا، ساهيون ڪندا، برن پٽن، جهنگن جهرن مان ٿيندا ديس ڇڏي وڃي پرديس پهتا. هڪڙو چڱو موچارو شهر ڏسي، گهوڙن تان لهي واءُ سواءُ ونڻ لاءِ اندر لنگهي ويا. گهمندا ڦرندا هڪ چونڪ تي ماڻهن جو ميڙ ڏسي بيهي رهيا. ڇا ڏسن ته پاسي تي هڪ تختي ٽنگي پئي آهي، جنهن تي لکيل آهي ته جيڪو به ماڻهو بادشاهه جي ڌيءُ سان شادي ڪندو تنهن کي سڱ سان گڏ راڄ ڀاڳ جو اڌ پڻ ڏاج ۾ ڏنو ويندو. اڳتي ائين به لکيل هو ته، گهڻي وقت کان وٺي هيئن ٿيندو اچي ٿو ته جيڪو به شخص شهزاديءَ سان شادي ڪري ٿو سو انهيءَ رات ۾ ئي گذاري وڃي ٿو. خبر نه آهي ته هي ڪهڙو اسرار آهي. ان هوندي به جيڪڏهن ڪو شاديءَ لاءِ رضامند هجي ته بيشڪ هي نغارو وڄائي اطلاع ڏئي.

تختي پڙهي ٻئي ڄڻا اچرج ۾ پئجي ويا. نيٺ ٿوري ويچار کان پوءِ سوار، سوداگر کي چيو ته: "ادا! تون ڪٿي قسمت آزماءِ." سوداگر وراڻيس ته: "ميان! واهه جو منهنجو گهٽگهرو ٿيو آهين جو اکين ڏٺي موت ۾ ٿو وجهينم. دوست ڀلي تو جهڙا ڪجن. اهڙيءَ شاديءَ کان ته سڄ ڀلي آهي. آءٌ اها ڳالهه هرگز قبول نه ڪندس." اتي سوار چيس ته: "ادا! مڙس اهو آهي جو هر مشڪلات کي منهن ڏئي ۽ اڻ ٿيڻي ڪري ڏيکاري. تون مون ۾ ڪو به شڪ نه آڻ. ڀلي ڀليءَ جو ڀل آهي. الله توهار ڪري همت جو سندرو ٻڌ. آءٌ به هٿ هٿ تي رکي ڪونه ويهندس." اهو ٻڌي سوداگر ٿڌو ساهه ڀري چيس ته: "يار! هيءَ شادي نه آهي پر سر جو سودو آهي. ساهه هر ڪنهن کي پيارو آهي. مون کي هن وقت شاديءَ جي ضرورت ته ڪانهي. پوءِ ڇو لالچ تي لڳي پاڻ کي ۽ پنهنجي نهيل نڪيل گهر کي اوڙاهه ۾ هڻان. دوست اهو جو وقت سر سهڻي صلاح ڏئي: پر هاڻي جيڪڏهن انڪار ٿو ڪريان ته تون مون کي ڳيدين مان سمجهندين، تنهن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري جيڪا تنهنجي مرضي. پر هڪ ڳالهه ياد رک ته پنتي جي پارت اٿئي." ائين چئي وري اچي ساڳيءَ تختيءَ جي پر ۾ بيٺو ۽ ڏونڪو کڻي ٻه ٽي ڀيرا ڏاڍي زور سان نغاري تي هٽي ڪڍيائين. نغاري جو آواز ٻڌي سڄي شهر جا ماڻهو هن تماشي ڏسڻ لاءِ اچي گڏ ٿيا ته ڏسون ته وري ڪهڙو بدنصيب سر اڏيءَ تي رکڻ آيو آهي. ساڳئي وقت نغاري جي آواز تي دستور موجب وزير به محلات مان نڪري آيو ۽ هنن ٻنهي ڄڻن کي ساڻ وٺي وڃي بادشاهه جي ڪچهريءَ ۾ ڪڙو ڪيائين. سوار، سوداگر لاءِ سڱ گهريو. بادشاهه قبول ڪيو. ٻئي ڏينهن ڏاڍي ڌام ڌوم سان شادي ٿي گذري. سهاڳڻيون ساٿ سوڻ ڪري سوداگر کي گهر وٺي ويون ۽ لائون ڏياري ڇڙوڇڙ ٿي ويون. ٻنهي گهوٽ ڪنوار کي موت جي ننڊ کڻي وئي.

هوڏانهن سوار جنهن پنهنجي دوست کي ڳاڙهو گهوٽ بڻائي موت جي منهن ۾ موڪليو هو، خيال ڪيو ته ڏسان ته سهي ته ڪهڙو سبب آهي جو ويچارن گهوٽن کي رات وچ ۾ اجل اُڏايو ٿو وڃي. آخر جڏهن هئو مئو ٿري، سيڪو پنهنجي پنهنجي گهر وڃي آرامي ٿيو، تڏهن ترار کڻي، پير پير ۾ ڏيندو گهوٽ ڪنوار جي محل ۾ گهڙي ويو. ڏسي ته ٻئي ڄڻا مٺيءَ ننڊ ۾ ستا پيا آهن. هيءُ به ماٺ ڪري پلنگ جي هيٺان چورن وانگر لڪي ويهي رهيو. اوچتو جان کڻي نهاري ته واهه! هڪڙو ڪارو وسيهر نانگ شهزاديءَ جي وات مان نڪري سوداگر ڏانهن وڌي رهيو آهي. هن کي اگهاڙي ترار ته اڳئي ساڻ هئي سو هڪ ئي ڌڪ سان نانگ کي ٻه اڌ ڪري، رومال ۾ ٻڌي، ساڳيءَ طرح محل مان نڪري اچي پنهنجي جاءِ تي آرامي ٿيو. صبح جو سوير دايون ٻايون گهوٽ جي خبر لهڻ لاءِ ڊوڙي آيون. ڇا ڏسن ته گهوٽ تيل ڦليل ڪريو ڪنوار سان گڏ پلنگ تي ويٺو آهي. بس پوءِ ته شادمانا لڳي ويا. بادشاهه تي مبارڪن جا مينهن وسي ويا. خير خيراتون ٿي ويون. غريب غربي، فقير فقراءَ ڪائي ڏءُ ڪيو. ٽن ڏينهن جي خوشين ۽ جشن کان پوءِ سوداگر بادشاهه کان اجازت وٺي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنوار ۽ ساٿيءَ دوست سميت وطن وريو. هلندي هلندي جڏهن ساٿيءَ مقام وٽ پهتا، تڏهن سوار چيو ته: "ادا! هاڻي منهنجو گس بئي پاسي آهي، تنهن ڪري چڱو ٿيندو جي هتي ٿورو ترسي ساهي ڪري پوءِ پنهنجو پنهنجو رستو وٺون." اها ڳالهه سوداگر کي به آئڙي ۽ گهوڙن تان لهي پيا. سوداگر، سوار کي گهڻو ئي سمجهايو ته: "ميان! هينئر مون سان گڏجي هل ۽ به ٽي ڏينهن خوشين جا گذاري پوءِ ورڻ واري ڪج" پر سوار پنهنجي هٺ تان نه لٿو. نيٺ سوداگر کيس اجازت ڏني. اتي سوار چيو ته: "هاڻي وهنوار موجب اڌ ورهائي ڏينم." سوداگر وڏيءَ خوشيءَ سان کيس ڏيج مال مان اڌ ڏنو. سوار پنهنجو حصو قابو ڪري چيو ته: "ميان! پنهنجو انجام هو ته جيڪي ملندو تنهن مان به ٻه ڀاڱا ڪنداسون. پاڻ کي هن سفر ۾ مال سان گڏ هڪ زال به ملي آهي، سو وهنوار سان ان جو اڌ به مون کي ملڻ گهرجي." سوداگر اها ڳالهه ٻڌي وراڻيو ته، "ادا! ڪڏهن زالون به ورهائبيون آهن؟ ڳالهاءِ سنڀالي، هي ڇا چئي رهيو آهين. چڱو مڙس هجين ته اها ٻڪ ٻڪ بند ڪر." تنهن تي سوار چيس ته: "ميان! دنيا جو دستور آهي ته واپار وچن تي ٽيندا آهن. ڏيئون پٽ زبان تي ڏٻا آهن. تنهن ڪري تو جيڪو انجام ڪيو آهي اهو مڙس ٿي پار، نه ته آءٌ به اڳيان گيدي ڪونه آهيان. چيو اٿيئي ته پنهنجي قول کي پاٽي ڏي نه ته گيسي ڪري جند ڇڏاءِ." سوداگر به اڳيان سياڻو هو سو وجهه ڏسي اچي منٿن ۾ پيو، چيئي: "ادا! مون کي پنهنجو وچن وسريو ڪونه آهي، پر تون به مڙس آهين، ڪجهه خيال ته ڪر، پنهنجيءَ دل تي هٿ رکي ڏس، ڪنهن سمي سومري ائين ڪيو هجي ته آءٌ به ڪٿي هام هڻان. پنهنجو وچن وٽج واپار لاءِ هو سو برابر ائين ڪيوسين. هاڻي ڏاهو ٿي، مهرباني ڪر. ائين نه ٿئي جو پاڻ ۾ ڪڙا ٿي پئون." سوار چيس ته: "نوان گهوٽ! ٻه پائر ٽيون ليکو، سو آءٌ پنهنجو اڌ مئي مارائي کان سواءِ ڪونه ڇڏيندس." هڪڙيءَ تي سوار ٻيءَ تي سوداگر، ٻي ڪا پهر به پاسي ۾ ڪانه هئي، جا ڪٿي هن جو نبيرو ڪري. نيٺ سوداگر تڏو ساهه ڀري پنهنجي ڪنوار ڏانهن نهاريو، جا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جو مطلب سمجهي ويئي ۽ چيائين ته: ”جيڪڏهن اوهان جو پاڻ ۾ اهڙو انجام آهي ته پوءِ بيشڪ پاڙڻ گهرجي. منهنجو ڏير ڪنهن بچڙي خيال سان توتي زور ڪونه ٿو ڀري پر پنهنجو پلاند ٿو چڪي، تنهن ڪري چڱو آهي ته مون کي هتي ئي اڏو اڏ ڪري پوءِ ٻئي هٿ نوڪيندا هليا وڃو.“ اهو ٻڌي سوداگر چيو ته: ادا! هاڻي مان پنهنجي وچن پاڙڻ لاءِ تيار آهيان. تنهن تي سوار چيس ته: ”پنهنجي ڪنوار کي پڌري پٽ ويهاري اچ ته تنهنجي اکين آڏو ٻه اڌ ڪريانس.“ سوداگر اُتي ائين ڪيو. اتي سوار ٻه اُگهاڙي ترار ڪڍي تيار ٿي شهزاديءَ جي ويجهو آيو. هوءَ ويچاري ٻه ڀلا ضعيف ذات، سو اگهاڙي ترار ۽ سوار جي شڪل ڏسي دهلجي ويئي. سوار اجا هٿ مٿي ڪري ترار ڦهڪائڻ تي هو ته شهزاديءَ کان ڊپ وچان رڙ نڪري ويئي ۽ انهيءَ رڙ سان گڏ ساڳئي وسيهر نانگ جو ٻچو سندس وات مان نڪري وڃي پري پيو. سوداگر اهو حال ڏسي وائڙو ٿي ويو. سوار چيس ته: ”يار! منهنجو پهريون وار ته گسي ويو، هاڻي ٻئي جي موڪل ڏينم.“ سوداگر وراڻيس ته: ”ميان آءٌ پنهنجي قول تي پڪو آهيان، تون ڀلي ٻيو وار ڪر. توکي جيڪڏهن پنهنجي هٿ تان هيٺ لهڻو ڪونهي ته مون ٻه پنهنجي سهاڳڻ جو سر سهسايو آهي. توکي جيڪو وڻي سو ڪر.“ سوار اڳئين وانگر شهزاديءَ جي ويجهو وڃي ڏاڍي جلهه مان اجا ترار اولاري مس ته شهزادي اڳي کان ٻه وڌي رڙ ڪري بيهوش ٿي ويئي ۽ ساڳيءَ طرح ٻيو ٻه نانگ جو ٻچو سندس وات مان نڪري وڃي پري پيو. سوداگر کي تهان ئي وڌيڪ اچرج وٺي ويئي. سوار ويجهو اچي چيس ته: ”ادا! ٻيو ڀيرو ٻه وار گسي ويو هاڻي چا صلاح آهي؟“ سوداگر وراڻيس ته: ”ميان! مون کان هر هر چا ٿو پڇين، توکي موڪل آهي، ڀلي پنهنجو ڪم پورو ڪر.“ اتي سوار کلي ترار ڪڍي سوداگر جي پيرن ۾ رکي ۽ شاديءَ جي رات نانگ ماري سندس جان بچائڻ وارو سڄو قصو ڪري ٻڌايائينس. سوداگر رومال ۾ ٻڌل نانگ ڏسي ۽ پنهنجي دوست جي واتان قصو ٻڌي ڏٽيءَ جا ٿورا ميجيا ۽ هٿ ٻڌي سوار کان معافي وٺڻ لڳو. سوار ڀاڪر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پائي چيس ته: "ادا! معافي ته پاڻ مون کي ونڻ گهرجي جو تنهنجي لڄ کي اڌو اڌ ڪرڻ تي زور ڀريم ۽ تنهنجو چوڻ نه ڪيم. ڳالهه هيئن آهي ته مون کي اڳي ئي خبر هئي ته هن شهزاديءَ جي پيٽ ۾ هن آفت جا ٻه ٻچا ٻه پيل آهن، جي وڏا ٿي وري توکي ئي نقصان پهچائيندا، سو رڳو انهن هچائن کي ٽارڻ لاءِ ائين ڪيم. تنهنجي گهر واري سا منهنجي ڀيڻ آهي. مون کي جيڪو ڪرڻو هو سو ڪيم. هاڻي ڀلي خوشيءَ سان ساري حياتي پيو مزا ماڻ ۽ مون کي ڏي اجازت ته سجهندي وڃي گهر پهچان." تنهن تي سوداگر چيس ته: "ڀلا ايترو ته ٻڌاءِ ته توکي اها خبر ڪيئن پئي ته منهنجي گهر واريءَ جي پيٽ ۾ اجا ٻه نانگ جا ٻه ٻچا آهن؟" سوار اها ڳالهه ٻڌي گهڙو نٽايو پر اڳيان هو ته مچڙو هو. نيٺ ڪلي چيائين ته: "ادا! آءٌ انهيءَ غريب شخص جو روح آهيان، جنهنجي لاش کي، تو هڙان سؤ رپيا ڏئي، موچڙن کان بچايو هو. هاڻي منهنجي الله توهار ۽ تنهنجو موليٰ مددگار." ائين چئي روح، گهوڙي سميت گم ٿي ويو. هي گهوٽ ڪنوار ساڳيءَ طرح گهوڙا پلاڻي خير سان اچي پنهنجي گهر پيڙا ٿيا.

**(سنڌي لوڪ ڪهاڻي جي اوسر جي ٿورن سان)**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پاڪ امانت

ڪنهن زماني ۾ هڪڙو بادشاهه هوندو هو جنهن کي اولاد ڪونه ٿيندو هو. پوءِ گهڻن ڏينهن بعد ڪنهن درويش جي دعا سان هڪ ڌيءَ ڄايس ته سموري بادشاهيءَ ۾ شادمانا ٿي ويا. هڪڙي سڪيلڌي ڌيءَ پيو سدا سڀڻي، سو راڻي ۽ بادشاهه مٿس ساهه پيا ڇڏيندا هئا.

ڇوڪري اڄ نندي سياڻي وڏي، ويئي سرو (وڻ) وانگر وڌندي ۽ ڏسندي ڏسندي مڪڙيءَ مان هڪ بي بها گل بڻجي وئي. ڌيءَ ڌڻ آهي، تنهنڪري جيئن وڏي بيهي ته مائٽن کي اُلڪو ٿئي. بادشاهه جي پنهنجي ڌيءَ سان اهڙي محبت جو ڀانءِ ته ڪٻس ساري عمر گهر ۾ وهاري ڇڏي، پر راڻي سياڻي، تنهن ڄاتو ٿي ته اڄ نه سڀاڻي ڌيءُ کي ته پرائو گهر وسائڻو آهي، تنهنڪري پنهنجي مڙس کي چيائين ته ڌيءُ لاءِ ڪنهن وڏ گهراڻي ور جي جلدئي ڳولها ڪري. بادشاهه پنهنجي راڻي جي صلاح کي وزن ڏنو ۽ ڌيءُ لاءِ ور جي ڳولها جاري ٿي ويئي.

بادشاهه ڏاهو هو. سو چيائين ته شرط ئي اهڙا ٿو وجهان جو مشڪل سان ڪو شهزادو پورا ڪري سگهندو. جيڪڏهن ڪنهن پورا ڪيا ته پوءِ قبول ڪبو ته اهڙو ڇوڪرو عقلمند آهي ۽ ڌيءَ اهڙي جو ان کي امانت ڪري ڏجي. سڄي ديش ۾ ڍنڍورو گهمايو ويو ته 'بادشاهه پنهنجي ڌيءُ جو سڱ انهي شخص کي ڏيندو، جيڪو بادشاهه جا ٻڌايل شرط پورا ڪندو. اگر ڪنهن به خواهشمند اهي شرط پورا نه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيا ته سندس سمورو مال ملڪيت ضبط ڪيا ويندا.

شهزاديءَ جي هاڪ هنڌين ماڳهين ڦهليل هئي. سو ڪيترائي جوان پنهنجو نصيب آزمائڻ لاءِ دربار ۾ آيا، پر شرط پورا نه ڪري سگهيا ۽ هارائي، مال ملڪيت ڦرائي ويندا رهيا. جيئن تي ڏينهن گذريا تيئن هڪ طرف شهزاديءَ جي هاڪ تي وڌي ۽ ٻئي طرف تي راجا ۽ راڻيءَ جو الڪو تي وڌيو ته ڪٿي سندن ڌيءُ جو نصيب کُلندو يا نه؟ آخر هڪڙو ڏينهن سياڳو اُڀريو ۽ ملڪ جي ڏورانهين حصي جو هڪڙو شهزادو، جيڪو شهزاديءَ جي ٻڌل ساراهه تي دل هاري چڪو هو، سو همت جو ترهو ٻڌي اچي دربار ۾ پهتو ۽ نغاري تي چوٽ هنيائين.

ڪيترن ڏينهن کان نغارو ڪونه وڳو هو ۽ بادشاهه فڪر ۾ ويٺو هو. هڪ دفعو وري بادشاهه جي من ۾ اميد پيدا ٿي ته شايد هن دفعي ڪونه ڪو سياڳو سندس شرط پوري ڪرڻ ۾ سويارو ٿيندو ۽ وٽس جيڪا 'پاڪ امانت' آهي، تنهن جو خود کي حقدار ثابت ڪري، سندس ۽ راڻيءَ جي من جو بار هلڪو ڪندو. بادشاهه پنهنجي خاص درٻاريءَ کي حڪم ڪيو ته يڪدم انهيءَ اميدوار کي سندس اڳيان حاضر ڪيو وڃي. شهزادو جيئن ئي بادشاهه جي حضور ۾ پيش ٿيو ته وڏي شان سان جهڪي بادشاهه کي آداب ڪيائين ۽ ساڳي وقت سونين مهرن جي هڪ خوبصورت ٿيلهي پڻ بادشاهه جي قدمن ۾ نذراني طور رکيائين. اهڙي شاندار فضيلت تي بادشاهه دل ئي دل ۾ ٺري پيو ۽ ڏاڍي پاٻوهه مان جوان کي چيائين: "جوان ڪهڙي ڪارڻ پنڌ پيو آهين؟"

جوان وري به شائستگي ۽ تحمل سان جواب ڏنو: "جهان پناهه! اوهان جي نياڻيءَ جي سونهن جي ساراهه ڇڪي مون کي هت آندو آهي. مون کي ڄاڻ آهي ته ڪيترا جوان هارائي ويا آهن پر پوءِ به مان پنهنجو بخت آزمائڻ آيو آهيان. مونکي به هڪڙو موقعو ڏيو. ٻڌايو ته ڪهڙا شرط آهن، جيڪي پورا ڪري اوهان جي شهزاديءَ جو هٿ، هٿ ۾ وٺان؟"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بادشاهه شهزادي جي وهنوار ۽ ويچار تي موهجي ويو هو، سو سمجهائڻ جي خيال کان ۽ پڪو ڪرڻ جي ارادي سان چيائين: "نوجوان، مان وري به هڪ دفعو توکي آگاهه ٿو ڪريان ته سوچ. ڪيترائي اميرزادا ۽ شاهي گهراڻي جا جوان آيا پر ناڪام ٿيا ۽ پنهنجو مال ضبط ڪرائي ويا. سو توکي ٿي ڏينهن سوچڻ لاءِ ٿو ڏيان، پوءِ سوچ ويچار پوءِ اچ."

شهزادي اٽل ارادي سان چيو: "جيئندا قبلا، مان سڀ سوچ ويچار ڪرڻ کان پوءِ ته هيڏي پنڌ تان ڪهي آيو آهيان. منهنجي لاءِ هينئر صرف هڪ ئي سوچ آهي ته اوهان جا ڏنل شرط پورا ڪريان. اوهين ڪرم فرمائي، شرط ٻڌايو."

بادشاهه ڏٺو ته شهزادو بلڪل ئي پڪي ارادي جو مالڪ آهي تنهن ڪري چيائين: "جوان تنهنجي همت داد قابل آهي. هاڻي ٻڌ؛ پهريون شرط اهو آهي ته تون جيڪا ڇڄ پاڻ سان آڻيندين، تنهن ۾ ڪوبه شخص اهڙو شامل نه هوندو، جنهن جي مٿي تي هڪڙو به اڇو وار هوندو."

"۽ ٻيو شرط عالي پناهه؟" جوان اُتاولو ٿي پڇيو.

"بهتر آهي ته پهرين تون پهريون شرط پورو ڪرين ۽ تنهن کان پوءِ ٻيو شرط طلب ڪرين." بادشاهه ائين چئي دربار برخواست ڪئي، ۽ شهزادو پنهنجي شهر پهتو، تڏهن ٻيا مٽ مائٽ، يار دوست ته اهي چوندي ڪنيائين، جن جي مٿي تي هڪ به اڇو وار ڪونه هو. پر هاڻي سوال اهو هو ته پنهنجي ماءُ پيءُ کي ڪيئن ڇڏي وڃي! شادي ماءُ پيءُ کان سواءِ ڪيئن ٿيندي ۽ اهڙي ڳالهه هو ڪين ڪيئن ٻڌائي؟ جڏهن شهزادي جي پيءُ ڏٺو ته ڄڃ لاءِ سڀ تياري هوندي به اها رواني نه پئي ٿي ۽ پنهنجي پٽ کي ويڳاڻو ٿيندو ڏٺائين ته هڪ ڏينهن پاسيرو وٺي وڃي دل جو احوال پڇيائين. شهزادي سموري ڳالهه ڪري ٻڌايس ۽ پنهنجي پريشان حال کان پڻ واقف ڪيس. شهزادي جو پيءُ دنيا ديده شخص هو، سو ڄاڻي ويو ته سامهون واري بادشاهه ڪا اهڙي رمز رٿي آهي، جو سندس پٽ کي ضرور تڪليف ٿيندي، تنهن ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڄڄ سان وڃڻ ضروري هو. پر اها ڳالهه تني ڪيئن؟

ٻيءُ، جيئن اسان اڳواٽ ڄاڻي ورتو ته دنيا ديده ۽ سياڻو هو، تنهن پنهنجي پٽ جي ڪن ۾ هڪڙي ڳالهه چئي ۽ روانو تي ويو. شهزادي جا غم ۽ گوندر سڀ لهي ويا ۽ ڄڄ اُسهڻ جي تاريخ به مقرر تي ويئي. ڪاڌي پيتي لاءِ مال، گهوٽ ڪنوار جا ڪپڙا ۽ ڳهڻا ڳٺا ۽ ٻيو واٽ لاءِ اڪيچار سامان ڪٺو هو، تنهن لاءِ انيڪ صندوقون ۽ پيتيون تيار تي ويون، جيڪي ڪنين تار پري، اُتن ۽ گهوڙن تي ٻڌيون ويون. انهن پيتين ۾ به تمام وڏيون پيتيون به هيون، جنهن ۾ شهزادي جي ماءُ ۽ ٻيءُ کي وهاريو ويو ۽ ائين ڪنهن کي به ڪل ڪانه پيئي ته هو به ڄڄ سان گڏ آهن. اهو تمام لڪل راز رکيو ويو.

ڪجهه ڏينهن پڄاڻا ڄڄ اچي بادشاهه جي تختگاهه ۾ پهتي ۽ شهر جي ٻاهران اچي خيما کوڙيائون. شهزادي بادشاهه کي پنهنجي خاص ماڻهوءَ هٿان پيغام موڪليو ته هو شهر ۾ پهچي چڪا آهن. بادشاهه پنهنجن خاص اميرن، وزيرن سان گڏجي انهيءَ هنڌ آيو، جتي شهزادي جي ڄڄ اچي ڏاهو ڪيو هو. بادشاهه جي دل ۾ هورا کورا هئي ته ڏسان ته جوان منهنجي پهرين شرط کي پاڙيو آهي يا نه. ڄاڃين سان ملي ڏاڍو خوش ٿيو ڇاڪاڻ ته شهزادي ته چوندن ئي بادشاهه جي شرط مطابق ڪئي هئي، جنهن ڪري انهن مان ڪنهن هڪ جو به اچو وار ڪونه هو. بادشاهه جوان کي مخاطب ٿيندي چيو: ”جوان، مان ڏاڍو خوش آهيان جو تو منهنجو پهريون شرط پورو ڪيو آهي. هاڻي ٻيو شرط اهو آهي ته سياڻي سج اُڀرڻ کان اڳ منهنجا ماڻهو اوهان کي هڪ ٿويو چانورن جو ۽ هڪ مٽ شربت جو هر هڪ ڄاڃيءَ لاءِ ڏيئي ويندا. اوهان سڀنيءَ کي اهو سج لٿي کان اڳ کائي ۽ پي پورو ڪرڻو آهي. جيڪڏهن اوهين ان ڳالهه ۾ ڳتا ته پوءِ اوهان جو سمورو مال متاع ضبط ٿيندو ۽ پيرين اگهاڙو اوهان کي واپس گهر موٽي وڃڻو پوندو. پر اها خبرداري ڪرڻي آهي ته چانور جو هڪ به ڪڻو يا شربت جو هڪڙو به ڦڙو اوهان کي اڇلڻو نه آهي. سڀ جو سڀ پورو ڪرڻو آهي.“ ائين چئي بادشاهه پنهنجي عملي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان روانو ٿي ويو.

شهزادي پنهنجن خاص ويجهن ۽ دوستن سان صلاح مصلحت ڪئي، پر سينيءَ جا وات ڦاٽي ويا. هڪ ڏينهن جي اندر هيترا چانور ۽ هيترو شربت ڪيئن پورو ٿي سگهندو! سڀ ملول ٿي ويا. ڪوبہ رستو ڪين سمجھ ۾ نہ آيو. رات ٿي تہ جنهن تنبوءَ ۾ اهي ٻہ وڏيون پيتيون رکيل هيون، شهزادو اُتي سمهڻ جو بهانو ڪري وڃي ٻيءُ ماءُ سان صلاح ڪرڻ وينو. پٽس چيس: "پٽ، ڪوبہ فڪر نہ ڪر. چا ڪر جو هڪ وقت صرف هڪ ٿويو چانورن جو تيار ڪراءِ. پوءِ هرهڪ ڄاڃيءَ کي هڪ وقت صرف هڪڙو گرھ چانور جو کائڻ لاءِ ڏي. سچو ڏينهن ائين دهرائيندو هل. ڏٺي ڪندو تہ سڀ خير ٿي پوندو. ساڳيءَ طرح هڪ وقت صرف هڪ مٽ شربت جو کول ۽ هر هڪ ڄاڃيءَ کي هڪ وقت صرف هڪ ڍڪ پيئڻ لاءِ ڏي تہ تنهنجا سڀ ڪم راس ٿي پوندا." بس پوءِ تہ حيرت ٿي ويئي! سچو مال شام ٿيڻ کان اڳ ئي خلاص ٿي ويو ۽ ساڳئي وقت سيڪو سرهو پئي نظر آيو.

جيئن ئي سج لهڻ تي هو تہ بادشاھ وري بہ پنهنجي چونڊ اتالي سان اچي ڪئمپ پيڙو ٿيو. کيس پڪ هئي تہ شرط تہ پورو ڪونہ ٿيو هوندو ۽ اجهو ٿو پنهنجا گهوڙا ڀرائي واپس موٽي. پر ڏسڻ سان سندس طاق لڳي ويا. نڪو ڪو چانور جو داڻو ۽ نڪو ڪو شربت جو ڦڙو بچيل هو! ۽ وڏيڪ عجب جي تہ اها ڳالھ هئي جو سيئي ڄاڃي چاق چڱا ڀلا. ڪنهن تي بہ ڪو اثر ڪونہ ٿيو هو. بادشاھ ڏاڍو خوش ٿيو. جوان کي ڀاڪر ۾ وٺي چيائين: "تو برابر منهنجا شرط پورا ڪيا ۽ منهنجي ڌيءَ سان شاديءَ جو حقدار آهين. وچن موجب تنهنجي شادي شهزاديءَ سان ڌام ڌوم سان ڪئي ويندي. پر منهنجي من ۾ اڃا بہ هڪ اڻ تڻ رهجي ويئي آهي تہ ڪنهن بہ بزرگ کان سواءِ تون منهنجو ٻيو شرط ڪيئن پورو ڪري سگهئين؟ اوهان ۾ اهڙو ڪهڙو شخص آهي جو مٿي تي اچو وار نہ هوندي بہ ايڏي سياڻپ جو مالڪ هجي؟"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهزادي مشڪي ڏنو. ڪيس انهيءَ تنبوءَ ۾ وٺي آيو، جتي ٻه وڏيون پيٽيون رکيل هيون. ٻنهيءَ جا ڍڪ لاهي پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ سان سندس واقفيت ڪرايائين. بادشاهه ٻنهيءَ سان ڏاڍي محبت سان مليو ۽ کين مبارڪون ڏنائين. تورن ڏينهن ڪان پوءِ ڏاڍي شان شوڪت سان شادي ٿي گذري ۽ امانت حقدار کي ملي. شهزادو پنهنجي وني وٺي وطن وريو ۽ ڏاڍي موج مزي ۾ گذارڻ لڳو.

(سنڌي لوڪ ڪهاڻي جي اوسر جي تورن سان)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# دل جي پرک

هڪڙي شهر ۾ هڪڙو سوداگر رهندو هو، نہ ڪنهن جو لهڻو نہ ڪنهن جو ڏيڻو. سندس واپار ڏورانهن ڏيهن تائين پيو هلندو هو. ڪيس تي پٽ هئا؛ هر ڪنهن جو سياءُ پنهنجو پنهنجو.

سوداگر ڪي ملڪيت تہ چڱي هئي پر ان ڪان سواءِ وٽس هڪڙي قيمتي منڊي بہ هئي. ويا ڏينهن پنيان ڏينهن گذرندا. حياتيءَ تي ڪهڙو ڀروسو آهي. سوداگر بہ راهہ رباني وٺي هليو ويو.

پيءُ جي مرڻ پڄاڻان ٽنهي ڀائرن ڀي تہ سموري ملڪيت ورهائي ٽي حصا ڪري ڪنئي، پر منڊي هئي ئي ڪانہ. سيني چيو: "بابي جي مرڻ ڪان گهڙي ٻہ اڳ بہ منڊي هئي تہ پوءِ ويئي ڪيڏانهن؟" هرڪو هڪ ٻئي تي شڪ آڻڻ لڳو، پر ڪير ڪنهن کي ڪيئن پڪڙي! نيٺ ويا قاضيءَ وٽ، چئي: "اسان جي بابي وٽ هڪڙي قيمتي منڊي هوندي هئي، پر پوءِ الائي ڪيڏانهن گم ٿي ويئي. هاڻ اسان ٽنهيءَ جو هڪ ٻئي ۾ گمان آهي. هرڪو سمجهي ٿو تہ اسان ٽنهي مان ئي ڪنهن ڪنئي آهي، ان جي نبيري لاءِ اسان توهان وٽ آيا آهيون."

قاضي ٽنهي ڀائرن جي گفتگو ٻڌي، گهڙي ڪن تہ چپ رهيو. پوءِ ڪين مشڪي چيائين: "نوجوانو! اڄ رات جي ماني توهان مون وٽ کائو، پوءِ ويهي پاڻ ۾ ڳالهيون بہ ڪنداسين تہ توهان جي مشڪلات جو نبيرو بہ ڪيو ويندو."

ٽنهي ڀائرن اها ڳالهہ خوشيءَ سان قبول ڪئي. رات ٿي. هي ٽيئي ڀائر ۽ چوٿون قاضي ويٺا ماني کائڻ. ڳالهين ڪندي قاضيءَ

چيو: ”ھڪ مسئلو اچي بيٺو آھي، تنھن ڪري ڏاڍو منجھائي وڌو آھي.“

تنھي ڀائرن چيو: ”قاضي صاحب اھڙي ڪھڙي ڳالھ آھي، جنھن توھان جھڙي قابل شخص کي ڪنڪي ۾ وڌو آھي. ٻڌايو، ٿي سگھي ٿو تہ اسان توھان جي ڪا مدد ڪري سگھون.“

قاضيءَ پوءِ ڳالھ ھن ريت شروع ڪئي:

ھڪڙي نينگري، جھڙي ھئي سونھن ۾ سويياوان تھڙي ئي ھئي ھلت چلت جي ناھوڪي. سندس ڪنھن سان نينھن ھو. روز ھي ٻہ محبتي پيا پاڻ ۾ گڏبا ھئا، پريت جون رھاڻيون ڪندا ھئا ۽ ائين ڏينھن پنيان ھفتا، ھفتن پنيان مھينا ويا گذرندا. ڇوڪريءَ جي مائٽن سندس مڱڻي ٻئي ھنڌ ڪرائي ڇڏي.

ڇوڪري ڀلا مائٽن کي ڇا چوي؟ ۽ وڃي بہ تہ وڃي ڪيڏانھن؟ نيٺ روئي پنھنجي ڏک جو داستان پنھنجي سنگتيءَ سان ڪيائين. سندس سنگتيءَ گھڻو ئي ويچار ڪيو، پر ڪا بہ راھ نظر نہ آيس، تڏھن ڪيس چيائين، ”جڏھن شادي ڪرين تڏھن سھاڳ جي سيج تي ويھڻ کان اڳ مون سان فلاڻي ھنڌ ملجانءِ. بس توکان مان آخري طور اھوئي ٿو گھران.“

ڇوڪريءَ کيس پڪ ڏني تہ ھوءَ سندس چوڻ مطابق ھلندي ۽ سيج تي ويھڻ کان اڳ ھن سان گڏبي.

ڪجھ ڏينھن بعد ڇوڪريءَ جي شادي ٿي وئي. ڄڃ واپس گھر پھتي ۽ ڇوڪريءَ کي سيج واريءَ ڪوٺيءَ ڏانھن موڪليو ويو. ڇوڪري ڳتيءَ ۾ ھئي تہ ھاڻ ڪھڙيءَ طرح نڪري جو ھوءَ پنھنجي سنگتيءَ سان گڏجي. ان ڳتيءَ ۾ ھوءَ ڪوٺيءَ جي ڀت کي ٽيڪ ڏيئي ھڪڙي ڪنڊ ۾ ئي ويھي رھي.

ايتري ۾ سندس مڙس در کولي اندر آيو. ھو پنھنجي نو ورنيءَ کي سيج تي نہ پر پٽ تي ھڪ ڪنڊ ۾ وينو ڏسي، عجب ۾ پئجي ويو. ھن پنھنجي نئين ڪنوار کان ائين ھڪ ڪنڊ ۾ ويھڻ جو سبب پڇندي چيو: ”شايد مان توکي پسند نہ آھيان، تنھن ڪري تون ناخوش آھين؟ مان توسان وھانءُ ڪري تنھنجي دل کي ڏک پھچايو آھي...“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهن تي ڇوڪريءَ چيو: ”منهنجي مائٽن جيڪو مون کي گهوٽ وٺي ڏنو سو منهنجي اکين تي آهي. اها ڇوڪري ڪهڙي، جا مائٽن جي مرضيءَ جي ابتڙ وڃي. مائٽ پنهنجي ڌيءَ جا دشمن ته ڪونه هوندا آهن. هو جيڪي به ڪن ٿا، سندس ئي ڀلي لاءِ. پر شاديءَ کان اڳ منهنجو ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو رستو هڪ ٻئي سان هو. شاديءَ کان اڳ هن مون کان انجام ورتو هو ته شاديءَ بعد سيج تي ويهڻ کان اڳ مون سان ملجانءِ. سو مان ان ئي ڳڻتيءَ ۾ آهيان ته توهان هن سان ڳڏجڻ لاءِ موڪل ڏيندا الائي نه. دل ۾ الائي ڇا سوچيندا!“

”بس ڳالهه به اها! تون ڀلي وڃ، پنهنجي اڳئين پريتم سان ڳڏجي اچ. مون کي تنهنجي سچائيءَ تي پورو ڀروسو آهي،“ گهوٽ مسڪرائيندي پنهنجي ڪنوار کي زمين تان اُٿاريندي چيو.

ڇوڪري انهن ئي ڪپڙن ۽ ڳهڻ ڳٺن ۾ پنهنجي سنگتيءَ سان ملڻ لاءِ اڌ رات جو رواني ٿي. رات اونداهي هئي. هوءَ به ٻتي ڪٽي ان جي سوجهري ۾ اڳتي پنهنجي سنگتيءَ سان ڳڏجڻ لاءِ هلندي رهي. اجا اڌ پنڌ مس ڪيائين ته رستي تي هڪ چور ڳڏيس.

هڪل ڪري چيائينس: ”بيهه!“

ڇوڪري ويچاري بيهي رهي. چور چيس ته: ”اهي ڳهه ڳٺا لاهي ڏي.“

ڇوڪريءَ تنهن تي نيزاري ڪري چيس: ”مان هن وقت پنهنجي پياري سان ڳڏجڻ ٿي وڃان. مون اڄ ئي شادي ڪئي آهي. هيءُ ڏس، وهانءَ جو وڳو اجا سوڌو پاتل اٿم. منهنجي يار مون کان انجام ورتو هو ته شادي ڪرڻ کان پوءِ، سيج تي ويهڻ کان اڳ مان ساڻس ڳڏجان. سو وڃان ٿي اوڏانهن. اڳ ئي دير ٿي ويئي اٿم، سو موڪل ڏي ته متان وڌيڪ نه دير ٿئي ۽ منهنجو پيارو انتظار ڪندي ڪندي هليو نه وڃي. باقي اها خاطري ٿي ڏيانءِ ته اتان موٽندي، توکي هي سڀ زيور لاهي ڏينديس.“

”توکي، تنهنجي گهوٽ، سنگتيءَ سان گڏجڻ لاءِ موڪل ڏني؟“ چور عجب مان پڇيو.

”ها، هن جو مون تي پورو ڀروسو آهي. مون کيس سموري ڳالهه ٻڌائي آهي،“ ڇوڪريءَ چيو.

”ڀاڳ واري آهين تون ۽ تنهنجو گهوٽ. مون کي زيور نه گهرجن ۽ نه ٻيو ڪجهه. مون کي پنهنجو سڄڻ ئي سمجهه، تون ڀل وڃ، ڪنهن به ڳالهه جو فڪر نه ڪر“، چور شرمساريءَ وچان چيو.

ڇوڪري اتان تي اڳتي هلي، اچي مقرر هنڌ تي پنهنجي پرينءَ سان ملي. ڇوڪرو ڇوڪريءَ کي ڏسي عجب ۾ پئجي ويو. چيئي:

”مون نٿي سمجهيو ته ڪو تون ايندينءَ.“

”انجام جو ڏنو هوم.“

”جذبات وس ٿي اهڙا انجام ڪيئين ڏبا آهن، پر پوءِ حالتن هيٺ مجبور ٿي، اهي انجام پاڙڻ مشڪل ٿي پوندا آهن. مون تو بابت به ائين ئي سمجهيو هو.“

”پنج ئي آڱريون برابر نه آهن.“

”پر توکي گهوٽ موڪل ڪيئن ڏني...؟ يا تون بنا موڪلائي هلي آئي آهين؟“ ڇوڪري اُتاوليءَ مان پڇيو.

”مان بنا موڪلائي ڪونه آئي آهيان. مان پنهنجي مڙس کي سموريءَ ڳالهه کان واقف ڪري، کانئس موڪلائي آئي آهيان“، ڇوڪريءَ مشڪندي چيو.

”هان! توکي تنهنجي مڙس موڪل ڏني؟ ڀلا رستي ۾ هيڏي اونده ۾ ڪوبه ڊپ ڪونه ٿيئي؟“

”نه، هڪڙو سو چور گڏيو هو، جنهن ڳهه ڳهڻا ٿي ڦريا. پر منهنجي سموري ڳالهه ٻڌڻ بعد مون کي پنهنجي ڀيڻ بڻايائين.“

”واهه! واهه! شاباس آهي، تنهنجي گهوٽ کي ۽ واڌايون آهن چور کي. عظيم آهين تون. چئبو ته مان اهڙو نيچ ٿيندس جو ڪا اهڙي تهڙي هلت هلندس. تون منهنجي به اڄ کان وني ڀيڻ آهين. هاڻ جلد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واپس گھوٽ وٽ وڃ.“ ائين چئي ڇوڪرو پنيان موٽي ويو ۽ ڇوڪري گھوٽ ڏانهن هلي آئي.

”هاڻ توهان ٻڌايو ته انهن گھوٽ، چور ۽ سنگتيءَ مان ڪنهن جو درجو وڏو آهي؟“ قاضي ڳالھ پوري ڪري پڇيو.

هڪ ڀاءُ چيو: ”وڏو درجو گھوٽ جو آهي، جنهن دل ۾ پنهنجي ڪنوار لاءِ ڪو غير نه آڻي، مٿس ڀروسو رکي ڪيس سندس سنگتيءَ سان گڏجڻ جي موڪل ڏني.“

”منهنجي خيال موجب وڏو درجو ڇوڪريءَ جي ان دوست جو آهي جنهن اونده ۾ اڪيلائپ جي موقعي جو ڪو فائدو نه وٺي ڪنوار کي ائين ئي گھر ڏانهن واپس وڃڻ ڏنو،“ ٻئي ڀاءُ چيو.

”نه، وڏي ۾ وڏو درجو چور جو آهي، جنهن هيڏا سارا قيمتي زيور ڇڏي ڏنا،“ ٽئين ڀاءُ چيو.

قاضيءَ ٽنهي ڀائرن جا رايا ٻڌي چيو: ”وڏو ڪير؟ ان بابت الڳ الڳ رايا ٿي سگھن ٿا. پر توهان جي پيءُ جي منڊي توهان جي ننڍي ڀاءُ جنهن چور کي ئي وڏو درجو ڏنو آهي، تنهن ئي ڪنئي آهي، ان ۾ ڪي به جدا جدا رايا ٿي نٿا سگھن.“

ٽئين ڀاءُ ڪنڌ هيٺ ڪري چيو: ”برابر منڊي مون ئي ڪنئي آهي.“

پوءِ ٽيئي ڀائر قاضيءَ جي سياڻپ ڏسي ڪيس داد ڏيندا وڃي آرامي ٿيا.

(سنڌي لوڪ ڪھاڻي جي اوسر جي ٿورن سان)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بخت جي بازي

ڪنهن شهر ۾ هڪڙو فقير رهندو هو، جو صدا اها هڻندو هو ته: 'الله جي واٽ ماني ڪارايو ۽ پنهنجو گهر ڦٽايو!' ماڻهو هن جي صدا تي ڌيان ئي ڪونه ڏيندا هئا، چئي: 'ڪنهن کي ڪُتيءَ ڪنيو آهي جو هڪڙو ماني ڪارائي ۽ ٻيو وري پنهنجي لاءِ مصيبت وهائي.'

هڪڙي ڏينهن دستور موجب، فقير صدا هنئين ته هڪڙي شخص سڏ ڪري چيس ته: "فقير سائين! الله جي ناءَ تان گهر ته ڇهيو پر سر به قربان آهي، اچ ته آئون توکي ماني ڪارايان." فقير جواب ۾ چيس ته: "بابا! سوچ ويچار ڪري پوءِ مون کي ماني کاراءِ. ڇاڪاڻ ته مون کي ماني کارائڻ سان سچ پچ تنهنجو گهر برباد ٿي ويندو." ان شخص وراڻي ڏنس ته: "فقير سائين! جيئن الله جي مرضي هوندي تيئن اوس ٿيندو، تون منهنجي اون لاهي ڇڏ." ٿوري ريڙهه پيڙهه کان پوءِ فقير سائنس گڏجي هليو ۽ وڃي پنهنجي اوطاق ۾ ويهاريائينس.

انهي شخص گهر مان ماني تيار ڪرائي، آڻي فقير جي اڳيان رکي. فقير جيئن ئي ٻهريون گرنهه ڪنيو، ته گهر مان روئڻ جو آواز آيو. شخص ڊوڙي گهر وڃي ڏسي ته وڏو پٽ مئو پيو آهي. خدا جو شڪر بجا آڻي، هن شخص صبر ڪيو ۽ ماٺ ڪري اچي فقير کي ماني کائڻ لاءِ چيائين. فقير اجا ٻيو گرنهه ڪنيو ته خبر مليس ته ٻيو پٽ به گذاري ويو. هن شخص وري به خدا جو شڪر ادا ڪري چيو ته جي خدا جي مرضي اها آهي ته سندس نيڪ ٻانهن جي خدمت ڪرڻ وارن جو گهر ڦٽي وڃي ته صدقي ٿياسين ڏٺيءَ جي نالي تان! ايئن چئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري بہ فقير کي ماني کائڻ لاءِ چيائين. فقير اچا تيون گرنهہ ڪنيو تہ تيون پٽ بہ وڃي ڏٽيءَ جو ٿيو. اهڙيءَ طرح سندس پٽ، زال ۽ ٻيا مٽ مائٽ سڀ مري ويا. فقير بہ مزي سان ماني کائي ڍؤ ڪيو. هلندي مهل فقير کيس چئي ويو تہ: 'جيڪڏهن مون ۾ ڪو ڪم پويئي تہ آئون هن بادشاهي کان ٻاهر، هڪڙي جبل تي رهان ٿو، اتي هليو اچج.' فقير جي وڃڻ کان پوءِ هو غريب شخص پنهنجي پٽن، زال ۽ مائٽن کي دفن ڪرائي وڃي پنهنجي ڌنڌي سان لڳو.

ڪجهہ وقت گذرڻ بعد، هڪڙي ڏينهن هن خيال ڪيو تہ ڇو نہ فقير وٽان ٿي اچان! سو نهي جڙي فقير جي ڏنل ڏس موجب اوڏانهن روانو ٿيو. ڪن ڏينهن جي پنڌ کان پوءِ اچي هڪڙي جبل تي پهتو. ڇا ڏسي تہ برابر ساڳيو فقير هڪڙي جهوپڙي اڏيو ويٺو آهي، پر سندس چوڌاري نانگن جو لوڙهو ايو پيو آهي! پريان بيهي فقير کي سڏ ڪيائين، جنهن ڪنڌ مٿي ڪٽي کيس ڏٺو ۽ سڃاتائين تہ برابر هي اهو ساڳيو شخص آهي جنهن مون کي ماني کارائي هئي، سو چيائينس تہ: "بسم الله چئي نانگن جو لوڙهو لتاڙي هليو اءُ." هيءُ بہ بسم الله چئي نانگن تان اڪري هن پر ويو. فقير ڀاڪر پائي ساڻس مليو ۽ خبرن چارن کان پوءِ، غريب شخص فقير جو مهمان ٿي اتي رهي پيو ۽ هن جي خدمت ڪرڻ لڳو.

ٿورن گهڻن ڏينهن کان پوءِ هو شخص، فقير کان موڪلائي وطن ورڻ جي تياري ڪرڻ لڳو. موڪلائڻ مهل فقير کيس رسو، ديگڙو ۽ نقش ڏنو ۽ انهن ٽنهي شين جا گڻ ٻڌايائينس تہ: "هيءَ رسو ڪنهن بہ اونهي کڏ يا اوچي جاءِ تي اجلائڻ سان ڏاڪڻ بنجي ويندو. ديگڙي ۾ وري هيءَ خاصيت آهي، جو آڌي مانجهي جنهن بہ مهل طعام جي گهرج ٿئي، تہ ديگڙو حڪم ملڻ سان اچي حاضر ڪندو ۽ نقش ۾ وري هيءُ خوبي آهي تہ، پٽ تي وڇائڻ سان يڪدم محلات جڙي ويندو." غريب شخص اهي سوکڙيون وٺي، فقير جا ٿورا مڃي پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿيو.

اهو شخص هلندي هلندي اچي هڪڙي کوهہ وٽ پهتو. تڪجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيو هو ۽ بڪ بہ لڳي هئس، تنهن ڪري خيال ڪيائين تہ چو نہ هتي ئي ڪوهہ جي ڪپ تي گهڙي ڪن آرام ڪجي. تنهن کان سواءِ فقير کان مليل شيون بہ آزمائيون هئس، سو جهاتي وجهي ڪوهہ ۾ ڏٺائين. جان ڪٿي ڏسي تہ ماڻهو، شينهن ۽ نانگ ڪوهہ ۾ پيا آهن! ڪوهہ تمام اونهو هو، تنهن ڪري ٻاهر نڪري نٿي سگهيا. ڪوهہ ۾ پيل ماڻهو کيس ڪوهہ مان ٻاهر ڪڍڻ لاءِ منٿ ڪئي. هن غريب شخص قياس ڪري، فقير کان مليل رسو ڪٿي ڪوهہ ۾ ڇڏيو تہ ڏاڪڻ بنجي ويئي، جنهن تان نانگ، شينهن ۽ ماڻهو چڙهي ٻاهر نڪري آيا ۽ هن جا شڪرانا مڃيندا، شينهن ۽ ماڻهو پنهنجي راهہ وٺي روانا ٿي ويا. باقي نانگ هن جي پويان لڳي پيو، چئي: 'سائين! تون حياتي ڏني آهي، هاڻي توسان ئي هلندس.' هن شخص چيس تہ: "تون نانگ، آئون انسان، ڪٿي مون کي نقصان نہ پهچائين!" پر نانگ چيو تہ: 'مون تي ڀروسو ڪر، آئون اهڙو گڻ چور نہ آهيان جو پنهنجي جان بچائيندڙ کي نقصان رسايان.' اتي هن شخص کي خاطري ٿي ۽ نانگ کي پاڻ سان گڏ هلڻ جي موڪل ڏنائين.

غريب شخص نانگ سميت اچي پنهنجي ڳوٺ ۾ پهتو. سج لهڻ جي مهل هئي ۽ بڪ بہ اچي لڳي هئس، سو ديڳڙي جو منهن کولي چيائينس تہ: "اسان لاءِ ڪاڏو تيار ٿئي!" بس رڳو چوڻ جي دير هئي، گهڙي ڪن ۾ تمام مزيدار ڪاڏو تيار ٿي ويو، جو ٻنهي ڄڻن کائي ڍؤ ڪيو. وري نقش کي وڇائي حڪم ڏنائين تہ: "هڪڙي عاليشان جاءِ ڪپي!" اک ڇنڀ ۾ هڪڙو عاليشان محلات تيار ٿي ويو، جنهن ۾ هنن آرام سان رات گذاري. صبح جو ماڻهن جڏهن هڪڙو عاليشان محلات ڏٺو، جتي سج پئي واڪا ڪيا، تڏهن هنن هڪدم وڃي بادشاهہ کي ٻڌايو. بادشاهہ حيرت ۾ پئجي ويو تہ، رات وچ ۾ ڪيئن محلات ٺهي ويو! سو وزير سان گڏجي محلات کي ڏسڻ لاءِ اُتي آيو. انهيءَ وچ ۾ هن شخص محلات کي گم ڪري نقش ڪٿي کيسي ۾ وجهي ڇڏيو. بادشاهہ جي اچڻ تي ساڳيو ميدان لڳو پيو هو. پوءِ اهو شخص نانگ کي وٺي اچي پنهنجي گهر ۾ پهتو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪڙي ڏينهن نانگ هن کي چيو ته: ’تون تمام نيڪ ماڻهو آهين، منهنجي حياتي به بچايئي ۽ خدمت به ڪئي اٿئي تنهن ڪري منهنجي مرضي آهي ته توکي ان جي عيوض هتي جي شهزادي سان شادي ڪرايان.‘ شخص چيس ته: ”سو وري ڪيئن؟“ نانگ ٻڌايس ته، ’سو هن طرح جو سڀاڻي آئون شهزاديءَ کي چڪ هڻندس پوءِ بادشاهه شهر جا سڀ حڪيم طبيب گهرائيندو، پر اهي هن کي چڱو ڀلو نه ڪري سگهندا. آئون توکي پنهنجي مڻ ڏيئي ٿو ڇڏيان، سا کڻي تون اوڏانهن وڃجانءِ ۽ وڃي چڪ واري جاءِ تي هڻج، پوءِ ويٺو رنگ ڏس.‘

صبح جو نانگ هن کان موڪلائي سڌو بادشاهه جي محلات ڏي رخ رکيو. محلات ۾ وڃي شهزاديءَ جي ڪوٺيءَ ۾ لڪي ويهي رهيو. ڪا مهل ٿي ته شهزادي به ننڊ مان سجاڳ ٿي، جيئن ئي پلنگ تان هيٺ لٿي تيئن نانگ ڏنگي رکيس. شهزادي دانهن ڪري ڪري پيئي. گهڙيءَ ۾ سڄي محلات ۾ ماتم مچي ويو. ملڪ جا حڪيم طبيب اچي گڏ ٿيا، پر شهزاديءَ کي ڪوبه فائدو ڪونه پهتو. آخرڪار بادشاهه شهر ۾ پڙهو ڏياريو ته ’شهزاديءَ کي جيڪو ماڻهو چڱو ڀلو ڪندو، ان کي شهزاديءَ جو سڱ ۽ اڌ بادشاهي ملندي.‘ هي غريب شخص به پڙهو ٻڌي مڻ کڻي سڌو محل ۾ اچي پهتو ۽ ٻڌايائين ته: ”آئون شهزاديءَ جو علاج ڪندس.“ سڀ حڪيم طبيب هن تان کلڻ لڳا ته اسان جا علاج هليا باقي هن گودڙيي فقير جو علاج هلندو. بادشاهه کان اجازت وٺي غريب شخص پنهنجي کيسي مان مڻ ڪڍي ڏنگ لڳل جاءِ تي رکي، ٿوريءَ دير ۾ مڻ زهر سڀ چوسي ورتو. شهزادي ڪر موڙي اٿي ڪڙي ٿي، جڻ ڪيس ڪجهه ٿيو ئي ڪونه هو. بس پوءِ ته سڄي محلات ۾ خوشيون ٿي ويون. شهزاديءَ جي چڱڀلائي تي خير خيراتون ٿيڻ لڳيون. بادشاهه به پنهنجو واعدو پورو ڪيو ۽ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ غريب شخص ۽ شهزاديءَ جي شادي ڌام ڌوم سان ٿي. ٿورن ڏينهن کان پوءِ تخت تاج به هن جي حوالي ٿيو.

(سنڌي لوڪ ڪهاڻي جي اوسر جي ٿورن سان)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سياڻو بادشاهه

هڪڙو شخص هو، جنهن وٽ بيشمار ڌن دولت هئي. هن کي چار پٽ هئا. هڪڙي ڀيري اهو شخص بيمار ٿي پيو. گهڻائي علاج ڪرايائين پر فائدو بنهه ڪونه ٿيس. جڏهن بچڻ محال ڏٺائين، تڏهن خيال ٿيس ته مون وٽ جيڪا به ملڪيت آهي، سا هينئر ئي ڇوڪرن ۾ ورهائي ڇڏيان، متان منهنجي مرڻ کان پوءِ پاڻ ۾ وڙهي بچڙا نه ٿين. اهو ويچار ڪري هن چار ديڳڙا گهرايا، پوءِ پنهنجي ملڪيت جا حصا ڪيائين... ڪجهه هڪڙي ۾، ڪجهه ٻئي ۾. اهڙيءَ طرح چئن ئي ديڳڙن ۾ ڪجهه نه ڪجهه وجهي، چارئي ديڳڙا جدا جدا پنهنجي کٽ جي چئن پاون هيٺان پورائي ڇڏيائين.

جڏهن سڪرات جو وقت آيس، تڏهن چئن ئي پٽن کي سڏائي چيائين ته: "بابا! ڌن دولت اهڙي شيءِ آهي، جنهن تان هميشه خون خرابا ٿيندا آهن. مون پنهنجي سموري ملڪيت چئن ڀاڱن ۾ ورهائي آهي ۽ چارئي حصا الڳ الڳ پنهنجي کٽ جي چئن پاون هيٺان پورائي ڇڏيا آهن. مون لاءِ چارئي اکين جي تارن جيان آهيو. پنهنجي ملڪيت جو مون ڪوبه حصو گهٽ وڌ ڪونه ڪيو آهي. تنهن ڪري اوهان مان هر هڪ، منهنجي روبرو، کٽ جو هڪ هڪ پائو، پنهنجو پنهنجو ڪري ڇڏي. منهنجي مرڻ کان پوءِ ان جي هيٺان جو ڪجهه پوريل هجي، سو کوٽي کڻي." ڇوڪرن پنهنجي پيءُ جي اها ڳالهه قبول ڪئي ۽ پڪا وجهي. هر هڪ پنهنجو پنهنجو پائو مقرر ڪري ڇڏيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن شاهوڪار مئو، تڏهن ڇئن ئي ڀائرن ڪٺ جي پنهنجي پنهنجي پائي هيٺان زمين کوٽي، ڏن جا ديڳڙا ٻاهر ڪڍيا. ڇا ڏسن ته هڪڙي ديڳڙي ۾ هيرا جواهر رکيا آهن، ٻيو سون سان ڏٽيو پيو آهي ۽ ٽئين ۽ چوٿين ۾ ڪجھ به ڪونهي. هڪڙي ۾ رڳو ٻڪ مٽيءَ جو پيو آهي ۽ ٻئي ۾ ٻه چار سڪل هڏيون رکيون آهن! جن ڇوڪرن کي هيرن جواهرن ۽ سون چانديءَ جا ديڳڙا هٿ آيا، اهي ته ڏاڍا خوش ٿيا، باقي ٻن ڇوڪرن کي، جو مٽيءَ ۽ هڏن جا ديڳڙا مليا، سو سخت ناراض ٿيا. ڀائرن کي چيائون ته: ”هن ڌوڙ ۽ هڏين کي ڇا ڪنداسين! اسين اصل ملڪيت مان ضرور حصو وٺنداسين.“ انهيءَ تي هنن چيو ته: ”بابو هٿن سان ملڪيت ورهائي ويو، توهان پاڻ اها ملڪيت قبول ڪئي هئي ۽ پنهنجي خوشيءَ پنهنجا پاوا مقرر ڪيا هاڻي ڇا ٿيندو؟“ آخر هنن جو تڪرار وڌڻ لڳو ۽ ڳالھ ڇئن ڄڻن تائين ويئي، پر ڇڳا به ڪنهن فيصلي تي پهچي نه سگهيا؛ چيائون ته ”ان ۾ ڪو راز رکيل آهي، تنهن ڪري ڪنهن ڏاهي ماڻهوءَ کان نياءُ ڪرايو.“ سيئي ڀائر ان تي راضي ٿيا. ڪنهن ڏاهي ماڻهوءَ جي ڳولها ڪيائون، پر ڪوبه ڏاهو ماڻهو ڪونه ملي سگهين، جو ڪو نبيرو ڪري سگهي، تڏهن لاچار چارئي گڏجي ملڪ جي بادشاھ وٽ انصاف لاءِ ويا.

جڏهن بادشاھ جي شهر کي ويجهو پهتا ته ريان شهزادو گهوڙي تي ايندو ڏسڻ ۾ آين. هنن اڳتي وڌي، شهزادي کان بادشاھ جي پڇا ڪئي، جنهن چيو ته: ”بادشاھ وينو ته آهي، پر ڇريو ٿيو وينو اهي!“ اها ڳالھ ٻڌي، هنن سينيءَ کي عجب لڳو. خيال ڪيائون ته موتي هلون، پر وري رڙهي اڳتي ويا ۽ وڃي محلات وٽ پهتا. اتي هنن کي شهزادي ملي، جنهن ٻڌاين ته: ”بادشاھ وينو ته آهي، پر اندو ٿيو وينو آهي!“ ان ڳالھ به هنن ڀائرن کي عجب ۾ وجهي ڇڏيو. خيال ڪيائون ته ڪو مڙيوئي راز آهي. اڃا ڪجھ اڳيرو وڌيا، ته راڻي دريءَ کان بيٺي هئي. پڇا ڪرڻ تي راڻيءَ ٻڌاين ته: ”ٻارهن مهينا ٿيا، جو گذاري ويو!“ راڻيءَ جي جواب ته هنن کي ويتر منجهائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڏيو. نيٺ گهڻي پڇا ڳاڇا مان معلوم ٿين ته بادشاه سلامت واقعي موجود آهي. هي چارئي ڀائر پوءِ بادشاه جي دربار ۾ پهچي ويا ۽ بادشاه کي فيصلي لاءِ عرض ڪيائون.

بادشاه هنن جي ڳالھ ٻڌي، پهرين ته ڪجھ خيال ۾ پئجي ويو، پر پوءِ ڳجهارت کي سلي چيائين ته: "اوهان جو پيءُ بلڪل پورو فيصلو ڪري ويو آهي. هيرن جواهرن وارو ڀلي هيرا جواهر کڻي ۽ سون وارو سون کڻي، باقي جنهن کي مٽيءَ جو ديڳڙو مليو آهي، سو پيءُ جي زمين سنڀالي ۽ جنهن کي هڏيون هٿ آيون آهن، سو چوپائي مال جو مالڪ ٿئي." بادشاه جو اهو فيصلو ٻڌي، چارئي ڀائر ڏاڍو خوش ٿيا ۽ بادشاه جا لکين شڪرانا بجا آندائون. پر وڃڻ وقت بادشاه کي عرض ڪيائون ته: "بادشاه سلامت! جي اجازت ملي ته هڪ ٻيو به عرض پيش ڪريون؟" بادشاه هنن کي موڪل ڏني، هنن مان هڪڙي ادب سان عرض ڪيو ته: "جيئندا قبلا! اسين جڏهن حضور جن ڏانهن پئي آياسين، تڏهن پهريائين شهزادو گڏيوسون، جنهن چيو ته "بادشاه وينو ته آهي، پر چريو ٿيو وينو آهي!" وري ڪجھ اڳيرو آياسون ته شهزادي ملي جنهن ٻڌايو ته "بادشاه وينو آهي، پر انڌو ٿيو وينو آهي!" اڃا اڳتي آياسين، ته راڻي ملي، جنهن چيو ته "ٻارهن مهينا ٿيندا، جو بادشاه گذاري ويو!" پر جڏهن اسين هت پهتاسون، ته ڏٺوسين ته سائينءَ جن سلامت وينا آهن! آخر هنن جي اهڙين ڳالهين ڪرڻ جو ڪهڙو مطلب هو؟"

انهيءَ تي بادشاه چيو ته: "انهن ٽنهي سچ چيو، پر اوهان هنن جي ڳالھ نه سمجهي. شهزادي، جي چيو ته بادشاه چريو ٿيو وينو آهي، ان جو مطلب هيءُ هو ته آءٌ اڃان هن جي شادي ڪرڻ نٿو گهران، چاهيان ٿو ته ڀلي پڙهي ۽ زياده علم حاصل ڪري ته پوءِ شادي ڪرايانس؛ پر شهزادو سمجهي ٿو ته آءٌ بالغ ٿيو آهيان، ته به بابو شادي نٿو ڪرائي. شايد سمجهي نٿو، تنهنڪري چريو آهي. شهزاديءَ، جو چيو ته بادشاه انڌو ٿيو وينو آهي، اُن جو مطلب هيءُ هو ته شهزادي سمجهي ٿي ته آءٌ سورهن سالن جي اچي ٿي آهيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بادشاهه مون کي روز ڏسي ٿو، پر اُن هوندي به منهنجي شادي نٿو ڪرائي! حقيقت ۾ مونکي ڪو اهڙو لائق ور ۽ گهر نٿو سجهي، جو شهزاديءَ کي پرٽايان تنهنڪري سمجهي ٿي بادشاهه انڌو آهي. وري راڻيءَ جو چيو ته ”بادشاهه ٻارهن مهينا اڳ مري ويو“ تنهنجو مطلب هيءُ آهي ته اڄ برابر ٻارهن مهينا ٿيا آهن، جو بادشاهي ڪمن جي ترپيڙ ڪري، آءٌ هڪ ساعت لاءِ به راڻيءَ سان ملاقات نه ڪري سگهيو آهيان، تنهنڪري هوءَ سمجهي ٿي ته ”بادشاهه مري ويو آهي.“

اها ڳالهه ٻڌي ۽ پنهنجو انصاف ٿيندو ڏسي، اهي چارئي ڀائر بادشاهه جي عقل ۽ دانائيءَ جي ساراهه ڪرڻ لڳا ۽ دعائون ڪندا، اچي گهر پهتا. پوءِ پاڻ ۾ ميٺ محبت سان گذارڻ لڳا.

(سنڌي لوڪ ڪهاڻي جي اوسر جي ٿورن سان)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڏاهو ٻڪرار

ڪنهن ملڪ تي هڪڙي راڻي راڄ ڪندي هئي. سندس سونهن جي ملڪان ملڪ هاڪ هئي. وري عقل جي اهڙي اڪابر هئي، جو ساڻس ڪوبہ ڳالهائي نہ سگهندو هو. هڪڙي ڏينهن هڪڙيءَ دل گهريءَ ٻانهيءَ چيس تہ: "راڻي! هاڻي شادي ڪر." راڻي ٻانهيءَ جي ڳالهہ ٻڌي چيو تہ: "چئين سچ ٿي، پر آءٌ شادي انهيءَ ماڻهوءَ سان ڪنديس، جيڪو مون جهڙو سياڻو ۽ عقل ۾ اڪابر هوندو. تنهن ڪري هاڻي هيئن ڪر جو سڄي ملڪ ۾ پڙهو گهماراءِ تہ راڻي انهيءَ ماڻهوءَ سان شادي ڪندي، جيڪو ڪيس اهڙي ڳجهارت ڏئي جا هوءَ ڀڃي نہ سگهي. پر جي راڻي ڳجهارت سلي تہ پوءِ ڳجهارت ڏيندڙ کي ڪاٺ ۾ وجهرائبو."

رڳو حڪم جي دير هُئي، سڄي ملڪ ۾ پڙهو گهمي ويو. ڪيترائي ماڻهو اچي گڏ ٿيا، پر راڻيءَ کي جيڪا ڳجهارت ملي سا هڪڙي ئي ڌڪ ۾ ڀڳي پئي هجي. اهڙيءَ طرح ڪيترائي ماڻهو وڃي ڪاٺ ۾ پيا.

انهن ڏينهن هڪڙو ڪتي، ڪنهن ويجهيءَ چڪ ۾ رهندو هو؛ نہ ڪا سندس شادي ٿيل هئي ۽ نہ ئي ڪي ٻيا مائٽ هئس. اڪيلو پيو ويچارو وقت گذاريندو هو. سو هڪڙي ڏينهن انهي اڪيلائيءَ کان ڪڪ ٿي خيال ڪيائين تہ، چونہ وڃي انهيءَ راڻيءَ کي ڪا پرولي ڏجي. جي نہ سليائين تہ سڀ سهنج ٿي پوندا، شادي ڪري بادشاهي وٺي ويهي الوليون ڪبيون، جي نہ تہ پوءِ ترنگ ۾ دال ماني تہ مفت ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پئي ملندي؛ ھن وات ھٿ جي جھيڙي ڪان تہ پاند پالھا ٿيندا. اھو خيال ڪري، مڙس سھي سنيري شھر ڏانھن روانو ٿيو. ھلندي ھلندي وات تي ھڪڙو ٻيو ھمراھ مليس. ھڪٻئي سان حالي احوالي ٿيا. ڪتيءَ سڄي ڳالھ ڪري ٻڌايس. مڄاڻ اھو سائينءَ جو سنواريو وري ھن ڪان بہ ڪو ٻہ رتيون ڪٺر ھو. تنھن بہ چيو تہ: "ادا! ھاڻي پنھنجو گس بہ اھو آھي، پوءِ ڪٿن ڀاڳ." سو اڳ ھو ھڪ، ھاڻي ڦري ٿيا ٻہ. ٻئي جڻا قصا ڪٿيندا، پنڌ ڪندا شھر ڏانھن راھي ٿيا. اڌ ۾ ڪين ڪنھن اھڙي جھنگ مان لنگھڻو پيو جتي تمام گھڻا ڪانديرا ھئا. ڪانڊيرن ۾ طرح طرح جا گل ۽ انھن جا تيز ڪندا ڏسي ڪتيءَ ھڪ ڳجھارت ناھي ورتي. پوءِ پنھنجي سنگتيءَ کي ٻڌايائين تہ: "ٻيلي! مون ڳجھارت ناھي ورتي آھي." ھن چيس تہ: "ڪھڙي؟" تنھن تي ڪتيءَ ٻڌايس تہ:

اڇا ڳاڙھا گلڙا، رنگين پاتئون پات،
وھ تني جي وات، کھنبي ورن "ڪتي" چئي.

ڳجھارت ٻڌي ھمراھ چيس تہ: "واھ جي ڳجھارت آھي! پر يار مون تہ اڃا تائين ڪانہ ناھي آھي. آئون بہ ڪوشش ڪريان ٿو."

ڪجھ پنڌ اڳتي ھليا تہ ھڪڙو ٻڪرار ڏن چاريندي ملين. ھڪٻئي سان سلام ڪلام ڪان پوءِ حالي احوالي ٿيا. ھنن ڪيس پنھنجي سڄي ڳالھ ڪري ٻڌائي، جا ٻڌي ٻڪرار چين تہ: "يار! ترسو تہ آئون بہ توھان سان ٿو ھلان. جي ڀاڳ پڙايو تہ ماڻھن جو ڏن چاريندس، جي نہ، تہ جيل ۾ ماڻھن جي ڏن سان تہ ھوندس." سو ڏن کي ڏٽيءَ پرتو ڪري، ھنن سان گڏجي اتي ھليو. اڳيان ڪين درياءُ پار ڪرڻو ھو. جيستائين ڪا ٻيڙي اچي تيستائين درياءَ جي ڪپ تي ويھي ڏاڙون ھڻڻ لڳا. ٻئي سنگتيءَ ڏٺو تہ درياءَ جي ڪپ سان ھڪڙو ڪانو لڙھندو پيو اچي. ڪاني تي ھڪ ڀنيوري ويٺي آھي ۽ ڀنيوريءَ جي وات ۾ ھڪڙو مڇر آھي، جنھن کي پئي ڪائي. اھو ڏسي يڪدم رڙ ڪيائين تہ: ادا! منھنجي ڳجھارت نھي وئي." تنھن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي هنن چيس ته: ”اسين به ته ٻڌون.“ هن چيو ته:

نر مٿان نر، نر مٿان نار،
نظر ڪري نهار، ته نر نارئَ وات ۾!

ڳجهارت ٻڌي ڪتي ۽ ٻڪرار واهه واهه ڪرڻ لڳا. نيٺ ٻيڙي آئي ۽ ٽيئي جوان ٽپي پار پيا. هلندا، ويلا ونندا آخر ۾ اچي ان شهر ۾ پهتا، جتي جي راڻيءَ پڙهو ڏياريو هو. پڇا ڳاڇا ڪري وڃي راڻيءَ جي محلات ڪي رسيا. دروازي تي هڪڙي وڏي پير رکيل هئي. هنن به اچي پير تي ڏونڪو هنيو. ٿوريءَ دير کان پوءِ هڪڙي ٻانهي نڪري آئي، جنهن کي هنن پنهنجي اچڻ جو مقصد ٻڌايو. ٻانهي سندن قاتل ٽتل ڪپڙا ڏسي کين صلاح ڏني ته: ”چڱو اٿو ته موٽي وڃو، توهان جي هتي حاجت ڪانهي.“ پر هنن چيو ته: ”اها ڪتي اسانجي قسمت، تون رڳو هڪ پيرو راڻيءَ وٽ وٺي هل.“ بس راڻيءَ کي ڏسندي ئي هنن جو عقل حيران ٿي ويو. ڪجهه ڪڇڻ ئي ڪونه، جڻ ته مگ وات ۾ پئجي ويا هئن. آخر گهڻيءَ دير کان پوءِ راڻيءَ کين چيو ته: ”ڏسو ڇا ٿا؟ واري واري سان ڳجهارت ڏيو.“ تنهن تي پهرين ڪتيءَ پنهنجي ڳجهارت ڏني ته:

اڇا ڳاڙها گلڙا، رنگين ياٽئون يات،
وهه تني جي وات، ڪهنبي ورن ”ڪتي“ چئي.

ڳجهارت ٻڌي راڻيءَ ساٽس ڳالهايو به ڪونه ۽ سپاهين کي حڪم ڪيائين ته: ”هن کي وڃي ڪاٺ ۾ وجهو. ويچاري ڪانڌيرن جا گل ۽ ڪندا ڏنا آهن ۽ هليو آهي مون سان شادي ڪرڻ.“ ويچاري ڪتيءَ جا ته ڊڊر ئي ڊرا ٿي ويا. سپاهي ڀلا حڪم جا ٻندا سو ڪتيءَ کي گهلي ويا ۽ وڃي قيد ڀيڙو ڪيائونس. وري آيو ٻئي جو وارو؛ پر پنهنجي ڪتيءَ دوست جو حشر ڏسي سندس حوصلا خطا ٿي ويا هئا! آخر ڳيتون ڏيندي ڏيندي چيائين ته:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نر مٿان نر، نر مٿان نار،
نظر ڪري نهار، ته نر ناريءَ وات ۾.

راڻيءَ ڳجهارت ٻڌي چيو ته: ”هن کي به وڃي قيد ۾ وجهو، جو هن ويچاري درياءَ جي مٿان ڪانو، ڪاني جي مٿان پنيوري ۽ پنيوريءَ کي مڇر کائيندي ڏسي اچي ڳجهارت ڏني آهي.“ هن کي به وٺي وڃي قيد ۾ چاڙهي آيا.

هاڻي آيو ٻڪرار جو وارو، جنهن ڏٺو ته ڏڪئي ڪان ڏکيون ڳجهارتون به راڻي ٻجيو وڃي؛ هاڻي يارن کي ڇڏي پوئتي موٽڻ به نهي ڪونه ٿو ۽ نڪي وري ڪا ڳجهارت ناهي هئائين، تنهن ڪري سر تان آسرو لاهي، هڪڙي تمام سولي ڳجهارت ناهي حشمت سان چيائين ته: ”راڻي! هوشيار ٿي، اچئي ٿي ڳجهارت.“ راڻيءَ ڪلي چيو ته: ”چئو.“ ٻڪرار چيس ته:

”رب ٿئي راضي ته هڪ مان ٻه،
جي رب بي راضي ته ٻن مان ٿي.“

ڳجهارت ٻڌنديئي راڻيءَ جون وايون ولڙيون ٿي ويون. هينيون هيٺ مٿيون مٿي. ڳالهه ئي سمجهه ۾ نه پئي اچيس. جي قصو ئي اُبتو، جيڪڏهن رب مهرباني ڪري ته ٻيٽا ٿي پون ۽ جي بي راضي ته ٽيٽا! راڻي ڏڪا هڻي هڻي ٿڪجي پئي، پر ٻڪرار جي نهڪار پئي پوي. آخر سڄو ڏينهن گذري ويو، پر راڻيءَ کان ڳجهارت ڪانه ٻجي. اُتي پڪ ٿيس ته راڻي منجهي پئي آهي. آخر ڳچ دير کان پوءِ راڻيءَ بان ڪئي ۽ پنهنجي هار مڃي چيس ته: ”هاڻي ڳجهارت سچي ڪر.“ ٻڪرار چيس ته: ”قاضي گهرائي مون سان نڪاح وجهه، ته پوءِ توکي ڳجهارت ٻڌايان.“ نيٺ راڻي پنهنجي انجام موجب قاضيءَ کي گهرائي غريب ٻڪرار سان شادي ڪئي. پوءِ راڻيءَ چيس ته: ”هاڻي ڳجهارت سچي ڪري ٻڌاءِ.“ ٻڪرار چيس ته: ”هائو، تو ڀهريائين منهنجا سنگتي جيل ۾ وڌا اٿئي انهن کي گهراءِ ۽ ٻين کي به



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آزاد ڪر.“ راڻيءَ يڪدم حڪم ڪيو ته سڀني قيدين کي آزاد ڪري ڇڏيو ۽ سندس سنگتيءَ به اتي اچي حاضر ٿيا. پوءِ ٻڪرار چيو ته: ”راڻي ٻڌ! رب ٿئي راضي ته هڪ مان ٻه، جي ٿئي بي راضي ته ٻن مان ٽي. انهيءَ جو مطلب هيءُ آهي ته جيڪڏهن رب سائين مون تي مهربان ٿئي ۽ تون ڳجهارت نه ٻجي سگهين ته پوءِ تو هارايو. انهيءَ جي معنيٰ ته تون مون سان شادي ڪرين ۽ پاڻ ٻه ٿيون. تڏهن چيم ته رب ٿئي راضي ته هڪ مان ٻه. پر جيڪڏهن رب سائين ناراض ٿيو ۽ منهنجي ڳجهارت ٻجي ٿي پئي ته ٻه سنگتي منهنجا اڳ قيد ۾ هئا ۽ ٽيون آئون. تڏهن چيم ته رب ٿئي بي راضي ته ٻن مان ٽي.“ راڻي سڄي ڳالهه ٻڌي ڏاڍي خوش ٿي. پوءِ ڪيس دل سان پنهنجو مڙس مڃي، تخت تي ويهاريائين ۽ هنن ٻن دوستن جون پڻ شاديون ڪرائي، کين پنهنجا وزير مقرر ڪرائي، اُتي رهائي ڇڏيائين ۽ سڄي عمر آرام ۽ خوشيءَ سان گذاريائين.

(سنڌي لوڪ ڪهاڻي جي اوسر جي ٿورن سان)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عقل ۽ اڪابر

ڪنهن زماني ۾ سنڌ ديس ۾ هڪڙو هاڪارو بادشاهه راڄ ڪندو هو. هو ملڪ جو حاڪم هو ۽ جنهن به شيءِ جي ضرورت پوندي هئس، اُها سندس اڳيان جهٽ حاضر رهندي هئي. دنيا جون ٻيون شيون ته خريدي سگهجن ٿيون، پر ڪي اهڙيون به شيون آهن جن جي خريدڻ جي سگهه وڏي ۾ وڏي شهنشاهه وٽ به نه آهي. علم ۽ عقل به خريدڻ سان نٿو ملي سگهي. "جو وهي سو لهي."

بادشاهه کي هڪ لڳا اچي ريجهڪ چڙهيو ته آءٌ سهڻي ۾ سهڻيءَ ۽ عقلمند ۾ عقلمند وني‌ءَ سان وهانءُ ڪريان. راڻيون ته گهڻيئي هيس. سونهن ۾ هڪ ٻئي کان سرس. عقل ۾ به ڪي ته اڪابر هيون ئي. پر راجا جي من ۾ اچي اهو خيال ويٺو ته ڏسي ته سهي ته سندرتا ۽ سياڻپ ۾ پڙ ڪهڙي ناري سندس ديس ۾ ٿي وسي، جا سندس محلات جو سينگار نه بڻي آهي.

بادشاهه جو حڪم ٿيو ته چوڏس چوڌار پڙها گهمي ويا. ناد نغارا وڄي ويا ۽ ديس ۾ اهڙي پري پيڪر جي ڳولها جاري ٿي ويئي. عام ۾ اهو پڌرو ڪيو ويو ته "حسن ۽ عقل جي راڻي" سان ديس جو حاڪم لائون لهڻ ٿو چاهي، جنهن به ناريءَ ۾ اِهي لڇڻ هجن، سا پڌري پٽ ٿئي. جي هوءَ پرک مان پار پيئي ته راجا جي راڻي ٿيندي.

گهڻيءَ ڪوشش ۽ جفاڪشيءَ کان پوءِ بادشاهه جي ماڻهن هٽي وڃي هنڌ ڪيو ۽ ديس جي هڪڙي ڪنڊ مان خبر ڪٺي آيا ته فلاڻي سوداگر جي سڪيلڌي ڌيءَ سونهن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. پر هوءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي ٻه هامر تي هٽي ته پنهنجو ڪانڌ انهيءَ کي قبوليندي جيڪو ساڻس عقل ۾ برميچي سگهي. ڪيترائي شهزادا ۽ امير هارائي هليا آهن. ڪنهن جي ٻه هن سگهڙ اڳيان دال ڪين تي ڳري.

بادشاهه اهو ٻڌي ڏاڍو گدگد ٿيو. چو ته سندس من گهريا مطلب تي پورا ٿيا. پر ڪيس اهو ٻه اونو ۽ اُڻ تڻ هئي ته لاشڪ هي من جي مراد سندس پوري ٿيڻ واري نه هئي. بادشاهه جي من ۾ اهڙيءَ ناري کي ڏسڻ لاءِ خواهش پيدا ٿي ۽ چيائين ته سگهو سنيري وجي اُن پار رسان، جتان اهڙيءَ ناريءَ جو نياپو ۽ سڏ ملي آهي.

شاهي تجمل ۽ طومان سان بادشاهه جي سواريءَ جون تياريون ٿيون ۽ پاڻ سان اڪابر ڏاها وزير ساڻ ڪري بادشاهه اُسهيو ان ڏس، جنهن کان قاصد اهڙيءَ پريءَ جو پيغام ڪٽي آيا هئا. پنڌ ڪندا، منزلون طئي ڪندا، آخر گهڻن ڏينهن پڄاڻان اچي خيما کوڙيائون، ان شهر ۾ جتي اها ناليواري سوداگر جي نينگر رهندي هئي.

قاصدن وجي خبر ڏنايس ته خود بادشاهه تنهنجي عقل جي پرک ونڻ آيو آهي ۽ توسان شاديءَ جون سڏون تو ڪري. نينگر اهو ٻڌي نهال ٿي ۽ ورندي ڏنائين: ”جهان پناهه! بلاشڪ هن بنديءَ جي غريبخاني تي هلي اچي، منهنجا ته وڏا ڀاڳ چئبا جو بادشاهه پاڻ پير ڀري آيو آهي. ڪيس چؤ ته آءٌ اوهان کان ٽي سوال پڇنديس. جي اوهان ان جا صحيح ۽ پورا جواب ڏنا ته پوءِ هيءَ جان اوهانجي ملڪيت آهي. پر جي اوهان جو جواب صحيح نه نڪتو ته پوءِ منهنجي ٻانهي سزا طور اوهانجي پنيءَ تي هر وار هڪ پادر جو نشان جمائي ڇڏيندي. اهڙيءَ گستاخي معاف ڪريو ته پوءِ ڀل اچو. ٻيا ٻه وڏا امير ۽ سردار ائين نپا هٽائي ويا آهن.“

اهو ٻڌي في الحال ته بادشاهه جا وائيسر بتال ٿي ويا. اچي ڪتڪو لڳس ته ڇوڪري ڇڱي نه نڪتي! جي تو عقل ۾ هارايان ته سڄي ملڪ ۾ پت وائکي ٿي ويندي. پر بادشاهه کي خبط ڪنيو هو، سو ڪٿي تو هن ڳالهه کان باز اچي! وزيرن اميرن سان صلاح ڪيائين، جن چيس: ”قبلا! هن ڇوڪريءَ جي کهڙي مجال جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان سان برميچي سگهي. نينگر ڪا نخريلي تي ڏسجي، جو ڪوڙا دهمان پيئي پڏي. اوهانجي عقل جي اڳيان هن جون متيون ئي منجهي وينديون.“ بادشاهه جو اندر تہ ڪاڄي ويو هو، پر همت جو سندرو پڏي پنهنجي پيرن کي ياد ڪندو ڇوڪريءَ جي مڪان ڏانهن راهي ٿيو.

بادشاهه جڏهن سوداگر جي ڌيءَ جي محلات وٽ پهتو تہ ٻاهران لکيو پيو هو ’ڪير اندر اچي ڳئون تہ ڏهي ڏيکاري!‘ بادشاهه پهرين تہ وائڙو ٿي ويو، چئي: ”مار! ڳالهہ بہ اها! ڳئون ڏهڻ کهڙي وڏي وٽ آهي؟ حياتيءَ ۾ ڪٿي اهڙي نندي ڳالهہ نہ ڪئي اٿم، پر هن سندريءَ جي صدقي اهڙي مصيبت اکين تي!“ بادشاهه لنگهي ٿيو اندر. ٻانهيءَ سندس آجيان ڪئي ۽ کيس اندر وٺي ويئي. بادشاهه هيڏانهن هوڏانهن نهاريو پر ڳئون تہ کيس ڪٿي بہ نظر نہ آئي. عجب ۾ پيو ٻانهيءَ کي گهوري. ٻانهيءَ وٺي کيس خاص ڪمري ۾ وهاريو. پوءِ اندران وڃي هڪ ٿڌي پاڻيءَ جو لوٽو ۽ ٻيو گرم پاڻيءَ جو لوٽو کڻي آئي. بادشاهه جي هٿن ۾ ٻئي لوٽا رکي هلي ويئي. بادشاهه ڏاڍو ششدر ٿيو تہ پاڻيءَ جي لوٽن کي ڇا ڪري! نيٺ سوچي ويچاري عقل هلايائين. سوچيائين: ’گرم پاڻيءَ سان هٿ منهن ڌوئجي ۽ ٿڌي پاڻيءَ جو لوٽو پي اندر جي اُساٽ ٻجهائجي.‘ لوٽا ٻئي ٿيا خالي، پر تڏهن بہ ڳئونءَ جو پتو نشان نظر نہ آيو. بادشاهه بالم ٻڌجي پلنگ تي ويهي رهيو. ٻانهيءَ جا اندران آئي، تنهن نہ ڪئي همر نہ تمر، پادر لاهي بادشاهه جي پنيءَ تي ڦهڪائي ڇڏيائين ۽ پوءِ ادب سان هٿ ٻڌي چيائين: ”جيئندا قبلا! گستاخي معاف ڪجو. هاڻي توهين ڀل وڃو. وري سڀاڻي ساڳئي وقت هليا اچجو.“

بادشاهه پنهي مهٽيندي ٿيو ٻاهر. سندس ٻہ بہ ويون تہ ڇهہ بہ ويون، چئي: ”نينگر ندوريءَ چڱي ڪار ڪئي مون سان.“ منهن لٿل، جيئن ٻاهر ٿيو تہ پريان ڏٺائين تہ هڪڙو ٻڪرار نوجوان هٿو ڪٿو، ٻڪرين جي ڇانگ وٺيو پيو وڃي. بادشاهه کي خيال آيو تہ ڇو نہ هن ٻڪرار جي ڦر کي اندر موڪلي تہ ڳئون ڏهي اچي. ڏسجي تہ کهڙو اسرار آهي. من ڪٿي راز سلجي پوي. هٿ جو اشارو ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڪرار کي اوري سڏيائين ۽ چيائينس ته وڃي اندران ڳئون ڏهي اچ. ٻڪرار ويچارو بي وسو ٿي ويو، پر دل جهلي ٿيو اندر. داسيءَ اچي در تي سندس اچيان ڪئي ۽ وٺي وڃي خاص ڪمري ۾ وهاريائينس. ٻانهيءَ ساڳيءَ طرح ٽڏي ۽ ڪوسي پاڻيءَ جا لوٽا آڻي ٻڪرار جي هٿن تي رکيا. ڇوڪرو ڏاهو، تنهن سمجهي ورتو ته هيءَ مڙئي "ڳجهه ڳجهاندر ڳالهڙي" آهي. سو عقل هلائي ڪوسي ۽ ٽڏي پاڻيءَ کي ملائي لوٽا ٻانهيءَ کي واپس ڏنائين. سوداگر جي ڌيءَ سمجهي ورتو ته نوجوان مڙئي عقل ۾ سرس ٿو لڳي. ٻانهيءَ هٿ نياپو موڪلائينس: سياڻو ٿو ڏسجين. قسمت زور هونديءَ ته ڏينهن پري ڪونهن. سياڻي به ساڳئي پهر هتان لانگهائو ٿجانءِ."

جوان سرهو ٿي ٻاهر نڪتو. راجا چيس: "ڪر خبر، ڳئون ڏهي آئين؟"

ٻڪرار وراڻيو: "ها، سائين."

"اهو وري ڪيئن؟" بادشاهه پڇيو.

"انهيءَ ڳالهه تان لهي وڃو،" چئي ٻڪرار رمندو رهيو.

بادشاهه حيران ٿي پنهنجي ڇانوڻيءَ ۾ پهتو. لڄ جو ماريو، وزيرن کي ڪيئن ٻڌائي ته ساڻس ڪهڙي جٺ ٿي گذري آهي. پر ٻيو ڪو چارو به ته ڪونه هئس. لاچار سربستو احوال ڪيائين، پنهنجن داناءُ وزيرن سان، جن پنهنجا متا ٽڪرايا پر ڳجهارت سلي نه سگهيا.

ٻيو ڏينهن ٿيو، بادشاهه سهي سنيري نڪتو. من ۾ اها اُڻ تڻ ته شل، لڄ بچي اچي! بادشاهه محلات ۾ پهتو ته ساڳيءَ ٻانهي آجيان لاءِ بيٺي هئي، جنهن آڻي اندر وهاريس. ڳئون ته اڄ به ڪٿي نظر نه ٿي آئي. بادشاهه کي هيءُ طلسم سمجهه ۾ نٿي آيو ته ٻاهران لکيو پيو آهي ته "ڪير اندر اچي ڳئون ڏهي ڏيکاري" پر هتي ته قصو ئي ٻيو لڳو پيو آهي. اڄ به مانُ ڪري انتظار ۾ وينو ته ڪهڙو ٿو امتحان ٿئي ۽ سر تي ماجرا پوي. سيگهه ۾ ٻانهي هڪ ٿالهيءَ ۾ هڪڙو گدرو ۽ هڪ ڇري کڻي آئي ۽ اچي بادشاهه جي اڳيان رکيائين. بادشاهه جون وايون بتال ته ڇا ڪري، جو اڳئين ڏينهن واري پادر جا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنا اجا ڪين لٿا هئس. گهڻي مونجهاري ڪان پوءِ نيٺ ويچار آيس ته گدرو به موڪليو اٿائين ته ڪاتي به. عقل ته ائين ٿو چوي ته گدري کي وڍي اڌون پيٺ پريان، پوءِ ڏسجي ته ڪهڙو ٿو امتحان ٿئي. سو ڪاتي وهائي گدري کي ڪيائين قارون قارون ۽ پوءِ ويٺو مزي سان کائڻ. جڏهن گدرو کائي ڪيائين پورو، تڏهن ٻانهيءَ به اندر آئي ۽ بادشاهه سان اهڙي ڪار ڪيائين، جيڪا اڳئين ڏينهن تي ٿي چڪي هئس.

بادشاهه جو خون تپي ڳاڙهو ٿي ويو. پر ڪري به ته ڇا ڪري؟ پنهنجي هٿن سان پنهنجي پيرن تي ڪهاڙو هنيو هئائين. پاڻ ئي ته سڏ ڪري هن سنڌريءَ وٽ آيو هو. شرط ته ڪيس بروقت ٻڌايو ويو هو. سو مٺي به ماٺ ته مٺي به ماٺ ڪري نڪتو ٻاهر. چيائين: "جٺ به جٺن جهڙي ٿي اٿم. ٻيلي جتي ٻه ڏينهن آزمايا اٿم، اُتي ٽيون ڏينهن به اچبو ضرور. ڪهڙي خبر، ڳالهه ۾ ڇا آهي. پٺ وائکي ته اڳيئي ٿي آهي، هاڻي باقي رهيو ئي ڇا آهي!" جيئن راجا محل کان نڪري ٻاهر ٿيو ته ڏٺائين ساڳيو ٻڪرار پيو وڃي. بادشاهه جي دل نه رهي، چيائين: 'اڄ به هن ٻڪرار کي روانو ڪريان اندر، من ڪا پٽڪ پئجي وڃي ته هيءَ ڪهڙي ڳجهارت آهي.' سڏي ٻڪرار کي چيائين: "چڱا مڙس اڄ به وڃي اندران ڳئون ڏهي اچ."

ٻڪرار راجا ڏي نهاري وري پيو محل ڏي نهاري. ڪالهه واري ڳالهه ته ڇڻ دل تان لهي ويئي هئس. هاڻي جوان کي خواهش ٿي ته ڏسجي ته هيءَ ڪهڙي ڳجهارت آهي. جوان وکون کڻندو اچي محل پيڙو ٿيو. ٻانهي آ-ڄيان لاءِ تيار بيٺي هئي. جوان جيئن اندر گهڙيو، تيئن ٻانهي گدري ۽ ڪاتيءَ واري ٿالهي آڻي اڳيان رکيس. جوان پنهنجو عقل هلائي، کڻندي ئي ڪاتي، گدري کي ذرا ذرا ڪري ڪاتي انهن ۾ سڌي ڪري ٽنبي، ٻانهي ءَکي ڏني ۽ چيائينس ته وڃي پنهنجي سائڻ کي ڏي.

سوداگر جي ڌاهي ڏيءَ سهي ڪيو ته هيءُ جوان مڙئي عقلمند ٿو نظر اچي ۽ جيڪڏهن هن ڏيهه ۾ ڪو ساماڻو آهي ته اهو نوجوان ئي ٿو ڏسجي جو منهنجي ور ٿيڻ جي لائق آهي. سو وري به ٻانهيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿان پيغام موڪليائينس: ”تہ تنهنجو نصيب زور تو ڏسجي. باقي هڪ ڏاڪو چڙهي وئين تہ هيءَ جان تنهنجي آهي.“ نوجوان اجا بہ تعجب ۾ هو تہ هيءُ معاملو آهي الائي ڇا؟

ٻاهر نڪتو تہ بادشاھ پڇيس: ”ابا ڪيئن ڳئون ڏهي آئين؟“

جوان جواب ڏنو: ”قبلا هائو.“

”اهو وري ڪيئن؟“ بادشاھ سوال ڪيو.

”انهيءَ ڳالھ تان لهي ويو،“ جوان جواب ڏنو.

بادشاھ ڄڻ تہ پاڻيءَ کان ٻاهر نڪتو پيو وڃي. هڪوار تہ خيال آيس تہ ڇوڪري جي ڇنڇري لاهي ڇڏي، پر وري بہ ڌيرج کان ڪم وٺي، ايندڙ ڏينهن جو خيال ڪري هليو ويو.

سڀ امير وزير بہ حيران تہ هيءَ نينگري ڪهڙو ويني تماشو ڪري! پر ڪنهن کي بہ همٿ ڪانہ ٿي جو ڪٿي سمجهائي تہ هن پروليءَ جو مطلب ڇا!

بادشاھ ٽئين ڏينهن دستور موجب اچي محلات ۾ پهتو. هن دفعي داسيءَ هڪ دٻلي آڻي بادشاھ جي هٿ تي رکي. بادشاھ دٻلي کولي تہ ان ۾ ڪٿوري پيئي هئي ۽ سندس مغز معطر ٿي ويو. پر بادشاھ مونجهاري ۾ تہ مشڪ کي ڪيڏانهن ڪري! سمجهيائين تہ بازي تہ هارائي اتم، سو ماٺ ڪري ڪٿوريءَ کي پنهنجن هٿن ۾ ملي، مڇن ۽ ڏاڙهي توڙي پنهنجن وسترن کي هٻڪارڻ لڳو. پوءِ مزي سان پلنگ تي ويهي رهيو. داسيءَ بہ اندر ائي. تنهن بادشاھ سان ساڳي تعدي ڪئي، جيڪا بہ ڏهاڙا اڳ ٿي هئس. بادشاھ منهن ڀيلو ڪري هارائي هليو. ٻاهر اچي ويچاريائين تہ ’جي ساڳيو جوان مليو تہ ڪنڌ کان جهلي اندر روانو ڪندوسانس ۽ جي پوءِ مون سان راز نہ سليائين تہ اچلي وجهندو سانس ڪاٽ ۾ تہ پاڻيهي سچي ڪندو.‘

ٻڪرار جوان بہ ساڳي گس کان ويندڙ، اچي ساڳي وقت ظاهر ٿيو. بادشاھ وري بہ هڪل ڪري چيس تہ: ”پٽ وڃ، اڄ بہ ڳئون کي ڏهي اچ.“ جوان محل ۾ پهتو تہ ٻانهيءَ دٻلي اچي هٿ تي رکيس. جوان دٻلي کولي تہ خوشبوءِ سان دماغ پر ٿي ويس. دٻليءَ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مشڪ پيئي هئي. هن يار به ڏاهپ هلائي ۽ پلنگ جي هڪ پائي وٽ ڪڏ ڪوٽي، ان ۾ ڍبلي وجهي، ورائي ان کي پوري، مٿان پلنگ جو پائو رکي ڇڏيائينس.

سوداگر جي نينگري دل ۾ چيو ته هن جوان بازي کٽي، سو نياپو موڪليائين: "تون، ور مون. پر ڪجھ ڏينهن جي مهلت ڏي."

جوان گد گد ٿي هليو ٻاهر ته بادشاهه بيٺو هو، جنهن وري به ساڳيو سوال ڪيس، پر جوان هن سان ڪجھ ڪين سليو. بادشاهه اتي جو اتي ڪيس ڪٽي چؤڪنيو ٻڌارايو ۽ باندي ڪري وٺي آيس پنهنجي تخت گاهه ۾، چئي: "جيسين سچي نه ڪئي اٿيئي، تيسين جان ڪونه ڇٽندءِ." ويچارو ٻڪرار جوان، جيل جون هوائون کائڻ لڳو ۽ بيگناهه اچي اوهه ۾ اڙيو.

سوداگر ڇوڪريءَ کي معلوم ٿي ويو ته سندس ڪانڌ وڃي بادشاهه جي ور چڙهيو آهي. سو سونن ٽڪن جو ٿالهه ڀري پنهنجي پريتم کي مڪائين. جڏهين بادشاهه جي چاڙتن هيرن جواهرن جو ٿالهه آڻي اڳيان رکيس ته هن جوان مٿيءَ جا به ٻڪ ڀري ٿالهه ۾ وڌا ۽ حڪم ڪيائين ته واپس موٽائي موڪليو وڃي.

بادشاهه جڏهن اها روئداد ٻڌي ته جوان کان ان جو ڪارڻ پڇيائين. جوان اهڙو ڪيچي، جهڙي ڀت. بادشاهه غصي ۾ حڪم ڪيو ته "هن 'نالائق' کي سوريءَ تي چاڙهيو وڃي." وڃ وانگر هيءَ خبر وڃي سوداگر جي نينگريءَ جي ڪن پيئي، جنهن جو من ڪانڌ کي بچائڻ لاءِ متوالو ٿي پيو. پنهنجي قاصد کي هڪ لپ مڱن جي ۽ هڪ لوٽو ڪير جو ڀري روانو ڪيائين.

جنهن ڏينهن تي جوان کي ڦاسيءَ تي چاڙهيائون ٿي تنهن ڏينهن تي هن ناريءَ جو قاصد به اچي شهر وارد ٿيو. چاڙتن وڃي بادشاهه کي خبر سڻائي ته بانديءَ لاءِ ڪو ڏور ڏس کان ڪجھ کڻي آيو آهي ۽ آخري گهڙيءَ هن جي اِها خواهش پوري ڪجي.

بادشاهه پنهنجي سر قاصد کي وٺي اچي ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ پهتو ته مٿان آخري گهڙيءَ تي هو ڪو دل جو راز سلي. جوان مڱ ۽ کير



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو لوٽو ورتو. مگ اُڇلي هنيا بادشاھ جي منهن ۾ ۽ کير جو لوٽو ڳيت ڪري ٻي ويو. پوءِ بادشاھ ڪي مخاطب ٿي چيائين: "اي راجا! هاٿي ٻڌ تہ توکي سربستي ڳالھ ڪري ٻڌايان: ڳئون تہ برابر اندر ڪانہ هئي، پر هئي پروليءَ مٿان پرولي. پهرين موڪليائين ٽڏو ۽ ڪوسو پاڻي، جنهن جو مطلب هو تہ حياتيءَ ۾ ٽڏي ۽ ڪوسي (ڏک سک) اچي تہ منهن ڪيئن ڏجي! مون ٽڏو ۽ ڪوسو پاڻي ملائي جواب ڏنو مانس تہ ڏک- سک در اصل هڪ ئي جيوت جا ٻہ پاسا آهن، جن کي گڏي هلائبو تہ حياتيءَ جو مزو پيو رسندو. پوءِ مڪائين گدرو ۽ ڪاتي، جنهن جو مطلب اهو تہ جيئن گدرو بند آهي، تيئن تنهنجي من ۾ ڳالھ بند هجي ۽ مٿان ڪاتي اچي ڪڙڪي تہ جيڪر تون ڇا ڪرين؟ مون کيس وراڻيءَ ڏني تہ ڀلي کير ڳترا ڳترا ڪري وجهي پر دل جو راز دل ۾ ئي رهندو. ان ڪانپوءِ ڪٽوريءَ جي دٻلي موڪليائين، جنهن جي معنيٰ اها هئي تہ خون ڪٽوريءَ تہ لڪڻ جا نہ آهن. مون وري ٻہ ڪٽوريءَ جي دٻلي ڪٽ جي هيٺان پوري، ورندي ڏني مانس تہ ڪجھ ٻہ هجي، جيسين ڳالھ دل ۾ سانڍي سگهبي، تيسين ٻڙڪ ٻاهر نہ نڪرندي، خاطري ڪر. ان ڪان پوءِ تنهنجي بند ۾ ڦاٽس تہ هيرن جو ٿالھ موڪلي چيائين تہ هنن هيرن سان پنهنجو پاڻ ڇڏائي اچ. سو مون ٿالھ ۾ مٽيءَ جا ٻہ ٻڪ وجهي جواب موڪليو مانس تہ هيءُ مٽيءَ جو جسم ڏوڙ وارو آهي، تنهن لاءِ اهڙو ڪڏو ڪم نہ ڪبو. جيڪو واعدو ڪيو اٿم، سو مرڻ گهڙيءَ تائين پاڙبو. تڏهن هاٿي هيءُ مگ ۽ کير جو لوٽو موڪليو اٿائين. مطلب آهي تہ 'وات مان مگ' ڪڍ (ڳالهاءِ) ۽ اچي کير جهڙي ڳالھ ڪري ٻڌاءِ. سو اهو اٿو سموري ڳجهارت جو راز. هاٿي جيئن وڻيو، تيئن ڪريو."

بادشاھ سارو قصو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو. سوداگر جي نينگريءَ کي گهرائي، ڏام ڌوم سان هن جي شادي ٻڪرار سان ڪرايائين. ٻڪرار جهڙي سياڻي جوان کي پنهنجي وزير جو عهدو عطا ڪيائين ۽ سڀيئي ڏاڍو خوش گذارڻ لڳا. (ٻارن لاءِ چونڊ ڪهاڻيون جي ٿورن سان)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سهڻي صوحب

ڪنهن شهر ۾ 'صوحب' نالي هڪ سهڻي عورت رهندي هئي. سندس سونهن ملڪان ملڪ مشهور هئي. ڪيترائي ماڻهو هن تي ساهه صدقو ڪندا هئا، پر هن ڪي پنهنجي سونهن تي ايڏو ته ٻانور هو جو ڪنهن ڏانهن نهاريندي ٻه ڪانه هئي. هڪڙي ڏينهن هار سينگار ڪيو، پنهنجي گهر جي در تي بيٺي هئي ته ٻه دوست اچي اتان لنگهيا، جن ۾ هڪڙو صوحب جي سونهن جي هاڪ ٻڌي، ڏورانهين هنڌ تان هڪلي سندس ديدار لاءِ آيو هو. انهيءَ کي سندس دوست صوحب جي تعريف ڪندي ٻڌايو ته:

صوحب سينڌ ڳتاءِ، هن چند ني سمهون نه جاءِ،
متان چندن ئي ڏهه پئي ۽ رين انڌار ڇاءِ.

(صوحب وار ڳنڍايا آهن، هاڻي شل چنڊ جي سامهون نه وڃي، متان چنڊ ئي ڪري پئي ۽ انڌاري رات ڇانئجي نه وڃي)

اتفاق سان صوحب اها ڳالهه سڻي ورتي ۽ کيس هيڪاري پڪ ٿي ته آءٌ برابر تمام سهڻي آهيان ۽ منهنجو ڪو مٽ ثاني نه آهي. پر اڃا ٻه وڌيڪ پڪ ڪرڻ لاءِ، عطر ونڻ جي بهاني سان، ٺهي جڙي هار سينگار ڪري، سرهيي جي هٽ تي آئي. سرهيو کيس ڏسڻ سان هوش حواس وڃائي ويٺو؛ اکيون وڃي صوحب ۾ ڪتس. ماڻهن جو سندس اها حالت ڏٺي، سو اچي دڪان لٽڻ لڳا. ٿوري دير ۾ دڪان ٺلهو ٿي ويو، پر هن يار کي ڪابه خبر ڪانه پئي. اوڏيءَ مهل

هڪڙو هاري بہ پنهنجي ڍڳي سميت اچي بازار مان لنگهيو. اوچتو سندس نظر بہ وڃي صوحب تي پيئي، سو جتي هو اتي ئي حيرانيءَ ۾ بيهي رهيو ۽ کيس خبر ئي ڪانہ پيئي نہ ڪيڏيءَ مهل ڪانئس ڍڳو ڇڏائي ويو. مطلب تہ جن تي صوحب کي ڏٺو سي بت بنجي بيهي رهيا.

صوحب سيس ڳنڌڻ، ڳئي ڳانڌي ڪي هٽ،
واڻئي وکر گنوايو، تـڙڏ گنوايو چٽ،
ڏانگ گنوائي ڏوڪري، ڦريو هاتورو هٽ.

ايتري ۾ هڪ سيلاني فقير بہ اچي اُتي پهتو، جو پڻ صوحب جي هاڪ ٻڌي، پري ڪان پنڌ ڪري کيس ڏسڻ آيو هو. فقير، صوحب کي ڏسي چيو تہ: "بيشڪ تنهنجو حسن بيمثال آهي، پر پلان پليءَ جو ڇيهہ ئي ڪونهي." ائين چئي فقير رمندو رهيو. صوحب هڪڙي فقير جي واتان پنهنجي لاءِ اهي لفظ ٻڌي نراسائيءَ سان گهر موٽي آئي ۽ ويڳاڻي ٿي کٽ تي ليٽي پيئي. فقير جي چيل ڳالهہ تي ويچار ڪرڻ گهرجي. اچا انهيءَ ئي پورن ۾ هئي تہ سندس مڙس آيو ۽ صوحب کيس فقير واري سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌائي ۽ ضد ڪري بيٺي تہ: "ڪيئن بہ ڪري، پلان پليءَ جو ڇيهہ ڏسي اچي مون کي ٻڌاءِ."

ٻئي ڏينهن صوحب جو مڙس سهي سنيري، پلان پليءَ جي ڳولها ۾ روانو ٿيو. وات تي ڳوٺ ڳوٺ، شهر شهر ۾ ترسندو، سونهن جي پلان پليءَ جي ڳولا ڪندو رهيو، پر ڪٿي بہ کيس پنهنجي زال صوحب کان وڌيڪ سونهن واري نظر نہ آئي. آخر هلندي هلندي ڪن ڏينهن جي سفر پڄاڻان اچي هڪڙي ولايت ۾ پهتو. اُتي هڪڙي هنڌ ڏسي تہ تلاءَ ۾ ڪي جوان ڇوڪريون پيون وهنجن. سونهن ۾ سيئي هڪبئي کان سرس هيون. هيءُ پريان بيهي ڏسندو رهيو، جو پرديس ۾ پراين عورتن سان ملڻ کان پئي ڊنو. ڇوڪريون ڏسٽيون بہ ضرور هئس. آخر همت جهلي. ڳس جي ڏس پڇڻ جو بهانو ڪري اڳتي وڌيو. ڇوڪريون سونهن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءُ حيراني وچان هنن کي ڏسندو رهيو. سبحان الله، ڪنهن کي ڏسي ڪنهن کي ڏسي! سندن سونهن ڏسي صوحب ئي وسري ويس. آخر انهن ڇوڪرين کان پڇيائين ته:

جر اوڊيو، جر پهريو، جر تي ڪيس لڙهت،
ڏس ڏيوڙي گورڙيان، ڏاندي ڪٿ چلت؟

(سهڻيون ڇوڪريون! اوهين يلي جر اوڊيو ۽ جر پهريو (يعني وهنجو)؛ اوهان جا ڪارا وار يلي ته پيا پاڻيءَ ۾ ترن، پر مون کي اڳتي وڃڻ لاءِ واٽ جو ڏس ڏيو).

تڏهن انهن مان هڪڙي ڄڻيءَ هن ڏانهن منهن ڪري، ٻانهن سنئين ڪري، اشاري سان جواب ڏنس ته:

جر اوڊيون، جر پهريون، جر تي ڪيس لڙهت،
ڪتان آئين ڙي پانڌيا! ڏاندي اُت چلت.

(اي مسافر! اسين هن تلاءَ ۾ هميشه وهنجنديون آهيون، انهيءَ تلاءَ جي پاڻيءَ ۾ اسان جا وار پيا ترندا آهن پر تون ڪو ٻئي ملڪ جو ماڻهو ٿو ڏسجين، ٻڌاءِ ته ڪتان آيو آهين؟ تنهنجي وڃڻ جي واٽ اجها اها سامهون آهي).

اها ڇوڪري اهڙي ته سهڻي هئي جو صوحب جو مڙس هن جو منهن ۽ اُگهاڙي ٻانهن ڏسندي غش ٿي ڪري پيو ۽ ڦٿڪڻ لڳو. ڪنهن شخص هن کي اهڙي طرح ڦٿڪندو ڏسي سموري روئداد وڃي بادشاهه کي ٻڌائي، جنهن اُن ڇوڪريءَ ۽ مسافر کي درٻار ۾ حاضر ڪرڻ جو حڪم ڪيو. حڪم جي دير هئي، اک ڇنڀ ۾ ڇوڪري پنهنجو سڄو جسم، سواءِ اکين جي، هڪڙي چادر ۾ ڍڪي ڇڏيو هو. بادشاهه ڪانئس پڇيو ته: "اي ڇوڪري! ٻڌاءِ ته تو هن واٽهڙوءَ کي ڇو تڪليف ڏني؟" تڏهن اُن جواب ڏنو ته:

هونءَ هڻان ته مان مران، جي مري صوحب جو بير،
هٿ ڪٽي ڏاندي بتلايم، ڦڙ ڦڙ ڪري مئو فقير.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(بادشاهه سلامت! جي صوحب جو مڙس منهنجي ڪري مري ها تہ اڄ بہ پاڻ ڪي ماري وجهان ها؛ مون تہ رڳو هٺ جي اشاري سان هنڪي رستو ڀڏايو تہ فقير مٿان تي ڪري پيو ۽ ڦٿڪڻ لڳو).

بادشاهه وري صوحب جي مڙس کان پڇيو تہ: "تو ڇا ڏٺو جو بيهوش تي ڪري پئين؟" مسافر ڪيس پنهنجي زال جي سونهن، ان جي چوڻ تي ڀلان ڀليءَ جي ڇيهہ ڀُولڻ بابت سربستي ڳالهہ ڪري ٻڌائي ۽ چيائين: "بادشاهه سلامت! مون ڀلان ڀليءَ جو ڇيهہ هن ڪامڻيءَ ۾ ڏٺو. هاڻي منهنجي سوال جو جواب مونکي ملي ويو ۽ منهنجي الهہ واهي!"

بادشاهه چوڪريءَ جي حسن ۽ ڀلان ڀليءَ جي ڇيهہ جي ڳالهہ ٻڌي ماٺ ۾ پئجي ويو ۽ خيال ڪيائين تہ اهو حسن ڏسجي، جنهن جي ڏسڻ سان هوش حواس خطا تي وڃن ٿا. پوءِ اُن چوڪريءَ کي چيائين تہ: "اي نينگري! تون پنهنجي جسم تان اها چادر لاهہ تہ آءٌ تنهنجو جسم پسان." تنهن تي چوڪريءَ جواب ڏنس تہ:

چار اُڏت، چار چلت، چار ڦل، ڦر چار،
ويهي رهن واتهڙو، جي ڪريان سورنهن سينگار.
ٽڪڙا لاوان دس مرن، ڪجل پاوان بيس،
جي ٺئي ساروئي سينگار، تہ مرن هڪ لک پنجيس.
ڏنگر جلي، ڏيري جلي، جي اُگهاڙيان ڳاٽ،
سؤ ڪوهہ تي مرگهہ مري، ماڻهو ڪهڙي بات!

(بادشاهه سلامت! منهنجي منهن ڏسڻ جو خيال ئي لاهي ڇڏ، چوتہ جيڪڏهن آءٌ سورنهن ئي سينگار ڪريان تہ واتهڙو منهنجي سونهن ڏسي هوند ويهي رهن ۽ موٽي نہ وڃن، جيڪڏهن پيشانيءَ تي رڳو معمولي تلڪ لڳايان تہ ڏهہ ماڻهو مرن ۽ جي ڪجل اکين ۾ پايان تہ ويهہ ماڻهو مري وڃن، پر جي سمورو سينگار ڪريان تہ هڪ لک پنجويهہ ماڻهو مري وڃن ۽ جي جبل تي چڙهي، پنهنجي ڳچي اُگهاڙي ڪريان تہ سؤ ڪوهن تي هرڻ مري وڃي، انسان جي ڪهڙي ڳالهہ آهي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪامڻيءَ جي اها ڳالھ ٻڌي، بادشاھ بہ ڪٽي مات ڪئي. آخر صوحب جو مڙس ٻلان ٻليءَ جو ڇيھ ڏسي، اچي پنھنجي گھر پھتو ۽ صوحب کي سچي ڳالھ ڪري ٻڌايائين. اها حقيقت ٻڌي صوحب وري ڪڏهن بہ پنھنجي حسن تي بانور نہ ڪيو.

(ٻارن لاءِ چونڊ ڪهاڻيون جي ٿورن سان)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٻِگالهه جو مُلهه

هڪڙي ملڪ جي بادشاهه حڪم ڪيو ته اسين سياڻي شڪار تي هلڻ چاهيون ٿا، تنهن لاءِ ٻِگچ لشڪر، طنبو طولان تيار ڪيا وڃن، ڪتن، بازن کي هوشيار رکيو وڃي. تير، ڪمان، ٻرڇيون ڀالا چمڪايا وڃن. بادشاهه جي رڳو فرمان جي دير هئي، سمورو سامان تيار ٿي ويو، جنهنجي چڪاس پاڻ پنهنجي سر ڪيائين. بعد ۾ سپاهين کي هدايت ڪيائين ته: "سڀڪو پنهنجو منهن وٺي شڪار تي روانو ٿيندو، پوءِ جنهنجي اڳيان جيڪو به جانور نڪرندو، سو ئي ان کي شڪار ڪندو."

اهڙو حڪم ڪري لشڪر وٺي اُتي هليو. ڪجهه وقت جي پنڌ ڪان پوءِ، قدرت سان خود بادشاهه جي سامهون هڪڙو هرڻ نڪتو، جو ڇال ڏيئي ڀڄڻ لڳو؛ بادشاهه به گهوڙو ڪٽي پويان ڇڏيس. انهيءَ مهل هن سان گڏ فقط هڪڙو وفادار نوڪر هو. سؤ ڪوهه کن پنڌ ڪرڻ ڪان پوءِ هرڻ گم ٿي ويو. اتي بادشاهه کي ڏاڍو ارمان ٿيو. ٿڪجي به پيو هو ۽ بک به ڏاڍو هلاڪ ڪيو هوس، تنهن ڪري نوڪر سميت هڪڙي وڻ هيٺ ويهي رهيو. ٿوريءَ دير ڪان پوءِ سندس نوڪر تير سان به پکي شڪار ڪيا، جي ٿانڊن تي پچائي کائي سمهي رهيا.

بادشاهه صبح جو سجاڳ ٿيو ۽ نوڪر کي اُٿاري چيائين ته: "پريان ڪنهن ڳوٺڙي ۾ وڃ ۽ ڪجهه کائڻ لاءِ سيڌو سامان وٺي اچ ته نيرن ڪريون." نوڪر گهوڙي تي چڙهي الهندي طرف ڏانهن رخ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رکيو. ٿوري ئي پنڌ ڪرڻ کان پوءِ ڪيس ماڻهن جو ميڙ ڏسڻ ۾ آيو، جي شهر جي ٻاهران ڪنهن انتظار ۾ بيٺل هئا. انهن جي اوچتو هن تي وجهي نظر پيئي، سي هڪبئي کي مبارڪون ڏيڻ ۽ نينگ ٽپا ڏيڻ لڳا. آخر هن جي ويجهو اچڻ تي ڏاڍا دهل دمامر وڄائڻ لڳا. پوءِ هن کي ڪنيي ڪٽي ڪنيائون ۽ بادشاهي پوشاڪ پهرائي، ڏاڍي رعب تاب سان آڻي تخت تي وهاريائونس.

امير وزير سڀ خدمت ۾ اچي حاضر ٿيا. هاڻي پاڻ کي بادشاهه ڏسي، نوڪر جو دماغ ستين آسمان سان وڃي لڳو. سو عيش عشرت ۾ اهڙو ته غرق ٿي ويو، جو هن کان پنهنجو جهنگ ۾ ڇڏيل بادشاهه بلڪل وسري ويو.

هوڏانهن گهڻي وقت گذرڻ تي بادشاهه کي اچي بک کان پيٽ ۾ وڪڙ پيا، سو بنهه بيحال ٿي پيو. نوڪر جي نه ورڻ تي ڏاڍي ڪاوڙ لڳس. آخر جڏهن اچي ٻپهر ٿيا، تڏهن پاڻ به گهوڙي تي چڙهي نوڪر جي ڳولها ۾ انهيءَ طرف روانو ٿيو. ٿوري ئي پنڌ کان پوءِ اچي شهر ۾ پهتو. منهن اونداهي ٿي چڪي هئي، بادشاهه مسافرخاني جي پڇا ڪري، رات اتي ترسيو. نئين بادشاهه جي خوشيءَ ۾ جتي ڪٿي ٻوڙ پلاءُ جا لنگر لڳا پيا هئا. هيءُ به هو ڏاڍو بکايل سو کائي پي ڍؤ ڪري، اتي ئي سمهي رهيو ۽ خيال ڪيائين ته سڀاڻي نوڪر جي ڳولها ڪبي. ستو ته سهي پر ننڊ ئي نه پئي اچيس، گهڻو ئي اکيون ٻوٽيائين پر ٻيو ٿيو خير! پاسا اٿلائيندو ئي رهيو. انهيءَ سراءِ ۾ هڪڙو درويش به ٽڪيل هو، جنهن بادشاهه کي بيقراريءَ مان اٿل پٿل ڪندي ڏسي پڇيو ته: "اي شخص تون ڪير آهين ۽ توکي ڇو ننڊ نٿي اچي؟" بادشاهه جواب ڏنس ته: "آءٌ گهڻو وقت ڪچهري ڪرڻ جو عادي آهيان، تڏهن ننڊ نٿي اچيم." درويش چيس ته: "منهن مهانڊي مان ته ڪو وڏ گهراڻو ٿو ڏسجين. هاڻي جي مرضي هجئي ته پاڻ ۾ ويهي ڳالهيون ڪري وقت گذاريون، ڇاڪاڻ جو مون کي پاڻ ننڊ نٿي اچي." بادشاهه چيس ته: "درويش! گهڻيئي ڳالهيون ٻڌيون اٿمر. ساڳيون ڳالهيون وري وري ٻڌڻ مان ڪهڙو مزو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايندو؟ باقي ڪا نئين ڳالھ ٻڌائين تہ ڏاڍو ڀلو ڪم ٿيندو، من روح وندري پوي.“ درويش چيس تہ: ”مون وٽ نيون ڳالھيون آهن پر اهي قيمتي آهن، سي مفت اءُ بہ ڪونہ ٻڌائيندس.“ تڏهن بادشاھ چيس تہ: ”درويش! مفت ٻڌڻ لاءِ اءُ بہ تيار ڪونہ آهيان، پر الاجي تون ڪيترو ۽ ڪهڙو اُجورو وٺندين؟ مون وٽ رڳو لعلون آهن، سي جي قبول پون تہ حاضر آهن.“ درويش چيو تہ: ”هڪڙيءَ ڳالھ لاءِ هڪ لعل وٺندس.“ تنهن تي بادشاھ کيسي مان هڪڙو لعل ڪڍي ڏنس ۽ چيو تہ چڱو هاڻ ڳالھ ڀلي شروع ڪر. درويش ڳالھ شروع ڪئي تہ ”اي شخص! سائينءَ جا رنگ نيارا آهن، شاھ مان گدا ۽ گدا مان شاھ ڪرڻ جي هن وٽ ويرم ئي ڪانهي. الله جي نظر ۾ ڀلو اهو آهي جو پرهيزگار آهي، نہ تہ انسان سڀ هڪجهڙا آهن، ’ذات ناهي ذات تي، جو وهي سو لهي.‘ سياڻن جو قول آهي تہ زماني جي گردش ۾ ڏسجي تہ ڪو خادم مان مخدوم ٿي ويو آهي تہ ان تي حسد نہ ڪجي، پر پاڻ اڳتي وڌي ان جو استقبال ڪجي.“ درويش ائين چئي ڪُجهہ چپ ڪئي. بادشاھ پڇيو تہ، ”پوءِ؟“ درويش جواب ڏنس تہ: ”هڪڙي لعل جي ڳالھ ٻڌايم، ٻيو لعل ڏيو تہ اڳتي هلجي.“ بادشاھ ٻيو لعل ڪڍي ڏنس. درويش وري شروع ٿيو: ”اي مخلوق! الله بي نياز بادشاھ آهي. ٿوري تي پرچي، گهٽي تي رسي. هن کي ڪنهنجي غرض ڪانهي، سڀڪو سندس محتاج آهي. هو پاڻ ستار آهي ۽ اهي ماڻهو، جي ٻين جي عيب پوشي ڪن ٿا، تن تي راضي رهي ٿو، تنهن ڪري توکي گهرجي تہ تون بہ ڪنهن جي اگهاڙ ڏسين تہ ڍڪي ڇڏجئين.“ درويش ائين چئي ڪُجهہ ماٺ ڪئي. بادشاھ درويش کي ٽيون لعل ڏيندي چيو تہ: ”درويش ڳالھ هلندي رهي.“ درويش بيان کي هيئن اڳيرو ڪيو: ”الله جهانن جو بادشاھ آهي، سڄي جهان جون جوڙون جوڙي ٿو، شاهوڪار پنهنجي مال تي مست تہ بادشاھ وري بادشاهيءَ ۾ خوش ۽ غريب غربو وري پنهنجي اپري سيري تي خوش آهي. ڪنهن کي ڪنهنجي منت محتاجي ناهي، البت هرڪو عزت جو گهوريو آهي، مسڪينن کي بہ عزت جو الڪو آهي، تنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري جي تون ڪنهن غريب جي اڳيان لنگهين ۽ هوُ توکي محبت سان ڪوسن ڪهرن کي کائڻ جي صلاح ڪري ته ڪڏهن به هن جي غريبيءَ تي ناخوش ٿي، هن جي دعوت کائڻ کان انڪار نه ڪج!" ايترو چئي ڳالهه کي بند ڪيائين. بادشاهه چيو: "بلي! فقير سائين، قصو هلي!" درويش وراڻيو: "چوٿون لعل ملي ته ڳالهه هلي." بادشاهه چوٿون لعل به ڏنس. درويش هن ريت ڳالهه کي هلايو ته: "عقل وارن جي دعويٰ آهي ته دنيا دورنگي آهي، ڪو ڪنهنجو ڪونهي، سيڪو مطلب جو يار آهي، ڪم لٿو ته ڪاڳر ڦاٽو، تنهنڪري تنهنجو به ڪنهن بيقدري سان پلئه اٽڪي ته ڪيس يڪدم السلام عليڪم چئي موڪلائجئين. بي انصاف ۽ بيقدري وٽ گهڙي به نه گهارج!" ائين چئي درويش اُتي وڃي سمهي رهيو ۽ بادشاهه به وڃي آرامي ٿيو.

بادشاهه صبح جو ننڊ مان جاڳيو، شهر مان نوڪر جي پڇا ڪئي، پر ڪٿان به پتو ڪونه پيس. بادشاهه خيال ڪيو ته ڇو نه پاڻ کي سوداگر سڏائي هن ملڪ جي بادشاهه سان ملاقات ڪري، پوءِ موتي ملڪ هلجي. اهو خيال ڪري اوڏانهن رخ رکيائين ۽ سڌو اچي بادشاهه جي دربار ۾ پهتو. نوڪر هن کان احوال پڇي بادشاهه کي ٻڌايو ته فلاڻي ملڪ جو سوداگر سائين جن سان ملڻ گهري ٿو. پنهنجي ملڪ جو نالو ٻڌي، بادشاهه حڪم ڪيو ته هن کي شان مان سان آڻي دربار ۾ حاضر ڪريو. بادشاهه جڏهن دربار ۾ قدم رکيو ته ڇا ڏسي ته سندس جهونو خادم بادشاهي تخت تي تاج پهري وڏي پيڪي ۽ تجمل سان حاڪم ٿيو وينو آهي. اهو ڏسي ڪيس هڪدم راتوڪي درويش واري نصيحت ياد آئي ته، 'جي ڪو گدا مان شاهه ٿئي ته ان کي عزت ضرور اها ڏجي، ڇو جو ڪيس خدا انهي درجي تي رسايو آهي.' اهو سوچي جهٽ پٽ بادشاهه کي نوڙي سلام ڪيائين. بادشاهه جو پريءَ دربار ۾ سلام ڪيو، تنهن خادم بادشاهه جون اکيون چرخ ڪري ڇڏيون ۽ ڇا ڪيائين جو سندس آداب بجا آڻڻ لاءِ تڪڙا قدم کڻي. اچي پاڪر پاتائينس ۽ ڪيس پاڻ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان وٺي ديوان خاص ڏانهن هليو ويو. هئو مئو ترڻ تي نوڪليون خبرون ڪرڻ وينا. خادم چيو ته: ”مون کي معاف ڪجو، مون کان غلطي ٿي ويئي. ڀلا غلطي به ڇو نه ٿئي، جو مفت حڪومت ملي ويئي. ايڏا به ڪن جا ڀاڳ!“ بادشاهه چيو: ”فڪر ڪونهي، تو جيڪي ڪيو سو چڱو ڪيو. آءٌ توکي ڏسي نهايت سرهو ٿيو آهيان، اڄ تون حاڪم آهين، آءٌ تنهنجي رعيت.“ اهڙيءَ ريت سڄي رات ڳالهين ۾ گذري وين ۽ صبح جو وهنجي سهنجي، نهي نڪي ٻئي جڻا دربار ۾ آيا.

خادم حاڪم، پنهنجي بادشاهه کي في الحال، سندس ئي صلاح سان پنهنجي حڪومت جو ننڍو وزير مقرر ڪيو ۽ ڪيس رهڻ لاءِ جدا محلات پڻ ڏنائين. ٻنهيءَ جي اها عادت ٿي ويئي ته هڪ رات ننڍو وزير (اصلوڪو بادشاهه) خادم حاڪم وٽ رهاڻ لاءِ ايندو هو ۽ ٻيءَ رات خادم حاڪم پنهنجي اصلوڪي بادشاهه يعني هاڻوڪي ننڍي وزير وٽ وڃي ڪچهري ڪندو هو. اهڙي نموني هنن جي صحبت کي ڪجھ عرصو گذري ويو ۽ قصو پئي هليو.

هڪڙيءَ رات ننڍو وزير، حاڪم کي پنهنجي جاءِ تي اُماڻڻ پئي ويو. شمعدان سندس هٿ ۾ هو، انهيءَ روشنيءَ ۾ هو ڇا ٿو ڏسي ته هڪڙي زائفان ۽ مرد حرم سراءِ جي اڱڻ ۾ ٻنهي بي خبر ٿي هڪٻئي کي ڀاڪر پايو بيٺا آهن. ننڍي وزير کي هڪدم خيال آيو ته درويش هدايت ڪئي هئي ته ڪنهن جي اُوگھڙ ڏسين ته ڍڪجانءِ. ههڙي ڪا اُوگھڙ ٻي! اهو ويچار ڪري بهانو بنائي، ٿاٻڙجي فرش تي ڪري پيو. اونداهي ٿي وئي ۽ هوڏانهن هن جوڙي کي به هي حال ڏسي ڀڄي وڃڻ جو موقعو ملي ويو ۽ انهيءَ سموري حال حقيقت جو بادشاهه کي ڪو سماءُ نه رهيو.

آخر ان رات واري معاملي وڃي رنگ لاتو. وڏي وزير جي ڏيهءَ جا چوڪيدار سان بيٺل هئي. سا ههڙيءَ طرح ڀاڻ کي اوچتو پڪڙجي پيل ڏسي، رهي نه سگهي ۽ صبح ٿيڻ کان اڳ هڪ سانگ سٽي روئڻ لڳي. پٽس پڇيس: ”ابا ڇا آهي؟ سگهو بيان ڪر. مون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي پريشان نہ ڪر!" هوءَ تيئن وڏا سڏڪا ڀرڻ لڳي، ۽ بلڪل اُيساهي ونـي ويس. تنهن کان پوءِ بيءُ کي ٻڌايائين تہ: "مون شام جو دريءَ مان منهن ڪڍي دل وندرائڻ لاءِ چوڌاري ساوڪ سبزي تـي ڏٺي، تہ اوچتو منهنجي نظر سامهين محلات جي دريءَ تي پيئي، ڏسان تہ بادشاهہ جو ننڍو وزير مون کي اشارا پيو ڪري ۽ پاڻ ڏانهن اچڻ لاءِ منٿون ڪندي هٿ پيو جوڙي. اهو حال ڏسي مون کي منهنجي غيرت اهڙو تہ مجبور ڪيو جو، پهريائين چيم تہ اهڙي جيئڻ کان مرڻ بهتر آهي، ڪٿي ترار پاڻ کي ختم ڪري ڇڏيان، پر پوءِ صبر کان ڪم ونـي ڪٿي ماٺ ڪيم. بس اها گهڙي ۽ اهو وقت آءُ بلڪل بيچين تـي پيئي آهيان تہ ڪيئن بہ ڪري انهيءَ وزير کان هن بدمعاشي جو بدلو ونجي! هيءَ حقيقت توهان کي ٻڌائي آزي تـي ڪريان تہ ڇا پنهنجي بادشاهہ اهڙا بدمعاش ۽ لفنگا ماڻهو وزير بنايا آهن جو اسان جي عصمت ۾ اکيون وجهندي ڪين ڪوبہ حياءُ يا ادب ڪونہ ٿو ٿئي!"

اها ڳالهہ ٻڌي وڏي وزير جي ڪاوڙ جي حد نہ رهي، ڌيءَ کي چوڻ لڳو تہ: "انهيءَ بي حياءَ کي حڪومت ڏيئي، اسان پنهنجون لڄون لٽائينداسين ڇا؟ بس، يا ننڍو وزير هوندو يا آءٌ!" ائين چئي سڌو دربار ۾ آيو. بادشاهہ وزير کي بدليل ڏسي، پڇيو تہ: "اي وزير نيڪ تدبير! توکي ڪهڙي ڳڻتي آهي، جو تنهنجو حال بدليل پيو نظر اچي؟" وزير چيو: "ٻانهي کي انتظار آهي، خلوت ۾ ڪجهہ عرض ڪرڻ گهران ٿو، مهرباني ڪري منهنجي حقيقت کان آگاهہ ٿيڻ فرمايو." بادشاهہ ۽ وزير سڌو خلوتگاهہ ڏانهن آيا. وزير پنهنجي ڌيءَ وارو هٿرادو بنايل قصو سربستو ڪري کيس ٻڌايو. بادشاهہ ٻڌڻ بعد چيو تہ: "اي وزير! پوءِ ڇا ڪجي؟" وزير چيو تہ: "جيئندا قبلا! آخر هي شخص ڪير آهي، جنهن تي ايترو راز رکي هيڏي عزت ڀرئي درجي تي کيس مفت ۾ پهچايو ويو آهي؟" خادم حاڪم جواب ڏنس تہ: "دراصل هيءُ منهنجو ٻادشاهہ آهي." وزير چيو تہ: "جي اهو تحقيق بادشاهہ آهي تہ توهان جاٽي واٽي پنهنجي پير تي ڪهاڙو هڻي رهيا آهيو! ايترو بہ نٿا ڄاڻو تہ هيءُ بادشاهہ ٿوري وقت ۾ ئي حضور جن جي ملڪ کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حاصل ڪري، پنهنجي اصلي حڪومت سان ڳنڍي حڪومت جي واڳ پنهنجي وس ۾ رکندو، تنهن ڪري جيترو ٿي سگهي اوترو جلد هن کان پلاند آجا ڪرائڻ ۾ ئي ڀلائي آهي!" بادشاهه، وزير جي اها گفتگو ٻڌي سن ٿي ويو ۽ کيس چيائين ته: "پوءِ ڪا اهڙي ڪيڏ ڪر جو نانگ به مري ۽ ليڪو به نه ڊهي." وزير چيو ته: "توهين چنتا آهيو، آءٌ سڄو انتظام پاڻيهي ٿو ڪريان. توهين فقط انهيءَ وزير کي ايترو سو حڪم ڏيو ته سڀاڻي صبح جو سوير شاهي ڪوس گهر ۾ وڃي ڪاسائن کي هدايت ڪر ته بادشاهه جي ڪاٺڻ جو گوشت سٺو نٿو ملي تنهنڪري نظرداري ۾ چڪاس به ڪري ۽ اهو به ڏسي ته اهڙي ڪوتاهي ڪنهنجي آهي." بادشاهه کي اها ڳالهه چٽي وڏي وزير اجازت ورتي. وڃڻ شرط ڪاسائن جي جمعدار کي گهرائي کيس تاڪيد ڪري چيائين ته: "بادشاهه سلامت جو فرمان آهي ته ڪوس گهر ۾ سڀاڻي صبح جو جيڪو به پهريون ماڻهو ڪو سرڪاري حڪم ٻڌائڻ اچي تنهن کي هڪدم قتل ڪري ڇڏجي ۽ سندس سسي ڍاڪوڻ ۾ وجهي سيل ڪري مضبوط رکجي ۽ جڏهن ٻيو ماڻهو اچي پڇي تڏهن کيس اهو ڍاڪون ڏيئي بادشاهه سلامت جي حضور ۾ واپس روانو ڪجي. پر اهو سڀ ڪم اهڙي نموني سان انجام ڏنو وڃي جو ڪا ويرم ئي نه لڳي. جيئن ته هيءُ ڪم نهايت جرئت جو آهي تنهن ڪري ڪنهن تمام هنيلي مڙس کي اڄ ئي هن ڪم تي مقرر ڪري تاڪيد ڪري ڇڏجي." جمعدار وڏي وزير جو اهو حڪم ٻڌي موٽي آيو ۽ ٻه ٽي پهلوان ڪاسائي هن ڪم لاءِ مقرر ڪري ڇڏيائين ۽ کين سموري ڳالهه پڻ سمجهائي ڇڏيائين. اجا سج اُڀرڻ ۾ گهڻي دير هئي ته وڏي وزير، ننڍي وزير کي بادشاهه ڏانهن موڪليو، جنهن وڏي وزير وارا سيڪاريل لفظ کيس چيا. ننڍو وزير حڪم جي پيروي: ڪرڻ لاءِ گهوڙي تي چڙهي ڪوس گهر ڏانهن روانو ٿيو.

خدا جي قدرت جو اُن ڏينهن رستي تي ڪا شادي هئي، گهوٽ جو سرگس نڪري رهيو هو ته هي به اچي اُتان لانگهائو ٿيو. گهوٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو پيءُ هيءُ سنو سؤڻ سمجهي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ وزير صاحب کي منت ڪيائين ته پلائيءَ ڪري پنهنجا نيڪ ۽ قربائتا قدم اسان غريبن جي جهوپڙيءَ تان گهمايو ۽ هن ڪکائين گهر کي شرف ڏيو. وزير پهريائين ته هن جي ڳالهين تي ڌيان ئي نه پئي ڏنو، پر پوءِ درويش واري ڳالھ دل تي تري آيس ۽ گهوڙي تان لهي پيو ۽ وڃي ڪاج وارن جي ککن ۾ وينو ۽ شاديءَ ۾ ساڻن شريڪ حال ٿيو. هن قصي ۾ البت وزير کي ڪجھ وقت لڳي ويو. جڏهن ڳچ مهل گذري ته وڏي وزير کي پڪ ٿي ته ڪاساين نندي وزير جو ڪم پورو ڪري ڇڏيو هوندو، سو تڪڙو تڪڙو گهوڙي تي لانگ ورائي ڪوس گهر ڏانهن ڀڳو. اچڻ سان ڪاساين کي چيائين ته: ”ڪيئن ڪم نيڪ آهي يا نه؟ جلد ڪريو امانت ڏيو!“ هنن ورائيس ته: ”سائين اندر هليا اچو.“ وڏو وزير جيئن اندر گهڙيو تيئن ڪيس چؤڪنيو ٻڌي اچي ڪاتين سان ورتائونس! بس پوءِ ته هيون هن جون دانهون ۽ رڙيون! چوندا آهن الله ڏي ۽ ٻانهو سهي، سو وزير صاحب به گهڻو ئي پاڻ پتوڙيو ۽ هنن کي سمجهايائين ۽ چيائين، پنهنجا عهدا بيان ڪيائين ۽ آخر اهو به چيائين ته اُهو ٻيو وزير آهي جنهن لاءِ بادشاھ سلامت مارڻ جو حڪم ڏنو آهي، پر هو ڪٿي ٿا ٻڌن، جن کي حڪم مليل چڪو ته جيڪو پهريون ماڻهو اچي تنهن جو هڏي قيمو ڪري رکجو! سو هڏي وڏي ڪٽي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيائونس.

ٿوريءَ دير بعد ننڍو وزير به شاديءَ وارن کان موڪلائي ڪوس گهر ڏانهن آيو ۽ ڪاساين کي گوشت جون پارتون ڪرڻ لڳو. ڪاساين ڪيس سيل مهر ٿيل گوشت جو ڏاڪون بادشاھ سلامت کي پهچائڻ لاءِ ڪٽي ڏنو. اهو پاڻ ڪٽي دربار ۾ اچي بادشاھ جي حضور ۾ پيش ڪيائين. بادشاھ هن کي جيئرو ڏسي وائڙو ٿي ويو ۽ يڪدم ڏاڪوڻ جو پڙ کولي ڏنائين. وڏي وزير جي سسي ڏاڪوڻ ۾ بند ڏسي بلڪل حيران ٿي ويو ۽ ننڍي وزير کان احوال پڇيائين. جنهن چيو ته: ”آءٌ حڪم موجب ڪوس گهر ڏانهن وڃي رهيو هئس ته رستي تي هڪ ڄڃ شاديءَ وارن جي ڏنم، جي دعوت ڏيئي مون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي پاڻ سان وٺي ويا. اُتان واندو ٿي ڪاساين کي جيئن تنبيھ ڪرڻ لاءِ ويس تہ انهن اهو ڏاڪون ڏنو، جو حضور ۾ اچي پيش ڪيو اٿم؛ وڏيڪ ڪابہ خبر ڪانهي. آءٌ بلڪل ڪونہ ٿو ڄاڻان تہ اسان جي وڏي وزير جو ههڙو حال ڪيئن ٿيو آهي." بادشاھ جواب ڏنس تہ: "وڏي وزير رات اها ڳالھ ڪئي هئي تہ توهان سندس جوان ڌيءُ سان محلات ۾ وٺي ڪا ڪُونس ڪئي هئي، جنهن پيءُ کي روئي دانهن ڏني هئي؛ پوءِ وزير اوهان کي مارائڻ لاءِ ڪاساين کي چئي آيو هو تہ جيڪو اڄ صبح جو سوير سرڪاري پهريون ماڻهو اچي، تنهن کي قتل ڪري، اُن جي سسي ڏاڪونءَ ۾ ڏيکي بادشاھ ڏانهن موڪلجو. اوهان صبح جو سويل اوڏانهن روانا ٿيا، قضا جا ڪم، جو توهان واٽ تي ويهي رهيا ۽ وزير اُبهرو ٿي اوڏانهن ويو ۽ ختم ٿي ويو." تنهن تي ننڍي وزير چيو تہ: "جهڙي ڪرڻي، تهڙي ڀرڻي. آءٌ وزير صاحب جو بدخواه ڪونہ هوس، نڪي سندس نياڻيءَ ۾ بري اک هئي؛ البت اُن رات جڏهن آءٌ شمعدان سميت حضور جن کي اُماڻڻ پئي آيس ۽ ڪري پيو هوس، تڏهن محل جي ايوان ۾ بہ ماڻهو ههڙيءَ طرح بينا ڏٺا هئم، لاشڪ انهن ۾ هڪ وڏي وزير جي ڌيءُ هئي. سو مون ڄاڻي واڻي شمعدان ڪيرائي اونداهي ڪئي؛ ان خيال کان تہ متان اوهانجي نگاھ مٿن پئجي وڃي ۽ ناحق مارجي وڃن؛ تنهن جو بدلو شايد وزير اهو ٿي ڏنو. پر خدا حق وڪيل آهي، سچن ساٿي ڪوڙن گهاٽي." پوءِ اول کان وٺي آخر تائين، مسافر خاني ۾ رات جو درويش کان بدل قيمتي ڳالهيون بادشاھ کي ڪري ٻڌايائين ۽ ڪيس ائين بہ چيائين تہ: "پڇاڙيءَ واري نصيحت جا درويش ڪئي هئي سا هيءَ هئي تہ: ڪنهن بيقدر، بي انصاف جي ياري، توڻي نوڪري نہ ڪج! سو اوهان بہ انهيءَ نموني ثابت ٿيا، جو بنا پڇئي مون کي موت جي منهن ۾ ڏيئي ڇڏيوَ. پر خدا ڪٿي بچايو اٿم. بادشاھ سلامت! افسوس جو توهان مون کان هن حقيقت تي ڪجھ پڇڻ بہ مناسب نہ سمجهيو! هاڻي اها بادشاهي اوهان کي نيبھ هجي ۽ اسانجي الله واهي." ائين چئي بادشاھ کان، جو اصل ۾ سندس غلام



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو، هيءَ خانداني بادشاهه موڪلائي، پنهنجي اصلوڪي گهوڙي تي چڙهي وڃي پنڌ پيو ۽ هلندي هلندي اچي ڪن ڏينهن جي پنڌ کان پوءِ پنهنجي بادشاهيءَ ۾ پهتو. هن ملڪ جي واڳ بادشاهه جي گم ٿي وڃڻ کان پوءِ وقت جي وڏي وزير جي هٿ ۾ هئي، جنهن بادشاهه سلامت کي زنده ۽ خوش خورم ڏسي، خدا جا شڪرانا بجا آندا. سڄي ملڪ ۾ نئين سر رنگ لڳي ويا. غريب غربي ۽ فقير فقري لاءِ خزاني جا دروازا کولي ڇڏيائون. ڪو وقت ته ملڪ ۾ خوشين جي ڌم لڳي ويئي. بادشاهه پنهنجي راڻين ۽ اولاد سان به مليو ۽ سڀ ڏاڍا خوش ٿيا.

جهڙيءَ طرح انهيءَ وڇڙيل بادشاهه ۽ سندس وڳر جو ميلو ٿيو، تهڙيءَ طرح شال جڳ جهان جو ٿئي.

(ٻارن لاءِ چونڊ ڪهاڻيون جي ٿورن سان)


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عقل ۽ بخت

هڪڙي ڀيري 'عقل' ۽ 'بخت' اچي پاڻ ۾ هوڏيا؛ عقل چئي ته آئون سرس ۽ بخت چئي ته آئون وڏو. نيٺ فيصلو ڪيائون ته ڪنهن ماڻهوءَ تي هلي ٿا زور آزمايون، پوءِ پاڻهي خبر پوندي ته ڪير سرس آهي. هڪ ٻڪرار ڪنهن ماڻهوءَ وٽ مهيني تي ٻڪريون چاريندو هو. رات ڏينهن ٻڪرين سان گڏ رهندي، هن ۾ ٻڪرين جهڙيون عادتون پئجي ويون هيون. پاڻيءَ به ٻڪرين وانگر اونڌو ٿي پيئندو هو ۽ مانيءَ نه انهن وانگر کائيندو هو.

انهيءَ ملڪ جي بادشاهه کي ڌيءَ جي شادي ڪرڻي هئي. شهزادي تمام سهڻي هئي، جنهن ڪري پرانهن ملڪن جا بادشاهه توڙي شهزادا، شهزاديءَ جي سڱ جي گهر ڪرڻ لڳا. بادشاهه خيال ڪيو ته جيڪڏهن ڪنهن هڪڙي کي سڱ ڏيندس ته ٻيا ناراض ٿيندا، ڪنهن سان ڦٽائڻو به ڪونهي، تنهن ڪري چونڊ اهڙي اٽڪل ڪجي، جو لال به ليي ۽ پريت به رهجي اچي. سو يڪدم پڙهو ڏياريائين ته فلاڻي ڏينهن، فلاڻي ميدان تي، چوُنري ڊرندي، جنهن ماڻهوءَ جي مٿان چوُنري ايندي تنهن کي شهزاديءَ جو سڱ ملندو.

مقرر ٿيل ڏينهن تي پري پري جا بادشاهه، شهزادا، امير ۽ غريب سڀ اچي انهيءَ ميدان تي گڏ ٿيا. خدا جي قدرت سان اهو ٻڪرار به گهمندو ڦرندو اچي اُتي نڪتو ۽ ماڻهن جا حشام ڏسي دل ۾ خيال ڪيائين ته لقاءُ ضرور ڏسجي. سو وڃي اچي هڪڙي پاسي ٿي بيٺو.

عقل ۽ بخت به ٻڪرار جي پٺيان اچي ان ميڙ ۾ پهتا. بخت،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عقل کي چيو ته، "هاٿي منهنجو مزو ڏسج. آئون انهيءَ ٻڪرار سان ساٿي ٿو ٿيان. پوءِ امين ٿج ته ڪير سرس آهي." عقل چيو ته، "ڀلي". آخر بادشاهه چوٺري ڦيرائڻ جو حڪم ڏنو. چوٺري ڦري ۽ سڌو اچي ان ٻڪرار جي مٿان بيٺي. سڀئي حيران ٿي ويا ته چوٺري وڃي هڪڙي غريب تي ڍري، جنهنجا ڪپڙا ليڙون ليڙون ۽ وارن ۾ مٽيءَ جا مڻ پيل آهن! شهزادن ۽ بادشاهن جڏهن ڏٺو ته سهڻي شهزادي هڪڙو غريب ڪٽي ٿو وڃي ۽ خود بادشاهه به ڏاڍو ششدر ٿيو، سو وني هلايائون ته: "سائڻ نه ڀلي-ٻانهي ڀلي!" آخر فيصلو ٿيو ته چوٺري وري ڦيرائجي. خدا جي قدرت جو ٻيو دفعو به ساڳي ڪار ٿي. چوٺري ڦري اچي ٻڪرار تي بيٺي. لاچار انجام موجب بادشاهه ٻڪرار کي پنهنجو ناٺي ڪري قبوليو ۽ کيس ڪپڙا لٽا پارائي، سنوارت، غسل ڪرائي، ماڻهن جهڙو ماڻهو ڪري پنهنجي نياڻي پرڻائي ڏني.

نڪاح کان پوءِ ٻڪرار کي ماني ملي، جا هن دستور موجب، ٻڪرين وانگر اونڌو ٿي کاڌي. ماڻهن کي سندس انهيءَ عادت تي ڏاڍو تعجب لڳو. آخر ٻانهيون کيس وڃي شهزاديءَ وٽ ڇڏي آيون. اتي به اهي ئي ٻڪرارن واريون هڪلون پئي پيس. ويچاري شهزاديءَ کي ڏاڍو ارمان ٿيو ۽ مات ڪري ويني سڀ رڳ ڏنائين. آخر ٻڪرار جي اها حالت ڏسي، شهزاديءَ کي پڪ ٿي ته، ٻڪرار ۾ تر جيترو به عقل ڪونهي پوءِ چيو نه سائنس شرط رکي ته تي سوال پڇان، جن جا هي جواب ائين ئي اُبتا ڏيندو، سو ڦاهيءَ جي سزا ڏياري هن کان جند ڇڏايان. اهو ويچاري چيائينس ته: "آئون توکان ٽي سوال پڇان ٿي، جيڪڏهن انهن جا صحيح جواب ڏيندين ته واهه، نه ته ڦاهيءَ تي چڙهڻو پوندءِ!" ٻڪرار شهزاديءَ جي ڳالهه قبول ڪئي. تنهن تي شهزاديءَ کانئس ٽي سوال پڇيا ته، "ٻڌاءِ ته پيٽ ڪنهن جو چڱو؟ جر ڪهڙو چڱو؟ ۽ گل ڪهڙو چڱو؟" ٻڪرار جواب ڏنس ته پيٽ پلي جو چڱو، جر ڪانيءَ جو چڱو ۽ گل گلاب جو چڱو." ٻڪرار جا اُبتا جواب ٻڌي شهزادي ڪاوڙ ۾ تپي باهه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي وئي ۽ يڪدم وزير کي گھرائي چيائين ته، ”هن بيوقوف کي وٺي وڃي ڦاهيءَ تي چاڙهيو.“

عقل ۽ بخت ٻنهي تماشو پئي ڏٺو. عقل ڏٺو ته هاڻي مڙس ٿو مري، سو بخت کي چيائين ته، ”تو هن جو ڀلو ڪيو جو شهزاديءَ جو سڱ وٺي ڏنو، پر اهو ڀاڳ ڪهڙي ڪم جو، جو شاديءَ رات ئي ڦاسيءَ تي ٿو چڙهي؟ هاڻي جي هجئي همت ته مدد ڪرينس.“ بخت وراڻيو ته، ”مون کي طاقت جيتري هئي سا مون ڏيکاري، هاڻي ڪٽيس قسمت!“ تنهن تي عقل چيس ته، ”چڱو آئون ٿو توکي هن جي جان بچائي ڏيکاريان.“ ائين چئي عقل ڇا ڪيو جو يڪدم وڃي ٻڪرار جي مغز ۾ ويهي رهيو. اتي ٻڪرار جون اکيون کليون ۽ وزير کي چيائين ته: ”ميان وزير! خير ته آهي! مون کي ڪيڏانهن پيو وٺي هلين؟“ وزير کيس سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي، جنهن تي ٻڪرار خيال ڪيو ته هتي جيڪڏهن اُبهرائي ڪبي ته مفت مارجي ويندس، تنهن ڪري ڪا اٽڪل هلائي جند ڇڏائجي، سو چيائينس ته: ”ميان وزير! شهزاديءَ جو حڪم اکين تي، پر مرڻ کان پهرين مون کي بادشاه سان هلي ملاءِ، پوءِ تون ڀلي هلي مون کي ڦاسيءَ تي چاڙهه.“

وزير اها ڳالهه مڃي کيس بادشاه وٽ حاضر ڪيو. بادشاه کانئس پڇيو ته، ”ڪير آهين؟“ ٻڪرار جواب ڏنس ته، ”بادشاه سلامت! تو خوشيءَ سان مون کي شهزاديءَ جو سڱ ڏنو آهي، پوءِ رات جو پرڻائي اڄ وري ڦاسيءَ تي چاڙهڻ، اهو ڪهڙو انصاف آهي؟“ بادشاه وزير ڏي نهاريو، جنهن کيس ٻڌايو ته، ”جيئندا قبلا! شهزاديءَ جو حڪم آهي ته هي بيوقوف آهي، تنهن ڪري هن کي ڦاسيءَ تي چاڙهيو وڃي.“ بادشاه يڪدم شهزاديءَ کي گھرائي کانئس حقيقت پڇي، جنهن تي هن بادشاه کي ٻڌايو ته: ”ههڙيءَ طرح اسان شرط رکيو ۽ هن منهنجي سوالن جا جواب صحيح ڪونه ڏنا، تنهن ڪري مون اهو حڪم ڏنو.“ بادشاه چيس ته: ”چڱو تون اهي سوال وري منهنجي روبرو ڪر. جي جواب ڏنائين ته نهيو، نه ته پوءِ ڀلي ڦاسي ڏيارينس.“ تڏهن شهزاديءَ پهريون سوال ڪيو ته: ”پيٽ ڪنهنجو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڱو؟" ٻڪرار جواب ڏنو ته: "پيٽ ڏرتيءَ جو چڱو، جنهن ۾ سيڪجهه سمائجي ٿو وڃي." وري شهزاديءَ ٻيو سوال پڇيس ته: "جر ڪهڙو چڱو؟" ٻڪرار جواب ڏنس ته: "جر مينهن جو چڱو، جنهن تي سيني ساهه وارن جو جياپو آهي." آخر ٽيون سوال پڇيائينس ته، "گل ڪهڙو چڱو؟" جنهن جو ٻڪرار جواب ڏنو ته، "گل وڻن جو چڱو، جو سڄي خلق کي ڍڪي ٿو." اهو جواب ٻڌي، بادشاهه ڌيءُ کي چيو ته: "امان، اهي ته سموريون ڳالهيون عقل وارن جون آهن." شهزادي پاڻ به پشيمان ٿي مڙس کان معافي ورتي ۽ پوءِ هميشه لاءِ خوش گذارڻ لڳا.

اهو تماشو ڏسي، بخت، عقل کي چيو ته، "ادا عقل! برابر سواءِ تنهنجي آئون ڪجهه به ڪونه آهيان." پوءِ ٻئي پاڻ ۾ پرچي سدائين دوست ٿي رهيا.

(ٻارن لاءِ چونڊ ڪهاڻيون جي ٿورن سان)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سٽ مان ڪپهہ

ڪنهن ڳوٺ ۾ هڪڙو غريب هاري رهندو هو. صبح سوير هو پنهنجي ڪوڏر ڪٺي ٻنيءَ تي ويندو هو ۽ سڄو ڏينهن ڪم ڪري شام جو پنهنجي انگوڇي ۾ ٿورو اناج ڪٺي واپس موٽندو هو. سندس ٻالي ڀولي زال، گهر جو سڄو ڪم ڪار ڪندي هئي، جڏهن ڪم مان واندي ٿيندي هئي ته اَٽ ڪٺي ويهي سٽ ڪتيندي هئي. شام جو جڏهن هاري واپس ايندو هو ته ڪتيل سٽ ڪٺي هو بازار ۾ ويندو هو. جيڪي چار ڏوڪڙ ملندا هئس، تن مان ڀاڄي ڀتو، تيل مصالحا وٺي ايندو هو. ائين پيو سندن غريباڻو گذر ٿيندو هو.

وقت گذرندو رهيو. گرميءَ کان پوءِ برسات، تنهن کان پوءِ ڏياريءَ جا ڏينهن ويجها آيا. هاريءَ جي زال سوچيو ته چوندا آهن ته جيڪو ڏياريءَ تي پنهنجو گهر صاف سٿرو ۽ روشن رکندو، تنهنجي گهر ۾ لڪشمي اچي واسو ڪندي آهي. سڄي عمر فاقا ڪديا اٿئون. چونہ هڪ دفعو آءٌ ٻہ لڪشميءَ کي راضي ڪريان ته منهنجي گهر ۾ اچي ڦيرا گهمائي. انهيءَ اميد ۾ گهر جي صفائيءَ کي لڳي ويئي. ڪڏهن پٽي مٽي ۽ ڇيڻو ڪٺي ليپو پائي، ڪڏهن ٻهارا ڪٺي پيئي جارا لاهي ته ڪڏهن گدامڙي ڪٺي پيئي برتڻ چمڪائي ته ڪڏهن پيئي ڪتون ڇڪي سڌيون ڪري. اها صفائي ڪندي ڪيس هڪ ڏينهن ٻانهن (عاج) جو هڪ چوڙو ڪنهن ڪنڊ مان ملي ويو. ڏسي ڏاڍو خوش ٿي ۽ شوق مان ڪٺي ٻانهن ۾ وڌائين ته ٺري پيئي.

ان ڏينهن جڏهن گهر جي صفائيءَ مان واندي ٿي ته اَٽ ڪٺي

وڻي سٽ ڪتڻ. جيئن پئي اُٺ جي هٿئي کي ڦيرايائين ته انهيءَ ٻانهن ۾ پيل چوڙو پئي هيٺ مٿي ٿيو، جنهن مان مائيءَ کي ايترو ته مزو پئي آيو جو وٺي ڪتيندي ۾ اڳي کان ٻيڻو سٽ ڪتي وڌائين. مڙس جڏهن شام جو آيو ته سڄو سٽ ڪڍي ڏنائينس. ويچارو هاري هيترو سٽ ڏسي وائڙو ٿي ويو. زال ٻڌايس: "اهو سارو ڪمال هن چوڙي جو آهي. اُٺ هلائڻ وقت جيئن پئي چوڙي منهنجي ٻانهن ۾ ڦيريون پاتيون، تيئن پئي منهنجي ڪتڻ جي رفتار وڌي. بس عجب ٿي ويو. خبر ئي نه پيئي ته ٻيڻو سٽ ڪتجي ويو."

مڙس ته بس ٺري پيو. چئي: هڪڙي چوڙي جو ايڏو ڪمال! پوءِ چونه جوءِ کي ڪٽي سڄي ٻانهين پارايان، جيڪا ڪرائيءَ کان ٺونٺ تائين هجي. زال سان صلاح ڪيائين ته اُها به پيئي ٺري. پر پيسا ڪٿان اچن؟ سوچيائين چونه زميندار کان قرض وٺان. پوءِ وڃان آهستي آهستي لاهيندو. سو سائين قرض وٺي اچي زال کي خوب چوڙا پارايائين. مائيءَ ته ڄڻ پاڻ کي راڄ جي راڻي سمجهڻ لڳي. چئي: ڏياريءَ جي صفائي ڪئي اٿم. هاڻي ته بس لڪشمي ڇم ڇم ڪندي اچهو ٿي اچي منهنجو گهر ڀري. گهر جو ڪم ڪاج لاهي، اُٺ ڪٽي اچي وڻي ڪتڻ، پر وريو ڪجهه به ڪين. هيڪاري چوڙن ڪري ڪيس سور ٿيڻ لڳو. مائي ته اچي ويل ۾ ڦاٿي. اچي دپ ورايس ته مڙسس قرض ڪٽي ڪيس ٻانهين پارائي آهي سو سٽ ڪتيل نه ڏسندو ته ساهه ئي ڪڍي ڇڏيندو. ڪري سو ڪري ڇا؟ ڀڳي پنهنجي ماءُ وٽ ۽ وڃي سڄو قصو ڪري ٻڌايائينس.

ٻڍڙي ماءُ سياڻي هئي. هن جي ٻي عقليءَ کي سمجهي ويئي. عقل هلائي هڪ رٿ تيار ڪيائين، جيئن ڌيئس جي جان بچي. ڇوڪريءَ کي سمجهائي چيائين: "تون وڃي جيڪي مٽيءَ جون مانيون ناهه ۽ پوءِ انهن کي اڌ جيترو سڪائي پاڻ وٽ رک. جڏهن سمهڻ جو وقت ٿئي ته اُهي مانيون پنهنجي بستري جي هيٺان رکي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڏج، جيئن مڙسنهن کي ڪا خبر نہ پوي. تون جڏهن پاسو ورائيندينءَ تہ ماني پچڻ جا تڙڪا ٿيندا. مڙس پڇيئي تہ چئجانس تہ اج ايترو تہ ست ڪتيو اٿم جو سنڌ سنڌ ۾ سور آهي، سو جيئن ٿي پاسو ورايان تہ سنڌن مان تڪاءَ پيا نڪرن. اج وارو ست وڪڻ لاءِ چويئي تہ چئجانس تمام گهڻو آهي، سڀاڻي وڪڻنداسون. باقي ڪم مان پاڻيهي راس ڪنديس."

ڇوڪري موٽي گهر آئي. ڇيڪي مٽي ڳوهي مانيون پچايائين ۽ کين وچي اُس جي تڙڪي تي رکيائين. جڏهن اَڌو گابريون سڪيون تہ مٽ ميٽ ۾ پنهنجي بستري هيٺان رکي ڇڏيائين ۽ ويٺي مڙس جو انتظار ڪرڻ. هاري ڪم تان واپس آيو. هٿ منهن ڌوئي زال کي چيائين: "ست ڏي بازار ۾ وڪڻي اچان." ڇوڪري تہ ماءُ جو سبق پڙهايل هئي، چيائينس: "اج تمام گهڻو ست ڪتيو آهي. شام جو بازار هوندي آهي لاٽ ۾. ڏوڪڙ بہ گهٽ ملندا. سڀاڻي صبح جو وڪڻي اچج." هاريءَ بہ ڪڻي چپ ڪئي. ماني کائي ٻئي وڃي بستري داخل ٿيا. ڇوڪري جيئن پاسو ورائي تہ مانين جي پچڻ جو آواز ٿئي. هاري پڇي تہ اهو ڇا جو آواز ٿيو تہ جوڻس ڪنجهي ڪرڪي چوي تہ: "اج ايترو تہ ست ڪتيو اٿم ۽ ايتري تہ ٿڪجي پيئي آهيان جو سَنڌ سَنڌ مان پيا تڪاءَ نڪرن." هاري ويچارو مانڙي ڪري سمهي پيو ۽ ننڊ ڪڻي ويس.

اڌ رات ٿي تہ اوچتو منگهہ مان ڪڙڪيدار آواز آيو: "ست مان ڪپهہ ڪريان يا جوڻهين جو ساهہ ڪڍان؟" آواز ويو وڌندو ۽ اوچتو هاري جاڳي پيو. ور ور ساڳيو آواز اچڻ لڳو: "ست مان ڪپهہ ڪريان يا جوڻهين جو ساهہ ڪڍان؟" هاري ڊڄي ويو. رڙ ڪري چيائين: "تون ڪير آهين ۽ توکي ڇا کپي؟" واپس آواز آيو: "مان ڀوت آهيان. هن جاءِ ۾ منهنجو واسو آهي. هن ڪان اڳ ۾ هتي ڪنهن بہ ايترو ست ڪونہ ڪتيو آهي، جيترو تنهنجي زال اج ڪتيو آهي. مان هاڻي ڪيس نہ ڇڏيندس." هاري ويچارو گهبرائجي ويو. چيائينس: "سائين اج ڪڻي معاف ڪريو. اڳتي لاءِ چئي ٿو ڇڏيانس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ ايترو سٺ نہ ڪتي. منهنجي زال تي رحم ڪريو.“ واپس جواب مليس: ”جيڪو بہ سٺ ڪتيو اٿائين، تنهن ڪي ڦيري مان ڪپهہ ڪري ٿو ڇڏيان ۽ اها ٻانهين جيڪا لالچ ۾ زال کي پارائي اٿئي، سا لاهي واپس ڏيئي اچ نہ تہ وري تنهنجي زال لوڀ وس ٿي گهڻو سٺ ڪتيندي ۽ مون کي وري هتي اچڻو پوندو. جلدي انجام ڪر نہ تہ اجهو ٿو جوٽيهين جو ساهہ ڪڍان.“ هاري هٿ جوڙي ڏڪندي ڏڪندي انجام ڏنو ۽ آواز گم ٿي ويو.

صبح جو هاري اُٿيو. رات واري ڳالهہ تہ صفا وسري ويئي هئس. سو زال کي سڏي چيائين تہ سٺ کڻي اچ تہ وڃي وڪڻي اچان. جوٺس چيس: ”واهہ جي تا ڳالهہ ڪريو. رات جو هن ڀوت سان انجام ڪيوَ تہ سٺ مان ڀلي ڪپهہ ڪري. سو هو تہ ڪپهہ ڪري ويو اٿوَ ۽ جهٽ ٻانهين بہ لاهي ڏنائينس تہ جلدي وڃي موٽائي ڏيئي اچي ۽ زميندار جو قرض چڪتو ڪري ڇڏي نہ تہ تڪو سٺ ڪتبو ۽ نڪو ئي قرض لاهي سگهبو ۽ وري ڀوت تي بہ ڪهڙو ڀروسو!“

ويچارو ڀولو ڀالو هاري ٻانهين کڻي بازار روانو ٿيو ۽ هيڏانهن سندس جوءِ ٻانهين پائڻ کان بانءِ ڀري ڇڏي.

(ٻارن لاءِ چونڊ ڪهاڻيون جي ٿورن سان)


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهاڻو ۽ سندس زال

ڪنهن زماني ۾، هڪڙو غريب مهاڻو ۽ هن جي زال سمنڊ جي ڪناري تي، هڪڙي ڀڳل ٽٽل پراڻي جهوپڙيءَ ۾ رهندا هئا. مهاڻو ويچارو هر روز مڇي مارڻ ويندو هو ۽ سواءِ مڇين مارڻ جي هن کي ٻيو ڪو ڪم ڪونه هو. هڪ ڏينهن هو سمنڊ جي اڇي اجري پاڻيءَ ۾ مڇيءَ ڦاسائڻ جي ڏور اُڇلائي، ان ۾ جوهه پائي ڏسڻ ويهي رهيو. تان جو ڪنهن مهل، ڏور چڪجي وڃي سمنڊ جي اونهي تري تائين پهتي. جان ڪٿي ڏور مٿي ڇڪي، ته ڏسي ته ڪنڍيءَ ۾ هڪڙو سٺيو سٺيو، جرڪندڙ سونو ڪڪو ڦٿڪندو ڦٿڪندو اچي ٻاهر سٽيو.

ڪڪي هڪدم مهاڻي کي چيو: ”مهاڻا ڙي مهاڻا! منهنجي ڳالهه ٻڌ، آءُ توکي نئڙت سان ٿو عرض ڪريان مون کي نه مار آءُ ڪڪو نه آهيان. آءُ هڪ شهزادو آهيان، جنهن کي جادوءَ جي زور سان ڪڪو بنايو ويو آهي! منهنجي مارڻ مان توکي ڪهڙو فائدو رسندو؟ منهنجي ڪائڻ مان توکي سواد به نه ملندو: مون کي موٽائي سمنڊ ۾ اڇلاءِ، ته ٿبي هٽي هليو وڃان!“

مهاڻي جواب ڏنس ته: ”ايتريون منٿون ڇا لاءِ ٿو ڪرين! آءُ ڪو چريو ٿيو آهيان ڇا، جو ماڻهو جيان ڳالهائيندڙ مڇيءَ کي ڪٿي پاڻ وٽ جهليندس؟“. ائين چئي، مهاڻي هن کي موٽائي سمنڊ جي اَڇي اجري پاڻيءَ ۾ ڪٽي ڦٽو ڪيو. ڪڪو پوءِ ٿبيون هڻندو ۽ ترندو، پنهنجي زخميل منهن مان رت جا نار هاريندو، پري پري، پاڻيءَ ۾ گم


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ويو. ۽ پوءِ مهاڻو به پنهنجي پڳل ٽٽل جهوپڙيءَ ڏانهن موٽي ويو.

جوڻس هن کي جو هٿين خالي ڏٺو، سو منهن ۾ گهنڊ وجهي چيائينس: "چڱا مڙس! ڇا، اڄ ڪجهه به ڪين ڦاسايو اٿئي؟"

مڙس جواب ڏنس: "هڪ ڪَگو ڦاسايو هوم، پر هن مون کي چيو ته 'آءٌ مڇي نه، پر هڪ شهزادو آهيان. جنهن کي جادوءَ جي زور تي ڪٽي مڇي بنايو اٿن! تنهن ڪري مون هن کي واپس درياءَ ۾ اڇلائي ڇڏيو!"

تنهن تي زال ويتر ڪاوڙجي پڇيس: "تو هن کان ڪا منَ جي مراد به ڪين گهري؟"

مڙس جواب ڏنس: "مون کي گهرجي ئي ڇا، جو آءٌ گهران."

زال چيس: "اسان کي هن گندي جهوپڙيءَ ۾ رهڻ ڏاڍو ڏکيو ٿو لڳي. تون هن کان هڪ ننڍڙي سهڻي گهر جي طلب ڪرين ها، ته بهتر هو! هاڻي وڃ، ۽ وڃي چئينس ته 'اسان کي هڪ ننڍڙي سهڻي گهر جي ضرورت آهي!' مون کي پڪ آهي ته ضرور اسان جي اها ڳالهه مڃيندو!"

مڙس چيس: "هاڻي ڪيئن هن وٽ موٽي وڃان، ۽ آخر ڪهڙيءَ ڳالهه لاءِ وڃانس؟"

زال تنهن تي واڪو ڪري چيس: "تو جو هن کي جهليو، ۽ پوءِ جيئدان ڏيئي، ڇو وري درياءَ ۾ ڇڏي ڏنئيس! اجا به هو تنهنجي ڳالهه ڪين مڃيندو؟ تون هڪ ڀيرو وٽس وڃي ته ڏس!" غريب مهاڻو وڃڻ لاءِ بلڪل راضي نه هو، پر زال کي به رنج نٿي ڪري سگهيو، تنهن ڪري هو لاچار اٿي سمنڊ طرف روانو ٿيو.

جڏهن اتي پهتو، تڏهن ڏٺائين ته سمنڊ سائو ۽ پيلو لڳو پيو هو، پاڻي جهڙو ڀِريان مانو هو، تهڙو هينئر بلڪل نه هو.

مهاڻي پوءِ ڪناري تي بيهي چيو: "او! سمنڊ جي سهڻي مڇڙي، منهنجي ڳالهه ڌيان سان ٻڌ. جيئن آءٌ گهران ٿو، تيئن منهنجي زال نٿي گهري!"

ان تي اهو ساڳيو، سٽيو سٽيو، جرڪندڙ سونو ڪَگو ...

۽ اچڻ سان پڇيائين: "هوءَ نيٺ ڇا تي گهري؟"

مهاڻي جواب ڏنو: "مون توکي هاٿي جو جهليو هو، سو منهنجي زال چوي ٿي ته تو کان ڪا پنهنجي من جي مراد گهران! هن کي پڳل تـل، پراڻي جهوپڙيءَ ۾ وڏيڪ رهڻ نٿو پڄي، سو چوي ٿي ته هڪڙو ننڍڙو، سهڻو گهر اسان کي ڏي!"

ڪڳي جواب ڏنس ته: "موٽي گهر وڃ، تنهنجي پوڙهي زال اڳيئي هڪ ننڍڙي سهڻي گهر ۾ ويٺي آهي. وڃي ڏس!"

اهو ٻڌي، هن پنهنجي جاءِ جي طرف رخ رکيو. اچي ڏسي، ته برابر سندس زال اڳوڻيءَ جهوپڙيءَ ۾ نه آهي، انهيءَ هنڌ هڪ ننڍڙو سهڻو گهر نهيل نڪيل بيٺو آهي ۽ جوڻس ٻاهرئين در جي اڳيان هڪ بينچ تي ويٺي آهي. زال جو هن کي پريان ايندو ڏٺو، سو هڪدم ڊوڙي ٻانهن مان جهليو، اندر وٺي ويس ۽ چيائينس: "هي ڏس! اڳين جهوپڙي سٺي، يا هي ننڍڙو صاف سهڻو گهر؟" پوءِ، جڏهن هو گڏجي گهر ويا، ته ڏسن ته گهر جي اندر هڪ سٺو صاف وراندو نهيل آهي، جنهن جي هڪ پاسي ويهڻ لاءِ هڪڙي ڪوٺي آهي، ۽ ٻئي پاسي سمهڻ لاءِ ٻي ڪوٺي آهي، جنهن ۾ هنن لاءِ بستري سان نهيل جڙيل کٽ پئي آهي. پٺئين پاسي رڌڻ پچائڻ لاءِ رڌڻو هو ۽ سامان رکڻ لاءِ جدا جاءِ هئي، هرڪا شيءِ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي سليقي سان رکي هئي ۽ رڌڻ پچائڻ واسطي جست ۽ پتل جا ٿانو پيا هئا. مطلب ته هر هڪ ضرورت جي شيءِ گهر ۾ موجود هئي. انهيءَ کان سواءِ هڪ ننڍڙو اڱڻ به هو، جنهن ۾ ڪڪڙيون ۽ بدڪون بيٺيون هيون، تنهن کان سواءِ گهر جي سامهون هڪ ننڍڙو باغ هو، جيڪو ڀاڄين ۽ ميون سان ڀريو پيو هو.

زال چيس: "ڏٺئي؟ هيءُ ڪهڙو نه مزيدار گهر آهي!" مڙس جواب ڏنو: "هائو، هاڻي هن ۾ آرام سان رهنداسون ۽ نهايت خوش ۽ آسودا گذارينداسون!"

"خير، اڳتي ڏٺو ويندو!" زال لاپرواهيءَ سان چيو.

پوءِ هنن رات جي ماني کاڌي ۽ سمهي رهيا. ائين هڪ ٻه هفتا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مس گذاريائون، تہ هڪڙي ڏينهن مهاڻي جي زال مڙس کي چيو: "ميان، ٻڌ! هيءَ جاءِ ڏاڍي تنگ آهي. هن جو اڱڻ توڙي باغ، ٻيئي ننڍا آهن. شهزادو ڪڳو اسان کي وڏيرڙي جاءِ ڏيئي سگهي ٿو! آءُ پٽر جي هڪ وڏي محلات ۾ رهڻ گهران ٿي، تون وڃ هن وٽ، ۽ چوينس تہ 'اسان کي هڪ وڏو عاليشان محلات ڏي!'"

مڙس جواب ڏنو: "چري نہ ٿيءُ، هيءُ گهر چڱو ڪشادو آهي. اسين غريب ماڻهو، محلاتن ۾ رهي ڇا ڪنداسين!"

زال جواب ڏنس: "بيوقوف نہ ٿيءُ، تون ماٺ ڪري شهزادي ڪڳي وٽ وڃ! هو اسان کي آسانيءَ سان محلات ڏيئي سگهندو."

مڙس ويچاري انڪار ڪندي سمجهايس: "ڏاهي ٿيءُ، هن اسان کي اڳا هاڻي هيءُ گهر ڏنو آهي، مون کي هن وٽ هر هر وڃڻ چڱو نٿو لڳي! هن کي انهيءَ ڳالهہ تي متان مرڳو ئي غصو اچي وڃي!"

تنهن تي زال رڙ ڪري چيس: "تون وڃ تہ سهي، جيئن تون چوندينس، تيئن هو ڪري سگهندو، ۽ خوشيءَ سان ائين ڪندو. تون رڳو هڪ ڀيرو ڊوڙ پائي هن وٽ وڃ!"

مڙس جي دل کي هيءَ ڳالهہ ڳوري لڳي ۽ وڃڻ لاءِ بنھ تيار نہ هو ۽ چپن ۾ ڀڻ ڀڻ ڪندي پئي چيائين تہ "هيءَ چڱي ڳالهہ نہ آهي." پر، غريب ٻيو ڪري بہ ڇا پئي سگهيو! سو لاچار وڃڻو ئي پيس.

جڏهن سمنڊ جي ڪناري تي پهتو، تہ ڏسي تہ سمنڊ جو رنگ آسماني ۽ واڱڻائي لڳو پيو آهي ۽ پاڻي لڙاٽيل ۽ گهاٽو آهي. جيتوڻيڪ اڳي وانگر پاڻي سائو ۽ پيلو نہ هو، پر ماناڻ منجهس اڄ بہ ساڳي اڳي جهڙي هئي! مهاڻي پوءِ ڪناري تي بيهي، وري بہ چيو: "اي، سمنڊ جي سهڻي مڇڙي، منهنجي ڳالهہ ڌيان سان ٻڌ! جيئن آءُ گهران ٿو، تيئن منهنجي زال نٿي گهري؟"

سوني ڪڳي پڇيو تہ ، "هوءَ نيٺ ڇا ٿي گهري؟"

"هوءَ گهري ٿي تہ پٽر جي ٺهيل محلات ۾ رهان!"

ڪڳي جواب ڏنس تہ: "موٽي وڃ! هوءَ هن گهڙيءَ ئي محلات



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي دروازي وٽ بيٺي آهي!“

اھو ٻڌي، مڙس موتيو پنھنجي گھر ڏانھن، پر ويجھو اچي ڏسي ته سامھون سندس ننڍڙي سھڻي گھر جي بدران ھڪ وڏو پٿر جو عاليشان محلات بيٺو آھي ۽ محلات جي ڏاڪڻ تي سندس پوڙھي زال اڳيئي اندر وڃڻ جي خيال ۾ تھي نڪي بيٺي آھي. مڙس کي جو ھن پري کان ايندو ڏٺو، سو ھڪدم ھٿ کان وٺي چيائينس: ”مون سان اندر ھل.“

انھيءَ تي ھو زال سان گڏ جڏھن اندر گھڙيو، ته ڇا ڏسي، ته ھڪ دالان آھي، جنھن جو فرش سنگمرمر سان جڙيل آھي ۽ ڪيئي نوڪر چاڪر آھن، جن ھنن جي اندر اچڻ واسطي ھڪدم وڏا دروازا کولي وڌا. اندر ڏسن ته ڀتيون سھڻن رنگن سان چٽيل، ڪمرن ۾ ڪيتريون سونھري پٽن سان جڙيل ڪرسيون ۽ ميزون، ڇتين ۾ بخملي جھالرون ۽ وڏا وڏا بلوري شمعدان ٽنگيل، سيني ڪوٺين ۽ ايوانن ۾ غاليچا پٿريل، ۽ ڪاڏي جي ميزن تي قيمتي ۽ لذيذ طعام ۽ ناياب خوراڪون، مطلب دنيا جي ڪا نفيس شيءِ نه ھئي، جا اُتي نه ھجي. پويان ھڪ وسيع اڱڻ ھو، جنھن ۾ گھوڙن جا تبيلا، ڍڳين جا وٿاڻ ۽ ڪئين اعليٰ درجي جون گاڏيون بيٺل ھيون. اُنھن کان سواءِ، ھڪ وڏو سھڻو باغ ھو، جنھن ۾ نھايت سھڻا گل ڦل ۽ ناياب ميون جا وڻ ھئا، ۽ ان جي لڳو لڳ ھڪ گاھ جو سر سبز ميدان ٻه ميل ڊگھو ھو، جنھن ۾ ڦاڙھا، ھرڻ ۽ سھا پئي ھيڏانھن ھوڏانھن ھليا چليا!

مطلب ته ھرڪا شيءِ، جا انسان جي دل طلب ڪري، اھا اُتي حاضر ھئي. ھي سيڪجھ ڏسي، زال چيس: ”ڪيئن تو ڀانئين! ھيءَ ڪھڙو نه عاليشان محلات آھي!“

مڙس جواب ڏنو: ”ھائو، ھاڻي پاڻ ھن سھڻي محلات ۾ مزي سان گذاريندا سين. وڌيڪ پاڻ کي ڪي ڪين گھرجي!“

زال جواب ڏنو: ”انھيءَ ڳالھ جو پوءِ ويچار ڪنداسين. حال ھيءَ رات ته ھن محلات ۾ سمھي موج ڪريون!“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي ڏينهن، زال ننڊ مان پهرين سجاڳ ٿي. ڏينهن ٿي چڪو هو. بستري تان ٻاهر جو نهاري ته چوڌاري ديهن جون ديهون زمين جون، پليون سايون پوکون ۽ پري پري تائين وڏا گهاٽا ٻيلا پکڙيا پيا آهن. اتي مڙسس به ٿورو بستري ۾ چريو پريو، سو نونڻ هٽي، کيس جاڳائي، چيائينس: ”اتي ڪڙو ٿيءُ، هوڏانهن دريءَ مان جهاتي پائي ٻاهر ته ڏس؟ ڪيئن ٿويانئين. هن ملڪ جا بادشاهه نه ڪٿي ٿيون! تون ڊوڙ پائي پاڻ واري شهزادي ڪڳي وٽ نه وڃين؟ چئينس وڃي ته 'اسين هن ملڪ جا بادشاهه ٿيڻ ٿا چاهيون!.“

مڙس جواب ڏنوڌ ”اڙي، سائينءَ جي سنواري، ڪهڙو ضرور آهي اسان کي بادشاهه بڻجڻ جو؟ آءُ ته بادشاهه بڻجڻ نٿو گهران!“

زال جواب ڏنس: ”جيڪڏهن تون بادشاهه ٿيڻ نٿو چاهين ته خير تنهنجي مرضي، مگر آءُ ته بڻجڻ چاهيان ٿي! چپ ڪري شهزادي ڪڳي وٽ وڃ، ۽ وڃي چئينس ته مون کي هتان جو بادشاهه بنائي ڇڏي؟“ مرد جواب ڏنو: ”اڙي بيبي، آخر تون ڇو ٿي بادشاهه بڻجڻ گهرين، آءُ ڪهڙي منهن سان هن کان اهو سوال ڪريان!“

زال چڙٻ ڏيندي چيس: ”ڇو نه! اها ٻڪ بند ڪر. هاڻي جو هاڻي وڃ پنهنجي شهزادي وٽ، مون کي ڪنهن به ريت بادشاهه ٿيڻو آهي!“

مهاڻو ويچارو، نيٺ اتي هليو، پر دل ۾ پئي ڊنو ته ڳالهه ته ڏاڍي ڏکي آهي، مرڳو ڪٿي ڪنهن مصيبت ۾ نه ڦاسي پوان! سو، دل ۾ پڪو پهه پچايائين ته 'ڪڳي شهزادي ڏانهن اهو سوال ڪٿي هرگز نه ويندس' پر غريب ويچارو آخر ڪري به ڇا ٿي سگهيو! اڳيان زال جون اکيون به سجهيس پئي! سو لاچار اتي هليو. هلندي هلندي، جڏهن سمنڊ جي ڪناري تي پهتو ته ڏٺائين ته سمنڊ جو رنگ پورو ڪارو ۽ لڙاٽيل آهي، پاڻي هينان بوڙيا ڪيندو، مٿي پئي نڪتو ۽ منجهانئس بدبوءِ پئي ائي!

هن ڪناري تي بيهي چيو: ”او سمنڊ جي سهڻي مڇڙي، مهربانيءَ ڪري منهنجي ڳالهه ٻڌ! جيئن آءُ گهران ٿو، تيئن منهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زال نٿي گھري! ڪڳي پڇيو تہ: ”هوءَ نيٺ ڇا ٿي گھري؟“ مهاڻي جواب ڏنو: ”هوءَ بادشاھ ٿيڻ چاهي ٿي!“ ڪڳي ان تي چيس: ”تون گھر موٽي وڃ! هن جي گھر قبول ڪئي ويئي!“

مهاڻو پوءِ گھر ڏانهن موٽيو ۽ جڏهن ويجهو آيو تہ ڏسي تہ محلات اڳي کان بلڪل گھڻو وڏو ٿي ويو آهي ۽ مٿس هڪ بلند برج آهي جنهن جي پٿر جي پٽين تي عاليشان اُڪر جو ڪم ٿيل آهي ۽ وڏي دروازي تي هڪ پهريدار بيٺل آهي، هڪ طرف ڪيترا پلٽڻ جا سپاهي بيٺا اهن ۽ ٻئي پاسي ٻُنڌن باجن وارا پنهنجي خاص رنگين پوشاڪ ۾ تيار بيٺا آهن. جڏهن هو محلات جي اندر گھڙيو تہ ڏٺائين تہ هرڪا شيءِ يا صاف سنگمرمر جي يا نج سون جي ٺهيل آهي، ۽ ڪرسين ۽ ميزن کي بخمل جا پوش ۽ سونهري ڦندڻ لڳل آهن. پوءِ تہ وڏي ايوان جا دروازا يڪدم کلي پيا، ۽ هڪ عاليشان درٻار جي شان شوڪت جو نظارو ڏٺائين. سامهون ڏسي تہ سندس زال هڪ اوچي سون ۽ جواهرن سان جڙيل تخت تي ويٺي آهي ۽ سندس مٿي تي هڪ سونو تاج آهي. نِج سون جو، قيمتي جواهرن سان جڙيل شاهاڻو ڏنڊو هٿ ۾ اٿس. سندس ڪاٻي ۽ ساڄي پاسي ڪان ڇهہ ڇهہ ٻانهيون قد قامت سارو قطار ڪري بيٺيون آهن. اهڙو شان شوڪت ڏسي غريب مهاڻو پنهنجي زال جي اڳيان ويو ۽ چيائينس: ”بيبي، هاڻ تون بادشاھ ٿي ويئي آهين!“

هن جواب ڏنس: ”برابر، هاڻي آءُ بادشاھ آهيان!“

مهاڻو پوءِ حيرت وچان ڪجھ وقت تہ پنهنجيءَ زال ڏانهن چپ چاپ ڏسندو رهيو، پوءِ چيائينس: ”واھ بيبي، ڪهڙي نہ مزي جي ڳالھ آهي، جو تون بادشاھ ٿي آهين ۽ هاڻي اسان کي ٻيو وڌيڪ ڪجھ بہ نہ کپي!“

زال جواب ڏنس: ”ميان ڇو نہ؟ آءُ تہ هن مان ڪڪ ٿي پيئي آهيان، هيءَ حالت مون کان وڌيڪ نٿي سَني ٿئي! ڊوڙ پائي ڪڳي شهزادي وٽ وڃ ۽ چوينس تہ ’آءُ شهنشاھ ٿيڻ ٿي گھران!‘“

مرد چيس: ”بيبي، تون ڇو ٿي شهنشاھ ٿيڻ چاهين؟“ زال

چيس: ”ميان وقت نہ وڃاءِ. تون وڃ ڪڱي شهزادي وٽ! مون کي شهنشاهہ ضرور ٿيڻو آهي!“

”پر، بيبي! ڪڱو توکي شهنشاهہ ڪيئن بنائي سگهندو! مون کي اها ڳالهہ نٿي وڻي. آءُ هن سان اها ڳالهہ ڪيئن ڪري سگهندس! اسان جي ملڪ ۾ فقط هڪ ئي شهنشاهہ ٿيندو. ڪڱي کي ڪهڙي طاقت جو هڪڙي شهنشاهہ جي جيئري، ٻئي ڪنهن کي شهنشاهہ بنائي سگهي!“

زال ڪاوڙ ۾ دانهن ڪري چيو: ”چا، آءُ هتان جو بادشاهہ نہ آهيان؟ تون فقط منهنجو مڙس آهين! تون هينئر جو هينئر هوڏانهن وڃ! جيڪڏهن هو مون کي بادشاهہ بنائي سگهي ٿو، تہ هن کي اها بہ ضرور طاقت آهي تہ مون کي شهنشاهہ بنائي سگهي! آءُ ڪنهن بہ ريت شهنشاهہ ضرور ٿينديس. تون هاڻي جو هاڻي ڪيس وڃي چئو! وڌيڪ گيسر نہ ڪر!“ مرد ويچاري کي لاچار وڃڻو ئي پيو.

پر، ويندي ويندي هن کي اچي خوف ورايو، ۽ خيال ڪيائين تہ ’يقيناً هن ڳالهہ جي عاقبت نيڪ نہ ٿيندي. شهنشاهہ ٿيڻ جي خواهش ڪرڻ ڪمال گستاخي آهي. اهو سوال ڪڱي شهزادي کي ضرور ڪاوڙائي وجهندو.‘

اهي خيال ڪندي ڪندي، هو اچي سمنڊ جي ڪناري تي پهتو، ڏسي تہ سمنڊ جو رنگ بنهہ ڪارو ۽ گهاٽو ٿيو پيو آهي ۽ سمنڊ جي تري مان پاڻي جر ٿهڪي سطح تي ڦوڦينڊن جي صورت ۾ اڦڙڪي پيو ٻاهر نڪري. هيڏانهن سمنڊ تي هوا وڏيون وڏيون لهريون پيدا ڪري رهي هئي. انهن حالتن هن غريب شخص جي دل کي ويتر ڏڪائي ڇڏيو. پر پوءِ، ڪنبندي ڪنبندي، هن بيهي اڳوٽي وانگر چيو: ”او سمنڊ جي سهڻي مڇڙي! منهنجي ڳالهہ ڏيان ڏيئي ٻڌ! جيئن آءُ گهران ٿو، تيئن منهنجي زال نٿي گهري!“

”هاڻي، هوءَ ڇا ٿي گهري!“ ڪڱي پڇيو.

”منهنجي نيڪ بخت زال شهنشاهہ ٿيڻ ٿي گهري!“ مهاڻي آهستي آهستي پڙڪو ڪيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تون موٽي گهر وڃ. هوءَ شهنشاهه ٿي ويئي.“ ڪڳي ٽڪرو ٽڪرو ورائيو.

انهيءَ تي هو مهاڻو موٽي گهر ويو ۽ جڏهن هو اتي پهتو، ته ڏسي ته سڄو محلات ريشم وانگر لسي سنگمرمر جو ٺهيل آهي ۽ چوڌاري شفاف پٿر جي مجسمن ۽ سونهريءَ چٽساليءَ سان سينگاريل آهي. دروازي جي اڳيان پلٽڻ جا سپاهي بگلن، دهلن ۽ نغارن جي آوازن مطابق پريڊون پيا ڪن. محلات جي اندر سردار، نواب ۽ تابعدار بادشاهه هيڏانهن هوڏانهن نوڪرن وانگر پيا اچن وڃن، ۽ هن جي واسطي سونا دروازا پيا کولين.

هو جڏهن اندر گهڙيو، ته ڏٺائين ته سندس زال هڪڙي ئي يڪي سون جي ٽڪر مان ٺهيل تخت تي ويٺي آهي، ۽ اهو تخت هزارين فوٽ اوچو هو. سندس مٿي تي هڪ ٽي گز ڊگهو تاج، قسمين قسمين هيرن جواهرن سان جڙيل رکيو آهي، ۽ هڪ هٿ ۾ شاهاڻو ڏنڊو اٿس، ۽ ٻئي هٿ ۾ زمين جي شڪل جو گولو. ۽ سندس ٻنهي پاسن کان پهريدار ٻن قطارن ۾ بيٺا آهن، جن مان هر هڪ پنهنجي پاسي واري کان قدقامت ۾ ڪجهه ننڍو آهي. انهن مان ڪيترا تمام ڊگها ۽ ڪي تمام ننڍا هئا! ننڍي ۾ ننڍو ته ماڻهوءَ جي چيچ کان به ننڍو هو ۽ سندس اڳيان ڪيترائي شهزادا ۽ وڏا سردار بيٺا هئا.

مسڪين مهاڻو به، شهزادن ۽ سردارن سان گڏجي، پنهنجيءَ زال جي اڳيان هٿ ٻڌي بيهي رهيو ۽ زال کي چيائين: ”ٻيبي، هاڻي تون شهنشاهه آهين!“

زال جواب ڏنس: ”هائو، آءُ هاڻي شهنشاهه آهيان!“

اهو ٻڌي، مرد وڃي هڪ هنڌ تي بيهي، ڪجهه غور سان زال ڏي نهاري چيو: ”واهه، ڪهڙي نه عمدي ڳالهه آهي، جو تون هاڻي شهنشاهه ٿي آهين!“

پر زال بلڪل ڪرڪ ۽ ٿنڀ وانگر سخت ٿي ويٺي هئي ۽ ذرو به ڪنهن طرف نٿي چُري پُري. تڏهن مرد چيس ته: ”هاڻي تون شهنشاهه آهين. انهيءَ درجي تي قناعت ڪر. هن ڪانپوءِ، تون ڪنهن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻ ڀئي وڏي درجي تي پهچي نٿي سگهين!"

زال جواب ڏنس: "خير، اءُ ان بابت پوءِ خيال ڪنديس!" ۽ پوءِ هو وڃي سمهي رهيا.

پر هن عورت کي قناعت ڪٿي؟ ڪيس سودا ۽ حرص ننڊ ئي ڪرڻ نٿي ڏني. سڄو وقت اهو خيال بيٺو هئس ته "اڃا ڀئي ڪهڙي اوچي درجي تي رسان!"

مرد، جنهن ويچاري گهڻا پنڌ ڪيا هئا ۽ ٿڪل هو، سو جهٽ ۾ گهريءَ ننڊ ۾ پئجي ويو، پر زال کي اصل ننڊ ئي نه اچي، تنهن ساري رات پاسا پئي اٿلايا. ڪجهه خيال ۾ نه پيو اچيس ته 'اڃا وڌيڪ ڇا ٿي سگهان ٿي؟'

صبح جو سج پنهنجي وقت تي ڪني ڪدي ايريو، ۽ زال جڏهن پريات جي سرخي ڏٺي، ته هوءَ اٿي پنهنجي بستري تي ويهي رهي، ۽ روشنيءَ ڏانهن نهارڻ لڳي. جڏهن هن روشنيءَ ڏٺي ۽ دريءَ مان سج کي ايري مٿي چڙهندو ڏٺائين، ته يڪدم خيال آيس ۽ چيائين، 'ڇو نه هي سج ۽ چنڊ منهنجي حڪم موجب ايرن؟'

پوءِ هن مڙس کي پاسرين ۾ ٺونٺ هڻي اٿاريو، ۽ چيائينس: "ميان، سجاڳ ٿيءُ. جهٽ ڪر، وڃ ڪڳي وٽ ۽ چوينس ته "اءُ سج ۽ چنڊ کي پنهنجي حڪم هيٺ رکڻ گهران ٿ ي."

مڙس ويچارو اڃا اڌ سجاڳ ئي مس ٿيو هو، ته زال جو اهو ابتو حڪم ٻڌي، جهڙو ٽپ ڏيئي اٿيو، تهڙو وڃي هيٺ ڪريو، ۽ خيال ڪيائين، شايد زال جي ڳالهه برابر نه سمجهي اٿم، تنهن ڪري اکيون مهٽي پڇيائينس: "بيبي تو ڇا چيو؟"

بيبيءَ وڏي شان ۽ شوڪت سان وراڻيس: "ميان! مون کان اها ڳالهه سني نٿي ٿئي ته اءُ رڳو ويٺي نهاريان، ته سج ۽ چنڊ ڪڏهن ٿا ايرن ۽ ڪڏهن ٿا لهن؟ منهنجيءَ دل کي تيستائين آرام نه ايندو، جيستائين سج ۽ چنڊ منهنجي حڪم هيٺ نٿا اچن. پنهنجيءَ مرضيءَ موجب جڏهن چوانِ 'لهو' ته لهن، ۽ چوانِ 'ايرو' ته اُيرن!"

زال ائين چئي، هن ڏانهن اهڙيءَ دهشت سان نهاريو، جو هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ساري بدن کي ڏڪڻي وٺي ويئي.

"تون هاڻي جو هاڻي وڃ! اڄ سچ ۾ چنڊ تي حڪمران ٿيڻ گهران ٿي!"

مرد گوڏن تي سندس اڳيان ڪري پيو، چي: "ڪڱي جي هٿان ائين ڪيئن ٿي سگهندو! هن توکي بادشاهه بنايو، شهنشاهه بنايو، ڪجهه تہ خيال ڪر! توکي وينتي ٿو ڪريان تہ شهنشاهه ٿيڻ تي ئي قناعت ڪر!"

اهو جواب ٻڌي زال غضب ۾ ڀرجي ويئي، سندس بدن جا وار ڪاندارجي اُڀا ٿي ويا، ۽ مٿي جا وار ڇڙي هيڏانهن هوڏانهن منهن تي اچي پيس. هوءَ ڪاوڙ ۾ پنهنجا ڪپڙا ڦاڙڻ لڳي، ۽ مڙس کي زور سان لت هڻي رڙ ڪري چيائين: "هيءَ ڳالهہ منهنجي سهڻ کان ٻاهر آهي! بلڪل سهڻ کان ٻاهر آهي. هاڻي تہ منهنجي منهن تان! آيو آهي مون کي نصيحت ڪرڻ، احمق ڪنهن جاءِ جو!"

مڙس ويچارو تڙ تڪڙ ۾ ڪپڙا ڍڪي ڇرين وانگر اٿي ڀڳو. اهڙو سخت طوفان پئي لڳو، جو ماڻهوءَ کي گهلي ڪٽي پئي ويو. پير ئي زمين تي نہ پيو کپي! وڻ ٽڻ، جايون جڳهيون هيڏانهن هوڏانهن پئي ڪريون، جبل پئي ڏڏيا، ۽ ڇپن جون ڇپون انهن تان ڇڄي، سمنڊ ۾ پئي ڪريون. آسمان جو رنگ ڏامر جهڙو ڪارو هو، وڄ جا چمڪاٽ ۽ ڪڪرن جون گجگوڙون پئي ٿيون. سمنڊ ۾ لهريون محلن جي منارن جي اوچاين جهڙيون پئي اٿيون. سندن چوٽين تي گجيءَ جي اَڇاڻ ائين ٿي لڳي جڻ جبل جي چوٽين تي برف ڇانئي پيئي هجي.

انهيءَ حالت ۾، مرد ڏڪندي ڏڪندي، ٿڙندي ٿاٻڙندي، ڪناري تي پهتو، ۽ ايندي ئي گوڙ ۽ شور جي وچ ۾ رڙ ڪري چيائين:

"اي سمنڊ جي سهڻي مڇي! مهربانيءَ ڪري منهنجي ڳالهہ ڏيان سان ٻڌ! جيئن آءُ گهران ٿو، تيئن منهنجي زال نٿي گهري!"

ڪڱي پڇيو: "آخر هوءَ ڇا ٿي گهري؟"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرد جواب ڏنو: "هوءَ سچ ۾ چنڊ جي مالڪياڻي ٿي ٿيڻ چاهي!"

جادوءَ واري شهزادي کِڪي جواب ڏنس: "تون وڃ گهر! هوءَ وري پنهنجي اصلوڪيءَ ڇنل ٽٽل پراڻي ٻُونگيءَ ۾ ويٺي آهي!"

ان کان پوءِ، ويندي اڄ ڏينهن تائين هو ٻئي، غريب مهاڻو ۽ سندس زال انهيءَ ٻُونگيءَ ۾ رهندا پيا اچن!

(ٻارن لاءِ چونڊ ڪهاڻيون جي ڪتاب تان)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چورن مٿان مور

ڪنهن شهر ۾ هڪڙو وڏو چور رهندو هو، جنهن جو چوطرف ڌاڪو ڄميل هو. آسپاس جا سڀ چور هن جي سلامي ڀريندا هئا. هو ڪڏهن ڪڏهن چوريءَ تي نڪرندو هو ۽ ايترو مال ميڙي ايندو هو، جو ڪيترا ڏينهن ويٺو موج سان کائيندو هو. ان ڪان سواءِ ٻيا چور به هن کي گهڻو ئي ڏن پٽ ڏيندا هئا. تنهن ڪري خيال ڪيائين ته چو نه هڪڙو چڪر ڏيئي اچان. هلندي هلندي هڪڙي ڳوٺ جي ٻاهران اچي پهتو. کوهه جي ويجهو هڪڙي نم هيٺان پوتڙو وڇائي ليٽي پيو. ان وقت کوهه مان زالن پئي پاڻي ڀريو ۽ هڪٻئي سان حال پئي اوريو. هڪڙي عورت ٻيءَ کان پڇيو ته: "ادي! تون پيڪين ڪڏهن ويندي آهين؟" هن جواب ڏنس ته: "منهنجا پيڪا مون کي ڇهين ڇهين مهيني ونڻ ايندا آهن." اهڙيءَ طرح ٻين زالن به هڪٻئي کان پڇيو. انهن ۾ هڪڙي سهڻي ۽ يرتيمر زال، جيڪا دويستي به هئي، تنهن چيو ته: "ادي! آءٌ ته پيڪن ڪاڻ سڪان پيئي، ڇو ته بابو ته ويچارو مري ويو پر امڙ به جدائي ڪري ويئي. باقي مامو ۽ مامي وڃي رهيا آهن، اهي به نڪي اچن نڪي وڃن."

انهيءَ ڳالهه ٻولهه کان پوءِ زالون ته دلا ڪڍي هليون ويون، پر چور کي اچي هورا کورا لڳي ته انهيءَ عورت جي مائٽن جي ڄاڻ ڪريان. سو اتي ان جي پٺيان لڳو ۽ جڏهن عورت گهر ۾ گهڙي تڏهن ڪجهه دير کان پوءِ هن به اچي در کڙڪايو. ان عورت جو مڙس ڪو بنهه موالي هو، تنهن جو هن ڏاڙئي ماڻهوءَ کي در تي ڏٺو سو گهٽ وڌ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهائڻ لڳو. ان تي چور چيو ته: ”ابا! هائو هائو، چو نه چڙهيون ڏينديس. اسان پنهنجون نياڻيون انهيءَ لاءِ ڏنيون ته اوهان جون گاريون سهون، پر يار! ڇا ڪجي جو سڄاڻپ وارا مڙس مري ويا. جي پٺين جيئرو هجي ها ته ائين گاريون ڪين ملن ها. آئون تنهنجي زال جو مامو آهيان. تون ته نشن ۾ آهين پر ڇوڪري به نٿي سڃاڻي. ڏاڍي ارمان جي ڳالهه آهي!“ مائيءَ جو اها ڳالهه ٻڌي سا رڙهي آئي ۽ مڙس کي چيائين ته: ”سڃاڻين نه ٿو ته هي منهنجو فلاڻو مامو آهي.“ ائين چئي مامي کي ڪيڪارڻ لڳي ۽ ڪيس وٺي آئي گهر ۾ وهاريائين. اُتي رات به پئجي وئي، سو ماني تڪي کائي هڪٻئي کان حال احوال وٺڻ لڳا. چور چيو ته: ”ادا! ٻيو سڀ خير آهي پنهنجن ئي ڪمن ڪارين ۾ لڳا پيا آهيون. گهر ۾ اڪيلائي آهي، تنهن ڪري ڪنهن پاسي نڪرڻ به نٿو ٿئي. ڇوڪريءَ جي ڏسڻ جو به اونو هئم، پر قسمت هن پاسي ڪاه ته ٿي ٿيم. هينئر ڇوڪرن جا طهر ڪرائڻا آهن، سو خيال ڪيم ته سڏ به ڏيئي اچان ۽ ڇوڪري به ڏسي اچان. هاڻي مهربانيءَ ڪري اوهين به ٿي ڏينهن اڳواٽ هلو ۽ هلي خوشيءَ ۾ شريڪ ٿيو.“ وري مائيءَ جي مڙس احوال ڏنا ته: ”ادا! وقت خير جو پيو گذري. هيل فصل به پلو ڪونه ٿيو آهي، پر شڪر آهي جو ٻنڌي ڪٽا ٿي پوندا. هاڻي لاباري جا ڏينهن آهن تنهن ڪري ٻاهر نڪرڻ به اوکو آهي. تو به تنگ وقت ۾ اچي سڏ ڏنو آهي. خير، مون کي ته ڪٿي ڇڏيو، آئون طهر واري ڏينهن اچي نڪاءُ ڪندس. باقي هيءَ اوهان جي ڀاڻيجي آهي، ان کي ڀلي پاڻ سان اڳواٽ وٺي وڃو.“ اتي چور دل ۾ خوش ٿيو ۽ چيائين ته: ”ادا! جيڪا تنهنجي مرضي، ڇوڪريءَ ته آئون اڳواٽ وٺي هلان ٿو پر مهربانيءَ ڪري طهر واري ڏينهن ضرور پهچي وڃجئين.

ٻئي ڏينهن مائي هار سينگار ڪري، ڳهه ڳٺا پائي تيار ٿي ننگ مامي سان مائٽن ڏانهن رواني ٿي. هن ويچاريءَ پنهنجو مامو ننڍپڻ ۾ ڏٺو هو، تنهن ڪري هينئر سڃاڻي نه سگهي. تنهن کان سواءِ هوءَ ويچاري پنهنجن اباڻن ڪکن ڏسڻ لاءِ آتي هئي، سا چور کي مامو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاڻي وڏي خوشيءَ سان ساڻس گڏجي رواني ٿي. جڏهن ڳوٺ ڪان تمام پري نڪري آيا ۽ سج به ٿورو لڙڻ تي هو، تڏهن چور مائيءَ کي چيو ته: ”مائي! نه آئون تنهنجو مامو نه تون منهنجي ڀاڻيجي، هاڻي پنهنجا سڀ ڳهه ڳٺا لاهي ڏي ۽ تون ڪر پويان پير.“ مائيءَ کي اها ڳالهه ٻڌي ڏاڍو عجب لڳو. چور کي گهڻائي واسطا وڌائين پر هو نه مڙيو. لاچار ويچاريءَ پنهنجا سيئي زيور لاهي چور جي اڳيان رکيا. چور هن کي جهنگ ۾ اڪيلو ڇڏي ڳهه کڻي پاڻ رمندو رهيو. مائيءَ ڏٺو ته جت ته ڏاڍي ٿي، نه گهر جي ٿيس نه گهاٽ جي. نڪي اباڻن ڪکن تائين پهتس ۽ ڳهه به قرايم. هاڻي جي ٿي واپس وران ته مڙس هٽي هڏ گڏ ئي ڇڏيندم. ناحق ڏاڙئي ماڻهوءَ کي مامو سڏي دربدر ٿيس. اهي پور پچائيندي پڪو ارادو ڪيائين ته هاڻي گهر نه وڃبو ۽ اهو چور جيڪو دغا ڪري ويو آهي، تنهن کان پلاند ضرور وٺبو. بس، پوءِ ته پوئتي موٽي هڪ ڳوٺ ۾ آئي ۽ اتي هڪڙي ڄاڻ سڃاڻ واري ڪراڙيءَ وٽ اچي رهي. هوءَ جيئن ته ڳورهاري هئي، تنهن ڪري اتي هڪڙو پٽڙو ڄڻيائين.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ جڏهن مائي خوش ٿي ۽ هلڻ جهڙي ٿي، تڏهن چور جي نالي تي پڇا ڪندي اچي هن جي ڳوٺ ۾ پهتي ۽ سڌي چور جي گهر ۾ ويئي. اتفاق سان چور ان وقت ڪنهن شڪار جي پنيان ويل هو ۽ گهر ۾ رڳو سندس زال ويٺي هئي. مائي ته اڳ ۾ ئي سوچي آئي هئي ته چور کان پلاند ضرور وٺنديس سو چور جي زال کي چيائين ته: ”مائي! تو ته اچڻ به ڇڏي ڏنو آهي. مامو ته ڪڏهن ڪڏهن منهن ڏيکاري ويندو آهي، پر تون ته صفا ڪانه اچين.“ چور جي زال به ڪا ڏاري هئي، تنهن سمجهيو ته هيءَ منهنجي مڙس جي ڪا مائٽياڻيءَ آهي، تنهنڪري چيائين ته: ”ادي! مون کي ته خبر ئي ڪانهي ته منهنجي مڙس جا ڪهڙا مٽ مائٽ آهن.“ چور جي زال هن مائيءَ کي مان ڏيئي وهاريو ۽ ماني ٽڪي کائي ويٺيون ڳالهيون ڪرڻ.

چور جي عادت هوندي هئي ته جڏهن ڪو سڪر ماڻهو سندس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳوٺ مان لنگهندو هو، تڏهن ان جي مهماني ضرور ڪندو هو. پوءِ ان کان سڀ پئسا ڏوڪڙ ڦري، ڦاهي ڏيئي وچي جهنگ ۾ پوري ڇڏيندو هو. ان مائيءَ جو گهر ۾ ڦاهي لڙڪندي ڏٺي، سو چور جي زال کان پڇا ڪيائين. هوءَ به ڪا بنهه ڀورڙي هئي، سو سچي ڳالهه ڪري ٻڌايائينس. پر هن مائي چيس ته: ”امان! توکي سڌ آهي ته ڦاهي ڪيئن ايندي آهي؟“ چور جي زال جهٽ پٽ ڳچيءَ ۾ سرڪڻ ڦاهي وجهي چيو ته: ”منهنجو مڙس هي تختو پيرن هيٺان ڪڍي ڇڏيندو آهي ته ماڻهو لڙڪي لڙڪي مري ويندو آهي.“ هن مائيءَ به ان وچ ۾ تختو ڪڍي ورتو ته چور جي زال ڦاهيءَ ۾ ٽنگجي بيهي رهي ۽ اک ڇنڀ ۾ ساهه نڪري ويس. پوءِ اها مائي، چور جو سڄو گهر ٻهاري، زر زيور ۽ مال ملڪيت کڻي ٻلي گهوڙي تي چڙهي گهر ڏانهن رواني ٿي. واٽ تي پوڙهيءَ وٽان پنهنجو پٽ به ڪنيائين ۽ شام ڌاري اچي گهر پهتي. مڙس کي بهانو ڪري چيائين ته: ”مبارڪ هجئي، مامي جي گهر مون کي پٽ ڄائو. اُتي گهڻائي مهمان اچي نڪتا، تنهن ڪري ڇوڪرن جو ڪالهه ئي طهر ڪرائي ڇڏيائون، مون کي به اُتي ګوڙ ۾ تڪليف ٿي، تنهن ڪري آئون ته هيڏانهن هلي آيس. باقي مامي چيو ته آئون پاڻ اتي ايندس ۽ اچي توکان معافي وٺندس. هنن ويچارن غريبيءَ سارو ڏاڍي عزت ڏني ۽ اباڻي ورثي مان ايترا ته زر زيور ۽ پئسا ڏوڪڙ ڏنا اٿن جو سڄي عمر وينا مزي سان کائينداسين.“ مڙس به ايترو مال ڏسي ڪڇيون هڻڻ لڳو. ان ڏينهن کان وٺي مائي، رات جو چڱيءَ طرح در دروازا بند ڪري سمهڻ لڳي. ڇو جو هن کي پڪ هئي ته چور کان جو پلاند وٺي آئي آهيان سو ڇڏيندو هو به ڪونه.

هوڏانهن چور جڏهن شڪار ماري گهر پهتو، تڏهن ڏسي ته زال ڦاهيءَ تي ٽنگي پيئي آهي ۽ گهر ۾ ڪاريءَ وارا ڪک پيا آهن. سڄيءَ عمر جي ڪمائي ڇٽ ڏسي باهه ٿي ويو. پيرو ڪنيائين ته عورت جا پير لڳس. يڪدم سمجهي ويو ته فلاڻيءَ مائي جٽ ڪري ويئي آهي. خير ان وقت ته چور ڪڻي ماٺ ڪئي، پر کي ڏينهن رکي ٻه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي همراھ ساڻ ڪري اچي مائيءَ جي ڳوٺ پهتو. همراهن کي ڳوٺ جي ٻاهران بيهاري پاڻ ويو مائيءَ جي گهر. مائيءَ جو هنن کي ڏٺو سو هڪدم ڪٽي اگهه ورتائينس، چئي: "ماما! ڀلي ڪري آئين، ٻار ٻچا ته خوش آهن؟ مون مڙس کي اڳ ۾ ئي چيو هو ته مامو چوڪرن جا اڳوات ڪرائڻ جي توکان معافي وٺڻ ايندو." چور به ڳالھ سهي ڪري ورتي، سو چوڻ لڳو ته: "هائو مائي! آئون مڙسهين کان معافي وٺڻ آيو آهيان." اتي مائيءَ جي مڙس به چور کي ڏوراپا ڏنا ته: "ادا! اوهان کي ائين واجب ڪونه هو، پر جيڪي ٿيو سو چڱو." اهڙيءَ طرح حال احوال ڏيندي اچي رات ٿي. مائيءَ اڳ ۾ ئي اتي ۾ ڪا نشيدار شيءِ ملائي ماني ناهي ڇڏي هئي، سا آڻي اڳيان رکيائين. مائيءَ ڪاڻ ڪانپوءِ مڙس ۽ چور کي اچي گهيرٽ چڙهيا. مڙس ته اڳيئي موالي هو، باقي چور نشي ۾ سڪ ٿي ويو ۽ لت ڪوڙي جو ستو ته خبر ئي ڪانه پيس. اڌ رات ڌاري مائي اتي چور جو مٿو ڌاڙهي ڪوڙي، ۽ ڪيس ڪٽي ۾ ويڙهي پري ڪري، ڪلهي تي ڪٽي اٿي هلي. وات تي چور جا يار بيٺا هئا. تن جو هن کي ڏٺو سو عليڪ سليڪ کان پوءِ پڇا ڪيائونس. مائيءَ چيو ته: "آئون به ڪاٺڪو آهيان ۽ هڙ ۾ مال اٿم." چورن چيو: "واھ ڀيلي! حصو اسان جو به لڳي." خير هٽندي ڏٽندي ڳالھ اتي اچي بيٺي ته چورن وارو مال ڪاٺڪو ڪٽي ۽ ڪاٺڪوءَ وارو مال چور کڻن. انهيءَ تي مائي چورن وارو مال ڪٽي هلي وئي، باقي چور مائيءَ واري مال کي چڪاسڻ لڳا. اچا جو ڳنڍ کولي ڏسن ته سندن يار ٻڌو پيو آهي. همراهن هن کي هوشيار ڪيو ۽ خبرون ورتائونس. چور ڪين سچي ڳالھ ڪري ٻڌائي، اتي هنن همراهن کي به خبر پيئي ته مار! اسان جو مال به ويو هضم ٿي، سو خارن مان مائيءَ کي گهٽ وڌ ڳالهائيندا ڳوٺ ڏانهن موٽي آيا.

هاڻي مائيءَ جو ڊپ ويتر وڌي ويو، تنهن ڪري رات جو ڪڙا ڪلف چاڙهي پاڻ پٺي پهرو ڏيندي هئي. سندس مڙس سدائين نشي ۾ الوٽ هوندو هو، جنهن ڪري هن کي نه هو دشمن جو ڀؤ نه سڄڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو آسرو. پر مائي ويچاري سورن ۾ پئجي ويئي. هڪڙي ڏينهن چور ۽ سندس ٽي همراه مائيءَ جي گهر تي ڪاهي آيا، پر اندر وڃڻ جي ڪا واهه نه ڏسي گهر کي ڪاٽ هڻڻ لڳا. مائي ته اڳ ۾ ئي خبردار هئي تنهن جو ڪڙڪو ٻڌو سو پڪ ٿيس ته چور اچي رسيا آهن. هن چاڪيو جو هڪ تيز ڀاڪي ڪٽي ان پٽ وٽ وڃي ويٺي جنهن کي ڪاٽ پئي لڳو. جڏهن ڪاٽ سر ٿيو، تڏهن هڪڙي چور منهن اندر ڪيو. مائي جهٽ هٽي هن جو نڪ چپ وڍي ورتو. چور وٺي پاڻ کي پنيان اُڇلايو ۽ دانهون ڪرڻ لڳو ته: "اندر شايد ٻاہرا ڊينگهر آهن، آئون ڪونه ويندس." انهيءَ تي ٻئي چيو ته: "تون ڪو ڊڄڻو آهين". ائين چئي هن منهن سوراخ ۾ وڌو ته مائيءَ هن سان به ساڳي ڪار ڪئي. اهڙيءَ طرح مائيءَ چئن ئي چورن جا نڪ چپ وڍي ورتا. اتي چورن پاڻ سنڀاليو، ڏسن ته نڪ چپ وڍيا پيا آهن. ڏاڍا شرمسار ٿيا ۽ گڏجي انجام ڪيائون ته وري چوري نه ڪنداسون. ان ڏينهن کان پوءِ چار ئي يار ٻيلي مان ڪانيون ۽ ڏاڪ وڍي، اُهي وڪٽي پنهنجو پيٽ گذر ڪندا هئا.

انهيءَ وچ ۾ ٻہ مهينا گذري ويا. مائيءَ ڏنو ته مامو هاڻي اچيئي ڪونه ٿو، سو هڪڙي ڏينهن مڙس کان موڪلائي چورن جي ڳولا ۾ نڪتي. پڇائيندي پڇائيندي آخر ڏس مليس ته اهي چور سڄو ڏينهن ٻيلي ۾ ڪانيون ڪندا آهن ۽ شام جو فلاڻي پوڙهيءَ وٽ اچي رهندا آهن. مائي ڏس وٺي سڌي انهيءَ پوڙهيءَ وٽ آئي ۽ اچي چيائينس ته: "ناني! خوش ته آهين؟ مامو ڪونه ٿو ڏسجي؟" پوڙهيءَ چيس ته: "اڙي امان! اهي ويا آهن ٻيلي مان ڪانيون ۽ ڏاڪ ڪرڻ. پر تون ڪير آهين؟" هن مائيءَ کي ٻڌايو ته: "آئون وڏي چور جي ڀاڻيجي آهيان. گهڻن ڏينهن کان مامي کي ڪونه ڏٺو هئم سو سوچيم ته اڄ ڏسي اچانس." پوڙهيءَ کيس عزت ڏيئي وهاريو ۽ خير عافيت معلوم ڪئي. جڏهن ماني پچائڻ جو وقت ٿيو تڏهن مائيءَ چيو ته: "ناني! اڄ تون آرام ڪر ته آئون ٿي ماني پچايان. تون رڳو مامي جن کي ماني ڏيئي اچجئين ۽ منهنجي اچڻ جي به خبر ڏجئين."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ مائي ماني پچائي ٻوڙ رڌي تيار ڪيو ۽ دٻڪيءَ ۾ چورن جا نڪ چپ رکي انهن جي مٿان مانيون رکي پوڙهيءَ کي ڏنائين ته وڃي مامي کي ڏيئي اچ. پوڙهي ويئي ماني ڏيڻ ته پنيان مائيءَ سڄي گهر کي قلهوري هڪڙيءَ ڪنڊ مان ناڻي جو پوريل ديڳڙو وڃي هٿ ڪيو جنهن مان ناڻو ڪڍي ديڳڙو اُتيئي ڦٽو ڪري اُتي پنڌ پئي.

پوڙهي جڏهن چورن وٽ پهتي تڏهن هن کان نياپو ڏيڻ وسري ويو ۽ چور به ماني کائڻ ۾ جنبي ويا. ماني کائيندي ڏسن ته دٻڪيءَ جي تري ۾ نڪ چپ رکيا آهن. انهيءَ تي وڏي چور پوڙهيءَ کان پڇيو ته: "ماسي هيءَ ڇا آهي؟ ڪو ماڻهو گهر ۾ آيو آهي ڇا؟" تنهن تي پوڙهيءَ چيو ته: "ابا! مون کان ڳالهه وسري ويئي، تنهنجي ياڻيجي آئي آهي." چورن جا اها ڳالهه ٻڌي سو پڪ ٿين ته مائي ضرور ڪا حرڪت ڪري ويئي هوندي، سو اُتي گهر ڏانهن ڀڳا ۽ اچي ڏسن ته ڏن وارو ديڳڙو پٽ تي پيو آهي ۽ مائي نهي ئي ڪانه. همراهن جا ڇهه ئي ڇڄي پيا. صلاح ڪيائون ته مائيءَ وٽ ميڙ ڪري، قرآن کڻي هلجي نه ته هوءَ جند اصل ڪانه ڇڏيندي. آخر هڪڙي ڏينهن چارئي چور مائيءَ وٽ آيا ۽ هن کان معافي ورتائون. مائيءَ وڏي چور کي چيو ته: "تون آهين منهنجو مامو تنهن ڪري پنهنجا ٿيا سڄي عمر جا جهيڙا، باقي ٻيا ڀلي معافي وٺن." هن وراڻيس ته: "مائي! هن قرآن جي مهابي مون کي به بخش ڪر." انهيءَ تي مائي کڻي ماٺ ڪئي پر ايترو چيائينس ته: "مون به بس ڪئي. پر چوريءَ وارو مال ڪنهن به صورت ۾ اوهان کي نه ڏينديس." چورن به لاچار اها ڳالهه قبول ڪئي ۽ اهڙيءَ طرح هنن جي جند آزاد ٿي.

(ٻارن لاءِ چونڊ ڪهاڻيون جي ٿورن سان)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مڇي جو ڪِلي

هڪ مهاڻي، مڇي وڪڻڻ جو هوڪو ڏيندي اچي بادشاهه جي محل وٽان لنگهي. راڻي بہ ڪو دريءَ وٽ ويٺي هئي، سو هوڪو ٻڌي دريءَ مان ليئو پائي مهاڻيءَ کي پنهنجي آندل مڇي ڏيکارڻ لاءِ مٿي محلات ۾ گهرايائين. مهاڻي مڇي ڏيکارڻ لڳي تہ هڪ مڇي ٽوڪريءَ مان ٽپو ڏيئي ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي.

راڻيءَ پڇيو تہ: "هي نر آهي يا مادي، مان تہ مادي مڇي وٺڻ ٿي چاهيان." اهو ٻڌي مڇي زور سان کلڻ لڳي.

مهاڻيءَ چيو: "هي تہ نر آهي" ائين چئي هوءَ ٽوڪري کڻي هلي وئي.

راڻي غصي مان پنهنجي ڪوٺيءَ ڏانهن هلي آئي. شام جو بادشاهه اچي ڏٺو تہ ڪنهن راڻيءَ کي ناراض ڪيو آهي جو هوءَ سڄي مڇي ويٺي آهي.

"بيمار آهين ڇا؟" راجا راڻيءَ کي ڀيراتڙي پائيندي پڇيو.

راڻيءَ روئيندي چيو: "بيمار تہ ڪانہ آهيان، پر هڪ مڇيءَ جي عجيب حرڪت ڪري مان ڏاڍي پريشان آهيان. هڪ مهاڻيءَ هتي مڇي آندي هئي، منهنجي ان پڇڻ تي تہ هيءَ نر آهي يا مادي، مڇي ڏاڍيءَ بدتميزيءَ سان ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳي."

راجا چيو: "هڪ مڇيءَ جي اها همت جو هوءَ اسان جي راڻيءَ تي کلي؟ ناممڪن! تو ضرور ڪو سپنو ڏٺو هوندو."

راڻيءَ چيو: "مان مورک نہ آهيان، مان اکين ڏٺي ۽ ڪنن ٻڌي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالھ ڪري رهي آهيان.“

راجا چيو: ”عجب جي ڳالھ آهي. تہ پوءِ ضرور ائين ئي ٿيو هوندو. مان ان بابت پڇا ڳاڇا ڪندس.“

ٻئي ڏينھن راجا پنھنجي وزير کي سموري ڳالھ ڪري ٻڌائي، جا راڻيءَ کان ٻڌي هئائين. وزير کي حڪم ڏنائين تہ معاملي جي ڇنڊڇاڻ ڪري ڇھن مھينن جي اندر ڪو تسلي بخش جواب ڏئي نہ تہ ڪيس ڦاسيءَ جي سزا ڏني ويندي. وزير هر طرح جي ڪوشش ڪرڻ جو انجام ڪيو، جيتوڻيڪ اهو بہ انديشو هئس تہ ناڪامي يقيناً آهي.

پنجن مھيني تائين وزير مڇيءَ جي کلڻ بابت جاچ جوچ ڪندو رهيو. هن هر هنڌ ڪوشش ڪئي. عالمن ۽ ڏاهن کي سڏايو تہ جادوگرن سان بہ صلاح مصلحت ڪئي، پر ڪوبہ حقيقت جي تھ تائين پهچي ڪانہ سگهيو.

جيئن جيئن ڏينھن ويا ٿي گذرندا تيئن تيئن وزير ويو ٿي ڳڻتين ۾ ڳرندو. هو راجا جي سياءَ کان پليءَ پٽ واقف هو. هن کي پڪ هئي تہ راجا هن کي معاف نہ ڪندو. هن کي اچي دپ لڳو تہ متان راجا سندس پٽ کي بہ نہ مارائي، سو پنھنجي پٽ کي سفر تي روانو ڪري ڇڏيائين.

ائين هلندي هلندي ڪجھ ڏينھن کان پوءِ وزير جي پٽ کي هڪ ٻڍو ڪڙمي گڏجي ويو، جو ڪنھن ڳوٺ ڏانھن وڃي رهيو هو. وزيرزادي ڪڙميءَ جي ڳالھين جي جواب ۾ چيو تہ هو بہ اُن ئي ڳوٺ ڏانھن وڃي رهيو آهي، جنھن ڳوٺ ۾ اهو ڪڙمي ٿي ويو. پوءِ تہ ٻئي گڏجي اڳتي وڌندا رهيا. ڏينھن گرم هو ۽ رستو وڏو، ان سواءِ ٿڪاوٽ. وزيرزادي چيو:

”تنھنجي خيال موجب اهو ٺيڪ نہ ٿيندو تہ ڪجھ پنڌ تائين اسان ٻئي هڪ ٻئي کي ڪُلهي اَڳتي وڌندا رهون؟“

ٻڍي ڪڙميءَ سوچيو، ”هي تہ ڪو بيوقوف شخص ٿو ڏسجي، ڀلا اسان ٻئي هڪ ٻئي کي ڪيئن کڻنداسين!“ ڪڙميءَ ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ هو ٻئي وري هڪ ٻنيءَ ڀرسان اچي لنگهيا. فصل تيار هو ۽ ٻن ٽن ڏينهن ۾ لڻڻ وارا هئا. هوا جي وهڪري تي پيلي رنگ جي سنگن وارو فصل جهومي ائين ڏيکاري ڏئي رهيو هو، جڻ ته ڪو سونو ساگر لهرون ماريندو هجي.

وزيرزادي ٻڍي کان پڇيو: "هي فصل کاڌل آهي يا بچيل؟"

وزيرزادي جي ڳالهه سمجهي نه سگهڻ ڪري ٻڍي ڪڙميءَ چيو: "مون کي خبر ڪانهي."

ڪجهه پنڌ هلندي هلندي ٻئي همسفر هڪ جهنگ مان لنگهي رهيا هئا. وزير زادي کيسي مان چاقو ڪڍي ٻڍي کي ڏيندي چيو: "دوست هي وٺ، هن جي بدلي ٻه گهوڙا وٺي اچ، پر هي ٻه واپس ڪٺي اچڻ وسارجانءِ نه، ڇو جو هي ڏاڍو قيمتي آهي."

ٻڍي طنز ڀري کل کلندي، پوءِ غصي مان چاقو واپس ڪيو. وزيرزادو چپ ٿي ويو.

هو ٻئي پنڌ ڪندي ڇڱو اڳتي وڌي آيا هئا، اتان ٻڍي ڪڙميءَ جو گهر ويجهو ئي هو. هو ٻئي بازار مان لنگهي مسجد ۾ ويا، پر ڪنهن به هنن جو آڌرڀاءُ ڪين ڪيو ۽ نه وري هنن کي ڪنهن اندر اچي ويهڻ لاءِ ئي چيو.

وزيرزادي ٿڌو ساهه ڪڍندي چيو: "ڪيڏو نه وڏو قبرستان آهي."

ٻڍي دل ۾ چيو، خبر ئي نٿي پوي ته الائي هن جو مطلب ڇا آهي جو هيڏيءَ ساري آباديءَ کي به قبرستان ٿو ڪوٺي.

اتان ئي هي يار وري اڳتي وڌيا. هنن جي راهه هڪ قبرستان کان ئي ٿيندي ٿي وئي. قبرستان ۾ هڪ شخص هڪ قبر تي دعا گهري رهيو هو ۽ مرڻ واري جي نالي راهگيرن کي ماني ڏيئي رهيو هو. هن هنن ٻنهي مسافرن کي به سڏيو ۽ کين ماني ڏني. تنهن تي وزيرزادي چيو: "هي ڪهڙو نه سهڻو شهر آهي!"

ٻڍي سوچيو هي جوان سچ پچ چريو آهي. قبرستان کي شهر ٿو چوي ۽ شهر کي قبرستان ٿو چوي. خبر نه آهي ته اڳتي ڇا ڇا چوي. شايد پاڻيءَ کي زمين ۽ زمين کي پاڻي سڏي. جتي اوندهه هوندي اتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روشني چوندو ۽ روشنيءَ کي اوندهه. پر تڏهن به ٻـڍي زبان مان ڪجهه نه ٻوليو. ٻنهيءَ کي قبرستان جي لڳ وهندڙ ندي پار ڪري پوءِ ئي ڳوٺ تي پهچڻو پيو.

نديءَ وٽ پهچندي ئي ٻـڍي جتي لاهي ندي پار ڪئي. پر وزيرزادي جتي پيل هوندي ئي ندي پار ڪئي.

ٻـڍي پنهنجي من ۾ سوچيو، ههڙو زبان ۽ اعمالن سان چريو مون اڳ ڪڏهن نه ڏٺو.

پر تڏهن به هن پنهنجي ساٿيءَ کي پسند ئي ڪيو، اهو سوچي ته گهر هلي هيءُ منهنجي گهر واريءَ ۽ ڌيءُ کي ڪافي وندرائيندو. اهو خيال ڪري ٻـڍي گهر جي ويجهو ايندي چيس: "جيسين جيءُ چاهيئي تيسين منهنجي گهر ۾ رهي سگهين ٿو. اتي توکي ڪنهن به قسم جي تڪليف ڪانه ٿيندي."

وزيرزادي جواب ڏنو: "ان لاءِ توهان جي گهڻي گهڻي مهرباني. پر پهريائين جاچ ڪري مون کي ٻڌاءِ ته تنهنجي گهر جون ڪڙيون مضبوط آهن؟"

ٻـڍو هن کي بنا ڪنهن جواب ڏيڻ جي ڪلندو گهر هليو ويو.

ٻـڍي ڪڙميءَ گهر وارن کي چيو: "سامهون واري باغ ۾ هڪ شخص ويٺو آهي، هو مون سان گڏ آيو آهي. مون چاهيو ٿي ته جيستائين هن ڳوٺ ۾ آهي، تيستائين اسان وٽ ئي رهي. پر هو اهڙو ته مورک آهي جو مان ڪيس راضي ڪري ڪانه سگهيس. هو اهو ٿو ڄاڻڻ چاهي ته هن گهر جون ڪڙيون مضبوط آهن يا نه. هي شخص ڏاڍو ڪو چريو آهي." ائين چئي ٻـڍو ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳو.

ڪڙميءَ جي ڌيءُ ڏاڍي سياڻي هئي. هن چيو: "بابا، هي شخص ڪير به هجي، پر بيوقوف نه آهي، جيئن توهان ٿا سمجهو. اهو شخص ڄاڻڻ ٿو چاهي ته توهان هن جو بار کڻي سگهندا يا نه؟"

ڪڙميءَ چيو: "هان ته اها ڳالهه آهي. هاڻي مون سمجهيو. تون شايد هن جي ٻين ڳالهين سمجهڻ ۾ به منهنجي مدد ڪرين."

جڏهن اسان ٻئي گڏوگڏ هلياسين ٿي، تڏهن هن چيو ته مون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي ھن ڪي ڪٿي ھلڻ گھرجي يا ھن ڪي مون کي ڪٿي ھلڻ گھرجي. ڇو جو ھن جي ويچار ۾ اڳتي وڌڻ جو اھو ئي سنو رستو ٿي ٿو سگھي.

ان تي ڏيٽس چيو: ”بلڪل ٺيڪ، ان جو مطلب ھو تہ وقت گذارڻ لاءِ اوھان مان ھڪ کي ڪا ڪھاڻي ٻڌائڻ گھرجي.“

پوءِ ڪڙميءَ وڌيڪ ٻڌايس: ”ھائو، ان جو مطلب اھو. ھا تہ جڏھن اسان ھڪ فصل جي پرسان ٿي لنگھياسين تڏھن ھن پڇيو، ھي ڪاڌل آھي يا بچيل.“

ڏيءُ، پيءُ کي ان جو مطلب ٻڌائيندي چيو: ”بابا سائين توھان ان جو مطلب بہ نہ سمجھي سگھيا؟ ھن تہ فقط اھو ڄاڻڻ ٿي چاھيو تہ ڪڙميءَ تي قرض آھي يا نہ؟ ڇو جو جي ٻنيءَ جو مالڪ قرضدار آھي تہ ٻنيءَ جي پيدائش کاڌل برابر آھي، يعني اھا قرض پيٽي ئي ھلي ويندي.“

پوءِ ڪڙميءَ چيو: ”برابر ان بعد ھڪ جھنگ مان لنگھڻ تي ھن مون کي ھڪ چاقو ڏيندي چيو، ھن جي بدلي بہ گھوڙا آڻجانءِ ۽ چاقو بہ موٽائي ڪٿي اڇجانءِ.“ ڏيٽس چيو: ”بابا، رستي ۾ ڪنھن جي مدد لاءِ بہ مضبوط لٺيون ٻن گھوڙن جي ئي تہ برابر آھن. ھن تہ ٻن لٺين ڪپي اڇڻ لاءِ ۽ چاقو خبرداريءَ سان رکڻ لاءِ ئي چيو ھو.“

ڪڙميءَ پوءِ ٻڌايس: ”جڏھن اسان ھڪ شھر ۾ پھتاسين، اتي اسان کي ڪو واقفڪار ڪونہ گڏيو، وري اسان قبرستان جي ويجھو لنگھياسين، اتي ڪن شخصن اسان کي سڏي ماني ڏني. منھنجي ساٿيءَ شھر کي قبرستان ۽ قبرستان کي شھر سڏيو.“

ڇوڪريءَ خوشيءَ مان چيو: ”بلڪل ٺيڪ، جيڪڏھن ڪو شھر کي آباديءَ وارو سمجھندو ھجي پر اُتي جا رھاڪو مھمان نوازي ڇڏي مڙدن جيان ڪو آدرياءُ بہ نہ ڪن تہ اھو شھر قبرستان کان ڇا ۾ بھتر سڏبو؟ تہ اھو شھر اوھان لاءِ برابر قبرستان ئي ٿيو ۽ قبرستان شھر سمان، ڇو جو اتي توھان کي سڏي آدرياءُ ڪري ماني ڏنائون.“

پوءِ چيو: ”نوجوان برابر سياڻو آھي. ھا تہ ھاڻ جڏھن ھيڏانھن گھر ٿي آياسين تہ رستي تي ندي پار ڪئي سين، ليڪن ھن بنا جتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاهڻ جي ئي ندي پار ڪئي."

ڏيٽس چيو: "مان هن جي عقل کي داد ٿي ڏيان. هن تيز وهندڙ پاڻيءَ ۾ پير ۾ چيندڙ پٿرن کان بچڻ لاءِ ئي جتي ڪانہ لاٿي. هي توهان جو دوست ڏاڍو عقل وارو ٿو ڏسجي. مان هن کي ڏسڻ ۽ ساڻس ڪجھ ڳالهائڻ ٿي چاهيان."

ڪڙميءَ چيو: "ڏاڍو چڱو. مان هن کي ڳولي وٺي ٿو اچان."

ڏيٽس چيو: "بابا، هن کي چئجو تہ اسان جون ڪڙيون مضبوط آهن. پر ان کان اڳ، جيسين هو اسان جي گهر اچي تيسين مان کيس ڪجھ موڪليان، جيئن کيس خبر پوي تہ اسان سندس مهمانداري چڱيءَ طرح ڪري ٿا سگهون."

چوڪريءَ نوڪر کي سڏيو ۽ نوجوان کي هن جي هٿان مکڻ جو ڪمرو، ٻارهن مانيون ۽ ڏڌ جي چاڏي موڪلي. ان سان گڏ اهو بہ نياپو موڪليو: "او دوست، چنڊ پورو آهي. سال ۾ ٻارهن مهينا ٿيندا آهن ۽ نديءَ جو پاڻي ڪنا تار آهي."

نوڪر کي اهو نياپو ۽ مال کڻي ويندي رستي ۾ پنهنجو پٽ گڏيو. ماني ڏسي ڪائنس پٿهنس گهري. هن بيوقوفيءَ وچان هڪ ماني کيس ڏني. اڳتي هلندي هو نيٺ وڃي وزيرزادي سان گڏيو. هن ماني آڻي نوجوان جي اڳيان رکي ۽ ڪڙميءَ جي ڌيءُ جو ڏنل نياپو بہ کيس ٻڌايو.

وزيرزادي جواب موڪليو: "چنڊ نئون آهي. مون کي تہ سال ۾ يارهن مهينا ئي ٿا ڏسڻ ۾ اچن ۽ ندي ڪنهن بہ حالت ۾ ڪنا تار ڪانهي."

انهيءَ جواب جي لفظن جي معنيٰ نہ سمجهندي نوڪر پنهنجي مالڪياڻيءَ کي سمورا لفظ جيئن جو تيئن دهرائي ٻڌايا. نوڪر جي چوريءَ جو پتو پئجي ويو ۽ هن کي سخت سزا ڏني ويئي.

ڪجھ دير کان پوءِ وزيرزادو ٻڍي ڪڙميءَ سان گڏ گهر آيو. هن ڏانهن ڏاڍو ڌيان ڏنو ويو. هن سان هر نموني اهڙو تہ وهنوار ڪيو ويو، جڻ هو ڪنهن وڏي شخص جو پٽ هجي. ويچاري ڪڙميءَ کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جي اصلوڪي پيدائش جي معلومات هئي ڪانه.

آخر ۾ وزير زادي هن کي سموري حال احوال کان واقف ڪيو، مڇيءَ جو ڪلڻ، ٻيءُ جي ڦاسي ۽ پنهنجي بدقست سفر بابت. هاڻي ڪيس ڇا ڪرڻ گهرجي، ان لاءِ هن صلاح گهري.

ڇوڪريءَ چيو: ”هنن سڀني تڪليفن جي جڙ آهي مڇيءَ جو ڪلڻ. مڇيءَ جو ڪلڻ ظاهر ڪري ٿو ته محل ۾ ڪو مڙد رهي ٿو.“

وزيرزادي خوشيءَ وچان رڙ ڪري چيو: ”بلڪل ٺيڪ. منهنجي لاءِ اجا به وقت آهي، مان موٽي وڃي پنهنجي پيءُ کي اهڙي بي انصافيءَ واري موت کان بچائي سگهان ٿو.“

ٻئي ڏينهن وزيرزادو پنهنجي ديس ڏانهن موٽي آيو ۽ پاڻ سان گڏ ڪڙميءَ جي ڌيءُ کي به وٺي آيو. ايندي ئي ڊوڙندو محل ڏانهن ويو ۽ هن جيڪو ڪجهه ٻڌو هو سو وڃي پيءُ کي ٻڌايائين.

ويچارو وزير جو موت جو انتظار ڪري رهيو هو، تنهن کي راجا جي سامهون آندو ويو. وزير، راجا جي سامهون اهائي ڳالهه دهرائي جيڪا هن پنهنجي پٽ کان ٻڌي هئي.

راجا غصي مان چيو، ”ناممڪن. ائين ڪڏهن به ٿي نٿو سگهي.“

وزير باادب جواب ڏنو: ”حضور ائين ئي آهي. مون جو به ڪجهه چيو آهي، ان کي ثابت ڪرڻ لاءِ تيار آهيان منهنجو عرض آهي ته محل جون سموريون زالون هڪ ئي هنڌ گهرايون وڃن ۽ هڪ کڏ کوٽائي ان مٿان ڪين لنگهڻ جو حڪم ڏنو وڃي. ان امتحان ۾ مڙد جو پتو پئجي ويندو.“

راجا کڏو کوٽايو ۽ محل جي سڀني زالن کي ان جي مٿان ٽپڻ جو حڪم ڏنو. سڀني ڪوشش ڪئي پر انهن مان ڪامياب فقط هڪ ئي ويئي ۽ اها زال، مڙد نڪتي. اهڙيءَ طرح راجا کي تسلي ٿي ۽ وفادار ٻڌي وزير جي جان بچي.

ان بعد جلد ئي وزيرزادي جو ٻڌي ڪڙميءَ جي ڌيءُ سان وهانءُ ڪرايو ويو.

ڏٺوسين ته ڪالهه لاڏو ۽ لاڏي اسانجي گهر وٽان لنگهي ٿي ويا.

(ٻارن لاءِ چونڊ ڪهاڻيون جي ترورن سان)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چار ٿـول رات ڪيلي

ڪنهن زماني ۾ هڪڙا ٻه ڀائر رهندا هئا. هڪڙو هو انڌو ۽ ٻيو هو ٻاتو. ٻنهيءَ جي پاڻ ۾ ايتري پريت هئي جو هڪٻئي کان هڪ پل به پري نه ٿيندا هئا. ٻاتو، انڌي جي پرگهور لهندو هو. هو هر روز جهنگ ۾ ويندو هو ۽ هڪ ڪاٺين جي ڀري ڪري، شهر ۾ وڪڻي پنهنجو ۽ ڀاءُ جو پيٽ قوت ڪندو هو.

انهيءَ ديش جو راجا چريٽ هوندو هو. هر ڪنهن ڳالهه تي وهم ۽ ڀرم ڪندو هو. رات جو اگر ڪو سپنو ايندو هئس ته جيسين ڪو هن کي انهيءَ جو مطلب نه ٻڌائيندو هو، تيسين هن کي آرام نه ايندو هو. وزير، امير هر وقت راجا جي فڪر ۾ سرگردان رهندا هئا. هڪ رات راجا چئن پهرن ۾ چار سپنا ڏٺا. صبح جو اٿيو ته راج دربار ۾ اُڌم مچي ويو. وزيرن گهڻائي متا هنيا پر ڪير به ڪجهه سمجهائي نه سگهيو. راجا چوي ته "جيسين سپنا نه سليا آهن، تيسين سندس ننڊ آرام حرام آهي."

ٻيو ڪو حيلو وسيلو نه ڏسي، وزيرن بادشاهه جي حڪم سان ڍنڍورو گهمارايو ته: "جيڪو شخص بادشاهه جي سپنن جو مطلب سمجهائيندو، تنهن کي اڌ راڄ ۽ اڌ ڀاڱ ملندو ۽ راجا ڪيس پنهنجي وڏور ڌيءَ سان شادي ڪرائيندو."

پڙهي وارو، هيرن جواهرن جو ٿالهه گهمائيندو، شهر جا چڪر ڏيندو انهيءَ جهوپڙيءَ وٽان اچي لنگهيو، جتي انڌو ۽ ٻاتو رهندا هئا. ٻاتو ته ويو هو جهنگ ۾ ڪاٺيون ڪرڻ ۽ انڌو ويٺو هو جهوپڙيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾. انڌي جڏهن پڙهو ٻڌو ته راجا جي ڪرمچارين کي سڏي چيائين ته: "مان راجا جي سپنن جو مطلب سمجهائيندس." درٻاري سڀ عجب ۾ ته 'انڌو شايد ٽڙيو آهي ۽ موت ڪنڌ تي سوار ٿيو اٿس. آخر جڏهن هو پنهنجي ڳالهه تي ضد ڪري بيٺو رهيو ته درٻاريءَ کيس سوٽيءَ طور هيرن ۽ لعلن جو ٿالهه ڏيئي ويا ۽ کيس چيائون ته پوري هفتي کان پوءِ وٽس ايندا ۽ محل ۾ وٺي ويندا. اگر هن پرولين جو مطلب نه سمجهايو ته کيس ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويندو.

شام جي وقت ٻاتو جڏهن واپس پئي وريو ته هيرن لعلن جي ڳاڙهيءَ روشني ڏسي ٻانيائين ته جهوپڙيءَ کي ڪا باهه لڳي آهي. رڙ ڪري چيائين: "او ٻائو انڌا! خبر ڪا پوئي تي جهوپڙيءَ کي اچي باهه ورايو آهي ۽ تون بي اُلڪو ٿيو ويٺو آهين!" تنهن تي انڌي ڪلي چيو: "ٻائو ٻاتا! تون ته مون انڌي کان به نپٽ انڌو ٿو ڏسجين. هت هيرن، لعلن جو ٿالهه پيو چمڪي ۽ تون چوين پيو ته باهه اچي لڳي آهي." ٻاتي جو ته عجب ۾ وات ئي ڦاٽي ويو. چئي: "هيترا هيرا ۽ جواهر ڪٿان آيا؟ ڪنهن کي ڦريو اٿيئي يا الله راضي ٿيو آهي؟" انڌي تنهن تي کيس سربستي ڳالهه ڪري ٻڌائي ته راجا جون پروليون سلڻ جي انجام لاءِ کيس اهو ٿالهه سوٽيءَ طور مليو آهي.

ويچاري ٻاتي جون ٻه ٻه ويون ته ڇهه به ويون. ڏاڍو اچي پريشان ٿيو ۽ ٻاءُ کي چيائين: "تو هي ڪهڙو ڪچو ڪم ڪيو آهي؟ گهري موت ورتو اٿيئي. هاڻي مان توکان سواءِ اڪيلو هن دنيا ۾ ڪيئن رهي سگهندس؟" انڌي، ٻاتي کي آٿت ڏني ته "تون فڪر نه ڪر مان پاڻهي پروليون سليندس. نه ته به هن ٿالهه ۾ ايترو ناڻو آهي، جو تنهنجي سڄي عمر سک سان گذري ويندي." پر ٻاتي کي آٿت ڪونه آيو ۽ ڏاڍي ڏک ۽ پريشانيءَ ۾ رهيو.

ٻئي ڏينهن ٻاتو صبح جو اُٿيو ۽ ڏاڍي فڪر ۾ هڪ پئسي جا چڻا وٺي، اُنهن کي چٻيندو جهنگ ڏانهن روانو ٿيو. کيس اهائي هورا کورا ته سندس انڌي ٻاءُ جي ڪيئن جان بچي! جيئن ڳوڙهي ويچار ۾ هلندو پئي ويو ته پريان هڪ ٻڳل جهوپڙيءَ تي نظر پيس.

ڏنائين ته ڏينڀن جون ڪي قطارون ٻاهر پيون نڪرن ته ڪي اندر پيون وڃن. اندر وڃي ڏنائين ته سڄي جهوپڙيءَ جي هڪ ڪنڊ ۾ هڪ ڏينڀن جو مانارو آهي، جنهن مان ڏينڀو پيا اچن ۽ وڃن. ڏاڍي ويچار ۾ پئجي ويو. نيٺ هڪ ڳالهه من ۾ سجهي آيس ۽ ڪاٺيون ڪري ٽڪرو ٽڪرو گهر واپس موٽيو. جڏهن جهوپڙيءَ جي ويجهو ٿيو ته پنهنجي ياءُ کي چيائين: "يائو اندا! اچيئي ٿي!" (يعني مان توکي پرولي ٿو ڏيان.)

اندي وراڻيو: "او يائو ٻاتا! يلي اچي."

تڏهن ٻاتي چيو:

"جان ڪٽي ڪنڊ ڪٽان، ته ڪانهي بس ٻهير (قطار) جي"

اندي چيس، "ادا اها وئي" (يعني مون پرولي يڳي)

پوءِ چيائين:

گهر ۾ گهر هڪڙو، گهر ۾ گهر گهڻا،
چپيندي چڻا، متان ڏينڀو ڏنا هجني ڏر ۾.

هاڻي ٻاتي کي ڪجهه پيٽ ۾ ساهه پيو ۽ سمجهيائين ته شايد راجا جون پروليون ٻه سلي وڃي. پر اجا ٻه پنهنجي ياءُ جي آزمائش ڪرڻ تي گهريائين. ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ وري ٻي هڪ پرولي ناهي ڪٽي آيو ۽ ياءُ کي هڪل ڪري چيائين: "او يائو اچئي ٿي."

اندي چيو: "ادا يلي اچي."

تنهن تي ٻاتي چيو:

هڪ مئي تي ٻه مئا، ٻن مئي تي ٽي،
چوٽون مئو اٿيئي شوق سان، نڙڪ پنجي تي.

تنهن تي ٿو اندو جواب ڏئيس:

جر مڇي، پٽ مرون، پکيئڙو آڪاس،
ماري مئو اٿيئي شوق مان، نانگ تي نظر پياس.

حقيقت هيءَ هئي تہ ٻاتو جنهن جهنگ مان پئي ويو تہ هڪ هرڻ ڪي تلاءَ جي ڪناري تي پاڻي پيئندو ڏٺائين. تلاءَ مان هڪڙي مڇيءَ جو ٽپو ڏنو، سا وڃي هرڻ جي سڱ ۾ ڦاٿي. مٿان هڪڙي سرڻ پئي لنگهي تنهن مڇيءَ تي لامارو ڏيئي جيئن تي شڪار جهٽيو تہ پاڻ وڃي ٻئي سڱ ۾ ڦاٿي. پريان جو هڪڙو شڪاري بيٺو هو، تنهن تير ڪمان چڪي هڪئي وقت تي شڪار ڪيا ۽ جيئن بود ۾ پرجي پئي ويو تہ اوچتو هڪ نانگ ڏنگي وڌس ۽ سندس هٿ مان ڪاتي ڇڏائجي ويئي جا وڃي نانگ تي ڪري ۽ نانگ پڻ ڦٿڪي ڦٿڪي اتي ئي ساهہ ڏنو. پنجن ئي جيون جو هڪ ئي وقت وڃي ساهہ سُکي ٿيو. ٻاتي اهو اِسرار ڏسي پرولي ٺاهي ورتي هئي.

هاڻي سٺن ڏينهن جو مدو اچي پورو ٿيو ۽ راجا جا درٻاريءَ ٻہ اچي انڌي جي جهوپڙيءَ وٽ وارد ٿيا. اَنڌي پنهنجي پاءُ ٻاتي کي چيو تہ: "اج تون ڪاٺين تي نہ وڃ، پر مون سان تون راجا جي درٻار ۾ هل، متان مون کي تنهنجي واهر جي ضرورت پوي." ٻاتو خوشيءَ سان پنهنجي پاءُ سان گڏجي راج درٻار ڏانهن روانو ٿيو.

ٻئي ڀائر ڏاڍي شان شوڪت سان اچي درٻار ۾ پهتا. درٻار ۾ امير اُمرا ۽ وزير وڙا پنهنجين پنهنجين جڳهين تي ويٺل هئا ۽ سينيءَ جون اکيون انڌي ۾ کتل هيون تہ ڪيئن ٿو راجا جي پروليءَ جو جواب ڏئي. ڏاڍي دٻدٻي سان راجا درٻار ۾ داخل ٿيو تہ سڀ درٻاري ادب سان اُٿي بيٺا ۽ راجا کي جهڪي سلام ڪيائون.

راجا انڌي کي سڏي چيو: "ڪيئن ڀائي اَنڌا! اچئي پرولي؟"

اَنڌي صبر سان جواب ڏنو: "ڀلي اچي راجا سائين!"

راجا پرولي ڏني:

چار ٽول رات ڪيلي

درٻار ۾ خاموشي ڇانئجي ويئي، ائين پئي لڳو جڻ زمين تي سئي ڪري تہ ٻہ ان جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي. درٻاري اچرج ۾ هڪٻئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏانهن نهارڻ لڳا. آخر ٿوري دير رکي انڌي وراڻيو، ”بادشاهه سلامت پنهنجي ڳجهارت جو جواب ٻڌ:

”راجا ستو هئين ننڊ ۾ مٿان چادر پائي،
ٻاهه ڏٺي هيئہ ٻرندي، تنهنجو ملڪ جليو آهي؛
ڪنوڻ ڏٺي هيئہ ڪڙندي، تنهنجو ملڪ وسيو آهي؛
طوطو ڏٺو هوءِ باغ ۾، لٽڪيو انب وٽين؛
ٻار ڏٺو هوءِ ننڊ ۾، چنو ماءُ ٽٽين؛
جي اها ڳالهه وٽي، تہ پرٽاءِ مون پرئي مڙس کي.“

بادشاهه جواب ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چوڏاري ”واهه! واهه!“ ٿي ويئي. ڳالهه هيءَ هئي تہ بادشاهه رات جي پهرين پهر ۾ ڏٺو تہ وڏي باهه لڳي آهي، جنهن ۾ سندس ملڪ جلي رهيو آهي، ٻئي پهر ۾ ڏٺائين تہ زبردست برسات پيئي آهي ۽ ملڪ وسي ويو آهي. ٽئين پهر ۾ ڏٺائين تہ گرم هوا (لڪ) ڪري هڪ انب اهڙو تہ سڙي ويو آهي جو جيئن هڪ طوطي اچي ان ۾ چهنب هنئين تہ اُتي جو اُتي مري ويو ۽ انهيءَ ٽاريءَ ۾ ٽنگجي پيو. چوٿين پهر ۾ ڏٺائين تہ هڪ ٻار ماءُ جي ٿڃ پي رهيو آهي، پر جيئن ماءُ ننڊ ۾ پاسو ورايو تہ ٻار روئي رهيو آهي.

بادشاهه جواب ٻڌي خوش ٿيو، پر ٻئي طرف اچي ڳڻتيءَ ورايس. تہ پنهنجي ڌيءُ جي شادي هڪ انڌي سان ڪيئن ڪرائيندو. وزير سان صلاح ڪيائين، جنهن هڪڙي ڏاهپ ڏسيس. چيائينس، ”نور ڏيندڙ سرمي جي هڪ سرائي صرف هڪ پاسي ٻري تا انڌي کي ڏيون، جنهن مان سندس هڪ اک ۾ نور اچي ويندو. پوءِ اسين ڪيس چونداسين يا تہ ٻيءَ اک جو نور گهر يا تہ شهزاديءَ جي ٻانهن گهر.“

بادشاهه کي صلاح ڏاڍي وڻي سو حڪم ڪيائين تہ ”نور ڏيندڙ سرمي جي سرائي صرف هڪ طرف ٻري انڌي کي ڏيو ۽ چئوس تہ سرمو پائي تہ سندس نظر موٽي اچي.“ انڌي کي جڏهن سرمي جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاني ملي ته ياءُ ڪان پڇيائين ته: ”ڪاني ٻئي طرف پريل آهي يا هڪ طرف.“ سندس ياءُ ڪيس آگاهه ڪيو ته ”سرائي صرف هڪ طرف پريل آهي.“ انڌو ڏاڍو سياڻو هو، سو ڳالهه کي تاڙي ويو ۽ سرائيءَ جو اهو پاسو ڪٽي وات ۾ وڌائين ۽ چکڻ سان ڪيس معلوم ٿي ويو ته سرمي ۾ ڪهڙيون شيون پيل آهن. پنهنجي ياءُ کي ساڻ ڪري هو بازار مان اُهي شيون خريد ڪري آيو ۽ سرمو ٺاهي سرائي پري ٻنهي اکين ۾ وڌائين، نور موٽي آيس ۽ ماڻهن جهڙو ماڻهو ٿي پيو.

هاڻي ته بادشاهه لاءِ ٻيو ڪو به رستو ڪليل نه هو. نيٺ پنهنجي راڄ جو اڌ به ڏنائينس ۽ پنهنجي وڏور ڌيءَ سان پرڻايائينس به. اُهو شخص پنهنجي ملڪ جو راڄ ڪاروبار هلائڻ لڳو ۽ پنهنجي ياءُ کي ڪٽي وزير بڻايائين.

(ٻارن لاءِ چونڊ ڪهاڻيون جي ٿورن سان)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪاميابيءَ جو راز

گهڻو وقت اڳي ڪنهن ملڪ تي هڪ بادشاهه حڪومت ڪندو هو. جنهن کي ڪاميابي جي راز جي تلاش هئي. هن جو خيال هو ته جيڪڏهن هو ٽن سوالن جا جواب ڳولهي لهندو ته هن کي ڪاميابي جو راز هٿ اچي ويندو ۽ هو ڪڏهن به ناڪام نه ٿيندو. اهي سوال هي هئا:

ڪنهن ڪم شروع ڪرڻ جا تمام اهم وقت ڪهڙو آهي، تمام اهم ڪم ڪهڙو آهي ۽ ڪير تمام اهم ماڻهو آهي؟

ان ڳالهه کي مدِنظر رکي بادشاهه وزير کي چئي اهو پڙهو ڏيارائي ڇڏيو ته جيڪو به انهن ٽن سوالن جا صحيح جواب ڏيندو تنهن کي ٥٠٠٠ رپيا انعام طور ڏنا ويندا.

ڪيترائي ماڻهو آيا پر ڪير به صحيح جواب نه ڏئي سگهيو. ان کان پوءِ بادشاهه پنهنجي دربار ۾ ملڪ جي سياڻن ۽ عالم شخصيتن کي گهرايو ۽ انهن سان ان مسئلي تي ڳالهايو پر اهي به بادشاهه کي مطمئن نه ڪري سگهيا. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن انهن مان ڪنهن هڪ جواب ڏنو ٿي ته ٻين ان جي مخالفت ۾ بحث ڪيو ٿي، جيڪڏهن هڪ ماڻهو ڪنهن ڳالهه جو مشورو ڏيندو هو ته ٻيو ان جي مخالفت ڪندو هو. اهڙي طرح بادشاهه ڪنهن جا به جواب قبول نه ڪيا.

هاڻي ته بادشاهه بلڪل نااميد ٿي ويو، ڇوته اهڙو ڪو ماڻهو ئي نه رهيو هو جيڪو انهن سوالن جا جواب ڏي. آخرڪار بادشاهه جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذهن ۾ هڪ خيال آيو ۽ هڪ ڀيرو وري هن کي جوابن ملڻ جي اميد نظر آئي.

محل کان ٿورو ئي پري جهنگ ۾ هڪ جهونو ۽ سياڻو درويش رهندو هو، جنهن جي واڪاڻ سڄي ملڪ ۾ پکڙيل هئي. بادشاهه پاڻ به ان بزرگ جي تعريف ٻڌي هئي ۽ ان کان صلاح وٺڻ چاهي. پر مشڪل اها هئي ته هو امير ماڻهن سان ملڻ نه چاهيندو هو ۽ نه ئي وري انهن کي پسند ڪندو هو. آخرڪار بادشاهه ان مسئلي جو به حل ڳولي لڌو. هن ميرا ۽ ڇتيون لڳل ڪپڙا پاتا ۽ درويش سان ملڻ لاءِ روانو ٿيو. ويجهو پهچي هن پنهنجن نوڪرن کي پنيان بيهاريو ۽ سڌو درويش جي جهوپڙي ڏانهن ويو.

ان وقت درويش پنهنجي جهوپڙي جي اڳيان زمين کوٽي رهيو هو. پوڙهو تمام جهونو ۽ ڪمزور هو ۽ تمام ڏکيائي سان ساهه کڻي رهيو هو. جنهن ڪري جلدي جلدي آرام ۽ ساهه پٽڻ لاءِ بيٺو ٿي ته بادشاهه عاجزيءَ سان درويش کي عرض ڪيو ته "سائين! آئون پري کان ٽن سوالن جا جواب وٺڻ آيو آهيان. ڪنهن ڪم شروع ڪرڻ جو اهم وقت ڪهڙو آهي، تمام اهم ڪهڙو آهي. تمام اهم ماڻهو ڪير آهي؟ ڇا توهان انهن سوالن جي جوابن ڏيڻ ۾ منهنجي مدد ڪندؤ؟

درويش بادشاهه ڏانهن ڪو به ڌيان نه ڏنو ۽ پنهنجو ڪم جاري رکيو. بادشاهه ٿوري دير لاءِ ترسيو ۽ پوءِ چيائينس ته سائين! توهان ڪمزور آهيو ۽ ٿڪل ٿا ڏسڻ ۾ اچو مون کي ڪوڏر ڏيو ته آئون ٿو زمين کوٽيان.

درويش بادشاهه جو شڪريو بجا آندو ۽ کيس ڪوڏر ڏنائين. بادشاهه زمين کوٽڻ شروع ڪئي. ڪجهه دير کان پوءِ هن وري درويش کان جوابن لاءِ پڇيو، پر ان وقت به هو خاموش رهيو ۽ چيائين ته هاڻي مون کي ڏيو ته آئون ٿو کوٽيان پر بادشاهه هن کي ڪوڏر نه ڏني ۽ مسلسل کوٽيندو رهيو.

بادشاهه همت نه هاري ۽ صبر کان ڪم وٺندو رهيو. هن کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها اميد هئي ته آخرڪار هو ضرور جوابن جي لائق ٿيندو. اهڙيءَ ريت ڪم ڪندي شام ٿي ويئي ۽ هن ڪوٺڻ بند ڪري درويش کي چيو ته مهرباني! ڇا هاڻي توهان مونکي جوابن کان واقف ڪري سگهو ٿا؟ درويش وري به جواب نه ڏنو ۽ هڪ طرف منهن ڪري اشارو ڪيائين. بادشاهه هڪ وڏي ڏاڙهي وارو ماڻهو پاڻ ڏانهن دوڙندو ڏٺو، جنهن جي ساڄي هٿ ۾ هڪ خنجر هو. جڏهن اهو ماڻهو هن جي ويجهو پهتو ته ڪري پيو ۽ بيهوش ٿي ويو ۽ ان کان علاوه ان کي رت به وهي رهيو هو. بادشاهه ان کي اندر جهوپڙيءَ ۾ کڻي ويو ۽ هن زمين تي ليٽائي جلدي رت بند ڪرڻ جو بندوبست ڪيو ۽ سندس زخم تي پٽي ٻڌي. تڪليف جي ڪري اهو ماڻهو جلد ئي سمهي پيو.

رات ٿي چڪي هئي، بادشاهه به تمام گهڻو ٿڪجي پيو هو، درويش هن کي رات ترسڻ جي صلاح ڪئي ته بادشاهه هن جي مهماني تمام خوشي سان قبول ڪئي. درويش هن کي ڪاڌو ڏنو ۽ سمهڻ لاءِ ڪکن وارو بستر ڏنو.

صبح جو بادشاهه جاڳيو، ڏٺائين ته اهو ڏاڙهي وارو ماڻهو به جاڳيل هو. بادشاهه چيس ته هاڻي تون پاڻ کي ڪيئن ٿو محسوس ڪرين؟ هن جواب ۾ چيو ته آئون پاڻ کي چڱو ٿو محسوس ڪريان، توهان جي مهرباني. مون کي معاف ڪر، آئون هتي توکي مارڻ آيو هوس. ڇاڪاڻ جو تو منهنجي ڀاءُ کي قتل ڪيو هو. ڏک ۽ صدمي جي ڪري آئون تنهنجو جاني دشمن ٿي پيس ۽ توکي قتل ڪرڻ لاءِ رستي تي لِڪو وينو هوس ۽ تنهنجي موٽڻ جو انتظار ڪري رهيو هوس. پر جڏهن تون نه موٽئين ته آءُ لڪڻ واري جڳهه مان نڪري آيس. تنهنجي نوڪرن مون کي ڏٺو ۽ سڃاتائون، تنهن ڪري انهن مون کي سخت زخمي ڪيو پر آئون بچي ويس. جيڪڏهن تون مون سان همدردي ۽ سنڀال نه ڪرين ها ته آئون مري وڃان ها. ان ڪري آئون تنهنجي مهرباني ميڃيان ٿو. هاڻي مون کي پنهنجن تمام وفادار نوڪرن مان هڪ سمجهه. ائين چوندي هن بادشاهه کي سلام ڪيو ۽ هليو ويو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن اهو ماڻهو روانو ٿي ويو تہ بادشاهہ وري درويش کان سوالن جا جواب پڇيا. درويش چيس تہ توکي سوالن جا جواب اڳيئي ملي چڪا آهن.

تمام ضروري وقت اهو هو جڏهن تو منهنجي مدد تي ڪرڻ چاهي، تمام ضروري ڪم هو زمين کوٽڻ ۽ آءُ تنهنجي لاءِ تمام ضروري ماڻهو هوس. جيڪڏهن ائين نہ ٿئي ها تہ تون واپس موٽين ها ۽ مارجي وڃين ها. ٽئين دفعي تمام ضروري ماڻهو اهو ئي ڏاڙهي وارو ماڻهو ۽ ضروري ڪم هو ان جي مرهم پٽي ڪرڻ. جيڪڏهن ائين نہ ٿئي ها تہ توکي هڪ وفادار نوڪر نہ ملي ها ۽ چيائينس تہ تون وڏي ڀاڳ وارو آهين.

بادشاهہ جواب ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ بزرگ کي سلام ڪري پنهنجي محل واپس هليو ويو.

(ٻارن لاءِ چونڊ ڪهاڻيون جي ٿورن سان)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سهڻي ميهار

شاهه جهان جي دؤر ۾، پنجاب جي گجرات نالي شهر ۾، تلا نالي هڪڙو هاڪارو ڪنڀر رهندو هو، جو پنهنجي فن ۾ يگانو هوندو هو. کيس هڪ ڌيءَ هئي، جنهن جي حسن جي هاڪ هرهنڌ هوندي هئي.

بخارا شهر ۾ وري هڪ امير رهندو هو، جنهن کي سڪي سڪي هڪ پٽ ڄائو، جنهن جو نالو عزت بيگ رکيو ويو ۽ کيس لاڏ ڪوڏ سان نپايو ويو. جڏهن هو جوان ٿيو تڏهن کيس هندستان ڏسڻ جي تمنا دل ۾ جاڳي. پٽس گهڻوئي روڪيس پر هي هٺيلو هوڏ تان نہ لٿو. آخر سير سياحت جو گهڻو اسباب ۽ ناڻو ڪٺي اچي لاهور ڪان نڪتو. قسمت سانگي، گجرات شهر ۾ بہ، ڪجهہ عرصو اچي ٽڪيو. تلا جي مهارت ۽ هن جي ٿانون جي تعريف ٻڌي، نوڪر کي سوکڙيءَ طور سهڻن ٿانون ڳنهڻ لاءِ روانو ڪيائين. ڪنڀر جي گهر ۾ سهڻيءَ جهڙي حسين نينگري ڏسي، نوڪر جا ماشا ڦري ويا. مالڪ وٽ اچڻ شرط اچي، سهڻيءَ جي سونهن ۽ تعريف جا ڍڪ ڀريائين. اهو احوال ٻڌي عزت بيگ جي دل ۾ عشق جي باهہ اُلا ڏيڻ لڳي ۽ ري ڏٺي، سهڻيءَ تي مفتون ٿي پيو. جنهن تي اڻ ڏٺي عاشق ٿيو هو، تنهن کي ڏسي هيڪاري حيران ٿي ويو۔ ۽ دل سان گڏ هوش بہ وڃائي وينو.

سهڻيءَ سان لنؤ لڳڻ بعد، وطن ورڻ جو خيال لاهي، ٿانون وڪڻڻ جو دڪان کولي ويهي رهيو. تلا کان ٿانون وٺڻ جي بهاني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روزانو ديدار نصيب ٿيندو هوس. جي ٿانو روز نہ ڪپندا هئس تہ مهانگا ورتل ٿانوَ سستي اگهہ ۾ وڪڻي ڇڏي، تلا جي گهر وڃڻ جو بهانو ڪندو هو. ائين ڪرڻ سان آخر پاڻ کي ڦرائي، ڪنگال ڪري وڌائين. جڏهن نوڪرن ڏنو تہ وطن واپس ورڻ جي ڪانہ ٿو ڪري، تڏهن رهيل اسباب بہ تڳائي ڳوٺ راهي ٿي ويا.

هاڻي عزت بيگ تلا ڪان اوڌر تي ٿانوَ وٺڻ لڳو. جيڪي هو روزمره جو گراهڪ هجڻ جي ڪري کيس خوشيءَ سان ڏيڻ لڳو، پر جڏهن قرض وڌي ويو، تڏهن تنگ طلبي ڪيائينس. انهيءَ تي تلا وٽ نوڪري ڪري، محبوب جي ديدار ڪرڻ ۽ قرض ادا ڪرڻ جي ترڪيب سجهي آيس. تلا اها ڳالهہ قبول ڪئي. هو ڪانئس چيڪي مٽي ڪٽائيندو هو. ناز سان پليل، مٽي ڊوئڻ مان ڇا ڄاڻي، سو ٿوري وقت ۾ ڍرڪي پيو. تلا کي ڪهل اچي ويئي، تنهن ڪري مشقت ۽ محنت ڪان ڇڏرائي، کيس مينهن چارڻ جو ڪم حوالي ڪيائين. هو ڍڪيءَ جو مينهن سان پهري پرار ويندو هو ۽ نما شام جو موٽي ايندو هو، جنهن ڪري مٽس 'ميهار' نالو پئجي ويو.

پروانو سڙي ۽ شمع سندس غم ۾ نہ ڳري، سا بہ ڳالهہ اڻ ٿيڻي آهي. عشق ۽ مشڪ ڪڏهن ڪونہ لڪندا. ميهار جي خاموش نگاهُن، سهڻيءَ جي دل تي اثر ڪيو هو، ۽ هوءَ بہ ڪنهن نہ ڪنهن حيلي بهاني سان، ميهار سان ملي، اندر جي اُڪير پوري ڪندي هئي.

خون ۽ خستوري لڪڻ جا ناهن. سهڻي ۽ ميهار جي مخفي ملاقاتن جي ڪُنڪَ، آخر سهڻيءَ جي ماءُ کي وڃي پيئي، جنهن ڌيءَ کي پنهنجي پر ۾ گهڻو ئي جهليو ۽ پليو، پر هوءَ باز نہ آئي. آخر لاچار ٿي، مڙس سان ڳالهہ ڪيائين، جنهن ميهار کي نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيو ۽ سهڻيءَ جو زوريءَ نڪاح، سندس سؤٽ 'ڏم' سان ڪرائي ڇڏيو.

شادي ٿيڻ بعد سهڻيءَ الله کي التجا ڪئي: "منهنجو ڀرم رک ڌڻيءَ عرض اگهايس- چون ٿا تہ روز رات جو ڏم کي اهڙي ننڊ اچي ويندي هئي جو سهڻيءَ جو ڪيس سماءُ نہ رهندو هوس. سهڻي رات



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن، پلپل پرينءَ جي پچار ۾ پئي پچندي ۽ پجرندي هئي. هوڏانهن، ميهار وڇوڙي ۾ بيحال ٿي چناب نديءَ جي ٻيءَ پر، سهڻيءَ جي گهر جي سامهون فقيراڻو ويس ڪري، دونهي دکائي ويهي رهيو. اوسي پاسي جا ميهار وٽس اچي ڪچهريون ڪندا هئا. ٿوري وقت ۾ سندس هاڪ پئجي ويئي ته، تمام پهتل شخص آهي. مرد ۽ زالون زيارت ۽ دعا لاءِ وٽس ايندا هئا. سهڻيءَ کي شڪ ٿيو ته ميهار منهنجي لاءِ هيءُ جوڳ پٽيو آهي؛ سو ڪنهن نموني موڪل وٺي وٽس آئي ۽ پاڻ ۾ صلاح بيهاريائون ته ميهار هر روز رات جو، درياه تري اچي سهڻيءَ سان ملندو.

پوءِ ميهار روزانو مڇي ماني کٽي، درياه تري ٻيءَ پر ايندو هو ۽ محبوب سان ساري رات رهاڻيون ڪري، پنيرڪي جو واپس ويندو هو. هڪ ڏينهن مڇي ڪانه مليس، تنهن ڪري هٿين نلهو، يار سان ملڻ مناسب نه سمجهي، پنهنجي ران کي چيري، ان مان گوشت جا ٽڪر پچائي، يار لاءِ تحفو ڪري آيو. هڪڙو ته رت ڇڏيو هئائين گهڻو ۽ ٻيو تازي ڦٽ تي پيو پاڻي، تنهن پچائي ڇڏيس، پرينءَ پر تري پهتو ته سهي پر ساڻو ٿي ڪِري پيو. سهڻيءَ اها قرباني ڏسي، هيڪاري مٿس موهجي پيئي ۽ انهيءَ کان پوءِ پاڻ روزانو پڪي گهڙي تي تري، وڃي وٽس ڪچهريون ڪندي هئي. موٽڻ تي، گهڙو ڪانهه جي گهاٽڻ ٻوڙن ۾ لڪائي رکندي هئي.

هڪ رات، سهڻيءَ جي نڻان سجاڳ ٿي پيئي، سهڻيءَ کي در کان ٻاهر ويندو ڏسي، هن جي پٺيان پئي. ڇا ڏسي ته سهڻي دلو کڻي، درياه تري، ميهار ڏانهن پئي وڃي. جڏهن هوءَ ساري حقيقت کان آگاهه ٿي، تڏهن صبح جو ياءُ سان سربستو احوال اوريائين. پوءِ ٻئي سهڻيءَ کي ورائي ويا: گهڻائي طعنا تنڪا هنيائونس، نڪ چپ ڏيائونس، پر هن جو 'اهو ئي ٻَڻ، اهو ئي ڪهاڙو'. سهڻيءَ کي ميهار سان ملڻ لاءِ بيقرار ڏسي هو، هن جي مارڻ جا پاڻ ۾ پهه پچائڻ لڳا. سهڻي وڃهه وٺي ويندي رهي ۽ هي غصي ۽ غيرت جي باهه ۾ پچندا رهيا. جڏهن ڏٺائون ته سهڻي نه ٿي مڙي، تڏهن هن کي ماڳهين نهوڙي نيڻ جو پڪو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پھ ڪيائون. سھڻيءَ جي نٽان، گھڙي رکڻ جي جاءِ جاچي ڇڏي ھئي، سو ھڪ ڏينھن پڪو گھڙو ٻوڙي مان ڪڍي ان جي عيوض رنگ ڏنل ڪچو گھڙو اتي رکي آئي.

تھ سياري جي رات آھي، اُپ ڪارن ڪڪرن سان ڇانئجي ويو آھي، چوڌاري اوندھ اونڌوڪار لڳي پيئي آھي، سخت طوفان پيو گھوگھاٽ ڪري، درياھ مستن وانگر موج ۾ اڇيو پيو جھولي، ڪنن جو ڪڙڪو پيو پوي، لھرون لوڙا پيون ڏين، ڪنوڻ جا چمڪاٽ پيا ٿين ۽ مينھن بہ اوھيڙا ڪيو پيو وسي؛ جڻ تہ قدرت پنھنجي وس آھر سھڻيءَ کي سمجھائي رھي آھي- تہ اڄ متي مئي مھراڻ ۾ گھڙڻ جو دل تان خيال لاھي ڇڏ. پر سھڻي دھلجڻ جي نہ ھئي ۽ سمن تي پوري رھي. محبت ۾ محو ٿي، ڪچي گھڙي جي ڪل نہ رکي، ڪنن ۾ ڪاھي پئي. جڏھن وچ سير ۾ پھتي، تڏھن پيلو پرڻ لڳو: تنھن ھوندي بہ ھن ھمٿ نہ ھاري. ڪجھ وقت ٻانھن ۽ پيرن سان پار پوڻ جي ڪوشش ڪندي رھي؛ پر نيٺ سندس عضوا ھٽي ھٽي، نستا ٿي پيا ۽ ھوءَ غوطا کائڻ لڳي. گھٽيئي دانھون ڪوڪون ڪيائين. جڏھن ميھار جي ڪن تي پيون، تڏھن ھن ڏٻري ھئڻ ڪري، پاڻ ۾ طاقت نہ ساري، ملاحن کي منٿون ڪيون، تہ مڏن تي چڙھي، سھڻيءَ کي بچائڻ جو ڪو بلو ڪريو؛ پر ھنن ھڪ بہ نہ ٻڌس. لاچار، درياھ کي پٽيندو، ملاحن کي پاراتا ڏيندو، پاڻيءَ ۾ گھڙي پيو ۽ تري وڃي سھڻيءَ تائين پھتو. ھو ڏاڍو ھيڻو ھو، تنھن ڪري سھڻيءَ کي تارڻ جي توفيق نہ ساري سگھيو، پر تنھن ھوندي بہ سھڻيءَ کي ياکر ۾ جھلي ترڻ لڳو. آخر ٻئي ساٿا ٿي ھڪ ٻئي جي ياکر ۾ درياھ ۾ غرق ٿي ويا.

(شاھوائي صاحب جي جوڙيل شاھ جي رسالي تان ورتل)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سَسُئِي پنهون

نائونءَ نالي ٻانڀڙ واهه جي ڀر تي ويٺل ٻانڀڻ کي اولاد ٿيندو ئي ڪونه هو. هن ڏاڍيون دعائون ۽ دوائون ڪرايون. آخر هڪ ڌيءَ ڄايس، جنهن جي ڇٽيءَ ڪڍائڻ مان پتو پيس، ته ڇوريءَ جو انگ، ڪنهن مسلمان سان لکيل آهي. انهيءَ ٽڪي لڳڻ کان بچڻ خاطر، هن ڇوريءَ کي صندوق ۾ بند ڪري، درياهه ۾ لوڙهي ڇڏيو.

اها صندوق لڙهندي اچي ڀنڀور جي ڀرسان ناري تي نڪتي ۽ محمد ڌوٻيءَ کي هٿ لڳي. کيس کي به اولاد ڪونه هو، تنهن مٿس سسئي (معنيٰ چنڊ) نالو رکي، لاڏ ڪوڏ سان نپائي پالي وڏو ڪيو.

سسئيءَ جي هاڪ ٻڌي، ڪيچ مڪران جي حاڪم آريءَ ڄام جي پٽ، پنهون، پنهنجو منشي ڀنڀور ۾ موڪليو. هن جهڙي سسئي جي هاڪ ٻڌي هئي، تهڙي اکين پسي، پنهونءَ کي پيغام موڪليو ته نجو سون آهي. پنهون واپاري جو ويس ڪري، ڪٿوريءَ جون خرزينون ڀرائي، قافلو ڪاهيو، جو جنهن جاءِ تان لنگهيو ٿي، تنهن کي خوشبوءِ سان واسي ڇڏيو. آخر اچي ڀنڀور ۾ ديرو دمايائين. سسئي، ساهيڙين سان گڏ، عطر سودڻ جي ارادي سان، پنهونءَ جي منزل تي ويئي. سسئيءَ جي صورت ڏسندي ئي، هينئڙو هيڪاري هٿن مان ڇڏائي ويس. هوڏانهن وري سسئيءَ کي پرت جو پيچ پئجي ويو.

هڪ سوناري، پنهونءَ تي اکين ڇڪن تي پئي، پر پنهونءَ اک کڻي به نه نهاريس. کيس کان ٻين ڌوٻين سسئي جو سڱ ڇڪيو، پر هنن کي سسئيءَ جي قابل نه ڏسي، کيس ناڪار ڪئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سسئيءَ نيٺ، هڪ ساهيليءَ جي هٿان، پنهونءَ سان سڱ ڪرائڻ لاءِ پيءُ کي چوايو، جنهن پنهونءَ جي ذات پائي نه هجڻ سببان انڪار ڪيو. سسئيءَ جي ساهيڙيءَ، ڌوٻيءَ کي يقين ڏياريو ته پنهون پڻ ذات جو کٽي آهي. ڌوٻيءَ کيس آزمائڻ لاءِ هڪ کيپ ڌوئي اچڻ لاءِ چيو. پنهونءَ جا نازڪ هٿڙا، ڪپڙن ستيدي لڦون ٿي پيا. آخر ڪپڙا چيري ڦاڙي ڇڏيائين. گراهڪن وٽان ڪا شڪايت نه اچي، تنهن لاءِ، پنهونءَ ڦاٽل ڪپڙن جي تهن ۾ سونيون مهرون وجهي موڪليون. ڪپڙا مالڪن کي پهتا، پر دانهن ڪٿان ڪانه آئي. اٽلو جنهن کان کٽيءَ تي پڇيو، تنهن ٿي ڪپڙن جي ساراهه ڪئي. نيٺ ڌوٻيءَ پنهونءَ کان جنڊو پاڙو لڪائي، کيس سسئي پرڻائي ڏني.

پنهونءَ جي فراق ۾ پٽس بي حال ٿيڻ لڳو، تنهن ڪري قاصد موڪليائينس، پر پنهون پوئتي ورڻ کان پڙ ڪڍي بينو. پيءُ پنهونءَ جي جدائي ۾ نجهرڻ لڳو. جلدئي پنهونءَ جا ڀائر گڏجي ڀنڀور آيا. سسئيءَ ڏيرن جي چڱي خاطرداري ڪئي. پنهون به هنن سان محفلون ۽ مجلسون ڪرڻ لڳو. هڪ رات، پنهونءَ کي گهڻو شراب پياري، اڌيءَ رات جو بي خبريءَ جي حالت ۾، ڀائر اٺن تي کڻي ويا. هوڏانهن، سسئيءَ کي انتظار ۽ اوسيئڙي ۾ پلنگ تي ويهي ويهي ننڊ کڻي ويئي. پوئينءَ رات جان کڻي اک کولي، ته نه ڪو سندس پنهون ۽ نڪي ڏير. سمجهيائين ته هيءُ ڏهاڳ ڏيرن ڏنو آ مر، سو اٺن جو پير کڻي اچي پب جبل ۾ پيئي. پب جبل جو ڪ 'پبوٽي ناڪو' لنگهي، هاڙي جبل وٽ 'ڦوڙ' نديءَ تائين پهتي. پاٽيءَ جي اٽل سبب اڳتي وڌي نه سگهي. نهايت نااميد ٿي پنتي هٽي، اچي 'ماباڙ' نئن جي ويجهو رسي. اُتي 'ايل' نالي ڏاڙيل مليس، جنهن ڏانهنس ميري اک سان نهاريو. سسئي پاڻ کي خطري ۾ ڏسي رب کي ٻاڏائي سوال ڪيو ته، "اي ستار! منهنجو پرمر رک." الله عرض اگهايس ۽ پهاڙ ڦاٽي پيو، جنهن ۾ هوءَ اندر پيهي ويئي. زمين زمين جهڙي ٿي ويئي، پر سسئيءَ جي چنيءَ جو پلاند ٻاهر رهجي ويو. ايل پنهوار، اهو الاهي اسرار پسي، توبه تائب ٿيو ۽ پهڻ ميڙي، اتي قتيل عاشقياڻيءَ جي قبر


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناهي ڇڏيائين.

رستي تان، پنهون جڏهن نشي جي خمار مان سجاڳ ٿيو، تڏهن پوئتي ورڻ جا ڏاڍا وس ڪيائين، پر پائرن اڳيان هڪ به نه هليس. جڏهن آريءَ جام، پنهونءَ کي سسئيءَ جي وچوڙي ۾ ڳرندو ۽ سڙندو ڏٺو، تڏهن کيس پنهنجي موٽڻ جي اجازت ڏنائين. جڏهن سسئي جي قبر وٽان لانگهائو ٿيو، تڏهن ايل کي مجاور وانگر قبر تي ويٺل ڏسي، هن کان ماجرا پڇيائين. هن سربستو احوال ڪري ٻڌايس. پنهونءَ ڏٺي در، وچڙيل ملائڻ جي التجا ڪئي. الله سندس عرض اونايو. جبل وري به ڦاٽو، جنهن ۾ پنهون پيهي پرينءَ سان وجي هميشه لاءِ هڪ ٿيو.

(شاهوائي صاحب جي جوڙيل شاهه جي رسالي تان ورتل)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٻيلان چنيسر

سومري گهراڻي جي داسڙن جي ڪاهہ ڪان، چنيسر نالي هڪ راجا، سن ١٢٨٨ع ڪان ١٣٠٦ع تائين. ديول ڪوٽ يا ديول بندر (جيڪو مڪليءَ جي ٽڪريءَ جي ڇيڙي وٽ، پير پٺي جي مقبري جي ويجهو، سنڌو نديءَ جي بگهاڙ شاخ جي ڪنڌيءَ تي هو) جو حڪمران هو. سندس حشمت ۽ حسن جي، هر هنڌ اهڙي هاڪ هوندي هئي جو هرڪا سهڻي عورت سندس سهاڳ لاءِ سڪندي هئي.

ساڳئي زماني ۾ راڻو ڪنگهار، ڏيٽ ڏٽي راجپوت راءُ، ٻـر واري ننگريءَ ۾ حڪومت ڪندو هو. ڪيس ڪؤنرو نالي هڪ ڌيءَ هئي جيڪا حسن ۾ حور مثل هوندي هئي. هڪ ڏينهن ڪؤنرو، وڏي هيج مان پئي هار سينگار ڪيو تہ سندس هڪ سهيليءَ چٿر ڪندي چيس، تہ "تون جو هيترو هار سينگار پئي ڪرين، سو ڄڻ تہ چنيسر کي موهت ڪرڻ جي مدعا اٿئي؟" ڪؤنروءَ چنيسر متعلق اڳيئي گهڻو ڪجي ٻڌو هو، سو هاڻي اڻ ڏٺي، انهيءَ طعني ڪري هن تي عاشق ٿي پيئي.

جڏهن هن اڻ ڏٺي الفت جي خبر، ڪؤنروءَ جي ماءُ، مرڪيءَ کي پئي، تڏهن پنهنجي مڙس سان ڳالهہ ڪيائين. هن چنيسر سان سڱ ڪرڻ فخر جهڙي ڳالهہ سمجهي، ۽ ڪنهن حيلي بهاني چنيسر کي راضي ڪرڻ لاءِ هنن کي اجازت ڏني. نيٺ هن رٿ تي متفق ٿيا، تہ ڪؤنرو ۽ ماڻس، وڻجارڪو ويس ڪري، چنيسر جي ملڪ وڃي، هن کي ريهڻ ريبڻ جون رمزون رچين. سنت ئي سامان سنڀالي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچي ديول ڪوٽ ۾ ديرو دمايائون. ڪجھ وقت کان بعد، معلوم ٿين ته سندن مقصد، چنيسر جي وزير جکري هٿان پورو ٿيندو. نيٺ هو جکري جي جاءِ تي ويبون ۽ وٽس حال اوريائون. درد جو داستان ٻڌي، وزير جي دل ڀني، سو دلاسو ڏنائين، ته "سائين مڙئي سٺائي ڪندو، آءُ چنيسر وٽ تو وجان، اميد آهي ته عرض اونائيندو."

صبح جو جکري وڃھ وني، چنيسر سان ڪؤنروءَ جي لاثاني حسن ۽ دل جي اُڪنڊ جي اُپٽار ڪئي، جنھن تي هن جو هنيون البت هرکيو، پر پنھنجي پٽ راڻي، ليلان جون اکيون اڏيون آيس، تنھن ڪري ڪونروءَ سان ناتي رکڻ کان نابري واريائين. جڏهن جکري اهو نااميديءَ جو نياپو ڪؤنرو ۽ ماٽس کي ٻڌايو، تڏهن ڇيھ ڇڄي پين ۽ اکين اڳيان اونداھ اچي وين. آخر پھ پچايائون ته "هلو ته هلي ليلان وٽ پورهيتون ٿي بيهون، من ڪو موقعو پائي ريجهايون." اها ڳالھ ڳٽي ليلان وٽ لنگھي ويبون، جنھن کين پنھنجيون خاص ٻانھيون ڪري رکين.

وقت گذرندو ويو، پر وصال جو ڪو امڪان ئي نظر نه اچين. هڪ رات نااميديءَ ڪري ڪؤنرو هنجون هارڻ لڳي. ليلان ڪانئس روئڻ جو سبب پڇيو. پهريائين گھڻي نمان نمان ڪيائين، پر آخر چيائين ته گذريل زمانو ياد اچي ويم، اءُ به تو وانگر هندورن ۾ لڏي، وڏي ٿي آهيان. جڏهن هار وجهندي هيس، ته اونداهيءَ مان اجالو ٿي ويندو هو!" ليلان کيس، آخر انهيءَ هار ڏيکارڻ لاءِ آماده ڪيو. ليلان کي مٿين سان محبت هوندي هئي، سو ڪؤنرو جو نولکو هار پسي، هرکجي پيئي. گھر جيڪي گھرٽو اٿيئي، فقط اهو هار حوالي ڪريم." هوءَ کيس چوڻ لڳي. ڪؤنرو ورندي ورائي ته، "چنيسر سان هڪ رات رهاڻ جي عيوض، هار حوالي ڪنديس." هار ليلان جا حوصلا خطا ڪري ڇڏيا هئا، تنھن ان ۾ هرج نه سمجھي، اهو شرط قبوليو. ليلان چيو: "هار مون کي ڏي. هاڻ وڃي دلجاءِ ڪري ويھ، رات جو آءُ پاڻيھي چنيسر کي تو وٽ پهچائيندس."

اتفاق اهڙو ٿيو جو، انهيءَ رات راءُ محفل ۾ گھڻي مئي نوشيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سبب نشي ۾ مخمور تي ويو. ھو جڏھن محلات آيو، تڏھن ليلان ڪيس خماريل ڏسي ڏاڍي خوش ٿي. ڳرھاٽڙي پائي ڪؤنرو سان محبت ونڊڻ لاءِ ڪيس چيائين. چنيسر جيتوڻيڪ ھوش ۾ نہ ھو، تہ بہ غيرت آيس ۽ پڙ ڪڍي بيٺو. گھڻي رد بدل کان پوءِ، ليلان ليلائي ھٿ ڪان ونئي، ڪؤنرو جي ڪمري ڏانھن ڪاھي ويس. ٻاھڻ ھڪيو تڪيو وينو ھو، سو نہ پھ ويڏي پڙھائي ويئي. نشي ۾ الوٿ ھئڻ سبب، چنيسر کي ڪو سڌ سماءُ ڪونہ پيو. ھو پلنگ تي پاسو ونئي پئجي رھيو- پيچ پنيءَ، جان ڪٽي اک اُپتي تہ ڪؤنروءَ جي پاسي ۾ پيو آھي. احوال پڇڻ تي ڪؤنروءَ بيان ڪري ٻڌايس، تہ "منا! رات ليلان توکي، ھار تي وڪيو ۽ مون توسان لائون لڌيون آھن. ھاڻي تون منھنجو ڪانڌ ۽ آئون تنھنجي داسي." ھن ڳالھ ٻڌڻ شرط چنيسر جو چت ڦريو: ليلان دل تان لاھي ڪؤنروءَ جي قرب ۾ قابو تي ويو.

جڏھن ليلان کي خبر پيئي، تہ ھٿن سان ڪھڙو ويل وھايو اٿم، تڏھن ڏاڍي پريشان ٿي. پڇتاءَ جون ھنجون ھاريندي، ڏاڍيون ڪارون ڪيائين، پر چنيسر تي ٻي اثر ثابت ٿيون. ھٿ جي وڍيءَ جو نڪو ويچ نڪو طبيب، سو آسرو پلي، مائٽاڻي ملڪ رواني ٿي. انھيءَ اميد تي جي رھي ھئي، تہ ڪڏھن تہ چنيسر مدايون ميٽي، مھر ڪري. ورھين جا ورھيہ گذري ويا، پر چنيسر وري پڇيس ئي ڪونہ.

جکري وزير جو مڱڻو، ليلان جي مائٽن مان ٿيل ھو، جڏھن ھن ليلان جي ڏھاڳ جي خبر ٻڌي، تڏھن سڱ کان صفا نابري واري ويٺا. جکرو ليلان وٽ ويو، جنھن سڱ ونئي ڏيڻ لاءِ شرط وڌس، تہ "چنيسر کي ھڪ وار مون وٽ ونئي اچ، پوءِ تون ٻانھن مون کان لھڻين." جکرو، شادي ۾ شريڪ ٿيڻ جي بھاني تي، چنيسر کي ليلان جي ساٿيھ ونئي آيو. ليلان ساھڙين ساڻ گھونگھٽ ڪڍي، ڄاڃين جي آجيان لاءِ ناچ گانو شروع ڪيو. ليلان جو ناز نخرو پسي، چنيسر، بنا سڃاڻڻ جي، مٿس اکن چڪن تي پيو ۽ گھونگھٽ کولڻ لاءِ چيائين. ھيڏانھن ليلان اکڙي کولي، ھوڏانھن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنيسر جي چاهت جا ڦٽ چُٽاڪا ڪري اٿلي پيا. اگرچہ ظاهري طور چنيسر ليلان سان لاڳاپا لاهي ڇڏيا هئا، تڏهن بہ محبت جي ميخ اجا مخفي طور من ۾ لڳل هيس. هاڻ سندس روح اهڙو ريلو ڏنو جو اتي ئي پساهہ پورا ڪيائين. ليلان اهو لقاءُ پسي، پڻ پساهہ ڏنا ۽ مري محبوب سان ميلو ڪيائين.

(شاهوائي صاحب جي جوڙيل شاھ جي رسالي تان ورتل)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مُومَل راڻو

پندرهين عيسويءَ صديءَ جي اوائل ۾، راجا نند نالي، گجر ذات جو هڪ راجپوت سردار، ميرپور ماٿيلي جو حاڪم هو. هن کي نَوَ نياڻيون هيون.. جن مان مومل حسن جي ڪري هاڪاري ۽ سومل سياڻپ جي ڪري مشهور هئي.

هڪ ڏينهن راجا جيئن شڪار پئي ڪيو، تيئن سنڌو نديءَ ۾ هڪ سوئر ٽپندو نظر آيس. جتان تي سوئر لنگهيو اتان تي پاڻي سڪي ويو. اهو لقاءُ ڏسي راجا نند سوئر جي پٺيان پيو ۽ وڃي ٻي ڀڪ تي پهتس. سوئر کي ماري، ان جي هرهڪ عضوي کي، پاڻيءَ ۾ وجهندو ويو، تان جو سوئر جي ڏند ۾، اها ڪرامت ڏٺائين، جو پاڻيءَ ۾ پوڻ سان، اتان پاڻي سڪي تي ويو. اهو ڏند پاڻ سان کڻي درياهه ۾ گهڙيو، ته پاڻي ويو اتان سڪندو. پوءِ هن پنهنجو سارو خزانو کڻي، درياهه جي پيٽ ۾ پوشيدو ڪري رکيو. هن مامر جي ڪنهن کي به ڪل ڪانه ڏنائين.

جادوءَ جي ذريعي ڪنهن فقير کي، هن اسرار جي پروڙ پئجي ويئي. هڪ ڏينهن راجا سانگي سان سفر سڌاريو. سندس غير حاضريءَ ۾ فقير اچي محلات جي در تي صدا هنئي. مومل دريءَ مان منهن ڪڍيو ۽ ڪهل وچان فقير جي چوڻ تي، اهو ڏند آڻي هن کي ڏنائين. فقير هن کي دعائون ڪندو رُمندو رهيو، ۽ ڏند جي وسيلي درياهه سڪائي، سارو لٽيل خزانو، ديوئي وڃي ڪنهن ڏورانهين ڏيهه ۾ ديرو دمايائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راجا ننڊ سفر تان موٽڻ تي، جان ڪٺي ڏبلي ڪولي تہ ڏند ليپيئي ڪونہ. گھٽوئي ڳولا ڦولا ڪيائين، پر وڃايل شيءِ واپس ھٿ نہ آيس. آخر پڇا ڳاڇا ڪرڻ ڪان پوءِ معلوم ٿيس، تہ اھو ڏند، مومل ڪنھن رمتي فقير کي ڏيئي ڇڏيو آھي. اھا ڳالھ ٻڌڻ شرط ھو باھ ٿي ويو. نڪا ڪيائين ھم نڪا تم، جلھ ڪري ويو، مومل کي مارڻ، سومل اھا روئداد ڏسي، ٻيءُ کي دلاسو ڏنو تہ، "مومل نہ ماريو؛ اھو خزانو توھان مون ڪان لھٽو."

سومل جادوءَ جي فن ماھر ھئي، تنھن ويچار ڪيو، تہ اھڙو ڪو منڊ منڊجي جو جھجھو مال متاع ھٿ چڙھي، اھا ست ستي، ھوءَ ڀينرون ۽ ٻيون ٻانھيون ساڻ ڪري، ماٿيلي مان نڪري، جيسلمير جي ويجھو لڊاڻي جي شھر ۾ وڃي رھي.

ٿورن ئي ڏينھن ۾ پرسان، ڪاڪ نئين جي ڪنڌيءَ تي، ھڪ طلسمي رنگ محل تيار ڪرايائين. محل جي چوڌاري ھڪ عمدو باغ رکيائين- باغ جي چوڌاري وٽراھ مان، اھڙو انگڙ ونگڙ پيچرو بنايائين، جو جنھن ۾ جيڪو ھڪ واريءَ گھڙيو، سو گم- محلات جي ٻنيي وٽ شيشي جو تلاءُ ٺھرايائين، جنھن ۾ طلسمي پاڻيءَ، اھڙيون چوليو پئي ماريون، جو ڏسندڙن جون ڏيل ڏڪيو ٿي ويو. دروازي وٽ ۽ محلات جي چئن ئي ڪنڊن تي، جادوءَ جا شينھن ڪٺي ڪڙا ڪيائين، جن جي گجگوڙ آسمان ڏاري ٿي وڌو. ديوان خاني ۾ ست ڪٺولا ھڪ جھڙا سنواريل وڇارائي ڇڏيائين. انھن مان ڇھ ڪٺولا ڪچي سٽ سان واٽيل ھئا ۽ ھر ھڪ جي ھينان ھڪ اونھو کوھ ڪنيل ھو، باقي ستين ڪٺولي ۾ ڪوبہ کوٽ ڪريب رکيل ڪونہ ھو.

محلات ٺھي راس ٿيڻ تي. شھر ۾ پڙھو گھمايائين، تہ "جيڪو باغ لنگھي، تلاءُ اُڪري، شينھن جي چنبي ڪان پاڻ بچائي، سچي ڪٺولي تي اچي وھندو، تنھن کي مومل جو ھٿ نصيب ٿيندو."

لڊاڻي جو شھر ھڪ تيرٿ ھو، جتي ھمون پرديسي پيا ايندا ھئا. ھوڪو پيو ۽ ساري ملڪ ۾ ڳالھ باھ وانگر ڀڪڙجي وئي. مومل جي سونھن جي ھاڪ ٻڌي، ڪيترا بادشاھ، مومل جي ٻانھن حاصل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ لاءِ ڪتان ڪتان ڪاهي ايندا هئا.

جيڪو عاشق ايندو هو تنهن کي ٻهرين باغ جي در وٽ رکيل نغاري تي ڏونڪو هڻڻو پوندو هو. پير تي ڏؤنڪي لڳڻ شرط، مومل پنهنجي پاڙهيل ٻانهي ناتر کي آڏرياءُ لاءِ موڪليندي هئي. پوءِ ناتر اڳيان هلندي هئي ۽ مهمان سندس ڪڍ لڳو ايندو هو. تان جو ناتر گوهي هٽي گم ٿي ويندي هئي ۽ مهمان پيو لوهون ڏيندو هو. پوءِ مومل جا ماري، هن ڪان سڀ هيرا جواهر ڦري، ٻاهر ڪڍي ڇڏيندا هئس. هو اهڙي خواري جي خبر، يا اهڙي جڻ جو سور ساڻين سان ڪين سليندو هو. اهڙي ريت مومل مايا ميڙي، پئي پنهنجي پيءُ راجا نند کي پهچائيندي هئي. جيڪڏهن ڪو پيچدار پيچرو لتاڙي، وڃي ڪوٺي ڪنوليءَ تي وهندو هو، ته ڪوهه ۾ ڪرندو هو ۽ اتي ڇيڇلائي ڇيچلائي مرندو هو.

انهيءَ زماني ۾ همير سومرو عمر ڪوٽ جو حاڪم هو. ڪيس تي وزير هئا، جن مان ميندرو، سندس سالو هو. هڪ ڏينهن هو چارئي شيل شڪار ڪندا، ڪنهن سواميءَ سان گڏيا. سندس بت پيوت سان ڀريل هو. ڪلهن تي سائي شال هيس، ڳچيءَ ۾ سوني مالها ۽ مٿي تي مڳٽ. شڪل نوراني هيس ۽ اکيون ڳاڙهاڻ جهڙيون لعل. گفتگوءَ جي دوران ۾ سواميءَ کان، مومل جو سارو قصو ٻڌائون ۽ پڪو پهه ڪيائون ته مومل کي ملڻ ڏاران، وطن ڏي واڳ ڪانه وارينداسون.

چارئي يار ٻلي اُٺن تي سوار، ٽن ڏينهن ۾ ۱۵۰ ميل، پنڌ ڪري اچي ڪاڪ پهتا. مومل جي چارين هي خبر پهچائي ۽ مومل سندن استقبال لاءِ حسب معمول ناتر کي روانو ڪيو. چارئي سونهن جا صاحب هئا. پر راڻي جي موهڻيءَ مورت ناتر تي البت عجيب اثر ڪيو. موٽي وڃي سائڻ کي راڻي سان سڱ ڪرڻ جي صلاح ڏنائين. غير معمولي طرح ناتر کي سفارش ڪندو ٻڌي، مومل کي ملوڪ لاءِ محبت جاڳي؛ پر تنهن هوندي به ڪاڪ جي قانونن موجب ڪيس ڪنڻ تي زور ڏنائين. ناتر هئي نوڪرياڻي، سو ڪيئن سائڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان سينو ساهي. آخر امر تي عمل ڪرڻ لاءِ آماده ٿي
يارن مان حاڪم همير پهرين قسمت آزمائي، پر جنيون جهلي واپس وريو. پوءِ ٻين پڻ نصيب آزمايو، پر ناڪام ٿي موٽيو پين. پڇاڙيءَ ۾ راڻي جو وارو آيو. هو ناتر سان پيچدار پيچري ۾ گهريو، ته ناتر گوهي ڏيڻ جي ڪئي، ته راڻي ڪٽي چوٽيءَ ڪان ورتس، تان جو پيچرو پورو ڪري اچي طلسمي تلاءَ تي پهتا. اتي ناتر کسڪي ويس. راڻو ٿورو گهٻرائجي ويو، پر سنت ئي سرت سنڀالي اڳتي وڌڻ جي ڪيائين. چشمي جي خوفناڪ چولين ڪي ڏسي، خيال ايس ته هي جادوءَ جو تڪساٽ اهي. خاطري ڪرڻ لاءِ هڪ سوپاري ڪڍي، پاڻيءَ مٿان ڦٽي ڪيائين، جا ٻڏي وڃڻ بدران تلاءَ ۾ تڙٻگندي رهي. هاڻي هيڪاري پڪ ٿيس ته هيءُ مڙوئي منڊ آهي.
مومل دريءَ مان هي ساري روئداد ويني ڏٺي ۽ راڻي جي فهم ۽ فراست تي هرکي پئي. مومل هڪ ٻي ٻانهي ڏياري موڪلي، جيڪا هن کي ديوان خاني وٺي ويئي. ٻانهيءَ چيس ته: "سائين! توهان هتي ڪٽولي تي وسرام ڪريو ته اءُ سائڻ کي، توهان جي آمد جو اطلاع ڏيئي ٿي اچان." ست ساڳيا ڪٽولا ڏسي، راڻو شڪيو ۽ ڪمان جي نوڪ سان ويو هر هڪ تي زور ڏيندو. ڇهن ڪوٽن ڪٽولن جي هيٺان کوه ڏٺائين، جنهن ڪري ڪاڪ جو سارو طلسم پانپي ويو ۽ ستين سالم پلنگ تي پاٿولي ماري ويهي، مومل جي ٻانهن جو پاڻ کي حقدار بنايائين. ٻانهيءَ اهو سارو رنگ لڪيو ويني ڏٺو، تنهن وڃي سائڻ سان سربستو احوال ڪيو. مومل راڻي کي ماڙي تي گهرايو. راڻو وڃي ڏسي ته نَوَ جٽيون قطار ڪيون ويٺيون آهن. هر هڪ حسن جي حور آهي، پر منجهائن ڪهڙي مومل آهي سو سمجهي نه سگهيو. اجا انهيءَ فڪر ۾ هو ته انهن مان هڪ تي پوئر پرڻ لڳو. سهي ڪيائين ته اهائي مومل آهي. وڏي وڃي ڪيس مخاطب ٿيو. سڀ سندس سياڻپ، سورهيائي ۽ سونهن جي تعريف ڪرڻ لڳيون. حجاب جو پڙدو لٿو. ڪاڪ جا شرط پورا ٿيا ۽ شادمانا ٿي ويا. ٻنهي لائون لڌيون ۽ ساري رات محبت ونديائون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راڻو صبح اچي ساڻين پيڙو ٿيو، جن پڻ ڪاميابيءَ تي مبارڪون ڏنيس. همير سومري، مومل جي منهن ڏسڻ جي خواهش ڪئي، آخر همير ساڻس ميهارڪو ويس ڪري اندر ويو. مومل مام معلوم ڪري ورتي، سو همير کي چيائين ته "هيءُ مينهن ته ڏهي ڏي." ويچارو اچي ڦاٿو، اهڙو شڪي ٿيو، جو واپس موٽي ويو. انهيءَ جڻ ڪري راڻي تي ڏاڍو ڪاوڙيو. ٻئي ڏينهن راڻي کي چوائي موڪليائين، ته "اسين وطن وڃون ٿا، هلڻو اٿئي ته هل." راڻي نياپو موڪليو ته "آءُ هاڻي ڪاڪ ۾ ڏينهن ڪاٽيندس"، پر مومل چيس ته "وڃي مٽن مائٽن کان موڪلائي اچو." نيٺ راڻو ساڻين سان ساڻيهه ويو، جتي همير کٽي قيد ڪرايس ۽ ٿوري عرصي بعد، انهيءَ شرط تي آزاد ڪيائينس، ته "وري مومل جو منهن نه ڏسندين."

راڻي کي مومل سواءِ ڪٿي ٿو آرام اچي؟ هو وڃهه وٺي، پلي اٺ تي ڪاڪ ڏي ڪاهيندو هو ۽ مومل سان رهاڻيون ڪري واپس ورندو هو. ڪجهه وقت ته انهيءَ ڳالهه جي ڪنهن کي به ڪل ڪانه پئي، پر آخر ڳالهه ڦاٽي پئي، چاڪاڻ جو عشق ۽ مشڪ به ڪي ڪڏهن ڳجها رهيا؟- واعدي وفا نه ڪرڻ ڪري، همير وري به ڪٽي راڻي کي ترنگ ۾ هنيو، پر وري به پنهنجي راڻيءَ يعني راڻي جي ڀيڻ جي چوڻ تي هن کي آزاد ڪري ڇڏيو. آزادي ملڻ تي راڻو هڪ پل به اتي نه رهيو. اٺ پلاڻي ڪاڪ ڏي رخ رکيائين.

هيڏانهن مومل راڻي جي فراق ۾ بيحال ۽ بيقرار هوندي هئي، دل بهلائڻ لاءِ سومل کي راڻي جو ويس اوڍائي رهاڻيون رچائيندي هئي. قضاني، جنهن رات راڻو ڪاڪ پهتو، انهيءَ رات ٻئي ڀينرون ٻڪ وجهيو، اگهور ننڊ ۾ پيون هيون. راڻي هيءَ حالت ڏسي، سمجهيو ته ڪو غير مومل سان ستو پيو آهي. ڏاڍي غيرت آيس. ڦريائين پانيائين ته هڪ ئي ضرب سان ٻنهي کي پورو ڪري ڇڏيان، پر پوءِ سور ٻي، پنهنجو لڪڻ نشاني طور مومل پرسان رکي راهي ٿيو ۽ اچي عمر ڪوٽ پهتو.

صبح جو راڻي جو لڪڻ پاسي ۾ پيل ڏسي، مومل مام معلوم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ويئي تہ راڻو رسي ويو آهي. پوءِ ڏانهنس گهٽائي قاصد موڪليائين، پر راڻو راضي نہ ٿيو. آخر وڻجارڪو ويس ڏڪي، ڪاڪ ڪڙي ڪري، عمر ڪوٽ ڏانهن اُسهي.

اتي راڻي جي محلات جي سامهون هڪ ماڙي ڪٺي اڏارايائين. پاڙيسري هئڻ ڪري، هڪ ٻئي سان ڏيٺ ٿين ۽ دوستاڻو تعلق ويو وڌندو. هڪ ڏينهن جيئن چوپڙ راند ڪري رهيا هئا، تيئن مومل جي ٻانهن تان ڪپڙو لهي ويو ۽ راڻي سندس ٻانهن جا تر سڃاڻي ورتا. پوءِ مومل پاڻ ظاهر ڪري، رنل راڻي کي پرچائڻ لاءِ ڪيئي هيلا هلايا. پر راڻو هوڏ تان نہ لٿو.

مومل نااميد ٿي، ڪاٺين جو هڪ آڙاه تيار ڪرايو ۽ ڪٺي پاڻ کي ان ۾ اڇلايائين. سنت ئي راڻي کي سماءُ پيو، ۽ پتنگ وانگر شمع تان سڙي، ساه فدا ڪيائين.

(شاهواڻي صاحب جي جوڙيل شاه جي رسالي تان ورتل)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عمر مارئي

ٿر ملڪ جي ملير ڳوٺ ۾ 'مارئي' نالي هڪڙي حسين نينگر رهندي هئي. جنهن جي ماءُ جو نالو ماڏوئي ۽ پيءُ جو نالو پالڻي هو. ويچارا مسڪين مارو هئا، جي ڏٿ ڏوٿري ۽ جهڙ مکڻ تي گذران ڪندا هئا. وٽن هڪ همراهه هاري هوندو هو، جنهن جو نالو ڦوڳ هوندو هو. ڦوڳ مارئيءَ جو سڱ گهريو، پر پالڻيءَ پنهنجي نياڻي جو ناتو کيت سين نالي هڪ ماروءَ سان ڪري ڇڏيو ۽ ڦوڳ کي ڇنبڙي ڇڏيائين. ڦوڳ کي ڏاڍي مٺيان لڳي، سو عمر ڪوٽ ۾ وڃي، عمر آڏو سنگهار جي سونهن جي صفت ڪيائين. عمر احوال ٻڌي، ويس بدلائي ۽ وهٽ پلاڻي؛ ڦوڳ سان ملير ڏانهن رخ رکيو. ٽن ڏينهن کان پوءِ هو ٻنيرڪي جوءِ ملير کي اچي ويجها ٿيا.

ٿر ۾ پاڻيءَ جي قلت آهي ۽ کوهه اونها ٿيندا آهن، جن مان پاڻي ڪڍڻ ۾ وقت لڳندو آهي، تنهن ڪري ٿر ڄائيون اسر جو اٿي، کوه تي پاڻي ڀرڻ ويندون آهن. مارئي به ائين ڪندي هئي. قضا سان اڄ ندوري ننڊ ڪٽي ويس، جنهن ڪري دير سان کوهه تي پهتي. ٻيون گهڻيون پاڻي ڀري ويون هيون، باقي سندس هڪ ساهيڙي وڃي بچي هئي.

عمر ۽ ڦوڳ واٽهڙو ٿي اچي اتان لنگهيا. ڦوڳ عمر کي ڪن ۾ ڦوڪ ڏني، ته مارئي اها اٿيئي. اهڙو لاثاني حسن پسي، عمر کي نينهن جا نوان نشا چڙهي ويا- پوءِ اٺ هشائي، پاڻي پيئڻ جي بهاني، مارئيءَ کان پاڻي ڊڪ گهريائين. جيئن مارئي پاڻي آڇيس، تيئن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻانهن ڪان وٺي، ڪٺي مارئيءَ کي زوريءَ اٺ تي وهاريائين ۽ تڪڙو ڪاهيندو اچي عمر ڪوٽ پهتو.

عمر ڪوٽ اچڻ سان مارئيءَ کي ڪٺي محلات ۾ قابو ڪيائين. پر مارئي جو اهو ئي روح راڙو پئي پيو. جيئن عمر دم دلاسا ٿي ڏنس، تيئن مارئي ماندي ٿيندي ٿي ويئي. عمر آسرا ڏنس ته پٽ راڻي بنائيندوسانءِ، پر هوءَ پنهنجا پڪا ۽ پنهوار ياد ڪريو ويٺي ويئي هنجون هاريندي. عمر روز رات جو وٽس ويندو هو. پر مارئيءَ پڪن جي پريت ماڙين سان مور نه مٽي. هڪ پاسي عمر جون آزيون ته ٻئي پاسي ماروئڙن جي بيپرواهي، سو پئي ويچاريءَ سور سٺا. وري ويتر ڪاڌي ڪائڻ کان به نابري واري ويٺي، سو اچي مرٽينگ حالت کي پهتي.

ستيءَ جو سيل ڏسي، عمر جي دل ڀڄي پئي ۽ مارن ڏانهن نياپو مڪائين، ته اچي امانت وٺي وڃو. سنيهو سٽي مارن مارئيءَ سان اچي ملاقات ڪئي ۽ ڪيس سنيرائي، عمر کان سوڪڙيون پاڪڙيون وٺي، ساٿيهه ڏي سٽيندا، وڃي سک سانت ۾ وقت گذارڻ لڳا.

(شاهواڻي صاحب جي جوڙيل شاهه جي رسالي تان ورتل)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سورٺ راءِ ڏياچ

ڪنهن زماني ۾ "راءِ ڏياچ" نالي هڪ راجا جهونا ڳڙهه تي راڄ ڪندو هو. سندس هڪ ڀيڻ هئي جنهن کي اولاد ڪونه ٿيندو هو. هڪ ڏينهن هُن ڪنهن فقير کي عرض ڪيو ته اي الله وارا بزرگ! منهنجي لاءِ دعا گهر ته مونکي اولاد ٿئي. فقير دعا ڪندي چيو ته تنهنجي دل جي مراد پوري ٿيندي ۽ خدا ڪندو ته توکي هڪ پٽ ڄمندو پر اُهو راءِ ڏياچ جو ڏڙهه سسيءَ کان ڌار ڪري ڇڏيندو. اهو ٻڌندي ئي راڄ ڪماريءَ کان رڙ نڪري وئي ۽ ڏاڍو گهبرائجي چوڻ لڳي "اهڙي پٽ کي ڇا ڪبو جيڪو منهنجي ڀاءُ جو جاني دشمن هجي". فقير ڪابه ورندي ڪانه ڏني ۽ هليو ويو. ڳالهه آئي وئي ٿي وئي. پر پورن نون مهينن پڄاڻان راجڪماريءَ کي پٽ ڄائو. راجڪماريءَ کي فقير جي ڳالهه ياد اچي ويئي ۽ اها رٿ رٿيائين ته هن تازي ڄاول ٻار کي هڪ صندوق ۾ بند ڪري درياءَ جي حوالي ڪجي.

ان زماني ۾ پر واري پرڳڻي ۾ راجا "اني راءِ" جي حڪومت هئي. ان علائقي جو هڪ چارڻ ۽ سندس زال درياءَ مان پاڻي ڀرڻ آيا ته انهن جي نظر هڪ وهندڙ پيٽيءَ تي پيئي. چارڻ پيٽي کي ڪڍيو ۽ ان کي کولي جو ڏسي ته هڪ ٽڙيل گل جهڙو تازو ٻار هٿ آيو. چارڻ ۽ سندس زال کيس ڏاڍي چاهه مان گهر کڻي آيا ۽ ڏاڍي پيار سان سندس پالنا شروع ڪيائون ۽ سندس نالو "ٻيجل" رکيائون. ۽ اباڻين ريتن رسمن موجب کيس ڳائڻ وڄائڻ سيکاريائون. جوان ٿيڻ کان پوءِ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيجل ٻه ٻين مائٽن سان گڏ هيڏانهن هوڏانهن فقيري ڪرڻ ويندو هو ۽ ڳائڻ وڄائڻ جي عيوض ڪجهه نه ڪجهه ڪمائيندو هو.

هڪ ڏينهن ڪنهن جهنگ ۾ ڪو سيلاني فقير آيو. هرڻ جو شڪار ڪيائين، ان جو گوشت پچي کاڌائين ۽ بچيل گوشت، هڏا ۽ آنڊا ڪنهن پاسي ٻوڙن ۾ اڇلائي هليو ويو. مڃاڻ ته انهن آنڊن ۾ ڪهڙي ڪرامت ڇڏي ويو جو جيئن جيئن انهن کي جهنگ جي هوا لڳي انهن مان هڪ من موهيندڙ گيت گونجڻ لڳو. ان گيت کي ٻڌي آس پاس جا پکي پکڻ گڏ ٿيڻ لڳا ۽ ان جادوءَ جهڙي گيت سان مٿن هڪ عجيب محويت طاري ٿيڻ لڳي. اتفاق سان ان جهنگ مان لنگهندي ٻيجل ٻه اهو آواز ٻڌو، ويجهو اچي ڏٺائين ته سندس حيرت جي انتها نه رهي. وڏي ڳولها ڦولها کان پوءِ کيس معلوم ٿيو ته اهو گيت هرڻ جي آنڊن مان نڪري رهيو آهي. ٻيجل انهن آنڊن کي پنهنجي گهر کڻي آيو. انهن کي چنگ تي چاڙهيائين ۽ گز کڻي ان کي وڄائڻ وينو، ته ساڳي گونجار اڀرڻ لڳي. ان گيت جي جادوئي اثر مان ٻيجل جهنگلي پکين ۽ هرڻن وغيره کي جهلڻ جو ڪم ورتو. هُو روزانو جهنگ ويندو هو، چنگ کي ڏاڍيان سرن ۾ آلاپيندو هو ۽ جڏهن سندس چوڌاري هرڻ ۽ ٻيا پکي وغيره گڏ ٿي ويندا هئا ته انهن مان ڪن کي جهلي وٺندو هو ۽ پنهنجي گهروارن جي گذر سفر لاءِ کڻي ايندو هو، هوريان هوريان ٻيجل جي شهرت پري پري تائين پکڙجي وئي.

ٻيجل جي جمڻ واري ڏينهن راجا انيراءِ کي هڪ ڌيءَ ڄائي هئي. جيئن ته راجا انيراءِ کي ست ڏيٿرون اڳ ۾ ئي هيون تنهنڪري هن تازي ڄاول ٻارڙيءَ کي پيتيءَ ۾ بند ڪرائي درياهه ۾ وجهرائي ڇڏيائين. اها صندوق وهندي وهندي راءِ ڏياچ جي سرحد ۾ اچي وئي، جتي رتن راءِ نالي هڪ ڪنير کي هٿ لڳي. ڪنير کي ٻه اولاد ڪونه هئي، تنهن ڪري ڏاڍيءَ خوشي سان ٻارڙيءَ کي گهر کڻي ويو ۽ پالڻ تاتڻ ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو. هن ان ٻارڙيءَ جو نالو "سورٺ" رکيو. رتن راءِ، راءِ ڏياچ جي رعيت ۾ شامل ضرور رهيو پر پوءِ به راجا انيراءِ سان سندس نيازمنديءَ وارا ناتا هئا. جڏهن سورٺ جوان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي ۽ سندس سونهن سوڀيا جي هاڪ راجا اني راءِ ٻڌي ته رتن راءِ لاءِ رشتي جي خواهش ظاهر ڪيائين، جنهن کي هن خوشيءَ سان منظور ڪيو ۽ وڏي ڌام ڌوم سان تياري ڪرڻ لڳو.

راءِ ڏياچ کي جڏهن ان واقعي جي خبر پئي ته ڏاڍو ڪاوڙيو، ان ئي مهل رتن راءِ کي گهرايائين ۽ ڏاڍا دڙڪا دهمان ڪري هي حڪم ٻڌايائينس ته سورٺ کي منهنجي حوالي ڪر. سورٺ، راجا اني راءِ جي بدران راءِ ڏياچ کي هٿ لڳي. راجا اني راءِ جڏهن اهو ٻڌو ته باهه ٿي ويو. تنهنڪري راءِ ڏياچ سان جنگ ڪرڻ لاءِ هڪ وڏو لشڪر تيار ڪرائي جهونا ڳڙهه ڏانهن روانو ٿيو. تقريباً ٻارنهن مهينن تائين جهونا ڳڙهه جو گهيرو ڪيائين پر سندس دال نه ڳري سگهي. پڇاڙيءَ پنهنجي وطن موٽي آيو ۽ پلاند طور هڪ وڏي ٿالهه ۾ اڻ ميا مال ۽ هيرا جواهر رکي، سڄي شهر ۾ پڙهو گهمايائين ته جيڪو به راءِ ڏياچ جو سر آڻي ڏيندو، تنهن کي نه رڳو اهو ٿالهه انعام ۾ ڏيندس پر ان کان سواءِ به جو گهرندو سو ملندس.

ٻيجل جي زال جڏهن اهو اعلان ٻڌو ته اصل خوشي ۾ ئي پئي ماپي. هيرن جواهرن جو ٿالهه اهو چئي ڪٽي ونيءِ ڇڏيائين ته منهنجو مڙس اهو حڪم پورو ڪندو ۽ اجهو ٿي راجا جي مراد پوري ٿئي. جڏهن ٻيجل گهر آيو ۽ کيس سڄي خبر پئي ته ڏاڍي ڪاوڙ مان چيائين ندوري! تو هي ڇا ڪيو! جيڪڏهن مون ول پورو نه ڪيو ته راجا اسان مان ڪنهن کي به جيئرو ڪونه ڇڏيندو“. آخر ڪيترن ڏينهن جي سوچ ويچار کان پوءِ ٻيجل پنهنجي ساز کي ناهي تکي جوناڳڙهه ڏانهن راهي ٿيو. جونا ڳڙهه پهچڻ کانپوءِ هڪ شام جو هو قلعي جي ويجهو پهتو ۽ سڄي رات ڏاڍي جوش سان چنگ وڄائيندو رهيو. چنگ جو آواز راءِ ڏياچ رنگ محل ۾ وينڻي ٻڌو ۽ آخر پاڻ جهلي نه سگهيو. هن محلات جي هڪ مٿئين دروازي کان ليئو پائي ٻيجل کي چيو ”گهر جيڪو گهرڻو اٿيئي!“ ٻيجل وراڻيو ”مون کي اوهان جي روبرو حاضر ٿي ڪجهه عرض ڪرڻو آهي“. رنگ محل جي خاص دروازي کان ٻيجل کي گهرائڻ ڪجهه ڏکيو هو، تنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري رسيءَ ذريعي مٿي گهرائي ڪيس ملاقات جو شرف بخشيائين. ٻيجل راجا اڳيان حاضر ٿي ادب سان جهڪي سلام ڪيو. راجا وري چيو "جيڪو گهرڻو اٿئي سو گهر!" ٻيجل هٿ ٻڌي عرض ڪيو "جيڪو گهرڻ چاهيان ٿو اهو گهران ته سهي پر سوچيان ٿو ته جيڪڏهن نه مليو ته هرويرو اوهان جي سخاوت تي حرف ايندو" راجا وراڻيس "تون ڪو فڪر نه ڪر، مان وچن ٿو ڏيان ته جو گهرندين سو توکي تنهن مهل ئي ملندو". ٻيجل ڏٺو ته هاڻي ڪم ٺهيو پيو آ، سو هٿ ٻڌي چيائين "اي سخي! مان دان ۾ تنهنجو سر ٿو گهران!" راجا مرڪندي چيو "تو گهريو به رڳو منهنجو سر! ڀلائي ٿيئي، توکي انهن ڪجهه هڏين مان ڇا ورندو!" ٻيجل وراڻيو "ڏيڻ واري جو ان سان ڪهڙو واسطو، مان عام فقيرن وانگر مال متاع جو طالب ناهيان، تنهنجي سر کان سواءِ مون کي ڪجهه به نه کپي".

راجا ٻيجل جي هيءَ ڳالهه ٻڌي چيو "چڱو جيڪڏهن تنهنجي اهائي مرضي آهي ته مان خوشيءَ سان پنهنجو سر تنهنجي حوالي ڪريان ٿو."

رنگ محل ۾ هڪ اوپرو آواز ٻڌي سورٺ، راءِ ڏياچ جي ڀيڻ ۽ ماءُ وغيره سڀ گڏ ٿي ويون، ۽ جڏهن ڪين ٻيجل جي انهيءَ عجيب و غريب سئين جي خبر پئي ته انهن سيني ڪيس ڏاڍي منٿ ميڙ ڪئي پر هو هڪ تي به راضي نه ٿيو.

قول جي ڏٺيءَ راجا، ٻيجل کي پنهنجو سر ڏئي ڇڏيو. جوناڳڙهه ۾ آهن ۽ دانهن جو محشر مچي ويو. محل جي ڪنڌ ڪرڙچ ۾ لڙڪن جي ٻوڏ اٿلي پئي. ٻيجل جا هوش حواس ئي جهڙوڪر خطا ٿي ويا. ڪيس ان تي ڏاڍو ڏک هيو پر هاڻي پشيماني بيڪار هئي. چون ٿا ته ٻيجل راءِ ڏياچ جو سر ڪٽي جڏهن راجا اني راءِ وٽ پهتو ته هن ڪيس ڦِري نظرن سان ڏسندي چيو ته "اي ٻيجل! تو اهڙي سخيءَ کي نه بخشيو ته مون سان ڪهڙو چڱو هلندين؟ اڄ کان تون منهنجي ملڪ ۾ رهڻ لائق نه آهين!" ٻيجل کي وهم گمان به نه هيو ته ائين ٿيندو. سو راجا اني راءِ جي لعنت ملامت ٻڌي چريو ٿي ويو ۽ ائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ئي راءِ ڏياچ جو سر هٿ ۾ ڪنيون وري جونا ڳڙهه پهتو. جڏهن شهر ۾ داخل ٿيو ۽ محل ڏانهن جو ڏنائين ته هر پاسي باهه جا الا اڏامي رهيا هئا. ڪيس خبر پئي ته راءِ ڏياچ جي پياري راڻي سورٺ ستي ٿيڻ واري آهي. تنهن مهل ئي بيجل جوش ۾ اچي باهه ڏانهن تيزيءَ سان وڌڻ لڳو ۽ پوئتي هٽڻ ڪان سواءِ باهه جي چڪمندڙ ۽ اڏامندڙ شعلن ۾ ٽپو ڏيئي پنهنجي جان به ڏئي ڇڏيائين.

(شيخ اياز جي ڪيل رسالي جي اردو ترجمي تان ورتل)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نوري ۽ ڄام تماچي

سمي گهراڻي جي هڪ مشهور حاڪم "ڄام تماچي" جي دؤر ۾ ڪينجهر ڍنڍ جي چوڌاري ڪيترائي مهاڻا رهندا هئا. انهن مهاڻن وٽ نه رهڻ لاءِ اجهو هو ۽ نه سيبتائپ سان زندگي گذارڻ لاءِ سامان سڙو. انهن جو اٿڻ ويهڻ ۽ کائڻ پيئڻ گهڻو ڪري ٻيڙين ۾ ئي ٿيندو هو. مرد ماڻهو ڍنڍ ۾ هيڏانهن هوڏانهن گهمي ڦري مڇيون ماريندا هئا ۽ عورتون انهن مڇين کي وڪرو ڪرڻ جو ڪم ڪنديون هيون. انهن جي رهڻي ڪهڻي ڏاڍي ادنگي هئي، وڪ وڪ تي گند ڪچري جا ڍير، سڪل مڇين جي بدبوءِ ۽ سندن ميرا، گدلا ۽ ڏپ هاڻا ڪپڙا، عام طور تي ماڻهو کين ڏاڍي نفرت وچان ڏسندا هئا.

انهن مهاڻن مان هڪ کي چنڊ جهڙي نوراني شڪل ۽ صورت واري هڪ سهڻي من مهڻي ڌيءَ ڄائي. سندس سونهن ڏسي سيني سندس نالو "نوري" رکيو.

ڄام تماچي سير ۽ شڪار جو ڏاڍو شوقين هيو. هڪ ڀيري هو هڪ خوبصورت شاهي ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿي ڪينجهر ڍنڍ جو سير ڪري رهيو هو ته اتفاق سان سندس نظر هڪ سهڻي ۽ من مهڻي ڇوڪريءَ تي پئي. پهريئن ئي نظر ۾ ان ڏانهن اهڙو مائل ٿيو جو جڏهن موٽي پنهنجي محلات ۾ آيو ته اتي به ساڳي شڪل ۽ صورت سندس دل ۽ دماغ تي ڇائنجڻ لڳي.

نوريءَ جي من موهيندڙ مهاندن، سادين ۽ معصوم ادائن سندس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڪين ۾ اهڙو ته ديرو دمايو هئس جو ذات پات جا سمورا بند ڀڃي هن نوريءَ کي پنهنجو ٻنائڻ جي خواهش ڏيکاري. ۽ سندس مائٽن کي شاهي محل ۾ خاص طور سڏايائين. نوريءَ جي مٽن مائٽن جڏهن اها خوشخبري ٻڌي ته انهن جو حاڪم کين پنهنجو بنائڻ گهري ٿو ته ڏاڍي خوشيءَ سان ان رشتي کي قبول ڪيائون.

ڄام تماچيءَ جي حڪم سان شادمانا ٿيڻ لڳا. شاهي خزاني جا دروازا کلي ويا. مهاڻن کان جيڪو محصول ورتو ويندو هو اهو کين بلڪل معاف ڪيو ويو ۽ شاهي خزاني مان هرڪنهن کي ايتري مال دولت ڏني ويئي جو ڏسندي ئي ڏسندي انهن غريبن جا ڏينهن متجي ويا. هو سڪيو ستابو گذارڻ لڳا. نوري شاهي محل ۾ رهڻ لڳي. ڪڏهن ڪڏهن ته ڄام تماچي ڪيس ڏسي ايترو ته مست ۽ بيخود ٿي ويندو هو جو مورچيٽ هٿ ۾ ڪٽي ان مٿان پنهنجو پاڻ جهولڻ لڳندو هو. گهڻو ڪري شام جو ٻيڙيءَ ۾ ويهي ٻيئي ڄڻا ڪينجهر ڍنڍ جو سير ڪندا هئا يا ان جهڙي ٻي ڪنهن سير تفريح سان دل وندرائيندا هئا. نوريءَ کي ايتري اوچ تي ڏسي سيئي ماڻهو احترام وچان ساڻس بادشاهي عزت سان پيش ايندا هئا. ايستائين جو ٻين سيني راڻين کي به سندس آڏو جهڪڻو پوندو هو. پر توقع جي خلاف ايترو مان شان ملڻ کان پوءِ به نوريءَ جي سادگي ۽ نياز نوڙت ۾ ڪوبه فرق نه آيو. غرور ۽ ناز واري اهڙي ڪابه بوءِ منجهس پئدا نه ٿي جيڪا سندس سرتاج يا ڪنهن ٻئي کي ڏکي لڳي ها. هوءَ سدائين ڄام تماچيءَ کي چوندي هئي "مان هڪ غريب ۽ گندڙي مهاڻي آهيان، تون بادشاهي مزن سان مون کي نوازيو آهي، منهنجون اکيون ۽ مٿو ان بار کان سدائين جهڪيل رهندا."

چون ٿا ته هڪ ڏينهن ڄام تماچيءَ جي دل ۾ هرويرو هي خيال آيو ته نوريءَ جي نياز نوڙت جو امتحان وٺجي. حرم سرا ۾ چوائي موڪليائين ته اڄ شام سيئي راڻيون نهي سنيري تيار ٿي ويهن، جنهن ڏانهن به منهنجي دل ورندي ان کي خاص شاهي سواريءَ ۾ ويهاري سير ڪرائڻ وٺي ويندس. اها روح کي تراوت ڏيندڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوشخبري ٻڌندي ئي سيني راڻين سورنهن سينگار ڪيا ۽ ڏاڍي ٺٺ ٺانگر سان پنهنجي جاءِ تي ويٺيون. هرهڪ ان خوشفهميءَ ۾ مبتلا هئي ته "ڄام سيني کان وڌيڪ مون کي چاهيندو". نوريءَ ڪوبه خاص هارسينگار ڪونه ڪيو ۽ معمول مطابق هڪ ڪنڊ ۾ ويهي رهي.

ڄام مقرر وقت تي حرم سرا ۾ داخل ٿيو. سڀ راڻيون ناز نخرا ڪنديون ڏانهنس وڌيون. نوريءَ پري کان ئي نوڙي سلام ڪيو ۽ ڏاڍي معصوميت وچان پنهنجي پياري ڄام ڏانهن نهارڻ لڳي. ڄام ڏاڍي پرجوش انداز ۾ نوريءَ ڏانهن وڌيو. ٻئي ٻانهون سندس ڳچيءَ ۾ وجهي ڏاڍي پيار وچان ڪيس سيني سان لاتائين ۽ پوءِ وعدي موجب سير تفريح تي وٺي ويو. رات جو جڏهن موٽي آيو ته سيني راڻين اڌو نوريءَ کي ويهاريائين ۽ چوڻ لڳو "نوري اڄ کان مهاراڻي آهي ۽ توهان سيني تي سندس اطاعت ۽ تابعداري لازم آهي."

(شيخ اياز جي ڪيل رسالي جي اردو ترجمي تان ورتل)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي ٻوليءَ جو چونڊ لوڪ ڪهاڻيون جيڪي ايامن کان وٺي ڪري
سنڌ جا ماڻهو اخلاقي نصيحتن، عبرت ۽ تفريح جي طور تي
پڙهندا ۽ ٻُڌندا رهيا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، بين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڳُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سڀني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪاٽائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ "منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)